
نسيم کرل جون ڪهاڻيون
مرتب
دانش نواز
روشني

# نسيم کرل جون کھاڻيون

## مرتب: دانش نواز

روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو

ڊجيٽل ايڊيشن :

سنڌ سلامت ڪتاب گھر

# طارق اشرف جي يادگيري

(امرجليل جي لفظن ۾)

طارق اشرف اٽل ارادن سان زنده رهيو ۽ اٽل ارادن سان موت سان مرڪي مليو. ڇا ته جاني شخص هيو!

# سنڌسلامت پاران :

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو ڪتاب نمبر **(192)** اوهان اڳيان پيش ڪجي ٿو. ڪتاب **”نسيم ڪرل جون ڪهاڻيون“** سندس ڪهاڻين جي ٽن مشهور ڪتابن شبنم شبنم ڪنول ڪنول، چوٽيهون در ۽ ڊمي جو گڏيل مجموعو آهي جنهن جو مرتب دانش نواز آهي. هي ڪتاب 2007ع ۾ روشني پبليڪيشن پاران ڇپايو ويو.

بقول عبدالقادر جوڻيجي جي ”نسيم Objective ڪهاڻيڪار آهي. هو پنهنجي ڪهاڻين لاءِ ڪچو مال پنهنجي ارد گرد، عام ماڻهن مان حاصل ڪري ٿو. ڪيس ماحول ۽ ماڻهن جي وسيع ڄاڻ آهي، جنهن جي بيان ڪرڻ ۾ هو ڪا ڪسر نٿو ڇڏي. حقيقتون بيان ڪرڻ ۾، ڪردارن کي پيش ڪرڻ مهل هو حالتن ۽ وارداتن کي ڇنائيءَ ۽ باريڪ بينيءَ سان استعمال ڪري ٿو، پر پنهنجي شخصيت جو ذرو به دخل ڏيڻ کان سواءِ، هو مڙيو ئي هردم پنهنجي موجودگي جو احساس ڏياريندو رهندو آهي.“

اوهان سيني دوستن، پائرن، سڄڻن، بزرگن ۽ ساڃاهه وندن جي قيمتي مشورن، راين، صلاحن ۽ رهنمائي جو منتظر.

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي )**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**

# فهرست


وڏيرو نسيم کرل : عبدالقادر جوڻيجو
نسيم جي سوچ ۽ تخيل : ولي رام ولڀ
وڏيرو، وڏيري جي نظر ۾ : نجم عباسي


## ڪهاڻيون


مکسد گرل
پهرين مراد
مجاور
آٽت
ڪرنٽ
اتالو پدنگ
اسلام عليڪم
دار الفلاح
پارٽنر
چوٿيهون در
پهرين پهر
ڪافر
شبنم شبنم، ڪنول ڪنول
زماني جي گردش
گٽس
ڪچو رنگ
گذريل واردات
زر ۽ زور
ٻُڻ
ڪني آگر
پت
دمي
منڌ ٻوڙيو مهراڻ

مساوات

ڪوڙڪيون

خاڪي پنھنجي فطرت ۾

تنھنجي خوديءَ جو ڀرم

ننگر

منجھيل سٽ

استاد ۽ شاگرد

سوڪڙيون

لھرين جا لوڏا

# وڏيرو نسيم کرل

هيءَ انهيءَ وقت جي ڳالهه آهي، جڏهن اسان جا ڪٽ ڦريل پيا هئا. جاڳ ۾ گهٽ، ننڊ ۾ گهڻو هلندا هئاسين. ڪچڙي گئونچ جهڙي ڪچڙي ڪچڙي عمر هئي، خوابن ۾ سائو ڪچ پريل هو. ڇپرن جي هينان اکين جي ديوارن تي جوانڻ جماڻ سهڻن مهاندن جون تصويرون ٽنگيل هونديون هيون ۽ دل جي ديوارن تي پورن جو دونهون Abstract art وانگر چانيل هوندو هو. اها خبر ڪانه پوندي هئي ته ٻي وک ڪٿي ٿي پوي ۽ پهرين وک ڪٿي هئي؟ اندا تي هلندا هئاسون.
پڙهڻ جا نوان نوان شونق گئونچ ڪري نڪتا هئا، نيون ڊليون لڳل هيون. ڪو ڪتاب، رسالو ور چڙهندو هوسون ته ڦاتي جند ڇڏائيندو هو. جهڙو تهڙو وائڙو شونق ڪونه هو.
انهن ڏينهن ۾ سنڌي ادب جي ماءُ ”ابراهيم جويي“ جي پارکو هٿن مان سنوارجي سينگارجي نڪرندڙ رسالو ”مهراڻ“ سندس هٿن مان ڇڏائجي روح ۾ رلي ويو. ”روح رهاڻ“ اجا پيٽ ۾ هئي، ستين مهين ۾ هئي، آکي آ، سندس جنم ٿيڻ وارو هو. مرحوم حفيظ، شيخ اياز، جمال ابڙو ۽ رباني اپ سان پيا ڳالهيون ڪندا هئا. ادب جي پڙ ۾ مڙسن جي لانگ پيئي لڳندي هئي. چوڏاري ”بلي بلي“ پئي پوندي هئي. ان وقت فقط ”نئين زندگي“ اهڙو رسالو هو، جنهن ۾ ايڪڙ ٻيڪڙ ڪا پلي ڪهاڻي، ڪو پلو شعر ڇپجندو هو ته ان کي پڙهي اسان خوشبوئن جي ڪکرن ۾ ويڙهجي ويندا هئاسين.
انهن ڏينهن ۾ پهريون پيرو نسيم جي ڪهاڻي (عنوان ياد نه اٿم) پڙهيم. نه رڳو نالو زنانو ڏٺم، پر ڪهاڻيءَ جي لکٽي به زناني ٿي ڏٺاٽي. ان ڪري پڙهڻ سان پهرين سٽِ ساٽس عشق ٿي ويو ۽ اکين جي ديوارن تي نئون اڻ چاتل، اڻ سڃاتل، منڌل منڌل مهاندڙو تري آيو ۽ ساٽس شادي ڪرڻ جي خواهش پوري زور و شور سان دل ۾ ايري آئي. مون کي ڪئين فلمون ۽ بادشاهن جون آکاڻيون ياد اچي ويون، جنهن ۾ ناممڪن ممڪن ٿيندي ؟؟؟ ڪونه ڪندو هو. ڪئين هٿ جون ڪهاڻيون جوڙيم، جن جي ؟؟؟ نسيم سان شادي هئي. سچو ذهن ڪهاڻي ڪهاڻي ٿي ويو. اسان کي ڪنهن ٻڌايو به ته اها ڪا مِس نه آهي، پر مستر آهي. پر اسان کي ڪٿي ٿو اعتبار اچي، سندس ڪهاڻيون ئي زنانيون هيون. هلڪيون هلڪيون، منيون منيون، خوشبودار، جهڙو گلن جو ڇهاءُ.

پر سائين الله ڏاڍو آهي، بندي جي من ۾ هڪڙي الله جي من ۾ ٻي، تئي نہ جو روح رهاڻ جو جشن. مون کي بہ تي ڪٽي ڪٽي ۽ وڃان ٿو جشن ۾ ۽ ڏسان نسيم ڪرل کي تہ مهنجيون هينيون هيٺ ۽ مٿيون مٿي رهجي ويون. ذري گهٽ رڙ نڪتي هئي. منهنجو تہ ڏيهہ (ديهہ) ڏڪي ويو. ننڍپڻ جي مصيبتن کي ٽارڻ لاءِ ياد ڪيل سڀ دعائون ياد اچي ويم، ڪو وقت تہ ڪيس يڪ ٽڪ ڏسندو رهيس. "منهنجا مولي! پناه ڏج هن بلا کان......" منهنجي خوابن جا شيشا نسيم جي دئوس لتن هيٺان اچي پور پور ٿي ويا، ٽڪر نہ گڏيو ٽڪر کي. ٻيهر ائين پر پٽ الله ڪارڻ دل جي دٻن تي لڳي، عشق ڪئون توبهہ ڪئي سين، ڳيسي ڪئي سين، ڪنن تي هٿ رکياسين.

انهيءَ دل ڏاريندڙ ملاقات کان پوءِ ڪي سال گذري ويا، نسيم جي ڪهاڻين مان زنانيون نزاڪتون نڪري ويون. جهڙو مڙس پاڻ ڳرو آهي، اهڙيون ڳريون ڳريون، سچائيءَ جي سخت پٿرن سان پريل ڪهاڻيون لکڻ لڳو. سندس فن آهستي آهستي وک وک ۾ ڏيئي اوچاين تي چڙهڻ لڳو. اڄڪلهہ سندس مٿين جاڙي اپ سان ۽ هيٺئين جاڙي زمين سان لڳل آهي. ساڻس منهنجي ٻي ملاقات بہ ڏاڍي دلچسپ ٿي.

ٻہ اڍائي مهينا ٿيا هوندا جو آءٌ ڪنهن ڪم سانگي ڪراچيءَ ويو هوس. مشتاق شورو مون سان گڏ هو. مشتاق کا ڪهاڻي لکي هئي، جيڪا تاج بلوچ کي سوجهري لاءِ ڏيڻي ڪئي هئي، سو ٻئي ڄڻا گڏجي سوجهري جي آفيس ۾ وياسين تہ ڇا ٿا ڏسون تہ نسيم هڪڙيءَ ڪرسيءَ تي قبضو ڪريو، سڄي آفيس کي ڏڪايو، ڏاڍي رعب سان ويٺو آهي ۽ تاج کي ست سريون پيو ٻڌائي، جڻ سڄي بلڊنگ سندس هجي ۽ ٻيا سڀ نوڪر هجن. اسان گهرڻ سان ڏڪي وياسين. ٻئي مڙس پاڏا، جي هلندي ٿا اٿکن تہ ڪير ڇڏائين، آءٌ تہ ڊپ جهلي وڃان، پر مشتاق ويچاري جي جسم ۾.

مشتاق ڪهاڻي ڪڍي تاج اڳيان رکي تہ نسيم هڪدم ڪهاڻي ٻنهين جي هٿن مان جهٽ هڻي ڦري ورتي ۽ زور زور سان اکيون ڇنڀيندي چيائين: "هي ڇا آهي؟ ڇا آهي؟"

"ڪهاڻي آهي." مشتاق ڇونڇٽ ڪيو ۽ تاج ڪهاڻي وٺڻ لاءِ هٿ وڌايو.

"ڪهاڻيءَ جا پئسا هٿ رک روڪڙا، جٽ ڦريا اٿئي؟"

"پر ڪهاڻي تہ ڏي." تاج چيو.

"ڪهاڻي ٻهاڻي مون وٽ ڪونهي. هٿ پئسا رک، نہ تہ مون کان ٻيو ٻچڙو نہ ڏسندين."

تاج گهٽي آنا ڪاني ڪئي، هيڏانهن هوڏانهن تتايائين، جند ڇڏي، پوت ڇڏي، نسيم نہ ڇڏي، هونئن بہ تاج ماشاءَ الله وهڙو لڳو پيو هو، ٻروچ بہ آهي، گهڻ ڳالهائو بہ آهي،

نسيم سان ڏاڍو هجائتو بہ آهي، پر سائين نسيم جهڙي بلا سان منهن يا هٿ اٽڪائي ڪير ٿو پورو پئي. نيٺ پورا پنجاه رپيا مشتاق کي مليا، تڏهن تاج جي بہ جان ڇٽي تہ مشتاق ۾ بہ ساه پيو. بعد ۾ نسيم اديب جي معاوضي جي حق تي اڌ ڪلاڪ ليڪچر ڏنو. مون اهو محسوس ڪيو تہ نسيم حق جي ڳالهہ تي مٿو ڦاڙائيندي بہ ڪونہ گسندو، پر ڪنهن کي تي ڪٿي ڪٿي جيڪو نسيم جو مٿو ڦاڙي! پري کان ڪو سروٽو اچلائي هٽي تہ ٻي ڳالهہ آهي.

نسيم سان ٽئين ملاقات "سهڻي" جي آفيس ۾ ٿي. مون کي نسيم تي مضمون لکڻ جو ارادو هو، سو سوچيم تہ طارق کان وڃي پڇان تہ ڪجھ وقت هجي تہ آءٌ بہ بہ ٿي اکر رهڙي شهيدن جي قطار ۾ شامل ٿي وڃان. اسان کي ويني اجا ٿورو وقت مس گذريو هوندو تہ نسيم اچي ڦهڪو ڪيو. ايندي ساڻ صوفي تي ويهي ٻئي پير جتين سوڌا ڪٽي سامهون پيل ننڍڙي ٽيبل تي رکيائين. ڪجھ چرڙات ٿيا، پوءِ اهي الائي ٽيبل مان نڪتا يا طارق جي روح مان يا پنهين مان، سا تہ خبر ڪانہ پيم، پر ٽيبل ۽ طارق جي حالت خراب ٿي ويئي. هڪڙو تہ طارق مسڪين ماڻهو پنجاه سؤ جي چٽي ٿي پيس. ماکوڙي لاءِ ٽڪ جي ڏنپ ڪوڙ. ٻيو وري طارق جي طبيعت اهڙي آهي جو پرائو هٿ پنهنجي ڪلهي تي ڪونہ سهي ۽ ڪو ماڻهو سندس دادلي ٽيبل تي هاٿين جي پيرن جهڙا پير جتين سوڌا رکي ويهي تہ پانيو ٿا تہ سندس دل مان ڇا ورندو هوندو. ڪجھ وقت ويهي آءٌ تہ هليو آيس، پر پويان نسيم الائي ڪيتري دير طارق جي ڇاتيءَ تي مڱ ڏريا هوندا. الله بچائي نسيم کان.

مڙس ۽ گهوڙي جي پرک هڪڙيءَ پرتو نگاه جي گهوري آهي، پهرئين تڪ ۾ سڃاپو ٿيو وڃن. مون تہ نسيم سان ٿي ملاقاتون ڪيون آهن.

نسيم جتي قد بت جو وڏو آهي، ڪهاڻيڪار وڏو آهي، اتي زميندار بہ وڏو آهي. جيتوڻيڪ پاڻ پڙهيل ڪيل، رليل گهميل، نهيل نڪيل، وڏيرو آهي. راڄن جا راڄ، ڪتابن جا ڪتاب اکين مان ڪڍيا اٿس، پر پنهنجي اندر ۾ وينل نج جٽ ڳوٺاڻي وڏيري کي نہ لڪايو اٿس. جهڙو اندران آهي، اهڙو ٻاهران ڏيکاءُ ڏيندو، بہ چپو ماڻهو نہ آهي. پڙهيل مهذب ٽائيپ ماڻهن وانگر ڊپلوميسي ۾ ٻين اهڙين حرامپاين مان ڪونہ ڄاڻي، جن جي اندر ۾ تہ لنڊيون پيون وٺ ڪائينديون، پر ٻاهران منهن تي اهڙو رک ٻڌندا، ڄڻ سامهين جا سڳا پٽ هجن. دليپ ڪمار جي ڪٿي آهي، جو ساڻن ايڪٽنگ ۾ پڄي. نسيم انهيءَ قسم جي ماڻهن کان قطعي مختلف آهي، بلڪ متضاد آهي. جيڪا ڳالهہ دل تان ٿڙي منهن ۾ آيس، سا پڙ تي ڦهڪائيندي ڪونہ

گسندو. ڪو يار ڪاوڙجي پئي ته پلي ست پچائي وجي ڪائي، نسيم جون جيڪي آلوڙيون سوئائون ڪاهراٽيون هجنس ته وجي ڪاهرائي، پر نسيم سچ چوڻ کان ڪونه مڙندو. نسم خالي پيلي ڦڪو ڦڪو، لوڻ مرچ کان آجو سچ ڪونه چوي، سچ سان ڳڏ ڳار ۽ پوندي جي به رئي پيئي پوندس. وڏيرو ماڻهو آهي، پنهنجي لئه وارو آهي، ڪنهن جي گهران ڪونه ٿو ڪائي، اسان وانگر پرائو بزگير ڪونهي، جيڪو چپ سبيو ويٺو هجي يا ڪنهن جي ڪا غرض ڪڍي.

هيءَ دنياداري آهي، هڪڙي جو ٻئي ۾ ڪم پوي ٿو، ڏک سک ۾ هڪ ٻئي وٽ ڊوڙي وڃڻو پوي ٿو، هڪ ٻئي سان ڪلهو وهڻو ٿو پوي، پر پڙ تي وهي وجڻ اجڪلهه ڏاڍو ڏکيو آهي. ڇا آهي جو اجڪلهه ماڻهن جو ڦرڪو ڦري ويو آهي، ماڻهن کي لالچون، خود غرضيون ۽ مانار ڪائي ويئي آهي. هڻ هٽان لڳي پيئي آهي، هرڪو پنهنجيءَ ۾ پورو آهي. هرويرو ڪو ڪنهن ڏانهن ڌيان ڪونه ٿو ڏئي. پر نسيم اهڙو ماڻهو آهي، جيڪو پڙ تي ڪم ايندو آهي. جيڪا به وٽانس پڄندي سان ڪندو، ڊڪندو، ڊوڙندو، پنهنجي ڪم کي ٻانهن پنن اڇلائي به ٻئي جي ڪم اچي ويندو. نسيم ان لحاظ کان بلڪل ڪلاسيڪل سنڌي آهي. اهو مڙس ڪهڙو، جيڪو وقت تي ڪم نه اچي، نسيم ڪڙهه تي کير پيارڻ وارو ميهار آهي.

گهڻا ماڻهو اهڙا ٿيندا آهن، جو سدائين وٺيا سٺيا پيا هلندا آهن، ڪٿي وينا ته ٻُت ڪي اهڙو سڪ جهليندا جڻ پٿر هجن. ڇڪ ايندين ته يڪدم ڏاڍيءَ نزاڪت سان رومال کيسي مان ڪڍي منهن تي رکو هلڪو ڇيڇٽ ڪندا، ذر ذر پيا ڪپڙا ڇنڊبيندا ۽ پنهنجو پاڻ ڏانهن نهاريندا ته ڪٿي ڪا ڪنڌ پاسو خراب ته ڪونه ٿو ٿئي. ڪريز ته خراب ڪانه ٿي! ڳالهائڻ وقت جاندار لفظن جي بدران تهذيب ۽ ايٽيڪيٽ جي ابن ڏاڏن کان سکيل ريڊي ميڊ بي جان لفظن کي ڪم وٺندا. سندن ڳالهين ۾ روح گهٽ ۽ اسٽائل وڌيڪ هوندي آهي، پر نسيم انهن وانگر پتلي نه آهي. ڳالهائيندي، اٿندي، ويهندي جيئري ماڻهوءَ جو ڏيکاءُ هوندو، سندس ڳالهين ۾ بناوت بدران روح آهي.

نسيم، بقول ڪرشن چندر جي بصر نه آهي، جنهن جي هڪ ڪل لاه ته ٻي ڪل هوندي، ٻي ڪل لاهبي ته ٽئين ايندي، مطلب ته مڙس ڪلون ئي ڪلون هوندو، ڪل هينان ڪل ٻيو ڪجهه به نظر نه ايندو. نسيم ته بلڪل بيضو آهي، هڪڙي نونگي ساڻ منجهانئس سفيدي ۽ پيلاڻ نڪري ايندي.

نسيم کي، نسيم سندس ڪهاڻي ڪيو آهي، نه ته سنڌ ۾ هن ڪنڊ کان هن ڪنڊ تائين وڏيري وڏيري جي ذات پيئي آهي، پٽڪي جي ور جو ڇيهه ئي ڪونهي.

سنڌ جي ادبي تاريخ ۾ جيڪي بہ سني ۾ سنيون ڪهاڻيون لکيون ويون آهن، انهن ۾ گهڻو حصو نسيم کرل جو آهي. آءٌ پانيان ٿو تہ ڪوبہ پارکو ان ڳالهہ کان انڪار ڪونہ ڪندو. هيءُ همراه پين وانگر هڪدم وڏو ٽپ ڏئي چوٽ تي ڪونہ چڙهيو آهي، پر وک وک ۾ ڏيئي، پنهنجي محنت، لاڳيتي لوچ پوچ ۽ سوچ سان پنهنجيءَ موجوده حيثيت تائين پهتو آهي. جيڪي چمندي جام هوندا آهن، سي مرڻ ۾ بہ جام هوندا آهن، دير ئي ڪانہ ٿيندي اٿن. هيڏانهن اپرا، هوڏانهن لٿا، الا الا خير صلا، مطالعو پورو، مشاهدو پورو ۽ مڙس بہ پورو يعني قبر جي حوالي. نسيم جو فن رچيل، پڪل ۽ رسدار ۽ چوٽيءَ تي پهتل آهي. پال تڪڙ جي پٽڪل نہ آهي، پر مدي تي ڪڍيل آهي. سندس فن جي ڪابہ ڪنڌ پاسو لائڻون يا ڳتل ڪونهي. اٽت ۾ هڪڙي ڳنڍ بہ هيڏانهن هوڏانهن ٿيل نہ هوندي. پلاٽ، ڪردار، لفظن جي چونڊ، Climax مڪالما، جزئيات، مطلب تہ ڪهاڻيءَ ڪي جن بہ شين جي ضرورت هوندي آهي، انهن مان ڪنهن جو بہ ڪو هڪڙو حصو بہ وائڙو نہ هوندو آهي. ان ڪري تہ شوڪت شوري لکيو آهي تہ: ”نسيم جي ڪهاڻين مان ڪو هڪڙو لفظ يا هڪڙو جملو ڪڍي ڇڏجي تہ سڄي ڪهاڻي ختم ٿي ويندي“ تہ ان ڳالهہ ۾ ڪوبہ شڪ نہ آهي. سندس ڪهاڻي بلڪل هڪ اهڙي ايڪي وانگر آهي، جنهن مان ذرو بہ ڪيجي يا وڌائجي تہ سڄي ڪهاڻي پرزا پرزا ٿي ويندي، جيئن سندس بدن ماس سان ڳتيل آهي، تيئن سندس ڪهاڻي فني ذرن سان ڳتيل آهي.

جيئن آغا سليم پاڻ جهڙيون خوبصورت ڪهاڻيون لکندو آهي، مشتاق شورو پاڻ جهڙيون منجهيل ڪهاڻيون لکندو آهي يا شمشير الحيدري پاڻ جهڙا جاندار شعر لکندو آهي، تيئن کرل پاڻ جهڙيون ڳريون، رعبدار ۽ سچيون ڪهاڻيون لکندو آهي. جهڙي نموني کرل جهڙو ٿلهو ۽ مضبوط ماڻهو پوري زور سان ڪنهن اپري ۽ سڪل ماڻهوءَ مٿان ڪري پوي ۽ هٿ پير هلائڻ جي باوجود بہ پري هٽي نہ سگهي، تيئن سندس ڪهاڻي بہ روح مٿان ڪري پوندي آهي، طاقت لڳائڻ جي باوجود پري نہ هٽندي آهي. ڏينهن جا ڏينهن پيڙا جو احساس رهندو آهي. اهو ئي سبب آهي جو نسيم جي ڪهاڻي وسارئي نٿي وسري.

اردوءَ جي مشهور نقاد پروفيسر ممتاز حسن ڪنهن هنڌ لکيو آهي تہ: ”سچ ڪي وڌائي، ان ڪي وڌيڪ روشنيون بخشي پيش ڪرڻ ڪي ڪلا چئبو آهي.“ درحقيقت ڪلا سچ جو تيز ۽ روشن روپ آهي. ڪهاڻيءَ ۾ سچي پچي زندگيءَ جي اٿاه مان ڪو ٽڪر ڪٽي فن ۾ ويڙهي پڙهندڙ اڳيان پيش ڪبو آهي تہ جيئن پڙهندڙ ان مان ڪجهہ

رنگ جهڙي پنهنجي اندر جي رنگن ۾ ملائي ڇڏي. زندگي جيتري اندر آهي، اوتري ٻاهر به آهي ۽ نسيم زندگيءَ جي نس نس ۽ پور پور کان واقف آهي. سندس نگاه جا تيز ڪرڻا زندگيءَ جي سخت پٿر کي ٽڪي عجيب سچايون ڳولهي لهندا آهن ۽ هو انهن عجيب سچاين کي پوريءَ پوريءَ ايمانداريءَ ۽ رعب سان ڪهاڻيءَ ۾ پيش ڪندو آهي. سندس نگاه سطحي نه آهي، جيڪا مٿان مٿان ترڪي وڃي پٽ تي ڪرندي آهي ۽ فقط مٿيون جرڪو جهٽي وٺندي آهي.

نسيم وٽ نلهو سچ نه آهي، پر جامع به ڏاڍو آهي، جيڪو سڄيءَ سنڌ کي پني وانگر ويڙهي وٺندو آهي. اهو ئي سبب آهي جو پاڻ جيتوڻيڪ سنڌ جي سيرانديءَ کان وينو آهي ۽ آءٌ پيراندن وٽ، پر سندس ڪهاڻين ”پهرين مراد“، ”ڪافر“، ”چوٿيهون در“ ۽ ”گذريل واردات“ جا ڪردار، انهن جو اٿڻ ويهڻ، ڳالهائڻ واقعن جي اٽت وغيره اهڙيون آهن، جو اهي ڪهاڻيون مون کي پنهنجي تر جون ڪهاڻيون لڳنديون آهن. ائين محسوس ٿيندو اٿم ته اهي ڪهاڻيون نسيم نه، پر مامي رمونءَ لکيون آهن، جيڪو هن تر جي عام زندگيءَ جي نس نس کان واقف آهي، رڳو مان ڪڍي آءٌ هڻڻ جي دير آهي.

جذباتي طور تي مون کي آغا سليم جون ڪهاڻيون گهڻيون وڻنديون آهن. اهو ئي ڪهاڻيڪار آهي، جنهن کي ٻه ٽي پيرا پڙهڻ تي دل چوندي آهي. ان ڪري منهنجي ذهن ۾ اها ڳالهه ويهي رهي ته ڪهاڻي نثر ۾ چيل شعر آهي ۽ گهڻن پارکن جي به اها راءِ آهي، پر ڪرل جي ڪهاڻي پڙهڻ کان پوءِ اهو احساس ٿيندو آهي ته ڪهاڻي هرو ڀرو شعر نه آهي. سندس ڪهاڻين ۾ شعريت نه آهي. سندس ڪنهن به ڪهاڻيءَ کي منڙو گيت نٿا چئي سگهون، بلڪ حقيقت جو جاندار ۽ سخت روپ چونداسون. نسيم، ڪهاڻيڪار شاعر نه آهي، پر ڏاڍو سخت قسم جو ڀرپور ڪهاڻيڪار آهي. نگاهن ۾ سچائيءَ جوِلم ڀريل اٿس. وقتي وقتي ڪانئس ڏپ به ڏاڍو ٿيندو آهي، سندس جسم ڏسي نه، پر ڪهاڻيون پڙهي، جو ته هو انسان جي ڪمزورين کي منٿن ۾ ڳٽڙ مان جهلي وٺندو آهي. ”گذريل واردات“ ان جو هڪڙو مثال آهي.

نسيم پنهنجي هڪ مضمون ۾ امر کي ”جليل“ بدران ”ذليل“
چئي ڇڏيو، تيئن آءٌ ڪيس ”ڪرل“ بدران ”ڪريل“ چوندس، جو جو چئن چڳن جي وچ ۾ ويهي، ڪين منهن تي سچ ڦهڪائي ڏئي ته اهو ”ڪريل“ نه ٿيو ته ٻيو ڇا ٿيو؟

**عبدالقادر جوڻيجو**

# نسيم جي سوچ ۽ تخيل

اسان ازلي مرده - پرست آهيون. پنهنجي دل گهرئي فنڪارن ۽ من – پسند ليکڪن ۽ شاعرن جي قدر شناسي سندن مئي پڄاڻان ڪندا آهيون. سندن لاشن کي سنواريندا سينگاريندا آهيون، مٿن سنگ مرمر جا مقبرا ۽ سماڌيون جوڙيندا آهيون، چراغان ڪندا آهيون، نياز ورهائيندا آهيون، ريڊيو ۽ ٽيليويزن تان سندن فن کي عظيم هئڻ جي ليبل لڳائيندا آهيون، اخبارن ۽ رسالن ۾ سندن سوڳ ۾ سياه حاشيا ڇاپيندا آهيون ۽ پوءِ هر سال ورسيون ملهائي، جلسا ڪونائي، اخبارن رسالن جا خاص نمبر ڪڍي، ريڊيو ٽيليويزن تان خاص پروگرام جي تحت کين خراج عقيدت پيش ڪندا آهيون، شرڌا انجليون ڏيندا آهيون. اسان انهن جي جيئري سندن موت جو ڏاڍو انتظار ڪندا آهيون، جيئن جلد از جلد پنهنجو فرض ادا ڪري ثواب جا حقدار ٿي سگهون. اسان وڏا قدردان آهيون. اسان آدجڳاد کان پنهنجا فرض نباهيندا اچون. اها اسان جي عظيم روايت آهي، اسان جو عظيم ورثو آهي، جو زمانن کان پنهنجي سپنن ۾ سانديو اچون. اسان هميشه سندن ”مؤت جي ڏينهن“ تي سندن جنم ڏينهن ملهائيندا آهيون، پوءِ هي طارق اشرف وري ڪير آهي جو جيئرن جا ٿو نمبر ڪڍي. هن اڳ به ”جليل نمبر“ ڪڍيو هو ۽ اسان جي ورهين پراڻي رسم ڀڳي هئي. نسيم ۽ امر ته اڃا جيئرا آهن، طارق سندن نمبر ڪڍي اسان جي روايتن کان بغاوت ڪئي آهي ۽ اسان جي عظيم ورثي کي للڪاريو آهي. پاڻ کي الائجي ڇا ٿو سمجهي؟ اسان انهن سيني کي ڏسي رهنداسين ۽ پڇي وٺنداسين.

سهڻيءَ جي ”جليل نمبر“ شايع ٿيڻ کان پوءِ جڏهن ”نسيم کرل نمبر“ جو اعلان ٿيو هو، تڏهن کان ڪجهه مٿئين قسم جي ڇؤٻول جا پڙاڏا منهنجي ڪنن ۾ ٻري رهيا آهن. وچ ۾ طارق اشرف جڏهن جيل روانو ٿيو هو، تڏهن پڙاڏن ۾ ٺهڪ به گونجيا هئا. هن ۾ انتقامي خوشيءَ جو اظهار هو ۽ مون کي ”نسيم نمبر“ نڪرڻ جي ذري به اميد نظر نٿي آئي، پر طارق اشرف واپس ورندي ئي ٽِڪ تاريخ جو اعلان به ڪري ڇڏيو ۽ مون کي چيائين ته: ”نمبر ضرور نڪرندو ۽ تون به نسيم تي ضرور لک.“ ڪيس هر وقت اهو فڪر لڳو پيو آهي ته نمبر نڪري ته مڪمل ۽ جامع قسم جو نڪري، پر آءٌ انهيءَ ٻڌ تر ۾ آهيان ته لکان ته ڇا لکان؟ ڀلا نسيم اڳيان منهنجي ڪا حيثيت آهي؟ ڪٿي راجا ڀوج ۽ ڪٿي گنگو تيلي. هن ٻغادري رائيٽر اڳيان منهنجي

ڪا مجال آهي. گهڻو ئي تنايم، بهانا ڪيم، ڪوڙا آسرا به ڏنم پر دال نه ڳري. جولاءِ جي پرچي ۾ نسيم نمبر ڪڍڻ جي اعلان ۾ نسيم تي لکندڙن ۾ منهنجو نالو به شامل هو ۽ پوءِ ته طارق اشرف هر ملاقات ۾ مضمون جي گهر ڪلم ڪلا شروع ڪري ڏني ته ”هاڻي نالو به اچي ويو اٿئي ۽ پڙهندڙن کي Miss guide ڪرڻو ناهي. مٿان خود نسيم اچي وارد ٿيو. ساڻس اڳ ۾ به ٿي مختصر رسمي ملاقاتون ٿيل هيون. مون کي چيائين ته: ”ياءَ! ڇا جي دير آهي؟ لکي وٺ، هاڻي دير نه جڳائي.“ هن يڪساهي، هٿن جي اشارن سان زوردار نموني پئي چيو. نسيم جي جسم جي اڏاوت ڏني اٿو؟ ديو جيڏو مڙس آهي. سندس اڳيان پنهنجي پاڻ کي جيتامڙو محسوس ڪيو هئم ۽ ناڪار ڪري نه سگهيس. قد بت بابت اعتبار نه اچيو ته روبرو ڪٽو ڏسجوس، پنهنجو پاڻ جادو جي چراغ واري علاوالدين جي جن اڳيان بيٺل محسوس نه ڪريو ته مون کي ڪٽي ڇئجو.

نسيم بابت سندس نمبر لاءِ هي جو ڪجھ لکيو اٿم، فرمائش تي لکيو اٿم. فرمائش تي لکيو اٿم يا ائين ڪٽي ڇئجي ته خنجر جي نوڪ تي لکيو اٿم، پر نسيم جون ڪهاڻيون ڪنهن جي فرمائش يا خنجر جي نوڪ تي نه، پر پنهنجي پسند تي پڙهيون اٿم. نسيم جون ڪهاڻيون مون کي پسند ايندڙيون آهن، تنهن ڪري پڙهندو آهيان. جڏهن ڪنهن رائيٽر جي لکڻي پسند ايندي آهي، تڏهن سندس Close Study ڪبي آهي ۽ انهيءَ رائيٽر جي هر لکڻي گڏ ڪري سانڍي سنڀالي رکبي آهي ۽ پوءِ ٻي لکڻيءَ جو انتظار ۽ تلاش جاري رکبي آهي، جيئن واٽ ويندي ڪا سونهن پري نظر چڙهي وڃي ته نگاهون سندس پيڇو تيستائين ڪنديون آهن، جيستائين اها اکين کان اوجهل ٿي نه وڃي ۽ پوءِ هن جو عڪس ۽ اثر ذهن ۾ قائم ٿي ويندو آهي.

سنڌي ادب جي باب ۾ جڏهن نسيم پير ڏريو هو، تڏهن ڪهاڻيءَ جي افق تي جمال ابڙو، شيخ حفيظ ۽ غلام رباني وارن جي جماعت ڇانيل هئي. پر نسيم پنهنجي انفرادي اسٽائيل ڪري آغا سليم ۽ امر جليل سان گڏ، انهن جي جاءِ والاريو بيٺو آهي. نسيم سنڌ جو ڄائو آهي، سندس ڪهاڻين مان سنڌ ڌرتيءَ جي سڳند اچي ٿي. سنڌي ماڻهو ۽ ماحول، واقعا ۽ وارداتون پنهنجي فطري انگ ۽ رنگ سان پسجن پيا.

مون کي ياد آهي ته مون نسيم جي پهرين ڪهاڻي کهڙي پڙهي هئي، پر جڏهن ”ڪافر“ پڙهي هئم، تڏهن ڏاڍو متاثر ٿيو هوس ۽ محسوس ڪيو هئم ته سندس ڪهاڻي ۾ سندس گهري مشاهدي، اونهي مطالعي ۽ وسيع تجربيڪاري جي ڪارفرمائي آهي. هو روزمره جي زندگي ۽ ان جي ماحول کي فطري ڍنگ سان يڪجا

ڪري سموئڻ جي شعوري ڪوشش ڪري ٿو. ماحول جي سچائي سان اٽت ڪري، ڪردارن ۽ واقعات کي سندن اصلي شڪل ۾ بنا ڪنهن تصنع ۽ بناوت جي، قالين مان ڪڍيو ٻاهر ڪري، جنهن ڪري اهي پاڻيهي حقيقي ۽ فطري بنجي اڀريو اچن.

نسيم Objective ڪهاڻيڪار آهي. هو پنهنجي ڪهاڻين لاءِ ڪچو مال پنهنجي ارد گرد، عام ماڻهن مان حاصل ڪري ٿو. ڪيس ماحول ۽ ماڻهن جي وسيع ڄاڻ آهي، جنهن جي بيان ڪرڻ ۾ هو ڪا ڪسر نٿو ڇڏي. حقيقتون بيان ڪرڻ ۾، ڪردارن کي پيش ڪرڻ مهل هو حالتن ۽ وارداتن کي ڇنائيءَ ۽ باريڪ بينيءَ سان استعمال ڪري ٿو، پر پنهنجي شخصيت جو ذرو به دخل ڏيڻ کان سواءِ، هو مڙيو ئي هردم پنهنجي موجودگي جو احساس ڏياريندو رهندو آهي. جيڪڏهن پڙهندڙ ڪهاڻي پڙهندي ڪلي تو ويهي ته اتي نسيم به ڪلي ٿو، روئڻ مهل هو توهان سان گڏ روئندو ۽ هراس يا هيسجي وڃڻ مهل هو هيسيل نظر ايندو. هو پنهنجي ڪهاڻين ۾ اهو ظاهر نٿو ڪري ته سندس همدردي ڪتي لڪل آهي يا ڪهڙي ڪردار سان آهي؟ پر پڙهندڙ ٿورو سوچڻ سان اهو راز هڪرم پروڙي وني. وٽس لڪڻ جو اهو ڏانءُ اهي، جنهن جي وسيلي جو پنهنجي Objectivision سان ويجهائپ محسوس ڪرائيندو رهندو آهي ۽ اهڙيءَ طرح هو پنهنجي ڪهاڻين ۾ لطيف پيدا ڪندو آهي.

نسم ڪهاڻيون لکي، هڪ طرف پنهنجي فطري تخليقي اساث کي مطمئن ڪرڻ تو چاهي ته ٻئي طرف معاشري جي ناسورن ۽ انساني بيچيني ۽ ٽڪراءُ جي اظهار ۾ نشتر زني به ڪري ٿو، انهيءَ ڪري سندس ڪهاڻين جا موضوع خيالي، مدي خارج سا فرسوده ناهن، پر انهن جي چونڊ موجوده ماحول ۽ سماج مان، وڏي سوچ ۽ فڪر کان پوءِ ڪري ٿو. عام ماڻهو سماجي مسئلن ۾ جڪڙيل ماڻهوءَ جي بيچيني کي ڏسيو بي دليو رد عمل ته اظهار ڪندو آهي، پر متاثر نٿو ٿئي. پر رائيٽر بنيادي طور تي حساس هجڻ ڪري ڪڏهين به حقيقتن کان چشم پوشي نٿو ڪري، بلڪ حقيقتن تان پردو ڪٽي اگهاڙو ڪيو ڇڏي. نسيم پيدائشي طور تي سنڌي وڏيرو ۽ زميندار هئڻ جي باوجود پنهنجي ڪهاڻين ۾ نرالو ۽ يگانو آهي. ڪهاڻين ۾ سندس لکل شخصيت موجود رهي ٿي، جنهن مان سندس به گڻ ظاهر ٿين ٿا. پهريون ته هن زندگي جي دنياوي ضرورتن کي چڱيءَ ريت پروڙيو ۽ پرکيو آهي ۽ ٻي سندس فطري بيچيني آهي جا هر اندر اجڙيل ماڻهو ۾ ڪوڙ، جبر ۽ ناحق خلاف آواز اٿارڻ جي هوندي آهي، تنهن ڪري انهيءَ لحاظ کان سندس اهي صفتون Positive آهن.

نسيم پنھنجي ڪھاڻين ۾ زوال پذير سنڌي وڏيرڪي ذھنيت ۽ نئين ايرنڊڙ ٿيءُ جي سوچ جي تصوير ڏاڍي ذھانيت، فطري بيساختگي ۽ بي باڪيءَ سان عڪس ٿو ڪري. هن سنڌ جي وڏيري، سردار، ڪاموري، مذھبي، جنوني هارين، فرسٽيٽڊ جوانن، وڏي سوسائٽي جي فردن جي نفسيات کي جنھن ڍنگ سان پنھنجي ڪھاڻين ۾ پيش ڪيو آھي، انھيءَ جو مثال نٿو ملي. ڳوناڻي زندگيءَ ۽ شھري ماحول کي ھڪ جھڙي قابليت سان پيش ڪرڻ جو ڍنگ فقط نسيم کرل کي ئي اچي ٿو.

نسيم جون ڪھاڻيون بيشڪ ننڍيون آھن، پر منجھن گھٽائڻ وڌائڻ جي گنجائش اصل نہ ھوندي آھي. اھي پوريون ڪوريل ڪٽيل ۽ مڪمل ھونديون آھن، جن ۾ يڪ رنگي يا Repetition اصل نٿي ملي ۽ واقعات يا ڪردارن جي لحاظ کان ڪنھن بہ ڪھاڻي ۾ ھڪجھڙائي ناھي. ھو پنھنجي ڪھاڻين جا ڪردار چٽا ۽ نرالا، پر مڪمل شخصيت سان پيش ڪري ٿو. ڪيس پنھنجي ڪردارن بابت پوري ڄاڻ آھي تہ اھي ڪھڙي ماحول مان اسريا آھن، ڪھڙي ماحول ۾ اٿن ويھن ٿا؟ سندن دلين جي ڪيفيت ڪيئن آھي ۽ پنھنجو رد عمل ڪيئن ٿا ظاھر ڪن؟ سندس ڪردارن کي، نسيم جي من ڇيد جي ڪاڻ ڪڏھي نٿي پوي.

نسيم جي ڪھاڻين ۾ مون محسوس ڪيو آھي تہ ھو پنھنجي ڪردارن کي جيڪا ٻولي ڏي ٿو، اھا سندن ماحول سان ٺھڪندڙ ۽ فطري آھي، جا حقيقت ۾ ڳالھائي ويندي آھي. انھيءَ ڪري سندس ڪردار فطري ۽ ساڏارڻ لڳن ٿا. سندن ٻولي اڌاري نٿي لڳي. سندن ذھن اڌارو ڪونھي، ڪانئن مصنوعي بناوٽ واري ٻولي نٿي ٻڌجي. ڪو ٽانگي وارو فيلسوفاڻو مڪالمو ڪونہ ٿو ٻولي ۽ نڪي وري ڪو ھاري پنھنجي سوچ جي دائري کان وڏي ڳالھ ڪندو ڏسجي ٿو. انھيءَ کان سواءِ سندس ڪھاڻيءَ جو ڪو ڪردار نعريباز ناھي، پر ماحول مطابق آھي. ھو ڪٿي بہ ڪھاڻيءَ ۾ نعريبازيءَ کي پنھنجي مقبوليت جو ھٿيو ڪري استعمال نٿو ڪري ۽ مروج لاڙن کان پرڀرو ٿي شھرت حاصل ڪرڻ جو آسان فارمولو ڪم نٿو آڻي. سندس ڪھاڻين ۾ آڪاڻي جي عنصر کي وڏي اھميت آھي. شايد انھيءَ ڪري سندس ڪھاڻين جون آڪاڻيون گھڻي ڀاڱي ياد رھن ٿيون.

نسيم ڪھاڻيون تخليق نٿو ڪري، پر زنده حقيقت تان پردو پري ڪري، اصلي صورت ٿو ڏيکاري، جڻ وٽس ڪو اھڙو خاص اوزار آھي، جنھن سان ھو ڏسي ٿو، ٻڌي ٿو ۽ محسوس ڪري ٿو، جن جي ٻين کي ڀيٽ بہ نٿي پوي ۽ جڏھن انھن تان ڍڪ پاسيرو ڪري ٿو، تڏھن ڪين خبر پوي ٿي تہ اھي غير حقيقي ناھن، ھٿرادو يا

بناوٽي ناهن، پر زندگي جي ڄاتل سڃاتل حقيقتن جهڙا آهن. يا وري ائين لڳو ٿو، ڄڻ اسان جي آس پاس بيشمار ماڻهن مان ڪن کي اسان لاءِ جدا ڪري، پنهنجي ذهن جي ڪئميرا سان Close up جي صورت ۾ ڏيکاري ٿو، جن جون ڊنڊليون شڪليون چٽيون ڏسڻ ۾ اچن ٿيون.

اڄڪلهه اڪثر ڪري ادب کي جنسي لذت جو ذريعو بڻائڻ جو لاڙو زور ونندو پيو وڃي، پر نسيم انهيءَ ڏس ۾ پنهنجي سوچ ۽ تخيل جا نوان رستا ڳوليا آهن، انهيءَ جو بهترين مثال سندس ڪهاڻي ”ڪرنٽ“ (پيار جو ڇهاءُ) آهي.

نسيم برابر ڪهاڻي لکڻ لاءِ جگر جو رت ولوڙي ٿو، پيڙا پوکي ٿو، جيئن ڪا ماءُ نون مهينن تائين پيٽ ۾ بار کي پالي جنم ڏيڻ کان پوءِ اوچو ڳاٽ ڪري فخر محسوس ڪندي آهي ۽ ٻئي کي پنهنجو جيس نہ سمجهندي آهي. شايد اها سندس فطري ڪمزوري هوندي آهي.

**ولي رام ولڀ**

# وڏيرو، وڏيري جي نظر ۾

سائين طارق اشرف مون کي سنڌيءَ جي برک ليکڪن سان پئي ملايو آهي. ڊسمبر 1973ع جي هڪ سرد ڏينهن تي، هن سان گڏجي، سائين نسيم احمد کرل سان ملڻ نڪتس.

مون کي نسيم جي ذات سان لفظ ”وڏو“ جي گهاٽي نسبت نظر آهي.

هو شهر جي ”وڏي“ هوٽل ۾ رهيل هو. هن جو ورتل ڪمرو هڪڙي ڇٽي جي لحاظ کان ”وڏو“ هو، هن جو پلنگ به هڪڙي ڇٽي جي خيال کان ”وڏو“ هو. هو رڪارڊ پليئر تي جيڪي رڪارڊ وڄائي رهيو هو، سي پڻ ”وڏا“ لانگ پلي رڪارڊ هئا. طارق اشرف ڏيٽ ويٽ ڪرائيندي اهو ٻڌايو ته نسيم تمام ”وڏو“ زميندار آهي ۽ اها خبر مون کي به هئي ته هو هڪ ”وڏو“ ڪهاڻيڪار آهي.

جڏهن هن جي باري ۾ ليک لکڻ جو خيال ٿيو، تڏهن سوچيم ته هن جي ڪهاڻين ۾ آيل وڏن ماڻهن جي ڪردارن جي چڪاس ڪريان. ٻين لفظن ۾ اهو ڏسڻ جو ارادو ڪيو ته هن وڏن سياستدانن، وڏن ڪامورن، وڏن سرمائيدارن ۽ وڏن زميندارن بابت ڪهڙا ويچار پڌرا ڪيا آهن ۽ انهن تي ڪهڙي ٽيڪا ٽپڻي ڪئي آهي؟

ان خيال کان هن جي ڪهاڻين جي ٻنهي ڪتابن جو نئين سر اڀياس ڪيم.

اهڙي ڪا ڪهاڻي ڪانه هئي، جنهن جو خاص ڪردار وڏو سياستدان هجي. وڏن ڪامورن جي باري ۾ به ڪهاڻيون نظر آيون، خاص وڏي سرمائيدار جي ڪردار واري ڪهاڻي فقط هڪڙي ڏٺم. باقي وڏن زميندارن جي باري ۾ ڪافي ڪهاڻيون هيون.

وڏن ڪامورن جي باري ۾ به ڪهاڻيون آهن: ”گذريل واردات“ ۽ ”مجاور“.

گذريل واردات: هيءَ هڪ پوليس انسپيڪٽر جي ڪهاڻي آهي. هي عهدي جي لحاظ کان نه، پر ڏهڪاءَ جي لحاظ کان وڏو عملدار ٿئي ٿو.

ڪامورن جي عزت، دولت ۽ دٻدٻو سندس عهدي ۽ ڪرسيءَ ڪري ئي آهي ۽ نه سندن ذاتي خصلتن ۽ خوبين ڪري. اهڙي قسم جو احساس پوليس انسپيڪٽر غوث بخش شاه کي تڏهن ٿئي ٿو، جڏهن هو ابهرائي ڪري وقت کان اڳ پينشين تي لهي ٿو.

ان ڪري وري ڪاموڪي ڪرسي هٿ ڪرڻ لاءِ ڏاڍا حيلا هلائي ٿو.

ساڳئي وقت اهو به اثر ملي ٿو ته انسان جون ڪي خوبيون ۽ قوتون، تڏهن پڌريون ٿين ٿيون، جڏهن هن کي طاقت ۽ اختيار ملي ٿو.

مجاور: هن ڪهاڻيءَ ۾ وڏن عملدارن جي ٻٽي من – ورتي وائکي ڪئي وئي آهي.
هڪڙو ڊپٽي ڪمشنر، موالين جي ميڙي تي ان ڪري بندش وجهي ٿو، جو ان ۾ راڳ روپ ۽ ناچ ڳاني ڪري گوڙ گهمسان ٿئي ٿو، لوفر پائيون ٿين ٿيون، اوڙي پاڙي وارن شريفن واسطي آزار مچي ٿو ۽ هل هنگامي ڪري آس پاس وارن جي ننڊ ۽ آرام ڦٽي ٿو.
تورن ڏينهن کان پوءِ ڊپٽي ڪمشنر، ساڳئي شهر ۾ ساڳي جاءِ تي جشن ڪرائي ٿو، جنهن ۾ ساڳئي نموني راڳ ۽ رقص ٿين ٿا ۽ ساڳيون ڳائٽيون پاڳ وٺن ٿيون.
ان وقت صاحب کي اهو خيال ئي ڪونہ ٿو ٿئي تہ ان جو ماڻهن جي اخلاق تي برو اثر پوندو، لوفر پائيون ٿينديون ۽ هل هنگامي ڪري آس پاس وارن شريفن جو سک آرام ڦٽندو. اهو ڪم ان ڪري مباح ٿي وڃي ٿو جو ان تي ڪلچرل يا ثقافتي جشن جو نالو رکيو ويو آهي.
هڪڙي وڏي سيٺ بابت جا ڪهاڻي آهي، سا آهي دار الفلاح.
دارالفلاح: هڪڙو وڏو سخي ۽ سماجي ڪارڪن سيٺ آهي. هن هڪ دارالفلاح کوليو آهي، جنهن ۾ بيواھ ۽ سماج جون ستايل ڇوڪريون ۽ ضاعفون اچي پناھ وننديون هيون، جيئن هنن جو ست قائم رهي، گناھ جي زندگيءَ کان بچن، حريصن ۽ بدمعاشن جي چنبي کان پري رهن.
هڪڙي ڪسبياڻي نينگري، چڪلي جي گناھ واري حياتيءَ کان محفوظ رهڻ خاطر ڀڄي اچي ٿي هن دارالفلاح ۾ پناھ وٺي. هتي داخل ٿيڻ کان پوءِ جڏهن هوءَ ان دارالفلاح جي هلائيندڙ سيٺ آڏو اچي ٿي، تڏهن هوءَ ڏسي ٿي تہ هي اهو ئي عياش سيٺ آهي، جنهن چڪلي ۾ اچي پهرين پهرين سندس عصمت جو سودو ڪيو هو ۽ پنج هزار ڏئي هن جي بولي لاٿي هئي. دارالفلاح جي ڪراڙي نوڪرياڻي اول ئي هن نينگريءَ کي اشارو ڏئي ڇڪي هئي تہ جي هوءَ هن جڳهہ ۾ رهڻ چاهي ٿي ۽ سکيو رهڻ چاهي ٿي تہ پوءِ هن کي ان جي هلائيندڙ سيٺ کي راضي رکڻو پوندو.
اها آهي هنن وڏن سيٺن جي خير جي ڪمن جي حقيقت ۽ اصليت ۽ هن جي ڪردار جي هڪڙي جهلڪ.
وڏيري جي ڪردار بابت پنج ڪهاڻيون آهن:
زماني جي گردش: ٻہ وڏيرا هڪ ٻئي جي ريس ۾، هڪ ٻئي کان گوءِ کٽي وڃڻ خاطر، هڪ ٻئي کي هيناهون ڏيکارڻ لاءِ، پنهنجي وڏ ماڻهپي ۽ برتري ثابت ڪرڻ لاءِ، پنهنجو ڪوڙو ڏيک ويک قائم رکڻ واسطي، پنهنجو پاڻ لٽائي ٿا ويهن، پنهنجو پاڻ

کي تباه تا ڪن، پنهنجيون ملڪيتون تين وال تا ڪن، هڪ ٻئي جي رت جا پياسي تا تين ۽ پڇاڙيءَ ۾ پنڻ جهڙا تا تين.
هنن ٻنهي وڏيرن جي هيءَ سڄي ريس، رقابت، دشمني، ڇتاپيتي ۽ تباهي، هڪڙي "ناچڻي نينگري" جي پنيان آهي. هنن وٽ هي عياشيون ۽ فضول خرچيون ڪرڻ لاءِ اڻ ميو ڏن اچي ٿو، ٻين جي پورهئي مان ۽ ورثي ۾ مليل ملڪيت مان.
برباد ٿيڻ کان پوءِ هو محنت مزدوري ڪري پيٽ پالڻ ٻدران پناه ونڻ ۽ سهائتا حاصل ڪرڻ لاءِ پنهنجي طبقي وارن يعني ٻين زميندارن وٽ وڃن تا. ائين سمجهو ته زميندار طبقي جي وجود جي لازمي هجڻ جو اثر ڏنو وڃي ٿو، جيئن هو ڏتڙيل زميندارن جي مدد ڪري سگهن. اها تنبيهه ٻه آهي ته وڏيرا ايتري قدر ڪوڙي شان مان ۽ فضول خرچين ۾ پنهنجو پيسو برباد نه ڪن، جيئن سندن زميندار قائم رهي ۽ جي ڪو زميندار زماني جي گردش ڪري ترين پر ڪري ته ٻيا زميندار هن جي واهر ڪن.
گتس: هن ڪهاڻيءَ ۾ ڏيکاريل آهي ته سنڌ جا پڙهيل ڳڙهيل نوجوان وڏيرا، شهرن کي پنهنجي عياشيءَ جو مرڪز بنائن تا. اتي جي اوچي سوسائٽي ۽ ڪلبن ۾ گل گل جو واس ونن تا، پر ڪٿي ٽڪي ڪونه تا ويهن.
هي شهري ڇوڪريون نه رڳو ڇوڪريون، پر سندن مائرون پڻ (جيڪي نالن مان غير سنڌي لڳن ٿيون) هنن سنڌي وڏيرن کي سندن دولت ۽ ملڪيت ڪري، پنهنجي دامن ۾ ڦاسائڻ چاهن ٿيون ۽ انهيءَ لالچ ۾ سڀ ڪجهه هنن جي حوالي ڪن ٿيون. پر وڏيري کي نڪاح جي نوڙيءَ ۾ ڦاسائڻ ۾ ڪامياب اها ڇوڪري ٿئي ٿي، جا ٻاهريون ٻنو رکي اتڪل کان ڪم وٺي، وڏيري کي تڙقائي، پوءِ پيار جو ڍونگ رچائي بيوقوف بنائي سگهي ٿي.
ڪي شهري ڇوڪريون ۽ ضاعفون، جا وڏي ۾ وڏي خوبي وڏيري ۾ ڏسن ٿيون، يا جنهن چيز کان گهڻي کان گهڻو متاثر ٿين ٿيون، سا اها آهي جو هو پاڻيءَ وانگر پيسو خرچ ڪري ٿو.
ڪچو رنگ: جن چيزن جي چوڌاري زميندار جي زندگيءَ جو محور ڦري ٿو، انهن مان ٻه مکيه آهن: هڪ ملڪيت جي واڌ ۽ سلامتي ۽ ٻي ڪامورن جي خوشنودي.
هن ڪهاڻيءَ وارو زميندار ٻه پٽ تي ان ڪري ايترو نتو ڪاوڙجي ته هن سندس اجازت کان سواءِ شادي ڪئي آهي، يا شهري ڇوڪريءَ سان شادي ڪئي. پر هن کي

اصل غصو ان تي آيو آهي تہ رسم خان جي نياڻيءَ سان پٽس جي لائون نہ لهڻ ڪري ان جي ملڪيت سندس خاندان ۾ اچڻ کان رهجي وئي.
وري جڏهن پتو پويس تہ پٽس جو سهرو ڪليڪٽر (ڊپٽي ڪمشنر) آهي تہ ساري ڪاوڙ ڪافور ٿي وييس ٿي. هي وڏيرا تہ هلڪي سلڪي آفيسر جي سنگتي هجڻ تي بہ فخر ڪندا آهن. جيڪڏهن ڪو چڱو آفيسر رڳو عنايت جي نظر ڪندو اٿن يا ڪلي ڳالهائيندو اٿن تہ راجن ۾ پيا ٻٽاڪون هڻندا آهن. هتي تہ ڊپٽي ڪمشنر جهڙي وڏي ڪاموري سان هن مائٽي ڳنڍي هئي، ان ڪري ڪٻيون هڻڻ لاءِ هن کي هرڪو سبب هو.
اهو ان ڪري بہ جو اهڙو وڏو ڪامورو سندس موجود ملڪيت محفوظ رکي سگهي ٿو. تنهن کان سواءِ ايڏو وڏو ڪامورو، سندس سيڻ ٿيڻ ڪري، هن جو تر ۾ رعب تاب ٿيندو. ان فونڊ ۾ هو ان ڳالهہ کي بہ ڪا اهميت نہ ٿو ڏئي تہ سندس نهن پردو ڪرڻ واري نہ آهي ۽ اهڙو لباس پائي ٿي، جنهن سان جسم جي اڌ اوگهڙ ٿئي ٿي.
حالانڪ اهو ساڳيو شخص پنهنجي گهر جي ضاعفن جي غير مرد تي اتفاقي نظر پوڻ تي هن جون اکيون ڪيرائڻ کان نہ مڙي ۽ سندس حويليءَ ۾ ڪنهن نر پکيءَ کي بہ اچڻ جي طاقت نہ هئي.
پٽ جي خاندان کي ٽِڪو لڳائڻ واري ڳالهہ ۽ هن کي ملڪيت کان محروم ڪرڻ جا ارادا، واريءَ سندا ڪوٽ ثابت ٿين ٿا.
اهي آهن زميندارن جي اخلاقيات جا ماپا، عزت ۽ شان جا پيمانا.
زر ۽ زور: هن ڪهاڻيءَ ۾ بہ وڏيرن لاءِ اهو ڏيکاريل آهي تہ هنن جي دشمنين، سازشن ۽ خونريزين جا مکيہ ڪارڻ آهن ٻئي جي زمين قبائڻ جي هوس ۽ سريتن جي ڪري رقابت.
وڏيري جي لاڏاٽي تي هن جي خاندان ۾ نہ رڳو ورثي جي ورهاڱي ڪري ڏاڙهي پٽ ٿئي ٿي، پر سريتون ۽ ٻي نڪاحيون زالون ۽ سندس اولاد بہ جهڳڙن، چڪتاڻ ۽ بدناميءَ جو باعث بنجن ٿا.
هڪ سهڻي چوڪري، ٻنهي ڀائرن جي سريت آهي. رقابت وچان، هڪ ڀاءُ ٻئي ڀاءَ کي قتل ڪري ٿو. ان نموني هو سموري ملڪيت جو اڪيلو مالڪ پڻ بنجي ٿو.
آٿت: هتي وڏيري کي ”ستايل“ جي روپ ۾ ڏيکاريو ويو آهي ۽ هتي ستم ڪندڙ آهن سرڪاري ڪامورا ۽ پنجابي ڪامورا. ون يونٽ جي زماني ۾ وڏيرو پنهنجي ڪلراٺي زمين تي سارين جي فصل ڪرڻ جي منظوري وٺڻ واسطي لاهور وڃي ٿو، پر اتي جا

پنجابي ڪامورا هن جو عوض واجبي ۽ قاعدي پٽاندر هوندي به قبول نٿا ڪن. هٿان هن کي گهٽ وڌ ڳالهائن ٿا، چڙبون ڏين ٿا، لوڏي ٻاهر ڪڍن ٿا ۽ گاريون ڏئي بي عزتو ڪن ٿا.

لاهور جا ڪامورا، سنڌي وڏيرن جهڙو ”مرغو“ ائين ڪونه موٽائيندا هئا. جو هو ٻين وٽان ايتري رشوت ڪڍي نٿي سگهيا. پر هتي سوال هو پنهنجي چوڌري جو. چوڌري چنن الدين وٽان ڪٽي هنن کي ايتري رقم حاصل نه ٿي هوندي، پر جيئن ته مقابلو وڏيري ۽ چوڌري جو هو، ان ڪري ڪس ڪائي به هنن ڪم پنهنجي چوڌريءَ جو ڪيو. وڏيرو پنهنجي ان بيعزتيءَ جي باه نارڻ ۽ بدلو وٺڻ خاطر هڪ انوکو طريقو اختيار ڪري ٿو. هو هوٽل ۾ هڪ رات لاءِ هڪڙي پنجابڻ جو جسم خريد ڪري ٿو ۽ پنهنجي اندر جي آگ اجهائي ٿو.

اسان ٻڌو ته ٻي طرح به هو. ون يونٽ جي زماني ۾ سنڌ جا وڏيرا اسيمبليءَ جي اجلاس وقت يا شخصي ڪمن ڪارين جي بهاني لاهور ويندا هئا ۽ سنڌ جي دولت اتي پاٽيءَ وانگر هاري پنهنجي باه نارينداهئا. ڪهاڻيءَ واري وڏيري جو آفيس ۾ ڪم ٿئي ها ته به هو خوشيءَ ۾ هوٽل ۾ پنهنجي باه ناري ها. بهرحال! جيئن ڪهاڻيءَ جي عنوان ”آٽت“ مان پڌرو آهي ته ان وقت وڏيري پنهنجي ذهنيت ۽ سمجهه موجب ان ڳالهه ۾ پنهنجو آٽت سمجهيو، اها ئي سنڌ جي وڏيري جي ذهنيت جي حقيقي تصوير آهي.

اسين اهو چوندا آهيون ۽ جا آهي به حقيقت ته ٻين پرڳڻن وارا سنڌ مان پيسو ڪمائي، پنهنجن پرڳڻن ۾ کڻيو وڃن. پر اها به حقيقت آهي ته هتي جا وڏيرا تفريح لاءِ لاهور، مري، نٿيا گلي، سوات، ڪوئيٽا ۽ زيارت وڃيو سنڌ جا پئسا اتي لٽائين ٿا.

هنن ڪهاڻين ۾ هڪڙي ئي طبقي جي اپٽار آهي، هڪڙي ئي طبقي جي نمائندگي آهي، هڪڙي ئي طبقي جي اندروني چڪتاڻ جو احوال آهي، هڪڙي ئي طبقي جي مسئلن جو ذڪر آهي، هڪڙي ئي طبقي جي خير خواهيءَ خاطر ان جي اوڻاين طرف اشارو آهي. هڪ طبقي جي بچاءَ ۽ بقاءَ واسطي، ان جا نقص سڌارن جو سبق آهي، اهو آهي وڏيرڪو طبقو.

ڪٿي به طبقاتي ڪشمڪش ڪانه ڏيکاري وئي آهي، ڪٿي به طبقاتي مسئلو ڪونه اٿاريو ويو آهي. ڇاڻ اهو مسئلو آهي ئي ڪونه. ڪٿي به هاريءَ کي سامهون نه آندو ويو آهي، ڇاڻ ته هن جو وجود ئي ڪونهي. هنن ڪهاڻين ۾ ڪٿي به هاريءَ جو وجود ڪونهي. سندس مجموعن ۾ ڪٿي به هاريءَ جو وجود ڪونهي.

# نجم عباسي

## مڪسڊ گرل

ٽڏڙي ٽڏڙي هير پئي گهلي، اسين ٻئي جڻا هوٽل جي بالڪنيءَ ۾ وينا پي رهيا هئاسين. هيٺ ڊاڪا گراس جي وڏي لان ۾ نهيل سوئمنگ پول ۾ پوريون پوريون جوانڙيون ائين پئي تريون، جيئن ڪي جل پريون. ٿورو پرتي ڪمپائونڊ وال جي چوڌاري پام جي وڻن جا پاچا گهرا ٿي ويا هئا ۽ ڪارن ڪارن ديون جيان پئي ڏک ڏنائون. مان اجا ٿيون جام پئي سپ ڪيو تہ هن پنج پورا ڪري ڇهون پئي اوتيو ۽ هر ڍڪ چکڻ سان هيٺ ترنڊڙ جل پرين ڪي تڪيندي، مرحبا مرحبا جا پئي نعرا هنيائين. هو ٽئين جام پيئڻ سان ئي ونجي ويو هو ۽ مون کي چيو هئائين: ”آءُ ڪاڪٽيل پيون.“
مان بيري کي سڏڻ لاءِ بندر ڏانهن هٿ وڌايو هو تہ هن منهنجي هٿ کي جهليندي چيو هو: ”اها ڪاڪٽيل ٿوري ٿو چوان!“
”ٻي کهڙي، يا شيخ؟“
”هن پول مان دنگ پرائي وٺ تہ ڍؤ ڪري پيون.“ هن سوئمنگ پول جي پاڻيءَ ڏانهن اشارو ڪيو.
مان کلڻ لڳس تہ هو بہ کلي چوڻ لڳو: ”بيرو جيڪا ڪاڪٽيل آڻيندو، ان ۾ بہ شراب هوندا. هتي هن پاڻيءَ ۾ تہ الائي ڪيترا شراب مليل آهن، هينئر بہ تہ پوريون ڇهہ ڇٽيون پيون ترن!“
چوٿين پنجين پيگ پيئڻ وقت مون هن جي اکين ۾ ڏٺو تہ انهن جو رنگ مٽيو پئي ويو. ان کان اڳ جو هو ڇهون پورو ڪري ۽ سندس اکين جو رنگ سندس منڊيءَ جيان ياقوتي ٿي وڃي، ٻئي ڄڻا ڊائنگ هال جي ڪنڊ ۾ وڃي ويناسون. پرسان رکيل مينو ڪارڊ تي سرسري نظر وجهندي هن چيو: ”منهنجي لاءِ صرف لنڊن هائوس مڪسڊ گرل.“
”اوهان تڪلف تا ڪريو، يا شيخ.“ مون ڏک ظاهر ڪيو.
”والله، مان رات جو ماني گهٽ ڪائيندو آهيان. رات صرف ڪائڻ لاءِ ناهي، يا سيدي!“ هن اک پڇيندي چيو.
مون کان زور سان ٿهڪ نڪري ويو، ”مان سيد ناهيان، يا شيخ! انا عبدالسيد.“
هو وائڙو ٿي ويو ۽ چوڻ لڳو: ”اسين تہ هر معزز کي السيد ڪري سڏيندا آهيون، جيئن توهين ڪنهن کي مسٽر يا آنربل سڏيو.“

”آهستي ڳالهاءِ، يا شيخ! متان ڪو سنڌ جو سيد ٻڌي وني ۽ پِٽي جهڳو ئي مسيت ڪري ڇڏي.“
هو ڪلڻ لڳو ته مون وري ڪيس سمجهايو: ”اسين سنڌي، سيدن کي مرشد ڪري، ٻارهين مهيني ڏن ڏيندا آهيون ۽ هو ان جي بدلي بهشت جي ڪنجي ڏيندا آهن.“
”ڪو ڪنهن جي قيامت نه ڇڏائيندو، هر ڪنهن کي اعمال ڇڏائيندا.“
”نه نه، سيد ميرو ته ٻه پنج سيرو، يا شيخ! اسان کي ايمان مان نه ڪڍ.“
”چڱو، جي توکي اهو نالو نٿو وڻي ته توکي ٻيو ٿو سڏيان يا ابن سنڌ!“
”بس بس اهو ٺيڪ آ.“
”جيئن تنهنجي مرضي.“ هن ٻئي هٿ سيني تي رکي جهڪندي چيو.
اتي مون کي ياد آيو ته مون کي مٺي کمرن ڏانهن ٻه ماني موڪلڻي هئي، جتي سندس ٻه حرم هئا. مون سيني جي ماني موڪلائي هئي. مون ڪيس چيو: ”يا شيخ! هرمن جي ماني.“
”نه نه، تون انهن جو فڪر نه ڪر، انهن ڪائي ڇڏي هوندي.“
”يا شيخ! انهن ڪيئن ڪاڌي هوندي؟ مون ته ڪين ٻه عرض ڪيو هو ته رات جي ماني مون وٽان ايندي.“
”چئبو ته تون حساب ٿو ڪرڻ گهرين.“
”ماني مولا جي آ، يا شيخ! اوهان سيني ڪاڌي ته هن غريب جي ميزبان جي دل خوش ڪندؤ.“
”پوءِ مٺي موڪلين، هتي ايندين ته اسان ٻنهي کي گونگو ٽيٽو پوندو. هونءَ نه ته مزي جون ڳالهيون ٿيون هلن.“
”بلڪل صحيح آ، يا شيخ!“
مون بيري کي اشارو ڪيو ۽ ڪيس شيخ لاءِ ۽ پنهنجي لاءِ آرڊر ڏنو. ڪيس اهو ٻه سمجهايم ته مٺي حرمن جي مرضيءَ تي ماني موڪلي ۽ ڪابه ڪفايت نه ڪري.
”مٺي ماني پوري ساري موڪلجانءِ، يا ابو شوارب!“
مون اها ڳالهه ٽنائيندي، ڪلندي شيخ کان پڇيو: ”شوارب ڇا کي چوندا آهن، يا شيخ؟“
”شوارب انهن تو وارين مڇن کي چوندا آهن، جي پورا ٻارهن وڄي پنج منٽ ٿيون وڃائين.“
مون کان بي اختيار ٽهڪ نڪري ويو. ”اوهان وٽ مڇون آهن يا نه؟“
”آهن، پر ست لڳي پنجويهه منٽ واريون.“

”يلا ڏاڙهي؟“

”گهٽ کري ڪلين شيو يا ڪا فرينچ ڪٽ.“

”يا شيخ! جي تون سنڌ هلين ته اهڙيون اهڙيون ڏاڙهيون ڏيکاريانءِ، جو تون حيران تي وڃين.“ مون هٿ سان اشارو ڪري اندازي سان ڏيگهه ٻڌائي.

”والله!“ هو ڪلڻ لڳو.

”مان ڪوڙ نٿو ڳالهايان، هلو ته اکين سان ڏيکاريانو.“

”سنڌ ۾ ٻيو ڇا ڏيکاريندين؟“

”مديني پاڪ جي ڪارڪن جون ڪڪڙيون، جي اسين ادب سان سنڀالي رکندا آهيون.“

”گهر جو پير چلهه جو مارنگ. اوهان کي ڪهڙو قدر. تون اتي هلين ته توکي پير ڪري پوڄين ۽ سڀ مولود چون، ”مولا منهنجون واڳون وار، وڃان پلي پار، شهر مديني جو پاٽي مون کي پيار.“

”مون پاڻ اتي ڏنو آهي ته سنڌ جا ماڻهو اتي جام ايندا آهن ۽ معاف ڪجانءِ يا ابن سنڌ! اهي پِني به حج ڪندا آهن، جڏهن ته انهن تي فرض ڪونهي!“

”ها، بلڪل سچ تا چئو. اوهان گهٽا حج ڪيا آهن، يا شيخ؟“

”چو، مان اجا ڪراڙو ته نه ٿيو هان!“

”چوندا آهن ته جوانيءَ جو هڪ سجدو ڪراڙپ جي سؤ سجدن جي برابر آهي.“

”مان ڪراڙپ ۾ ڪٽي سؤ سجدا ڪندس.“ شيخ ڪلندي چيو.

اوچتو مون کي ياد آيو ته سويٽ لاءِ ڪو آرڊر نه ڏنل هو. مون شيخ کان پڇيو:

”اوهان سويٽ ۾ ڇا وٺندؤ يا شيخ؟“

”هتي ڪهڙي سويٽ ملندي؟“

”سڀ ڪجهه ملندو، يا شيخ! گيتوالا محمود، ليمن صوفلي، ايپل پاءِ.“

”نه، ان کان وڌيڪ مٺي؟“

”يلا آئيس ڪريم؟“

”اها به ته ٿڌي شي! ڪا گرم گرم مٺي شيءِ ٻڌاءِ.“

”اوهين ئي نالو ڪٽو.“

”دنيا ۾ سڀ کان مٺي شيءِ ڪهڙي آهي؟“

مان سوچڻ لڳس ته هو مون کي منجهيل ڏسي ٺهڪ ڏئي چوڻ لڳو: ”تون سويٽ جو فڪر نه ڪر. عاتڪه ۽ ام ڪلثوم جي چپن کان مٺي ڪهڙي سويٽ ٿي سگهي ٿي؟“

مان ڪلڻ لڳس ته هو وري پڇڻ لڳو: ”ٻڌاءِ ته آهي چپن کان وڌيڪ ڪا مٺي شيءِ؟“

”نہ بلڪل نہ.“ مون مشڪندي چيو.
”پوءِ تون مون کي ھي سويٽ ڪيئن ٿو کارائين؟“
”مان نہ کاوان.“
”بلاشڪ.“
بيرو آيو. سلاد، چٽڻيون رکي پليٽون ناھڻ لڳو. مون ڪيس پنھنجي لاءِ سويٽ جو بہ آرڊر ڏئي ڇڏيو.
”توکي گھٽا حرم آھن يا حبيبي؟“
”يا شيخ! صرف ھڪ.“
”ڇو؟ آھين تہ تڪڙو جوان!“
”يا شيخ! اھا ھڪ ئي لکان دي مٺ آھي. ان مان بہ ڪڪ ٿيندو آھيان تہ بہ ٽي ڏينھن ھتي پڄي اچي آرام ڪندو آھيان ۽ وري سڪ لڳندي اٿم تہ واپس پڄندو آھيان. اوھان کي اھي بہ حرم آھن يا اجا بہ وڌيڪ؟“
”باقاعدي نڪاح تہ انھن ٻن سان اٿم، پر چوان ٿو تہ ٽين بہ تنھنجي ملڪ مان ڪيان. تون صلاح ڏي تہ ڪٿان ڪيان؟“
”يا شيخ! جي تون ٽيون حرم ڪرين تہ لاھور مان ڪر، تنھنجو ڏک اھي جھليندي.ون. لاھور جو حسن بہ واہ واہ آھي. اوھين لاھور تہ ويا ھوندؤ؟“
”مان بہ پيرا لاھور ويو آھيان. لاھور جو حسن، جزاڪ الله!“
”يا شيخ! اسان سنڌين جي بہ اتان جي حسن تي گگ ڳڙي پوندي آھي ۽ بنا ڪم ڪار جي پيا لاھور ۾ نوس نوس ڪندا آھيون.“
”تون بہ لاھور مان ٻيو حرم ڪر.“ شيخ مون کي صلاح ڏني.
”نہ يا شيخ! ٻن حرمن کان پوءِ جيڪا مڙس جي ڏاڙھي پٽ ٿئي ٿي، مان ان کان پناہ ٿو گھران، الامان والحفيظ!“ ڪنن جي پاپڙين کي جھلي توبھہ توبھہ ڪندي چيم.
”ڇو ٽيون وڙھن؟“
”اوھان جا حرم پاڻ ۾ نہ اٽڪندا آھن ڇا؟“
”ڇو اٽڪنديون؟ اسان وٽ تيل کان پوءِ پئسو جام آھي. ھر ھڪ کي ھڪ جھڙيون ڪنيزون آھن، ٻنھي کي جيب خرچي بہ جام ڏيندو آھيان، مان ٻاھر نڪرندو آھيان تہ ٻنھي کي پاڻ سان گڏ وٺي ويندو آھيان، يا ابن سنڌ! ھونءَ بہ اسان عرب، گھوڙا ۽ حرم ھميشہ ران سان رکندا آھيون.“ ھن سٽر تي ھٿ ھڻي چيو.

”اهي ڳالهيون تہ ڏينهن جو ٻڌايو ۽ يا شيخ! رات جو؟“ مون کي بہ نشن بيباڪ ڪري ڇڏيو هو.

”رات جي تو ڳالهہ پڇين تہ ڪي ڏينهن مان ٻنهي کي پاڻ سان ساڳئي بيڊ تي سمهاريندو هوس. هڪ ساڄي پاسي هوندي هئي تہ ٻي کاٻي پاسي، اڄا جي اڳتي تو پڇين تہ مان گهٽو ڪري هڪ ئي وقت ساڳئي بيڊ تي.........“

”بس بس، يا شيخ!“ مون ڪلندي چيو. منهنجيون لونڊڙيون نڪاءَ ڇڏڻ لڳيون – ماڻهو هو يا ڪو سرڪاري گهوڙو!

منهنجي عجب ۾ پوڻ تي هو ڪلندي سمجهائڻ لڳو: ”ان ۾ ڪهڙي عجب جي ڳالهہ؟ ٻئي منهنجيون محرم آهن، ٻئي حال پائي آهن، ٻنهي سان ساڳيو رشتو آهي. مان اڄا تڪڙو جوان بہ آهيان.“ هن ڏوري تي هٿ هٽندي چيو.

بيرو گرم گرم ڪاڏو ڪٽي آيو. اسان ٻنهي ڪانٽا ڇريون ڪنيون. هن پنهنجي پليٽ مان جيري جو ٽڪر ڪاٽتي سان ڪٽندي چيو: ”تون چا تو ڪائين، يا ابن سنڌ؟“

”چڪن الاڪنگ، يا شيخ!“

”ان ۾ ڪهڙو مزو؟ مون وانگر مڪسڊ گرل گهرائين ها تہ هڪ ئي وقت مختلف ذائقا چکين ها، جيئن مان هڪ ئي وقت چڪن بہ تو کاوان تہ مٽن بہ.“

”يا شيخ! منهنجو هاضمو اها دٻ جهلي نہ سگهندو.“

”تہ پوءِ تون بہ حرم ڪر، پاڻهي هري ويندين. ٻئي حرم گڏ ماڻيئي تہ جڻ مڪسڊ گرل کاڌئي.“ هن نئپڪن سان چپ اگهندي چيو.

مان پليٽ تي ٽپ رکي بل تي صحيح ڪئي. ٻئي ڄڻا لفٽ ۾ چڙهي ڇهين فلور تي آياسين، جتي هڪ ئي قطار ۾ چار ڪمرا هئا. ٽي ڪمرا هن جي بلي هئا ۽ چوٿين ۾ ما رهيل هوس. ڪاريڊور ۾ ڪمرن ڏانهن هلندي هو پڇڻ لڳو: ”سياڻي ڪاڏي گهمائيندين، يا رفيقي؟“

”جاڏي چوندؤ، يا شيخ! سئڊزيٽ هاڪس بي......“

”توکي تڪليف ڏيندي شرم تو اچي، پر تو ڪان سواءِ گهمڻ ۾ نہ مون کي تو مزو اچي ۽ نہ ام ڪلثوم کي.“

”مان حاضر آهيان، يا شيخ.“

هو ڪمري جو در کولڻ لڳو تہ مان سندس ڪن ۾ پٽڪيو ڪيو: ”ڪهڙو پروگرام آ، يا شيخ؟“

”بدستور مڪسڊ گرل، يا حبيبي!“ هن اک پيچي جوابي پٽڪو ڪيو.

مان ڪمري ۾ اچي سليپنگ سوٽ پائي ڍهي ٿو پوان. مون کي لڳندي پاسا ورائيندي ڪي ڪلاڪ ٿا گذري وڃن. مان ڪمري جو بئڪ ڊور کولي بالڪنيءَ ۾ ٿو بيهان ۽ ريلنگ کي ٽيڪ ڏئي هيٺ ٿو ڏسان. پري ڪان سوئمنگ پول جو اجرو پاڻي ائين پيو لڳي، جيئن منديءَ ۾ ڪا ٽِڪ. اوچتو ان ٿڌڙيءَ هير ۾ محسوس ڪيان ٿو هڪ گرم جهولو. ڏسان ٿو ته سنهڙيءَ عبا ۾ ٻرندڙ جسم، اکين بجاءِ ٻه ٽانڊاٽا ۽ پٻن تي مون ڏانهن آيل — ام ڪلثوم.

Mixed Grill[1] هڪ اهڙي ڊش جو نالو آهي، جنهن ۾ گوشت، چوزا، هيرا ۽ ٻڪيون سيئي شامل هوندا آهن

## ڦهرين مراد

عنايت ڏانداريءَ سان چڪون لتيندي، پنهنجي پٽ ماڻڪ کي چوڻ لڳو: ”توکي ته ٽيون سال پاڪي ڪنئي ٿيو آهي. مان ته اڃا پاڪي به پوري نه ڪنئي هئي جو راوي چناه جون مينهون هتي لوڙهي آڻيندو هوس. اسان جي پڙ تان سدائين ويهه، پنجويهه آلوڙيون ۽ ويهه، پنجويهه ڍڪيون چڙنديون هيون، مينهون به ذاتيون، سڄڻ لاءِ هنيانءَ جو ٺار ته دشمن تي داغ.“
”ابا، مشڪ ڪان به پليون؟“ ماڻڪ ياڻ جي ٽوڪري هاريندي چيو.
”اڙي مشڪ جهڙين کي ته ڪلي سان به نه ٻڌندا هئاسين ۽ ٻيون گور چرنديون هيون. پير سوريندو هوس ته ڪنهن مهانڊي جي سٽ ۾ اچي وجي ته ويڳ ۾ پلوڙ چنان.“
”ابا، مشڪ ۾ ڪهڙي گهٽ آ؟ ستون پيٽ ويائي آهي ته به ڪينگر تي ڍهائي.“
”تو چرئي کي ڪهڙي ڪيرن جي خبر؟ وجي ماءُ کان گلزار ۽ ملڪان جو پڇ، جي مان سانگهڙ مان آنديون هيون. ماڻهين به ٿڻ به ڪونه ڇڏائي سگهندي هئي. کير به مصريءَ جيان منو. منو منو پاءُ مکڻ ته ماڻهين کير مان اتاري ڪيندي هئي. هن مشڪ ۾ ڇا رکيو آ؟ پانڌا سو چڱا اتس جو سڄو ڏينهن بندر تي تي جل چري، باقي وڙ وجهه ۾ ٽڪو نه لهي. جي جهنگ چرڻ تي وجي ته پورن سان گَٽِ جي اوسي پاسي جون ليون پيجي. اڙي ماڻڪ! هنن مينهن جا پور نه ڏيار، دل — هول تو ٿئي. ڇا ته هنن جو وڙ هو، ڇا ته وجهه هو. هيءَ منهنجي هٿ جي چيچ پورن ۾ نه پوندي هئي. ڪونج جهڙيون ڊگهيون ڳچيون ۽ ريشم جهڙيون ڪلون!“
ماڻڪ چپڙي ڪري بينو رهيو. پيءُ کي به وڏيڪ پئي چوريائين ته ڪکر ۾ پئي ڪڙو هنيائين. پر عنايت کي جيڪي اڳلا پور پيا هئا، تن ڪيس ائين ڪئين پئي مات ڪرڻ ڏني؟ هن وري پڙڪو ڪاڙو: ”اعتبار نه اچئي ته وجي نئين ديري منهنجا پراڻا ڪنڌا ڪولاءِ. چوٽين ڏينهن ٽين گيهه جو ٿيندو هو. هينئر ته مانيءَ جو مک به پورو نٿو ٿئي. ڪو دل گهريو مزمان تو اچي ته ڳنڍڻ لاءِ مکڻ تو پنٺو پئي. ان ڏينهن سنجر ڪمالاڻيءَ منهنجا اهي وڍيا جو اها جاءِ نه پئي لڌي، جتي وجي ڦاهو ڪاوان.“
”چو ابا! ڇا چيائين؟“
”ڇا نه چيائين؟ اصل ڪتن سان گڏ ڪاراياٸين.“ عنايت ٺڏو شوڪارو پري چيو.
”نيٺ ابا، ٻڌاءِ ته سهين.“

”ڇا ٻڌايانءِ؟ ڪھڙي ڏوڙ پايان؟ تو جھڙي پٽ ڪان تہ اوندھ چڱي ھئي. يار مھڻا تہ نہ ڏين ھا.“
ماڻڪ ڪجھ نہ ڪڇيو.
عنايت ڪي وري جھڪي اچي وئي: ”ان ڏينھن تون جوئڙيءَ ڪي پيڪا گھمائڻ وٺي ويو ھئين جو سنجر ڏھاڪو ڪن مھاڻدا وٺي اچي مزمان ٿيو. مان ست بسملاھيون ڪري مزمانن جي آجيان ڪئي. ڪونرو ڪٽي مزمانن جا ھٿ پير ڌوئاريم. ساڻن حالي احوالي ٿيم. ٻيون تہ لک خذمتان ٿيون، پر ڪير جي پاڻ وٽ ٻاڙائي، سو ڪٿان پوري ڪيان؟ خير مان ويھارو ڪن ڊنگ مانين جا پچرائي، ان مشڪ جو سمورو ڪير ڪٽي وجي سندن اڳيان رکيو. پر ان ڪير تہ ھمراھن جو وات بہ آلو نہ ڪيو. اڳيان سنجر بہ اگھاڙي ترار، سو گرڙي ڪري چوڻ لڳو: ”ادا عنايت! چئبو تہ پٽھن بہ ڪونہ ٿيو!“ مان جيسين ڪو جباب ڪيان تہ ٻئي ٻروچ وارو ھنيو: ”سنجر، چاچي عنايت ڪي نہ چئہ، ماني ڪاواري نہ ڪاواري، پر محبت جون تہ لانديون اٿس.“ پر سنجر اجا نہ مڙيو، رھندو ٿوڪ ڪيائين: ”اھڙين محبت جي لانڍين ڪي باہ ڏئي ساڙيو ادي عنايت ڪي ڪير جي گھٽتائي ھئي تہ پراڻيءَ سنگت ڪي تہ آزمائي ھا. سنگت ڪان ھڪ ٽڪ پني ھا تہ ٽلو ڪري اچي ھا. ڪر قاتوڙي لاءِ ڪير جباب ڏئيس ھا.“
”پر ابا، تو بہ ڪمال ڪيو. پياريءَ جو ڪير ڇو نہ ڪٽي وئين؟“
”پياري بہ ڪانگھاري، ان ۾ وري ڪھڙا گھڙا ڪير جا ھئا؟ ان ڪير ۾ ماٺھين سيبتيءَ وري سباڻ ملائي ڇڏيو ھو.“
”ٻروچ ڇڏيو بہ ماري. پوءِ تو ڪھڙو جواب ڏنس؟“
”مان تہ پنھنجو اگھاڙو پيٽ ڍڪڻ لاءِ گھٽيون اوپاريو لھواريون ڳالھيون ڪيون. چيومانس تہ ٻيون مينھون انين پھر آھن، پر اڳيئن سنجر بہ شير شاہ جو پيريون وڃايو وينو ھو، سو ھن اھي گوھيون ڪتي پئي ڪرڻ ڏنيو. مرڪي چيائين: ”ادا عنايت، سنجھا مھل اھڙا ڪوڙ نہ ڳالھاءِ. تو وٽ جيڪي سانيرن سان گھنجان ٿيون ڇڙن، سي بہ ڪونہ لڪنديون. ٽِڪي مڇ، نہ تہ ھن مئل ڪي واڙو ڏسي خوار خراب ڪندوسان!“
”ائين تہ جود ۾ مان بہ وٽ ڪونہ ڏنو. ڪيس ٻڌايم تہ سرءُ ۾ ڏھاڪو ڪن آلوڙيون پري پيون، پوءِ پاڻ پڙھايم. تڏھن ڪو خير ٿيو.“
”ابا، اھا تہ وائي نہ ڪدين ھا. ڪا مھل ڪھڙي ڪا ڪھڙي.“ ماڻڪ ڪي ڪيسڪات اچي ويو.

”نہ تہ ڳامون سچار ٻڇجي پتا پڌرا ڪيان ها تہ ماڻڪ جي نياڳ اچي چوٽي ڪئي آ؟“
عنايت خار مان چيو.
”پوءِ سنجر ويسهہ ڪيو يا......“
”هون، سنجر تو اهڙين ڳالهين تي ويسهہ ڪري. چيائين: ”ادا عنايت! اهڙي بيماري تہ اسان ڪانہ ٻڌي!“
مان ڪٽي چپ ڪئي تہ هن وري بادشاه پير جو پلو ڏئي پڇيو: ”گهٽيون ٽڪون تي ڪل هو؟ بادشاه پير جي قسم ڪان پوءِ مان بہ ڪوڙ نہ ڳالهايو. نندي وڏي ڳٽي اٺ ڪن ٻڌايم.“
”چاچي جون پنج بہ چو نہ پئي ڳڻايئي؟“
”انهن ۾ اسان جي ربيع يا خريف؟“
”ڏڪ تہ ڏکجي وجي ها.“
”جهڙيون اٺ، تهڙيون تيرهن. سنجر تہ منهنجيون سٺ سٺِ مينهون چڙندي ڏنيون.“
”پوءِ؟“
”پوءِ چا، بس ڪلن جا ڪوڪرا هئا. سنجر وري مون ڪي قسم ڏنو ۽ پڇيائين تہ اهي ٽڪون اڳليون، يا پٺيين بہ ڳڏيون؟ مان ٻڌايومانس تہ سڀ اڳليون، ابي اجا خير سان پهرين مراد بہ ڪانہ آندي آ. سيني جا تاڪ لڳي ويا. گهٽيءَ گهٽيءَ دير ڪان پوءِ سنجر مون ڪي هوريان چيو: ”ادا عنايت! پوءِ مچ ني تہ پٺهن ڪونہ ٿيو.“
ماڻڪ ڪي باه وني وئي. هن پيءُ ڪان پڇيو: ”ابا! تون مون ڪي ڪهڙي ڏينهن موڪل ڏني جو مان نہ ويس؟“
”ابا، ٽنگ پڳي ڪان ويل نہ ويندي، پر تون هئين اصل ڪان دل پڳوڙو، سو تون ڪهڙا لالڻ ڪرين ها. پهريان ماڻهين ڪاري خراب ڪيئي جو پنهنجي گوڏي ڪان توکي پري نہ ڪيائين. وري پر پرٽايومانءِ تہ جوءِ جي ڪچ نہ ڇڏيئي. ڪڏهن تو پيڪا گهمائينس تہ ڪڏهن تو ناناٽا گهمائينس. ٻڌي – چوڙي دل ڪندي آهي، تو ۾ اهي دليون ڪتي!“
”ها ابا، تو ۾ سو دلين جا پانور آهن. تون بہ وجي پرايو ٽڪان ٻڌيون. ڪن تو ڪي واهران پليون يا مقابلا ڪيا.“ ماڻڪ پيءُ ڪي مهائين هنئي.
عنايت پٽ جو اهو مهڻو ٻڌي صفا ليڪو لنگهي ويو. سٽ ڏئي پنهنجو پٽڪو لاهي، مٿي وارو چٽل نشان پٽ ڪي ڏيکاريندي چيائين: ”هي مٿي وارو چير ڪهاڙي آ يا ماڻهين جو ........ آهي؟“
”الائي، توکي خبر؟“

”ٻاڙي شهرن جو ٿو مهٽو ڏئي! اسان مڙس ماڻهو هئاسين، ڪن ٿو وانگر سڄو ڏينهن پئي رنن سان لاڏ ڪياسين.“
”ابا، ڪهڙا ٿو لاڏ ڪيان؟“ ماڻڪ هيناهين ورتي.
”ٻاڙيا، اهي لاڏ ناهن ته ٻيو ڇاهن؟ اسان به زالون پرڻيون ۽ ڪمايون. رات جو سو ساڻن ڪلي ڳالهايوسيون، پر ڪم لٿي ڪان پوءِ ڪلي جو زيپٽ هوندو هو. ڪن ٿو وانگر سڄو ڏينهن ٿه ٿه!“
”پوءِ ابا، پرڻايئي ڇو؟ زور ته ڪونه ڪيو هومانءِ.“
”پرڻايومانءِ ان ڪري ته اتر – اوير ويندي پراوا ننگ نه تڪين ۽ نڪ ڪي مر نه لائين. جنهن مهاندي پراوا ننگ تڪيا، تنهن جو به ڪم لٿو. جي اڳلا مڙس ماڻهو هوندا ته پل نه مڙندس، سر نيندس. پر جي اصل پانن جا پڙوا هوندا ته وري سمورو وٽج واپار پنهنجي گهر ٻڌي، پنهنجا گهر پريندا. ڪاٽڪوءَ جو ٻنهي ڳالهن ۾ سر ويو ۽ ماڻس پئي اباڻين مينهن مان ليڪا لاهيندي ۽ پرٽا پريندي.“
ماڻڪ ڪان ڪو جواب نه پڳو. ڪن چپا ڪري ٻيهي رهيو.
عنايت لوه کي گرم ڏسي، وري ٺاڙي ڏڪ هنيو: ”اڙي ماڻڪ! ڏاهو ٿي، ٻيلي! هن اڇيءَ ڏاڙهيءَ ۾ يار نه ڪلاءِ. طيهان پنهنجي وهي ته ڏس.“
”پوءِ ابا، مان وڃان ته ڪيڏانهن وڃان؟“
”ابا، ملڪ مولا جو ڪٿو آ، مان سڀ ڪنهن جا هٿ ڏوئاريا آهن، هر ڪو مون کي سڃاڻي. جنهن به مهاندي وٽ لنگهي ويندين ته جيءَ ۾ جايون ڏيندءِ، هٿ ڏس ڪندءِ، اوکيءَ ۾ اڳتي ٽپائيندءِ، پلا اوير ويندين يا هيٺ؟“
”ويندس ته اوير.“
”پوءِ اوير ۾ چاچهن سنجر اٿئي. ٺورو اڳتي پهلوان، وري لعل ڪروس ۽ گاڃيءَ رند وارا. سڀ منهنجا دلي يار اٿئي. انهن وٽ لڪي سندس هٿ ڏس سان سٽ هٽي ايندين ته لڪ به ٽيندءِ.“
ماڻڪ کي گهڙيون سوچ ۾ پئجي ويو. سوچي سوچي، پيءُ ڪان پڇيائين: ”ابا! ڳالهه ته ٻڌاءِ، سنجر ۽ لعل وارا پاڻ ۾ وڙهيل يا نهيل؟“
”اصل ٺارون ٺار آهن، پر تنهن ۾ اسان جو ڇا؟ منهنجون ٻنهي سان وکون ڪنيل آهن ۽ هنن به پويون پير ڪڍهن به نه ڏنو آهي. سنجر وٽ وڃين ته اها ئي هتي ملڻ واري نشاني ڏجانس. باقي لعل وٽ وڃين ته ڪيس منهنجي نشاني ڏجانءِ ته ٽيون مهينو ٿيو جو مان درياهه تي مينهون پئي چاريون، پاڻ سانداريءَ تي لڙهيو پئي ويو، پري ڪان

هڪ ٻئي کي ڪيڪاريوسون، ڪيس وڪيلي جي صلاح ڪئي هيم، پاڻ چيو هئائين ته:
”پلؤ ڪري ٿو موٽان، ڪچو آهيان، تو جهڙي دلگهرئي يار وٽ ڏينهن ڏني جو ويلو نه ڪبو، متان ڪو بار پئجي وڃئي.“ اها نشاني ڏئي چيجانس ته پهرينءَ مراد لاءِ پٽ ٿو موڪليان، سندس پارت هجئي. ڪيس اهو به چيجانءِ ته ورهين جو سنگتي آهين، ايڏي ٻاجهه تي ڪانگهاري نه ڪر، پيو منهن ته ڏيکار.“
”چڱو ته ڀلا دعا ڪجانءِ.“
”الله جي دعا هوندءِ هاڻي تي.....“
”ٻيو نه ته وري، جهڙو اڄ وڃڻو تهڙو سڀاڻ وڃڻو. تو به پوءِ لاءِ چا چڏيو آ.“ ماڻڪ مشڪندي پيءُ کي چيو.
”ابا، اهڙي ڪٿي ڪل ته تنهنجي ناناڻن مان ڪنهن جي ڪانهي. انهن ته سڄي عمر هرڙو ڪاهي تڪ تينڻ جي پٺي ڊڳڙي ڪاڏي آهي.“ عنايت به ڀوڳ ۾ ڀوڳ ڪيو ۽ سابهان جي سابهان.
”مٽ ته تنهنجي جي پيدائش آهيان.“
”بيشڪ، پر ناناڻي رڳ به اٿئي.“
”اها رڳ اڄ ماري چڏييءِ.“
”پڪ؟“
”پوءِ الله توهار، هيڏي آءُ ته ڀاڪر پايانءِ.“
پيءُ پٽ ڀاڪر پائي موڪلائڻ لڳا ته پريان گهر جي اڱڻ تان جو ماڻڪ ماءُ ٻنهي کي موڪلائيندي ڏٺو، سو هلندي هلندي اچي پهتي. پٽ کي سنبريل ڏسي پڇيائين:
”ڪاڏي ٿو وڃين، ابا؟“
”رن، تنهن ۾ تنهنجو چا؟“ عنايت ڪيس چڙٻي ڏني.
ماڻڪ ماءُ سڄي عمر اهي دڙڪا سنا هئا ۽ اهي ڪمائي وئي هئي. مڙس جي دڙڪي جي پرواه نه ڪيندي، هن وري پٽ کان پڇيو: ”هان ابا، ڪاڏي ٿو موڪلئي پٺهين؟“
ماڻڪ ويچار ۾ پئجي ويو ته ماءُ کي چا ٻڌائي؟ ته وري به عنايت وارو هنيو:
”موڪليانس ٿو تنهنجي پيڪين ته ڪا نندي نيتي ڪٽي اچي!“
”منهنجن پيڪن ۾ اهڙيون وانديون ڪينهن، پنهنجي ڏاڏنگ ۾ ڏس ته ڪوڙ جڙي وهڙيءَ جيان چال تيون ڏينئي.“ ماڻڪ ماءُ به سور نه سنو.
ماڻڪ به ڏٺو ته هينئر ڳالهه دنگ ڪندي ويندي ته هن به ماءُ کي رهڙ ڏني: ”ڪوڳ، واٽ نه هڻ، موٽ پوئتي، ڏيانءِ ته مگز واري لٺ.“

ماڻڪ ماءُ سڄي عمر مڙس جا ڏڙڪا سنا هئا ۽ پادر ڪاڏا هئا، پر سندس پٽ ساماڻي ڪان پوءِ ٻه ڪڏهن اگهاڙي وات نه ڳالهايو هو. مڙسهنس ڪيس ڪڏهن تڪ چنبا هڻندو هو ته ماڻڪ ٻه پنهنجيءَ ماءُ جي گوڏي ۾ لڪي پيو ماءُ ڪي پرچائيندو هو. هينئر ان ساڳئي پٽ ڪي پيءُ سان شامل ڏسي لٽ اولاريندو ڏنائين ته ماڻڪ ماءُ ڪي اکين ۾ ڳوڙها اچي ويا. ميسٽون منهن ڪري، گهر ڏانهن موٽي. عنايت جي ٻه پٽ جي ان وراڻ تي ڏاڍي دل سرهي ٿي. هن جو منهن ٻهه – ٻهه ڪرڻ لڳو. وڏي پيار سان مٿس گهور گهور ٿيندي چيائين: "ابا ماڻڪ، الله ڪي پرتين. پر ٻيلي، مڙسيءَ سان، پختائيءَ سان! پهرين مراد اٿئي، متان بسم الله ئي برغلط ڪرين."

انين ڏينهن اسر اسر هو جو واڙي ۾ ستل عنايت پنهنجي لوڙهي ٻاهران مينهن جي ڪٽڪ ٻڌي ۽ ان سان گڏ هن مڙس جي پيرن جو ٻه دٻڪو ٻڌو. هن ڪي رسو ڦٽي ڪئي ڪي ورهيه ٿيا هئا، ان ڪرت جون واتون موٽون سندس هيانءَ تي منهن جي داغن وانگر اڪريل هيون. ٻئي ڪنهن اوپري ڪاتڪوءَ جي سندس پڙ پرسان لنگهڻ يا سندس پڙ تي الي اچلڻ جي اها مهل ڪانه هئي جو هٿ هٿ ڪي پئي ڏنو. هن ڪي پڪ پئجي ويو ته اهو دٻڪي وارو مڙس ماڻڪ هو. عنايت ان سوچ ۾ هو جو ٻاهران ڳليءَ جا ڊنگهر لهڻ لڳا ۽ ماڻڪ ماهيو ڍور ڪاهي اچي اندر واڙي ۾ بندر سان ٻڌو.

"آئين، ابا!" عنايت ڪانئس پڇيو. اها ڪيس ڪيڪر ٻه هئي ته شابس ٻه هئي.

"آيس ابا!"

"خير سان."

"ٻيلي بک لڳي هجئي ته تنهنجي لاءِ ماني سانپيو وينو آن."

"ڳيو ڪائبو، پر ابا مينهن ڪي ڪو ڳاه چنبو وجهان."

"ٻيلي، ڳاه مهانگو آ، پهرين سوجهرو ڪر ته مينهن ڏسان ته ڳاه سڄايو ٿو ڪرين يا اجايو."

"ماڻڪ ڪنڌي مان ڪک ۽ چوچا ڪڍي، ارانبي ٻاري، مينهن پرسان جهلي. عنايت اٿي مينهن جا آڳا پيچا. وڙ وجهه ڏنو. پنيءَ تي هٿ گهمائي ملائيءَ جهڙي ڪل ڏني. وري ارانبي هيٺ ڪري مينهن جو اوه ڏنو، جتي ٻه وڏو مٽ تنگيل هو."

"ٻتر گهنج آ، سڱ لڏنس ٿا."

"ها ابا، لڏنس ٿا." وري ٻه ماڻڪ پيءُ ڪي مينهن جا ٻئي ننيڙا سڱ لوڏي ڏيکاريا.

"ابا، مبارڪ هجئي. دل جا سڀ سور لاهي ڇڏيئي." عنايت ڪي مينهن دل ۾ ڪپي وئي هئي.

”خير مبارڪ، توکي بہ مبارڪ هجي.“
”هتي حلالي آ؟“
”آهي تہ پري جي. پر ابا، تنهنجي آ ياري ڏکھي، هتي ڪانہ بيهاربي.“
”چڱو ٿيو، اهو مال جو مرڪ آهي. هن مينهن تي ٿي مينهون چوندان تہ واہ جون ملنديون.“
”ابا، متان نہ مڃين! تو بہ راوي چناہ جون مينهون آنديون هيون، هيءَ بہ ڪا سوڪڙي اٿئي.“
”بيشڪ ملوڪ آ.“
”گھر – ڏٽين ڪي بہ اهڙي پياري هئي جو جهنگ نہ چڙندي هئي. سڄو ڏينهن ڪلي تي پئي راتب ڪائيندي هئي ۽ رات جو ڪٽ جي پائي سان ٻڌل هوندي هئي.
”آهي بہ گھر ۾ ٻڌڻ جهڙي. ڪلي تان چوڙيئي؟“
”هئو، ابا.“
”مڙسي ڪئي اٿئي. پر ٻيلي، پيرن جو ڌٻڪو مار. منهنجي اک تنهنجي ڌٻڪي تي ئي ڪلي.“
”لوڙهي جي ٻاهران بوٽ چنڊيو هوم، اهو ڌٻڪو ٻڌو هونديءَ.“
”ڀلا، وئين خير سان، لڪ ۾؟“
”اصل لڪ ۾. رات جو پنڌ ڪيم، ڏينهن جو ٿم ۾.“
”ڀلا، واٽ تي پير وڃايئي يا رندوٺيو آئين؟“
”ٻن – ٽن جاين تي اهڙيون ٻُلٽيون ڏنيون اٿم جو پاڳيا پاڻ انصاف ڪندا.“
”ٻيلي، اوير جا پاڳيا بہ پنهنجي نالي سان اٿئي. وسئون ڪونہ گھتائيندا. تون بہ ماڻهو ماري آيو آهين!“
”هائو ابا، هن مينهن جو سور سڄي عمر پيو نند ۾ چرڪ پرائيندن.“
”چڱو ٿين. اسان جا بہ گھڻ ڪير ڪارايا. تون ننڍڙو هئين جو چور منهنجي هير مينهن ڪڍي ويا. آهوڙون ڏنم، گھڻ ورتم، پر ڪانہ لڌي. ٻارهين مهيني منهنجي ڪنهن يار چڱائي ڪئي. چورن وڏن حيلن سان مينهن مڃي. ساڳي ڪانہ ڏنائون، بہ ويڳيون ڇنائون. مينهن پرجي ملي، پر هير جو سور اڄ بہ ڪونہ ٿو وسريم. مينهون امڙيون آهن، ابا!“
”هائو ابا، سور ڪيئن نہ ٿيندو.“
”ابا، مينهن جو پاڳيو ڪير آ؟“

”ابا، اهي ڳالهيون پڇيبيون آهن؟“ ماڻڪ پيءُ کي ميار ڏني.
”پيءُ پٽ جو ڪھڙو ليکو؟“
”هن ڳالھ ۾ ليکو آ. هيءَ پھرين مراد آ، جو توکي ڏيکاريم. اڳتي اهڙو تهڙو ڍور توکي نہ ڏيکاربو.“
”ابا، تون سچ ٿو چئين. پر دل گهريو تہ جيڪر ان ذوقين جو نالو ٻڌان، جنهن ههڙيءَ مينهن کي پئي پاليو.“
”هاٽي تہ اهو ذوقين تون آن، تو وٽ جو بيني آ.“ ماڻڪ ٽٽائي ويو.
”ابا، ياڳيو نٿو ٻڌائين تہ طرف ٻڌاءِ.“
”طرف اوير.“
”اوير ۾ تہ وڏو ملڪ اچي ويو. پير جي ڪيٽي بہ اوير تہ فيضل بہ، ٻندو بہ اوير، ڳڙهي بہ اوير تہ رستم بہ اوير، اوير ۾ ڪهڙي جوءِ، ڪھڙو ڳوٺ؟“
”بس ابا، اوير!“ ماڻڪ ڪلندي چيو.
عنايت پٽ جي رخ مان سهي ڪري ويو تہ هن کي ڪابہ جز ڪانہ ڏيندو. حقيقت ۾ تہ ڪيس پٽ جي اها پڪائي دل ئي دل ۾ ڏاڍي وڻي، جنهن پنهنجي پيءُ کي انت نہ ڏنو، سو پرائي پيءُ کي ڪھڙي سلڪ ٻڌرائيندو. هو بہ چپ ٿي ويو.
ماڻڪ ڪر موڙي اٿيو ۽ چيائين: ”ابا، مينهن ٻُکي آ. ان کي گاه چنبو وجهان تہ پوءِ تا وري ڳالهايون.“
”نہ، تون گاه وجهي وڃي اهل. سڄي رات پنڌ هنيو اٿئي. وري سيان رات بہ مينهن کي اڳتي ڏڪيندين نہ.“
ٻپهري ٻپهري هئي، ماڻڪ سڄيءَ رات جي اوجاڳي جو ستيل، الوٽ ننڊ ۾ پيو هو جو عنايت ننڊ پئي کي ٻئي ٻجا گهروڙي اچي ٻوٽ ۾ ڏنا. ماڻڪ چرڪ پري اٿيو ۽ پڇڻ لڳو: ”ڇو ابا ڇو؟“
”لخ لعنت تنهنجي جمندي گهڙيءَ تي! هو ڏاڏا اوطاق ۾ وينا اٿئي.“
ماڻڪ سن ۾ پئجي ويو ۽ ڪجھ نہ ڪڇيو. عنايت وري نہ هم ڪئي نہ تم، ٻئي تريون مٿيءَ هاٽي پٽ تان پري، زور سان سندس ٻوٽ ۾ نڪاءُ ڪيون ۽ ڪيس چوڻ لڳو: ”اڙي، ان چوريءَ ڪئون ٻڌين ها تہ ههڙو خوار خراب نہ ٿئين ها. اڙي، توکي ان سڄي اوير ۾ مينهن بہ لڌي تہ سنجر جي! سنجر منهنجو يار، يائن جهڙو ياءُ!“

ماڻڪ سهي ڪري ويو تہ ڳالهہ ۾ ڪو لڪ نہ رهيو هو. هن پيءُ کان هيسجڻ بدران، سنجر کي ٻئي گاريون سرڙي ڪڍيون ۽ چوڻ لڳو: ”سنجر کهڙيءَ رن جو پٽ جو هتي ٿڳ ڪري اچي اسان تي چٽرون ڪري!“

”اڙي لوندا، هن تہ اهي حجتان پئي ڪيون.“

”هون، اهڙيون حجتان جو سندس اتو تا ڪائون! ابا، هونئن تون منهنجو سائين آ، ڪعبو قبلو آن، پر جي هن مينهن جي هائو ڪندين تہ لٺ ڪٽي هڪ لونڊڙيءَ واري ڏيندوسانءِ.“ ماڻڪ سچي پچي ٽانگهہ مان لٺ ڪڍي هٿ ۾ ڪئي.

عنايت پٽ جون اهي اکيون ڏسي دهلجي ويو. اهڙيون اکيون هن کي اڳ خدا نہ ڏيکاريون هيون. هن وارو اڳيون ماڻڪ، جيڪو هن جا موچڙا کائي چپ چاپ سهي ويندو هو، سو الائي کهڙيءَ جوءِ ۾ گم ٿي ويو هو. ان جي بجاءِ هينئر وري ٻيو ماڻڪ ساماڻيو هو، جيڪو هڪ اڙٻنگ جوان هو، جنهن کي سندس ڪا شناس ڪانہ رهي هئي. عنايت پٽ جي ڳاڙهين، ٽانداٽن جهڙين اکين ۾ نهاريو. اتي بہ ڪيس ڪا ديد نظر ڪانہ آئي. هن سياٽپ ڪري هيناهين ورتي: ”اڙي، مان تنهنجي چڱائيءَ ۾ آهيان. ٻروچ چوڏاري ڪڙو هنيو وينا آهن، اها مينهن ڦٻائي سگهندين؟“

”تنهن ۾ تنهنجو چا؟ مان پهرين مراد کانہ باسيندس.“

عنايت پنهنجي سر بہ پراڻو ڪاٽڪو هو ۽ ڪيس ڪاٽڪاٽي جي جملي اصولن جي تير پتير خبر هئي. هن کان اها ڳالهہ بہ لڪل ڪانہ هئي تہ پهرين مراد باسڻ سونسو ٿيندو آ، جو اهو ڪاٽڪو سچي عمر اگهاڙو ٿي پوندو آهي ۽ ڪيس يا عمر پرائي شي نہ ڦٻندي آهي. پر ماڻڪ کي بہ پاڻ ڪٽيءَ ڪنيو هو جو پهرين مراد ۾ ئي واڳن سان وچڙيو هو ۽ هن پنهنجي بسم الله پاڻ برغلط ڪئي هئي. عنايت لاءِ هينئر ٻئي ڳالهيون ڳوريون هيون. هن سوچي سوچي پٽ کي چيو: ”اڙي، پوءِ منهن بہ پاڻ ڏي. هتي چو پوتي پائي سمهيو پيو آن!“

”ها ها، مان پاڻ ٿو وڃان، تون چٽل آن.“

”ماڻڪ منهن تي بہ ٽي پاڻيءَ جا چندا هڻي، بہ – پٽائين لٺ ڪڇ ۾ ڪٽي، وڏيءَ لوڏ سان هلندو وڃي ڪچهريءَ کي سلام ڏنو. سيني کي ٻٽا ٻٽا ياڪر پائي ۽ وڏي قرب سان خوش خير عافيتان ڪري، سنجر کي چيائين: ”چاچا سنجر، ٻيا تہ سڀ خير خيراني؟“

”پائيتا، خير وري کهڙا. اربيلي ڏي تہ ڪا ڳالهہ وٽي.“

”چاچا سنجر، تنهنجي مينهن ستين مڙهبين سوئر! توسان بابي جي پڳ مٽ ياري. الله اجا ديد ڏني آهي، مون ڏي ست خير اتئي.“
”ماڻڪ، اهي چاچي سان هانون نه ڪر. منهنجي مينهن تو وٽ ڪانهي ته پوءِ ٻڌي به ڪانهي. ڪيئن سنگت؟“ سنجر ڪانپ ڪدي، پنهنجيءَ واهر ڪان پڇيو.
”بيشڪ، پوءِ ٻڌي به ڪانهي.“
”چاچا سنجر، گهٽا هر ٻنيءَ ڪي ڏٻا آهن. تنهنجي مينهن جي نه جن نه ڪن، وڏيڪ جيئن تنهنجي دل نري.“
”ساک ڏيندين؟“
”ڪنهن ڪان ونندين؟“
”جنهن تي دل بيني.“
”اسين ٻئي پيءُ پٽ حاضر.“ ماڻڪ سنجر ڪي ٻانهون ٻڌي چيو.
اتي ٻين چئن مهاندن، جي سيني ڪان اڳ پيرا ٽڪي اچي پهتا هئا ۽ چوڌاري آهوڙون ڏيئي وس ڪري بينا هئا، سنجر ڪي چيو: ”سنجر، هن هوندي مينهن جي ساک نه ڏٻي. جاموٽ اڄ رڍ ٻڪريءَ تي ته پيا ساکون ڪٽن. اسان اربيليءَ جا پيرا عنايت جي پڙ ۾ آندا آهن. مينهن پڙ ڪان ٻاهر ڪانهي. جهاڙو ڏينداسون.“
”رئيس، زبان سنپال، بنا ثابتيءَ جي قرآني نه ڪر. باقي جهاڙو ونٽي اٿو ته اها به حاضر ڏيون.“
”اها واٽ، پوءِ اسين ڪجهه به نه لهٽون.“
”چاچا سنجر، پوءِ گهراءِ پاڙي جا به امين.“
”ڪهڙا گهرايون؟“
”جيڪي توکي وڻن. باقي به ڳالهيون اٿئي.“
”ڪهڙيون؟“
”پهرين ته پڙ ۾ مينهن نه لڌي ته پوءِ عزت جو پلو. ٻي ته ڪر ڪر ۾ تون ٻڌل رهندين.“
”آهي چا پڙ ۾ اهڙو ڪو ڍور؟“
”پيٽ لاءِ ڪير نتو جنگهان هٽي.“
”پائنيا، مان ٻڌل.“
”ته پوءِ پلي گهراءِ.“

سنجر ٻن ڄڻن کي اتاريو. ڪين چيائين: ”اڙي اٿو، وٺي اچو گلو ۽ پياري ڪوڪرن کي جوڙ ۾. ڪڙي وارن کي ٻه سڃاڻ ڪيون وڃو ته تر نه چرن، متان ماڻڪ ملھ ڪري مينھن نه ڪڍيو وڃي.“

ماڻڪ گھر موٽڻ سان ڪاتي لاتي ۽ ڪوڏر سان وڏو پوڻ ڪوٽڻ لڳو.

ٽپھريءَ مھل گلو ڪوڪر، پيارو ڪوڪر ۽ سنجر پاڻ، سڄو پڙ ٺڦولي بيٺا ته ڪاريءَ وارا ڪک ھئا. واڙي ۾ مشڪ جو سو ٻوٽ ٻڌيو پيو ھو، باقي سنجر واري مينھن ڄڻ ته زمين ڳھي ويئي ھئي. سنجر دل تي جھاڙو ڏئي عنايت کي ياڪر پائي، موڪلائيندي چيو: ”ادا عنايت، اربيلي مري وئي ته پرتي رب ڪي، جي جيئري ھوندي ته پاڻيھي پاڳين لھندس. توکي سو ماڻڪ ڄائي جون مبارڪان ھجن!“

# مجاور

شھر جي ماڻھن جو وفد ڊسٽرڪٽ ڪائونسلر ميان عبدالواحد جي قيادت ۾ ڊي سي صاحب سان مليو ۽ ڪيس ھر سومر تي شھر ۾ ٿيندڙ راڳ روپ جي ڪچ جي شڪايت ڪيائون. ڊي – سي صاحب وفد جي ڳالھين کي غور ۽ ھمدردي سان ٻڌو ۽ ڪائن پڇيو: ”ڪير ٿو ڪرائي اھو راڳ روپ؟“

”سائين، ھڪ موالي آھي محمد شاھ نالي، جنھن کي نہ ڪو ڪم آھي نہ ڪار، اھو ڪٽي گذران ناھيو اٿائين.“ ميان عبدالواحد کيس ٻڌايو.

”صاحب، اتي جوا جي بہ ٽڪري آھي، اتان بہ نال اڳاڙيندو آ.“ وفد جي ٻئي ساٿيءَ چيو.

”ڪيترو وقت ھلندو آ اھو ناچ گانو؟“

”ائين ڪو وقت ئي مقرر ڪونھي. جنھن وقت وڻين، تنھن وقت شروع ڪن، جنھن وقت وڻين، تنھن وقت بند ڪن.“

”گھڻو ڪري تہ اھو ڌمالو سڄي رات بہ پيو ھلندو آ.“

”ٻيو اتي ڇا ٿيندو آھي؟“ ڊي سي ڪائنئن وڌيڪ پڇا ڪئي.

”سائين، ڇا نہ ڪندا آھن. جوا اتي ھلي، ڀنگون اتي گھوٽجن، چرسن جا دوڳاڙا اتي لڳن.“

”صاحب، بس ڳالھ ڪرڻ ڪان زور آھي.“

”ويري بئڊ...... ويري بئڊ.“

”صاحب، ماڻھو حلال جون ڪمايو ٽا حرام تي وڃائن. مجاور بہ پيٽ پريون پيو پور جا مال ڪائي.“ ميان عبدالواحد، صاحب کي ٻڌايو.

”صاحب، اسان بہ ننگن وارا آھيون، پاڙي ۾ اھڙي ڪشٽ ڪيئن سھون، ننڊ آرام ڦٽل آھي.“

”فوجدار کي دانھن ڏني اٿو؟“ ڊي سي ڪائن پڇيو.

”ڪئين ڀيرا سائين، پر فوجدار کي اتان منٿليون ٿيون ملن، سو اھو روزگار ڪيئن وڃائي؟“

”ھون.“ صاحب ڀٽڪي چپ ڀڪوڙيا.

”صاحب ان راڳ مان وڏي ڪشٽ تي مڇي. شھر جا نامي گرامي شودا ٽا اچي رونشي تي مڙن ۽ پوءِ رات جو موٽندي ڪونہ ڪو ڏوھ ڪيو ٽا وڃن.“

”تازو تہ راڳ ۾ جهيڙو بہ ٿيو هو ۽ ذري گهٽ خونا ريزي ٿي هئي.“ وفد جي هڪ همراہ ڳالہ کي ٽيڪ ڏني.
”ڇو ٿيو هو اهو جهيڙو؟“
”صاحب انهن شيطاني ڪمن مان وري بي ڪهڙي سرهي ٿيندي؟“ ميان عبدالواحد ڳالهہ ڪٽيندي چيو.
”چڱو مان ان ڳالهہ کي پاڇهي تو ڏسان.“ صاحب کين دلجاءِ ڏني.
وفد اٿيو تہ ميان عبدالواحد اٿندي اٿندي بہ ڊي سي صاحب کي چيو: ”صاحب هاڻي تہ صوبائي حڪومت بہ راڳن روپن بند ڪرڻ جو حڪم ڪيو آهي، اوهان بہ مهرباني ڪجو.“
پوءِ جنهن ڏينهن ڊي سي صاحب ان راڳ روپ کي بند ڪرڻ جو حڪم ڏنو، ان ڏينهن ميان عبدالواحد ڪپڙن ۾ نہ پئي ماپيو. آرڊر جي جنسي ڪاپي پئي ايندي ويندي کي ڏيکاريائين ۽ کين چيائين: ”ميان، جي هي ڊي سي هتي آهي تہ بدعتن جون پاڙون پٽيل ڏسندؤ. پورو مسلمان آ مسلمان.“
بئي سومر تي مڪان ۾ اها بهاري ئي ڪونہ هئي. اهي ماڻهن جا ميڙ، اهي ماڻهن جا انبوہ الائي ڪاڏي گم ٿي ويا هئا. مڪان ۾ جتي هزارن ماڻهن جي رونق هوندي هئي، اتي هينئر بسائيءَ پئي واڪا ڪيا. مڪان ۾ ڪل پنج ڇهہ ڄڻا وينا هئا، جن مان ٽي چار تہ مڪان جا مجاور هئا، جي ماڻهن جي اڳ – پوءِ ۽ ٽاندو ٽوپي ڪندا هئا. پرسان بہ مجاورن پنگ پئي گهوٽي. پر انهن گهوٽڻ وارين ٻانهن ۾ اهو ست ئي ڪونہ هو. ڇڙا بہ ٿي ڏندا اونڌا پاسيرا رهڙي ڪٽي پاٽي وڌائون. وڏو مجاور محمد شاہ بہ متومني تي چاڙهيو فوڪيو وينو هو. ڪنهن آئي وئي ڪانئس ڪجهہ پڇيو پئي تہ ڪيس ڇتي ڪتي وانگر پئي ڇهڙون پاتائين. سڀ چپ ۾ هئا ۽ ڪنهن اکر ڪونہ پئي ڪڇيو. پوءِ بہ محمد شاہ پاڻ ڪليو جو ٽوڪ مان وينلن کي چيائين: ”اڙي اهڙا منبر (ميمبر) اٿو تہ ان کان بہ بدحال ٿيندؤ. اڄ محفل بند ٿي، سيان چوندو تہ مڪان ئي پٽي وجو.“
”فقير انهن خارزين مان وري بي ڪهڙي سرهي ٿيندي؟“ ٻئي مجاور چيو.
”پر انهن کي گوگائي مرچ چو تا لڳن؟ جي بدعتي آهيون تہ اسان آهيون، جي پڇاڻو ٿيندو تہ اسان کان ٿيندو.“ محمد شاہ خار مان چيو.
”مرشد، حڪم حيدر سان، انهن کان اڳ بشت ۾ هونداسين. هي اسان جي رئي بہ ڪونہ ڏسندا.“
”آمين.“ مجاورن هڪ آواز ٿي چيو.

”پر سائين ڊي سي بہ تہ ڪئي حد آ، مڪانن ۾ هميشہ محفلون ٿينديون آهن، ڪو واعظ ڪونہ ٿيندا آهن.“ هڪ مجاور وري ڳالهہ کي چوريو.
”ميان ڊي سي بہ ڪو ناٿ ملو هوندو؟“ جيسين محمد شاهہ جواب ڏي، تيسين ٻئي مجاور ڳوٺ پڳي.
”نہ يار، آهي تہ عين الپٽي.“
”پوءِ اهڙو نونڊ ڇو ڪيائين؟“
”بابا، اڄڪلهہ حڪومت جي واڳ منبرن کي آهي، جيئن تا چون، تيئن ٿو ٿئي.“
”يار، ڪيڏي نہ ورونهہ لڳي پئي هئي، چار صورتون ڏسندا هئاسين تہ زماني جا سور وسري ويندا هئا. اڄ تہ هيءَ جاءِ ڪاٺڙ ٿي اچي.“ هڪ مجاور ٽڙو شوڪارو ڀري چيو.
هن سومر تي اڄا بہ وڏي بهاري ٿئي ها. سائينءَ وسائيءَ ۾ بيگم کي بہ گهرايو هو.“
”شمشاد ۾ وري ڪا گهٽ هئي!“
”شمشاد کي ڪير گهٽ چئي، راڻو هن تي ختم آ.“
ٿورڙيءَ دير لاءِ چپ ٿي وئي. ڪين شايد شمشاد جا پور اچي ويا. ڳپل مهل ڪان پوءِ هڪ مجاور صلاح ڪيائين: ”اچو تہ يار اسان بہ ڊي سي ڏي ميل ڪري هلون.“
وڏو مجاور محمد شاهہ جو هن وقت تائين چپ ڪري وينو هو، سو اهو گفتو ٻڌي مچرجي ويو ۽ ان مجاور کي چيائين: ”مان نوڙ وٽي آيس جو تون بہ وڃي وٺيندين.“
”سائين، تون ڊي سي ڏي ويو هئين ڇا؟“
”ها ميان، ويو هوس.“
”ٻڌايئي بہ ڪونہ!“
”ڪهڙي تار ڪشي ٻڌايائين، جو ڍاڙ هڻان.“
”نيٺ ڇا چيائين؟“
”پورو ٻڌائين بہ ڪونہ، ائين ئي نشائي ڇڏيائين.“
”پر سائين، تون بہ تہ مڙڻ جو ناهين، تو بہ تہ ڳالهايو هوندو.“
”مان تہ گهڻا ئي دام وڌا، پر جواب اهو ڏنائين تہ: ”ينگون تا پيو، جوا تا ڪيڏو، اجازت ڪونہ ملندي.“
”پوءِ سائين ڇا چيوسين؟“
”هڪ دل تہ فقير چيو تہ تسريون ٻڌايانس ۽ چوانس تہ صاحب شراب مان چڪو ڏيندو ڪر، ينگ نہ پيئنداسين، رمي جي موڪل ڏي تہ گهوڙي نہ ڪيڏنداسين، پر ٻيءَ دل چيو تہ ڇڏ محمد شاهہ.“

”يار، سيد جو بہ مان نہ ڪيائين!“ ھڪ مجاور عجب مان چيو.
”هون ميان، هو ٺڪي سسي لٽائڻ وارو آهي.“
”پوءِ يار، هي ميخانو ائين ويران ٿي ويندو.“
ان گفتي تي سيني جا ڪنڌ ڍرڪي پيا. هرڪو ڏک ۾ پئجي ويو. ڪنهن بہ ڪونہ ڪڇيو. ڪنهن هائو بہ نہ ڪئي، تہ ڪنهن نهنڪر بہ ڪونہ ڪئي. اتي هڪ مجاور بُت چنبڙي اٿيو ۽ زور سان چوڻ لڳو: ”علي علي بول، غم نہ هونءِ ڪول.“
ان صدا سيني مجاورن کي آٽت ڏيئي ڇڏيو. سندن دلين مان بيچيني دور ٿي وئي. سيني گڏجي وٺي هڪ دنبهو هنيو. پوءِ ڏنبا ڪوندا ساوا ٿيا ۽ وري گهرڙ گهوٽ شروع ٿي وئي.
ڊسٽرڪٽ ڪائونسل جي هڪ هنگامي ميٽنگ ۾ جڏهن ڊي سي صاحب شهر ۾ ترقي وٺائڻ جي خيال سان اها رٿ پيش ڪئي تہ هر سال هن شهر ۾ جشن ملهايو وڃي، تڏهن ميمبرن کان تہ بي اختيار واه واه نڪري وئي. گهڻن ميمبرن تہ اتي صاحب جي بيدار مغز جي تعريف ڪئي ۽ شهر جي ترقي لاءِ سندس اني جو شڪريو ادا ڪيو. اها رٿ بحال ٿي وئي.
ان کان پوءِ اي – ڊي – ايم اتي اها رٿ پيش ڪئي تہ ڊي سي جي زير نظر جشن ڪاميٽي ناهي وڃي، جا جشن جو سمورو انتظام ڪري ۽ جمع خرچ جو حساب ڪتاب رکي.
”بحال.... بحال.“ ميمبرن اها رٿ بہ بحال ڪئي.
ان کان پوءِ ڊپٽي ڪليڪٽر اتي رٿ پيش ڪئي تہ ان جشن لاءِ شهر ۾ هڪ وڏو ميدان مقرر ڪجي ۽ ان ۾ پڪي طرح اسٽال ۽ هال نهرايا وڃن. ان رٿ تي اهو فيصلو ڪيو ويو تہ ڊپٽي ڪليڪٽر مختلف پٽ ڏسي، هڪ سائيٽ مقرر ڪري.
ان کان پوءِ هڪ غير سرڪاري ميمبر رئيس الاهي بخش خان اها رٿ پيش ڪئي تہ ان جشن جو نالو هر دلعزيز ڊي سي جي اسم مبارڪ پنيان مقرر ڪيو وڃي. ميمبرن تہ يڪراءِ اها رٿ بحال ڪئي، پر ڊي سي ميمبرن کي گذارش ڪئي تہ هيءُ هڪ عوامي جشن آهي ۽ ان جو نالو انتظامي خواه اخلاقي طور سندس نالي پنيان مقرر ڪرڻ مناسب نہ آهي. هن رٿ پيش ڪئي تہ جيئن تہ اهو جشن بهار ۾ ٽيڻو آهي، ان ڪري ان جو نالو ”جشن بهاران“ رکيو وڃي. گهڻا ميمبر تہ ان مسئلي کي ووٽنگ ذريعي حل ڪرڻ لاءِ آتا هئا، پر ڊي سي جي چوڻ موجب ڪين اها ڳالهہ قبول ڪرڻي پئجي وئي ۽ ان جشن جو نالو ”جشن بهاران“ مقرر ٿي ويو.

ان ڪان پوءِ اڏاوتن تي خرچ ٽينڊر رقمن لاءِ سوچ ويچار ڪيو ويو ۽ في الحال ان ڪم کي شروع ڪرڻ لاءِ ڊسٽرڪٽ ڪائونسل فنڊ مان هڪ لک روپيا منظور ڪيا ويا.

اٽندي اٿندي، ڊي سي پنهنجي اي ڊي ايم کي چيو: ”قريشي، جشن بهاران ڪاميٽي جي لسٽ ناهي، مون کان اپروو ڪرائجانءِ.“

”يس سر.“

”ان ڪاميٽي ۾ جملي ڏه ميمبر هجن ۽ ان مان گهٽ ۾ گهٽ پنج ڄڻا عوامي نمائندا هجن.“

”رائيٽ سر.“

اوچتو ڊي سي کي هڪ ڳالهه ٻي به ياد آئي جو کيس چيائين: ”ون ٿنگ مور قريشي، توکي ان جشن لاءِ ٽڪيٽون به ڇپرائڻيون پونديون، جي مختيارڪارن ۽ ميمبرن کي هلائڻ لاءِ ڏينداسون.“

”يس سر، آئي ول ڊو اٽ.“

ڊي سي صاحب وڃي چيمبر ۾ وينو ته ٻيا ميمبر به اٿيا ۽ هال ڪان ٻاهر نڪتا. ڊسٽرڪٽ ڪائونسلر ميان عبدالواحد به وڃي ڊپٽي ڪليڪٽر جو پاسو ورتو ۽ کيس چيائين: ”صاحب هڪ سائيٽ منهنجي نظر ۾ به اٿو.“

”ڏسندؤ ته مقرر ئي اها ڪندؤ، شهر جو شهر ۾، ميدان به ڪشادو.“

”گهرجي به اهڙي.“

”پر صاحب مون کي به نه وسارجو ۽ جشن ڪاميٽي تي منهنجي به سفارش ڪجو.“ ميان عبدالواحد وارو هٽي ڇڏيو.

پوءِ هر ڪنهن ڏٺو ته محمد شاه جي ميخاني ۽ ان جي پر ۾ پيل سرڪاري پلاٽ کي بلڊوزرن سان سڌو ڪيو ويو. ان ميدان جي چوڌاري سهڻي پٽ نڪتي، ان پٽ جي اندر بازار نموني ڇئن پنجن قطارن ۾ اسٽال نهيا ۽ وچ ۾ هڪ وڏو شاهي هال نهيو. اڏاوتون تي ويون ته جشن ڪاميٽي تاريخ جو اعلان ڪيو ويو. الائي ڪاٿؤن ڪاٿؤن جون خلقون مڙي آيون. اسٽالن ۾ مال پيا ۽ ٻاهرين رونق لاءِ پٽين ۽ دوڪانن کي لائيٽون لڳيون. شهر جي شوقين ماڻهن کي به هڪ مشغلو ملي ويو ۽ هرڪو سانجهيءَ ٽاڻي ٽڪيٽ، ٻتين ۽ لائيٽن جي جهرمر ڏسڻ لاءِ اتي اچڻ لڳا. اتي هرڪا ورونهه هئي. چانهه جا هوٽل هئا، شئن جا دڪان هئا ۽ پان ٻيڙيءَ جون پڙيون هيون. راند جي شوقينن لاءِ به سرڪسون هيون ۽ ڪارنيوال هئا. ان ڪان سواءِ مختلف

رانديون هيون. تنبولا هو ته گولو به هو، جتي هرڻ، هاٿي ۽ گهوڙي تي رپيو رکي پئي اٽ ڪمايا.

پوءِ وري ڪلچرل شو جون تياريون ٿي ويو. عوام ۾ ٽڪيٽون وڪامڻ لڳيون. سڀ ڪان وڏي ٽڪيٽ پنجاه هئي. ان کان پوءِ پنجويهه هئي ۽ آخر ۾ غريب غربي لاءِ رعايت طور پنج روپيا هئي. شهر ۾ چؤ طرف ان شو جا پڙها اچڻ لڳا ۽ هر هنڌ ان جي چؤپچو ٿيڻ لڳي. عام ماڻهن اهڙو ڳورو نالو اڳ ڪونه ٻڌو هو، سو هڪ ٻئي کان پڇڻ لڳا.

”ميان اهو ڪلچرل شو آهي ڇا؟“

”ڪلچرل شو معنيٰ ثقافتي شو.“

”اها وري ثقافت ڇا آهي؟“

”پاڻ کي خبر ڪونهي، مڙئي ڪا چڱي ڳالهه هوندي.“

”ها هوندي ضرور چڱي ڳالهه، تڏهن پڙها ڏنا اٿن؟“

”ميان هن ڊي سي ته وڻ وجائي ڇڏيا آهن.“

”ها يار، ههڙو ڊي سي ته تاعمر هت هجي.“

”ڏسو نه شهر کي ڪيڏي نه ٺاٺائي ونائي اٿائين.“

ان ڪلچرل شو واري ڏينهن ته ماڻهن جا ميلا مچي ويا. سڄو پنڊال پرجي ويو، ته به ماڻهن جي پيهه پيهان هئي. عام ماڻهن لاءِ ڪرسيون ئي ڪونه بچيون. انهن ڪرسين تي ڪامورا لاٿين ويٺي هئي. عام ماڻهو به پوئتي ڪونه موٽيا. پر اپين پير بيٺا رهيا ۽ هر ڪنهن جون نظرون اسٽيج ڏانهن هيون، جنهن کي وڏو ريشمي پردو لڳل هو.

ڪرسين کان گهٽو گهٽو پوئتي بيٺل ماڻهن مان مڪان جي اڳوٽي مجاور محمد شاه، شمشاد کي ڳائيندو ڏسي زور سان ٺهڪ ڏنو ۽ پرسان بيٺل ٻئي مجاور کي نونٽ هٽي چيائين: ”فقير، ڏسين ٿو رنگيءَ جا رنگ!“

”ها مرشد، ساڳي شمشاد، ساڳيو ڪلام..... پر اسان کهڙي غناهي ڪئي هئي؟“

”ميان پينو پينو کي نه سهندو، مجاور مجاور کي ڪونه. هل ته هلي ڪا ٻي ڪار ڪريون.“

# آتت

سارين جي منظوري وٺڻ لاءِ، چوڏهن ڪلاڪن جي ڏکي مسافري ڪاٽي، جنهن وقت رئيس لاهور پهتو ته ان وقت شهر جون روشنيون ٻري ويون هيون ۽ چوڏس چانڊاڻ لڳي پئي هئي. مال روڊ تي ته اجا وڏيڪ بهاري هئي. اتي وري روشنين پاڻ ۾ اڪ ٻوٽ راند پئي ڪئي. رئيس اهو نظارو ڏسي پوئين سيٽ تي ويٺل ڪمدار کان پڇيو: ”ڪمدار چا تو ڀائين، ڏينهن آ ڪن رات؟“ ڪمدار جا ته وائيسر ئي ڦري ويا هئا ۽ مٿو چرخ ٿي ويو هو. هن بي اختيار داد ڏيندي چيو: ”سائين ڪهڙو شبخور هن کي رات چوندو. ڪول ٿي چري ته اها ٻه تي ڏيکارجي.“

”يلا هن طرف جو ٻه ته ديدار ڪجانءِ.“ رئيس ٻئي طرف اشارو ڪيو. ڪمدار اوڏانهن نظر ڦيرائي ته جوانڙين جي ٽولن تي نظر پيس، جي هيڏانهن هوڏانهن پسار ڪري رهيون هيون ۽ هزار هزار پاور جي بلبن کي ڦڪو ڪري رهيون هيون. سندن ڏکيون ڏکيون ڳچيون، پورا ڳاڙها رنگ ۽ رنگبرنگي ڪپڙا ڏسي ڪمدار ٽتو شوڪارو ڀريو ۽ چيائين: ”ابول، سونهن ته ڪا هتي آه. جهڙيون آڙيون، جهڙيون هنجران. بيشڪ جهڙو لهور ٻڌوسون، تهڙو ڏٺوسون.“

”ميان نيٺ ته ڳاديءَ جو هنڌ آ.“

”بيشڪ سائين، واه واه.“

ڪمدار جي واڇ ڳودو ڏسي، رئيس کي ياد آيو ته ڪيئن ڦيريون ڪمدار اچڻ کان نابري پئي واري ۽ بهانا ڪيا ته ”سائين هي ڪم آهي، هو ڪم آهي.“ رئيس مشڪندي ڪمدار کي چيو: ”اجا ته نه پئي آئين، مڪڻ پئي مٿو تي سڙيئي.“

”سائين ڪم ڪاريون ٻه ته آهن. مان پئي چيو ته هڪ ته ڳوٺ ۾ هجي.“

”ڪمدار، ڪم ڪاريون پيا ٿيندا آهن. هي ٻه ته دنيا جو سير آ، روز روز ٿوروئي اچڻ ٿيندو. وري سانگو ٻه ته هو نه.“

”هائو سائين، چڱو ٿيو جو آيس. ههڙيون حوران يا ته هتي يا وري بشت ۾ هونديون. بشت ۾ ڏسڻ آ نصيب جي بازي، هتي ته ڏٺيونسين.“

ٽانگو پنهنجي پوري پني رفتار سان هلندو رهيو. رئيس ۽ ڪمدار هيڏانهن هوڏانهن ڏسندا رهيا. نيٺ ڪمدار ڏسي ٿڪجي پيو ته رئيس کان پڇڻ لڳو: ”سائين پورا ٻه ڪلاڪ ٿيا آهن ٽانگي ۾ رلندي، اجا ته شهر ڪٿي ئي ڪونه ٿو.“

”چڙن ٻن ڪلاڪن جي ٿو ڳالهه ڪرين. هتي سڄو ڏينهن ڦرندين ته به انت ڪونه لهندين، ميان ڏوڪري ڪانهي، لاهور آ لاهور.“
”هائو سائين، اڌ جهان آ. مون کي ته پڪ آهي ته سياڻي سارين واري صاحب جي آفيس به ڳولي وٺبي.“
”هون، انڌن به ملتان لڌو هو، پاڻ ته سڄا آهيون. آفيس جي ائڊريس به ته آهي پاڻ وٽ.“
”سائين ائين چئجانءِ، جي ائڊريس به نه هجي ها ته ڪڙمين جي به پيڻ خوش هئي ته اجازت ملندي ۽ ساريون ٿينديون. جيستائين اسان آفيس لهون ها، تيستائين پوڪيل ٻج ئي ڳري وڃن ها.“
رئيس ڪمدار جي ان سادگيءَ تي کلڻ لڳو. ويچاري هيڏا وڏا شهر ڪاٿي ڏٺا هئا. هو ڪمدار کي سمجهائڻ لڳو: ”ڪمدار، هرو ڀرو ائين ڪونه. ٻه ٽي ڏينهن رهندين ته پاڻهين نهي ويندين.“
”نه سائين، پاڻ کان زور آهي شهر. مان ته هڪ وک به اڪيلو ٻاهر نه نڪران.“
ايتري ۾ ٽانگي واري بيهاري رئيس کان پڇيو: ”بديرا، هن هوٽل ۾ لهندؤ يا اڳتي هلان؟“
”ڪمدار، هن ۾ رهون يا اڳتي هلون، ڪنهن سني هوٽل ۾؟“ رئيس وري ڪمدار کان پڇيو.
ڪمدار ڪنڌ ڪيدي هوٽل ڏانهن نهاريو ۽ ان جون ماڙيون ڳڻڻ لڳو. ڪيس دروازن تي لڳل ڳاڙهي لائيٽ به ڏاڍي وڻي. هن رئيس کي چيو: ”هن هوٽل ۾ ڪهڙي خامي آهي؟ ههڙو هوٽل ته سکر ۾ به ڪونهي.“
”خامي جي ڳالهه ڪونهي، پر مان پئي چيو ته ڪنهن وڏيءَ هوٽل ۾ هلون ها، هتي ته هڪ ٻئي کان اور هوٽل آهن.“
”نه سائين، اجايا خرچ. لهو ته هتي رهون.“
رئيس ٽانگي واري کي ڀاڙو ڏئي هيٺ لٿو ۽ ڪمدار کان بئگ ڪٽائي اچي ڪائونٽر وٽ بيٺو. ڪائونٽر واري ڪانئس نالو پڇيو ۽ هو نالو لکائڻ لڳو.
”لک علي محمد خان.“
”ولد؟“ ڪائونٽر واري اڳتي پڇيو.
”رئيس حاجي مير محمد خان.“
”قوميت؟“
”سنڌي.“

”پاڪستاني؟“ ڪائونٽر واري ڏاڍيان چيو.
”ها يار، پاڪستاني.“
”ڪيئن آيا آهيو؟“
”ڪم ڪار آهي سرڪاري آفيس ۾.“
ڪمدار جيڪو رئيس جي پويان بيٺو هو، تنهن ڪي جواب نہ وڻيو. هن ڪي خيال آيو تہ متان سارين وارو صاحب هن جو واقف هجي ۽ سندس سفارش سان ڪم جلد ٿي وڃي، ان ڪري هن پيرائتي ڳالهہ ٻڌائيندي چيو: ”ميان زمين ڪلر ٿي وئي آهي، سو سارين جي منظوري وٺڻ آيا آهيون.“
پر ڪائونٽر واري سندس ڳالهہ ڏانهن ڪو ڌيان ڪونہ ڏنو ۽ اچڻ جي سبب واري ڪالم ۾ خانگي ڪم لکي، بورڊ مان ٻہ چابيون ڪڍي پرسان بيٺل چوڪرات بيري کي وزني گار ڏيندي چيائين: ”ڪمرا نمبر بائيس، تيئيس.“
ڪمدار کي ڪائونٽر واري تي ڪاوڙ هئي جو هن ڪيس ڪو گوش تہ ڪونہ ڏنو هو ۽ نہ ڪيس ڪو جواب ڏنو هئائين. هن ڪمري ڏانهن هلندي رئيس کي پٽڪو ڪيو: ”هتي تہ گونگن ۾ ڦاٿا آهيون، ڪنهن ٻئي هوٽل ۾ هلون ها.“
رئيس وارا پاڻ ڳوناٽين جاين تي هريل، جن جا اڱڻ ڪشادا ٿين، جتي سڄ پهريون ڪرٽو نڪرڻ سان اڱڻ ۾ نڪاءُ ڪري ۽ سمهيل کي ڏنگ هڻي. شهر ۾ تہ هڪ ٻئي سان گڏيل اوچيون جايون، اونداها ڪمرا ۽ وري درن ۽ درين جي مٿان ٿلها پڙدا، جتي ڏينهن جو بہ بتيون ٻرن، اتي رئيس جي اک ڪيئن پئي کلي. مس مس ڏهين بجي رئيس جي اک کلي تہ اها ئي اوندهہ ڏٺائين. وري اکيون ٻوٽڻ جي ڪيائين پر اکيون بہ نہ ٻوٽجن. پرسان سيرانديءَ وٽان واچ کڻي جو ڏٺائين تہ ٽپو ڏيئي اٿيو ۽ پر واري ڪمري ۾ وڃي ڪمدار کي زور سان سڏيائين، جنهن جي اجا ڦوڪ ٻُئي پئي. رئيس جي سڏ تي ڪمدار بہ اکيون مهٽي ڪلمو پڙهڻ لڳو. رئيس ڪمدار کي ٽوڪيندي چيو: ”ميان! واهہ جو تو اٿارين، منجهند ڪري ڇڏيئي.“
”پوڳ نہ ڪيو، اجا تہ باڪ بہ ڪونہ ڦٽي آ.“
”ڇڳو در تہ کولي ڏس.“
ڪمدار در کولي ٻاهر ڏٺو تہ اکين تي تروار اچي ويس. پوري ڪچڙي منجهند اچي ٿي هئي. موٽي رئيس کي چيائين: ”سائين تڪڙ ڪري تڙ ڪري وٺو تہ مان ڪپڙن ۾ آڳٺ وجهان تہ هلون.
”ميان نيرن تہ ڪيون.“

”نيرن پيا پوءِ ڪنداسون. پهرين جنهن ڪم سان آيا آهيون، اهو تہ سجايو ڪيون.“
رئيس تڪڙ ۾ وهتو، ڪمدار ڪيس ڪپڙا پارايا. ٻئي ڊاڪڻ لهي روڊ تي اچي پهتا. ٻنهي فيصلو ڪيو تہ ٽانگو الائي ڪيتري دير لائي، ان ڪري ٽيڪسيءَ تي هلڻ گهرجي. رئيس هڪ ٽئڪسي روڪي ۽ ڊرائيور کي ايڊريس ڪدي سمجهايائين: ”ڏرم پور هل، اتي ريڪلميشن کاتي جي آفيس آ، اتي هلڻو آ.“
ٽيڪسيءَ واري کي جو هي سادا سودا ماڻهو هٿ اچي ويا تہ هن کين رلائي رلائي، مس ڪلاڪ کان پوءِ اچي ان آفيس اڳيان ڪيو ۽ کائن ڏهہ روپيا ڀاڙي جا ڪدي ورتا. ٽئڪسيءَ واري مان جند ڇڏائي رئيس آفيس ڏانهن هليو ۽ سامهون وراندي ۾ وينل پٽيوالي کان پڇيائين: ”چوڌري، ريڪلميشن کاتي جي هيءَ آفيس آ؟“
”آهوجي.“ پٽيوالي ڪنڌ لوڏي ها ڪئي.
”شڪر تي منهنجا رب.“ پويان بينل ڪمدار ٽڪو ڪيو.
”چوڌري اسان جي سارين جي لک پڙهہ هت آيل آهي، ڪنهن سان ملون؟“
”چوڌري اڪرم سان.“
”اهو ڪاٿي ويهندو آ؟ مهرباني ڪري ساڻس هلي ملاءِ.“
پٽيوالو وراندو لتاڙي هڪ ڪمري ڏانهن وٺي هليو. اتي هڪ ڪلارڪ ڏانهن اشارو ڪيائين. رئيس ان کي بہ ساڳي ڳالهہ ڪئي تہ سندس سارين جي لکپڙهہ هيڏانهن منظوري لاءِ آيل آهي. ان ڪلارڪ کين مٿي کان پير تائين نهاري پڇيو: ”ڪهڙي ضلعي جي لکپڙہ آ؟“
”سکر جي.“
”ڪهڙي موگا تي آ تنهنجي زمين؟“
”موگا ڇا؟“ رئيس منجهي پيو.
”واٽر ڪورس.“ ڪلارڪ موگا جي معنيٰ سمجهائي.
”ها، تيرهون — آر غرڪٽو.“
”اها لکپڙہ اجا ڪونہ پهتي هوندي.“
رئيس جا تاڪ لڳي ويا، پر وري کيس ياد آيو تہ ان مونجهاري کان هن سکر واري آفيس مان بہ روانگي نمبر ورتو هو ۽ جو سندس کيسي ۾ پيو هو. هن اها نمبر واري سلپ ڪدي ڪلارڪ کي ڏيکاري، پر ڪلارڪ ان سلپ کي بہ ڪونہ پڙهيو. چيائين:
”جي لکپڙہ آئي بہ هوندي تہ اجوڪي ڏينهن ڪيئن ليندي؟“
”چوڌري مان بہ پري کان آيو آهيان، منهنجي پنڌ جو قدر ڪر.“

”نہ ميان، اڄ ڪون ليندي.“ ڪلارڪ ڪتو جواب ڏنو.

رئيس جي ھڪ دل چيو تہ جيڪر ھن سان مٿو ھڻڻ بدران سڌو وڃي وڏي صاحب سان ملي، پر ٻيءَ دل ڪيس ابن ڏاڏن جي پڙھايل سبق ڪان ابتڙ وڃڻ تي منع ڪئي. ابن ڏاڏن جو ڪيس سبق پڙھايل ھو تہ جيئن ڏاڪڻ تي ھيٺئين ڏاڪي ڪان چڙھبو آھي، تيئن سرڪاري ڪمن ۾ پٽيوالي ۽ ڪلارڪ ڪان تي، پوءِ مٿي ھلبو آھي. وڏا صاحب بہ انهن ڪلارڪن جي ئي ڪيسن ۾ ھوندا آھن، اھي ٻئي پاسا سوچي ھن چيو:

”چوڌري صاحب پلا سياڻ اچان؟“

”ھا، سياڻي اچ تہ پوءِ ڏنو ويندو. الائي لکپڙھ ھتي ھوندي يا رڪارڊ آفيس ۾.“

رئيس آفيس مان ٻاھر نڪري ڪمدار کي چيو: ”ميان سياڻي آفيس ڪلڻ ڪان اڳ ھتي پهچون تہ ڪو ڪم نهي.“

”پلا ڪم ٿيندو نہ سائين؟“

”رک خدا تي، چو نہ ڪم ٿيندو. چوڌري چنن الدين کي بہ اسان جي لڳو لڳ منظوري ملي آ.“

”ھا سائين، منظوري ضروري ملي. اسان جي زمينن ۾ وڏو خرابو آھي. سارين ۾ پاڻي جل وھندو تہ پوءِ ئي اھو ڏنگ ترندو، ڏنگ ۾ ساري وئي، جڻ مهتي پيڪين وئي.“

”مهتيءَ وارو مثال ڪيئن ڏنئي؟“ رئيس ڪلڻ لڳو.

”سائين، مهتي پيڪين ويندي آھي تہ مان لهندي آھي ۽ موٽندي آھي تہ ٽپڙڻ ٽاڙين سان مڙس جو گهر پري چڏيندي آھي. تئن ڏنگ جو بابو بہ ساريون آھن.“

ٻئي ڏينهن اجا پوري آفيس بہ ڪونہ کلي ھئي ۽ پٽيوالن ڪمرا پئي چنڊيا جو رئيس وارا اچي پهتا. رئيس کلهوڪي پٽيوالي کي چيو: ”متان تو وارو چوڌري اڪرام تہ اسان سان نهي ئي ڪونہ تو. جي ڪم ڪرائي ڏين تہ وڏي مهرباني. ڪنهن جو حق رکڻ وارا بہ ناھيون.“

”پلا پاڻ ۾ ڪجهہ ڳالهايو اٿو؟“

”نہ اجا ڪونہ.“

”چڱو، اچي تہ مان تو ڳالهايانس. پلا گهڻو چوانس؟“

”جيڪو چوندو سو ڏينداسونس، رڳو ڪم ڪري ڏي.“

”نيڪ آ، قصي کي ناھيون ٿا.“

واسطيدار ڪلارڪ آيو تہ پٽيوالو سندس ڪمري ۾ هليو ويو ۽ ڳچ دير کان پوءِ موٽي ڪين ٻڌايائين تہ سندن لکپڙه رد ٿي واپس موٽي وئي.

”اهو وري ڪهڙو غضب؟“ رئيس گوڏن تي هٿ هنيا.

”توهان دير سان پهتا آهيو. لکپڙه سان گڏ اچو ها تہ ائين چو ٿئي ها؟“

”ڪهڙي دير ڪئي سين چوڌري، هفتو کن تہ ٿيو آ لکپڙه کي آئي!“

”هفتو ٿورو آ، اوهان جي پاسي جو هڪڙو چوڌري تہ ڪاغذن سان گڏيو آيو هو ۽ پنهنجو ڪم نهرائي ويو.“

”چوڌري چنن الدين تہ ڪونہ هو، ان سان گڏ تہ منهنجا ڪاغذ بہ هئا.“

”نالو تہ مون کي بہ نٿو اچي. قد جو ڊگهو ۽ ڳاڙهي ڏاڙهي هئس.“

”ها ها چنن الدين، پر ان جي زمين تہ مون واري واتر تي آهي. ان کي اجازت ملي، باقي مون ڪهڙو گناه ڪيو آ؟“

”تنهنجي لکپڙه ۾ ضرور ڪا گهٽتائي هوندي.“

”نہ ميان، سڀ هينيان ڪاغذ پورا هئا.“

رئيس ڪمدار کي ٻاهر ڪڍي، ان نئين صورتحال بابت صلاح ثواب ڪيو. سندس زمين ڪلراٺي هئي ۽ ٻيو ڪو فصل ڪونہ ٿيندو هو. اهڙين زمينن کي سڌارڻ لاءِ ئي هي ڪاتو کليو هو. گهٽن کي منظوري ملي هئي. چوڌري چنن الدين کي بہ ملي هئي. سندس لکپڙه کي رد ڪرڻ جو بہ ڪو سبب ڪونہ هو. رئيس جون سڀ ڳالهيون هنديائي، ڪمدار ٿڌو شوڪارو ڀري چيو: ”سڀ ڳالهيون برابر آهن، پر دير سان نہ اچون ها تہ ائين چو ٿئي ها؟“

”ڪمدار، ڪهڙي دير ڪئي سين. لکپڙه کي اتان هلئي اٺ ڏينهن ٿيا آهن. ٽي چار ڏينهن تہ ڊڳ ۾ ڪاڏا هوندائين. باقي بچيا ڏينهن چار سو هن آفيس جا منشي اهڙا حلالي ٿي ويا جو چئن ڏينهن ۾ ئي لکپڙه ناهي صاحب ڏي موڪليائون. پورو مهينو تہ چڙو نمبر هٽڻ ۾ وڃندا آهن.“

”پوءِ ڪهڙو نونڊ ٿيو؟“

”نونڊ تہ ٿيو آ نہ، لکپڙهہ ويرين جي ور چڙهي وئي.“

”ڪهڙا ويري آهن پنهنجا؟“

”اهو ظاهر ۾ ملان اندر ۾ ابليس، چوڌري چنن الدين. پنهنجي لکپڙه ڪرايون اسان جي کي لت هٽايون ويو.“

”چو......؟“

”اسان واري پيچ تي آ نه. جي اسان کي منظوري ملي ها ته پنهنجيون ساريون ڪاڏهون پچائي ها. پيچ جي ڳڻ ۾ ته اسان آهيون نه.“
”هاڻي اسان جو پاڻي وهندو جو بابهنس جي بادشاهي آ. پنهنجو وارو وهي.“
”نه ته تون ڇا ڪندين. پاڻيءَ کي ڳنڍ ٻڌي گهر رکندين ڇا. پاڻي واندو هوندو ته پيو وهندو. اسان کي منظوري ملي ها ته اهڙا عدل ڪٿون ڪري ها.“
”ها سائين، هڪي پيري، اسان جي هاريءَ ڪرمونءَ کي به چيو هئائين ته: چو تو ڪيٽون وهائي ڏاند مارين؟ اجازت به مليو الائي نه.“
”مان ته هينين سڪر واري آفيس ۾ به اها لڙي وائڙي خبر ٻڌي هئي ته چوڌريءَ جي مرضي آهي ته منهنجي لکپڙه رد ٿئي، پر مان اها خبر هڪ ڪن سان ٻڌي، ٻئي ڪن مان ڪڍي ڇڏي هئي. مان سوچيو هو ته اجايو ٿا منشي پاڻ ۾ ويڙهائين.“
”سائين خارزي آهي.“
”پوءِ هاڻي ڇا ڪيون؟“
”سائين، هنن هينين مان ته ڪا گذار ڪونه ٿيندي. تون وڏي صاحب سان ته ملي ڏس، آخر تون به چوٿون پائو آهين، پنهنجي تعلقي جو.“
”اهو به هينين جي هٿ هوندو. جيئن چوندا، تيئن ڪندو.“
”تون ملينس ته مولا جو نالو سنڀالي، ڪٽي ڪٽي عمر به مارئي نيندو، تر ته ڪونه پيليندو.“
”ها، اها ڳالهه ته برابر ٿو چئين، پر چوڌري چنن به ته مفت ۾ ڪم ڪونه ڪڍي ويو هوندو، هن به ضرور سٽيي هڏي اڇلي هوندي.“
”ها سائين، پر ته به ملٽو ضرور آ، پوءِ نه ته اهڙا ته هونداسين.“
رئيس موٽي اچي پٽيوالي کي چٽيءَ تي نالو لکي ڏنو. ڪيس به ٽي روپيا به ڏنائين ۽ ڏاڙهيءَ ۾ هٿ به وڌائين ته ڪين جلد ملاءِ. پٽيوالو چٽي کڻي اندر ويو ۽ ٿوري دير ۾ ڪيس اندر وڃڻ جو اشارو ڪيائين. رئيس اندر ويو ته سامهون هڪ ڪرڙوڊ آفيسر ويٺو هو. رئيس ٿورو جهڪي ڪيس سلام ڪيو. آفيسر سلام جو جواب ڏئي ڪانئس اچڻ جو سبب پڇيو. رئيس ڪيس سڄي ڳالهه پيرائتي ڪري ٻڌائي ته سندس زمين سڪر ضلعي ۾ غرڪٽي واه تي آهي. اها ڪلر تي وئي آهي، ان ۾ ڪا خسڪ آبادي نٿي ٿئي. سندس گذارش آهي ته ڪيس سارين جي منظوري ملي.“
”هينيان ڪاغذ آيا آهن؟“ صاحب پڇيو.
”ها سائين.“

”انجنيئر سفارش ڪئي آ؟“
”ها سائين.“
”چڱون تون ٻاهر هلي ويهه ته مان لکپڙه ڪرايان.“
”مهرباني سائين جن جي.“ رئيس سلام ڪري ٻاهر نڪتو.

ان وچ ۾ صاحب گهنٽي هنئي. پٽيوالو اندر ويو. اتان موٽي واسطيدار ڪلارڪ وٽ ويو ۽ ان کي ڪاغذن سوڌو وٺي آيو. گهڙي دير صاحب ڪاغذ پڙهيا ۽ پوءِ رئيس کي گهرائي چيائين: ”بديرا، تنهنجا ڪاغذ پورا ڪونه هئا، سو واپس سکر ويا آهن.“
”پر صاحب، اڄ رونبي جي چتي مند آ، اهي ڪاغذ ڪڏهن موٽندا جو اجازت ملندي؟“
”هن سال ته مشڪل آ.“
”صاحب، چوڌري چنن الدين به مون سان گڏ ڪاغذ نهرايا هئا. ان جي زمين به مون واري واٽر تي آهي. ان کي اجازت ملي، باقي مان کهڙو گناه ڪيو؟“
اتي صاحب کي ٿورو چڙ آئي ۽ منهن ۾ گهنڊ وجهي چيائين: ”هن جا ڪاغذ پورا هوندا، تنهنجا ڪونهن.“
”پر صاحب، مان سارين جي آسري ۾ ڪيٽون کهرايون اٿم، ٻج پوکرايا آهن، ائين ڪيئن ٿا ڪيو.“
”مان توکي ٻج پوکڻ لاءِ چيو هو؟“ صاحب ٿورو شوطائيءَ سان پڇيو.
”اوهان ته ڪونه، پر اوهان جي سکر واري زيردست ته چيو هو.“
”اهو وڃي ان سان ڄاڻ، ڪيس وڃي ڦاهو ڏي.“
”صاحب، اوهان منهنجي پنڌ جو ته قدر ڪيو. پورا ڇهه سؤ ميل لتاڙي اوهان وٽ آيو آهيان.“ رئيس نيازيءَ مان چيو.
”هن سال ڪونه ٿي سگهندو.“ صاحب جو اهو ئي ڪتو جواب.
”صاحب، مون سان جيڪو غضب ٿيو آ سو خدا کي نه وڻندو.“
”چڱو ٻاهر هل.“ صاحب ڏاڍيان چيو. ڪيس چڻ ته گوگائي مرچ پئجي ويا.
”مان ته صاحب هلان ٿو، پر مان متي پوڪاريندس. هرويرو اوهان جي بادشاهي ڪانهي.“
”نه ته بابهين جي بادشاهي آهي. نڪر ٻاهر، پٽيوالا......“ صاحب پٽيوالي کي سڏ ڪيو.
”صاحب گاريون ته نه ڏيو. ڀلي منظوري نه ڏيو پر ڌڪيو ته نه.“
”نڪر ٻاهر، مون کي دڙڪا ٿو ڏئين؟“

رئيس سمجهي ويو تہ کو کڙتيل کونہ نکرڻو هو. رهندو وڏيک ترسڻ سان پٽکي لهڻ جو امکان هو. هو ٻاهر نڪتو. پويان ڪيس صاحب جو لڙ ٻڌڻ ۾ آيو، جو هيئر ڪيس ڪچيون گاريون ڏئي رهيو هو. رئيس کي اڳي خار هئي، رهندو گاريون ٻڌي سندس رت ٽهڪڻ لڳو. رئيس واپس موٽي صاحب سان تڏي تي پلؤ ڪرڻ ۾ هو جو ڪمدار ڪيس ٻانهن کان گهليون ٻاهر وٺي ويو ۽ ڪيس ٺارڻ لاءِ چيائين: ”سائين، سارين جي منظوري نہ ملي تہ ڪهڙي ڳالهہ، سائون پوکينداسين. اهو بہ ڏنگ ٺاريندو آ.“

”ڪمدار، زمين پئي پاٽهي ٺرندي. مون کي چڙو اندر ٺارڻ ڏي. هنن پنجابين کي گهٽيون مذاقون ڦبيون آهن. رهندو هيءُ ڦبين تہ آڪرا ٿي ويندا. هنن کي خبر تہ پوي تہ سنڌي بہ پنهنجي نالي سان آهن.“

”سائين، وقت وقت جو لحاظ رکبو هو. هي وقت کونهي.“

هوٽل ۾ پهچي رئيس هنڌ تي ليٽي پيو ۽ سوچڻ لڳو. هن کي پهريون پنهنجيون زمينون ياد آيون، جي ڪلر ڪري اڇا اڇا دڙڳ ڪري ويون هيون ۽ جن ۾ پوک جو تيلو ئي ڪونہ ٿيندو هو. وري ڪيس ڪڙمي ڪاري ياد آيا، جن چيو هو تہ ساريون ٿين تہ زمينون ٺرن. وري ڪيس پنهنجي پيچ ڊڪ ياد ائي، جا هن ان لکپڙه لاءِ ڪئي هئي. پهريون انجنيئر وٽ ويو هو. ان کي سرزمين ڏيکاري هئائين. وري ايس – اي وٽ ويو هو. ان کان ڪاغذ مٿي ڪيرايا هئائين. وري ايل – آر – او وٽ ويو هو. اتي بہ ساڳي گيهہ تي هئي ۽ پوءِ مس مس ڪيس آسرو ٿيو هو. وري ڪيس سارين جا ٻج ياد آيا، جي هن منظوريءَ جي آسري ۾ پوکايا هئا ۽ رونبي لاءِ تيار بينا هئا. وري ڪيس چوڏهن ڪلاڪن جي ڏکهي مسافري ياد آئي، جا هن گرم ڏينهن ۾ ڪئي هئي. وري ڪيس لاهور جي آفيس ۾ رلڻ ياد آيو، جتي هڪ ڏينهن بہ ويو هو تہ ٻئي ڏينهن بہ ويو هو. وري ڪيس چوڌري چنن الدين ياد آيو، جيڪو پنهنجي لکپڙهہ منظور ڪرايون، هن جي رد ڪرايون ويو هو. وري ڪيس چوڌري اڪرام ڪلارڪ ياد آيو، جنهن ڪيس ٽريون ئي ٽي هنيون هيون. وري ڪيس وڏو چوڌري صاحب ياد آيو، جو سيني جو گرو هو، جنهن هن جي تڪليفن، پنڌن، ايلازن ۽ منٿن کي بہ وزن ۾ ڪونہ آندو هو. ڪيس ڪجهہ ڏنو تہ ڪونہ هئائين، رهندو ڏکويو هئائين. وري ڪيس چوڌريءَ وڏي جون ڏنل ڪچيون گاريون ياد آيون، جي هن پنهنجي ڪنن سان ٻڌيون هيون ۽ جن سندس اندر ساڙي ڇڏيو هو. هو سوچڻ لڳو تہ هو ڇا ڪري؟ ڪنهن کي دانهن ڏئي، ڪنهن کان داد گهري؟ هو وقت جو تہ حاڪم بہ ڪونہ هو، جو انهن سيني کي ديس نيڪالي ڏئي، جن

ڪيس ايذايو هو. هن جي ته ڪو ٻڌڻ وارو به ڪونه هو. مار ڪرڻ وارو ڪو هتي ڪونه هو. سپ ڏاڙ ڪرڻ وارا هئا. رئيس جي خار ۾ بيوسيءَ ۾ لونءِ لونءِ ڪاندارجي ويا. سندس منهن ڳاڙهو ٿي ويو ۽ هن جون لونڊڙيون نڪاءَ چڙڻ لڳيون. هو سوچيندو رهيو، سوچيندو رهيو.

؟؟ رئيس جي نرڙ تان فڪرن جا گهنج لهي ويا. هو ٿورو مشڪيو ۽ اتي گهنٽيءَ جو بٽڻ دٻايائين. بيرو آيو ته ڪانئس مشڪندي پڇيائين: ”هن هوٽل ۾ دل وندرائڻ جو به ڪو انتظام آهي يا ائين چڙو؟“

”بادشاهو، حڪم جي دير آ. مان ته ڪلهه به اوهان جي حڪم جو پئي انتظار ڪيو.“

”جنهن وقت ٻڪ لڳندي، تنهن وقت ئي گهربو آهي.“ بيرو جنهن جو گذران ئي ان ڳالهه تي هو، تنهن جو پنهنجي مطلب جو گراهڪ ڏٺو، سو ٽڙي پيو. طوطي وانگر ٻوليندي چيائين: ”ڪير هجي، بنگالڻ، ڪرسچن يا پنجابڻ؟“

”بنگالڻ گهرجي ها ته بنگال وڃان ها. ڪاريون ڪرسچن ته پاڻ ڪي وڻن ڪونه، پنجابڻ گهرجي.“

پوءِ يارهين بجي بيرو هڪ پنجابڻ کي وٺي آيو. ڪونج جهڙي ڳچي، پٽڙ جهڙو سوٽ جسم، پورو ڳاڙهو رنگ، جهڙي آڙي، جهڙي هنجر. رئيس بيري سان ڳالهين ۾ نهي در بند ڪيو ۽ ڏانهس ائين تڪڻ لڳو، جيئن چيتو هرڻيءَ کي تڪيندو آهي. تڪي تڪي، ڪيس ٻڪ هٽي ائين ٻانهن ۾ وڪوڙيائين، جيئن ڪوڙيل ٻلا پنهنجي شڪار کي ويڙهيندي آهي.

رئيس سڄي رات ڪيس اک چنيڻ به ڪونه ڏني. ٻاک مهل هوءَ ٽيڙ ڪائيندي موٽي وئي ته رئيس جو اندر به ٺري پيو هو ته زمينون به ٺري پيون هيون.

# ڪرنٽ

مان هن سان ڪاوڙجي اچي ڊرائنگ ۾ ديوان تي سمهيو آهيان. منهنجو سمورو جسم اگهاڙو آهي، پر اهو هن وره پاري ۾ نه ڪوري جيان پيو ٻري ۽ سموري جان مان پگهر پيو ٽمي. هنن وڏين فرانسيسي درين مان ايندڙ ٿڌي هوا جا جهوٽا به منهنجي جان کي ڪونه ٿا ٺارين، پر رهندو اندر جي ٻاه کي پيا پڙڪائن. ههڙيون ٿڌيون راتيون ديوان تي اڪيلي سمهڻ لاءِ ڪونه آهن. ههڙين راتين ۾ ته ڪو وڪٽورين ٽائيپ ڊبل بيڊ هجي، جنهن ۾ ٻه جوان گرم جسم هجن ۽ جن جون دليون هڪ سر هڪ تال ۾ پيون ڌڙڪن. منهنجي ڪمري ۾ اهڙو وڪٽورين بيڊ به آهي ۽ ان ۾ هڪ جوان جسم به آهي، پر مان هن سان ڪاوڙجي اچي ديوان تي سمهيو آهيان.

مان هن جي اگهاڙين پيرن اچڻ جو آواز ٿو ٻڌان. هوءَ مون کي پرڇائڻ پئي اچي. مان ڏانهنس ڪونه ٿو نهاريان، ائين ئي ٻانهن ۾ منهن لڪايو پيو آهيان. هوءَ ديوان جي ويجهو اچي هٿ سان منهنجي اگهاڙي پٺيءَ کي ڇهي ٿي. مان سندس هٿ خار ۾ پري ٿو سٽيان. هوءَ مون کي وري ٻانهن کان وٺي چوي ٿي: ”اٿي اندر هلي سمهو.“

”ڪائي ضرورت ڪونهي، مان هتي چڱو هان.“

”هتي ڏاڍي ٿڌ آ.“

”توسان گڏ وري ڪهڙي گرمي آ؟ اتي به ته ساڳي ٿڌ آ.“

هوءَ ڪو جواب ڪونه ٿي ڏئي. مان وري خار ۾ ڪيس چوان ٿو: ”تو مون کي سک ڪهڙو ڏنو آ، جو اندر هلي سمهان.“

”اٿو اندر ته هلو.“

”ساڳيو شرط آ.“

”ڪهڙو؟“

”ٻتي ٻرندي ۽ تنهنجي ٻت تي ليڙ به ڪونه هوندي.“

”مون کان اهڙي بيحيائي ڪون پڄندي.“

”پوءِ مون ڏي آئينءَ ڇو، جي اها قبول نه هئيءِ؟“

”شرم حيا به ڪا شيءِ آ آخر.“

”ڪنهن سان شرم ۽ ڪنهن سان حياءُ؟ مان تنهنجو هسبنڊ آهيان مئڊم.“

”مان به توهان جي وائيف آهيان، مون کي به وائيف ڪري سمجهو.“

”نه ته مان توکي ڇا ٿو سمجهان؟“

هوءَ چپ.
”ٻڌاءِ نہ؟“ مان وري ڪائنس ٿو پڇان.
”توهان چاهيو ٿا تہ مان توهان سان ڪيپ جيان ٽپان ڪڏان، اهو مون کان ڪونہ ٿيندو، پلي پيا ڪاوڙجو.“
”مئڊم، توکي اها خبر آهي تہ ماڻهو وائيف هوندي ڪيپ ڇو رکندا آهن“
”مون کي ڪهڙي خبر.“
”مان توکي ٻڌايان، ٻڌندينءَ؟“
”ٻڌايو.“
”جڏهن اهي تو جهڙين بيگمات جي پڙ پئجي ويندا آهن، جي حقيقت ۾ عورتون نہ هونديون آهن.“
”ڇئبو تہ مان بہ عورت ناهيان.“
”نہ تون بہ عورت ناهين.“
”پوءِ ڇاهيان؟“ هوءَ خار مان پڇي ٿي.
”تون فلڪو جو فرج آهين، ٻاهران سهڻي اندران يخ.“
مان سندس موٽڻ جو آواز ٿو ٻڌان. هوءَ خار ۾ پير ستيندي ٿي وڃي.
منهنجي وائيف جي تند تند، نس نس پيار سان واندڪائي ۾ ڻهيل آهي. هن جو جسم وينس جي بت جيان هر لحاظ کان مڪمل آهي ۽ ان ۾ ڪٿي بہ فالتو ماس ڪونهي. سندس وهسڪي جهڙي سونهري چمڙي، ساٽن جهڙي ترڪڻي آهي. سندس ڄنگهون شئمپن باٽل جهڙيون متناسب آهن ۽ سندن ڇاتيون فرانسيسي ڪانچ جا بہ شفاف گول شئمپن پيگ آهن. سندس اکيون سدائين خماريل هونديون آهن ۽ سندس چپن مان مون کي وائين جو مزو ايندو آهي. مون کي ساڻس شادي ڪئي ٻارهن مهينا ٿيا آهن، پر هر ڀيري مون کي هوءَ هماليہ جبل جي ڪا اڻ سر ٿيل چوٽي لڳندي آهي. مون پهريون ڀيرو ڪيس ميلاد جي فنڪشن ۾ ڏٺو هو، جيڪو ممي نئين گهر جي خوشيءَ ۾ ۽ پاڙي وارن لاءِ ڪيو هو، تہ مون جيڪو اٺ سال عرصو يورپ ۾ گذاريو هو، سو محض ڏوڙ پاتي هيم. مان ڪيس حاصل ڪرڻ لاءِ پنهنجي پيرنٽس سان رسيو هوس. ڪين ايلاز ڪيا هيم ۽ واپس يورپ وڃڻ جا دڙڪا ڏنا هئم. ممي مون کي بہ ٽي ڀيرا سمجهايو هو تہ اها فئملي لوئر مڊل ڪلاس جي هئي ۽ ان جو ساڻن ٻڌجڻ تمام مشڪل هو. مميءَ مون کي آفر ڪيو هو تہ مان پنهنجي ڪزن شازيءَ کي پروپوز ڪيان، جا ڪانوينٽ ۾ پڙهي هئي ۽ هر لحاظ کان ڪلچرڊ هئي. مون مميءَ کي صاف

ٻڌايو ھو تہ جي منھنجي شادي ٿيندي تہ ان سان، نہ تہ ٻنھہ ڪونہ. مميءَ مون ڪي خار ۾ چيو ھو: ”واءِ ڊونٽ يو انڊر اسٽئنڊ. ھوءَ تمام آرٿوڊڪس فئملي جي آھي ۽ سندس فادر باءِ فيس ۽ باءِ نيچر مولانا ٽائيپ آھي. ھو اسان سان رشتو ڳنڍڻ نہ چاھيندو.“
”ممي تون ٽراءِ تہ ڪر، آخر ھن کي ڪھڙو آبجيڪشن ٿي سگھي ٿو؟ آخر اسان بہ تہ مسلمس آھيون.“
”ڊونٽ بي سلي پپو، تو ھن جي فادر کي نہ ڏٺو آ.“
”ھو اسان سان مڪس – اپ ٿيڻ نہ چاھي ھا تہ پنھنجي فئملي اسان جي گھر چو موڪلي ھا؟“
”فئملي موڪلڻ ۾ ڇا آھي؟ آخر تہ نيٽ اسان جو پاڙيسري آھي.“
”پلا ٽراءِ ڪرڻ ۾ ڇاھي، واٽ از دي ھارم؟“
”انڪار جو ڪن تہ ڪھڙو سمال فيل ڪنداسين؟“
”انڪار نہ ڪندا، آءِ ول آل سو ٽراءِ آن ماءِ سائيڊ.“
”پر ڇوڪريءَ جي نالي جي خبر اٿئي؟“
”نو آءِ ڊونٽ.“
”خديجا، واٽ اي فني نيم.“
”ان نالي ۾ ڇاھي. آءِ لائيڪ دي نيم. اڄڪلھہ تہ اھڙن نالن جو فيشن آ.“
”پر تون ان نالي مان ٿو سمجھين تہ ھو ڪھڙا نہ رليجس مائينڊيڊ آھن. جڏھن تہ تون ھڪ دفعو بہ پريئر آفر نہ ڪندو آھين.“
”چو ممي، مان ھن عيد تي آفر نہ ڪئي ھئي.“
”ونس ان اي ييئر ۾ ڇا تو ٿئي. اھا فئملي تہ پنج ئي وقت پڙھندي آھي.“
”مان بہ پنج ئي وقت پڙھندس.“
ممي منھنجو ضد ڏسي ھنن جي گھر وئي ھئي ۽ خديجا جي مٽر کي چيو ھئائين تہ مان اٺ سال يورپ ۾ رھڻ جي باوجود مذھبي خيالن جو آھيان ۽ پنھنجي مائٽن ۾ ھڪ ٻئي ڪان وڌيڪ سھڻين ڇوڪرين ھوندي بہ خديجا کي پسند ڪيو آھي. ھنن سوچ ويچار لاءِ ٿورو وقت گھريو ھو، پر نيٺ ڳالھہ پڪي ڪئي ھئائون. ھن جي فادر ان لا ٻتي ڪڙا شرط بہ وڌا ھئا تہ شادي بلڪل اسلامڪ طريقي سان ٿيندي. شادي ۾ ڪو ڊانس ۽ ميوزڪ ڪنسرٽ نہ ٿيندو ۽ ڇوڪري نڪاح وقت اسٽيج تي ڪونہ ايندي. اسان اھي سڀ شرط خوشيءَ سان قبول ڪيا ھئا. اسان جي نيٺ شادي ٿي وئي. سھاڳ رات ھوءَ ويڊنگ ڪاسٽيوم ۾ بلڪل ھڪ ايسٽرن پرنسيز پئي لڳي. مون

سندس گهونگهٽ کوليو هو ته هوءَ شرم کان بلڪل بلڊ ريڊ ٿي وئي هئي. مان کيس پاڻ سان فري ڪرڻ لاءِ اهي سڀ تڪليفون ٻڌايون هيون، جي مون کيس حاصل ڪرڻ لاءِ ڪيون هيون. مون کيس اهو ٻڌايو هو ته سندس فادر جي ڪانفيڊنس گين ڪرڻ لاءِ ڪيترا ئي ”جمعا“ ساڳيءَ مسجد ۾ پريئرز آفر ڪيون هيون ۽ هر پيري ڪوشش ڪئي هيم ته هن جي ليفٽ يا رائيٽ تي بيهان، جيئن مون کي سڃاڻندو رهي. ان ڳالهه ٻڌڻ تي هوءَ ٿورو ٿورو مشڪي هئي ته مون سندس هٿ کي چمندي چيو هو:

”ڊارلنگ آءِ لو يو فرام دي ويري ڊي آءِ سا يو.“

هن شرم کان منهن وري گوڏي ۾ لڪايو هو ته مان سندس اجا به ويجهو ٿي کيس ڀاڪر ۾ وڌو هو ۽ کيس ڀهرين ڪس ڪئي هيم. ان کان پوءِ اڳتي وڌڻ جي ڪوشش ڪئي هئم ته مون کي تيستائين ڪجهه نصيب نه ٿيو هو، جيستائين مون ڪمري جون سڀ بتيون، باٿ روم جي لائٽ ۽ درين جا پردا لاهي بلڪل اونداه نه ڪئي هئي. مون سمجهيو هو ته اهو سمورو منهنجي وائف جو ڀهريون روايتي شرم هو. پر مهينا گذرڻ کان پوءِ به اها ساڳي ڳالهه هئي ته مون کي عجب ٿيو هو. يورپ ۾ ۽ پنهنجي ڪنٽري ۾ منهنجا جيڪي افيئرس ٿيا هئا، انهن ۾ اها ساڳي ڳالهه ڪڏهن ڪونه ٿي هئي. انهن افيئرس ۾ اهي ڇوڪريون باقاعدي روشني ۾ پنهنجي نمائش ڪنديون هيون ۽ ان لائيف ۾ پرفيڪٽ لطف ايندو هو. مان پنهنجي وائيف کي ٻٽي ڀيرا سمجهايو به هو ۽ کيس ٻڌايو هو ته ان ۾ ڪو لطف ڪونه هو، پر هوءَ هر ڀيري چوندي هئي: ”نه اهو گناه آهي، مرد نه ڏسي.“

”ڪيئن گناه آ، ڪٿي پڙهيو اٿئي؟“

”بهشتي زيور ۾.“

”واٽ نان سينس.“

ڪڏهن ڪڏهن مان ضد ڪري سندس وينس جهڙو مڪمل جسم ڏسڻ لاءِ بيڊ ليمپ ٻاريندو هوس ته هوءَ هڪدم بيڊ ڪور سان لڪائي ڇڏيندي هئي – مون کي پنهنجي مميءَ جو چيو ياد ايندو هو ته هوءَ بلڪل رليجس مائينڊيڊ آهي ۽ اها ڳالهه ٽيريبل حد تائين برابر هئي. مون سندس خيالن ۾ چينج آڻڻ لاءِ کيس سيڪس تي ڪتاب به پڙهڻ لاءِ ڏنا هئا، پر مون ڏٺو هو ته انهن ڪتابن به رتيءَ جيترو فائدو ڪونه ڪيو هو. ڏينهن جو ته ان پاسي ڪو خيال ڪرڻ به گناه هو، پر رات جو اها گهڙي ايندي هئي ته هوءَ پئي ٽٽائيندي هئي ۽ چوندي هئي: ”توهان منهنجون نمازون ٽا وڃايو.“

”پوءِ چاهي ڊارلنگ، تون اسر سان شاور ڪندي ڪر.“

”روز شاور ڪندي بہ شرم تو اچي. ممي چا چوندي.“

”واٽ نان سينس.“ مون کي خار ايندا هئا.

مان چڙي، منهن سجائي وهندو هوس تہ هوءَ وري مون کي اچي پرچائيندي هئي. مان هڪدم پرچي ڪيس پاڻ ڏي ڇڪيندو هوس تہ هوءَ چوندي هئي: ”توهان کي هڪ نہ بئي ڏينهن ان ڳالهہ ۾ ڪهڙو تو مزو اچي؟“

”ڊارلنگ، لائف ۾ ڪهڙو مزو آ باقي.“

”مون کي تہ روز روز ڪونہ تو وڻي.“

مان وري منهن سجائي پني ڏئي سمهندو هوس تہ هوءَ لاچار ٿي چوندي هئي: ”چڱو هڪ شرط تي، سڀ لائيٽ آف ڪريو.“

مان هڪدم سندس ان حڪم جي تعميل ڪري ان اونداهہ ۾ سندس شرٽ جي زپ ۾ هٿ وجهندو هوس تہ هوءَ ڪلي چوندي: ”اونهون، اها نہ لهندي.“

شادي ڪان پوءِ انهن ٻارهن مهينن جي عرصي ۾، انهن راتين ۾، جي لائيٽ آف ٿيڻ ۽ پردن نيڪ ڪرڻ سبب، گهگهہ اونداهيون ٿي ويندڻيون هيون، مان سندس ريشم جهڙي ڪل محسوس ڪئي هئي، سندس سوٽ جسم محسوس ڪيو هئم، سندس شئمپن جي باٽل جهڙين سهڻين جنگهن کي ڇهيو هوم، پر مون هڪ ڀيرو بہ جسم کي ڊو سان ڪونہ ڏٺو هو. انهن ٻارهن مهينن جي سيڪس لائيف ۾ مون محسوس ڪيو هو تہ هن ڪان وڌيڪ سرور مون کي ان نيگرو ڇوڪري ۾ آيو هو، جيڪا ويٽ سڪسٽي نائن جي بوتل جيان ڪاري ۽ بي ڊولي هئي، جنهن جا چپ هيبتناڪ حد تائين ٿلها هئا، جنهن جون ناسون تمام وڏيون هيون، پر جيڪا مون کي جور جيان چنبڙي پئي هئي ۽ منهنجي سڄي بدن کي پيار مان ڪتي جيان چٽيو هئائين.

مان ديوان تي پاسو ورائي سڌو ٿي تو سمهان. منهنجا ڪن سندس اچڻ جو آواز ٻڌڻ لاءِ آتا آهن. مان ڪافي دير سندس اچڻ جو انتظار ٿيو ڪيان، پر هن جي اچڻ جو ڪوبہ کڙڪو نٿو ٻڌان. سندس انتظار ڪري مان ڪڪ ٿو ٿيان تہ پوءِ مان ئي اٿي بيڊ روم ۾ ٿو وڃان. هوءَ ڊبل بيڊ تي ليٽي پئي آهي. مان ڪيس پرچائڻ لاءِ سندس ڳلن کي چمان ٿو تہ مون کي اتي آلاڻ ٿي محسوس ٿئي. هوءَ سڏڪن ۾ ٿي پئجي وڃي. مان ڪيس ڀاڪر وجهي پرچايان ٿو ۽ ڪيس چوان ٿو: ”ڊارلنگ! مون کي معاف ڪر.“

هوءَ اجا زور سان ٿي سڏڪا ڀري.

”ڊارلنگ، ھاڻي ڇڏ بہ روئڻ.“ مون سندس ھٿڙن کي چمي ڏني. سندس پير ٿو چمان تہ ھوءَ مون کي ٻانھن کان پڪڙي ٿي ۽ چوي ٿي: ”منھنجي پيرن کي نہ چمندا ڪريو، مون کي گنھگار ٿا ڪريو.“

”ڪھڙو گناہ آ ڊارلنگ؟“

”بس گناہ آ توھان جي لاءِ.“

”جي اھو گناہ آ تہ جيڪر روز پيو ڪيان.“ ھوءَ مشڪي ٿي.

مان پلنگ تي ويھي سندس ڳچيءَ کي ٿو چمان ۽ ڪانئس پڇان ٿو: ”تون مون سان ناراض آھين ڊارلنگ؟“

ھوءَ ڪنڌ لوڏي ٿي.

”ان توريءَ ڳالھ تي؟“

”اھا ڳالھ توري ڪانھي. توھان مون کي صفا ليکي مان ٿا ڪڍڻ گھرو، سو مون کان ڪونہ پڄندو، ڪٿي پلي روز ڪاوڙجو.“

”ڊارلنگ، باقي شادي ڇو ڪبي آ؟“

”شادي ان لاءِ تہ ھرويرو.......“

”نہ تہ ڇا لاءِ، ڇا پڙھيو اٿئي پنھنجي بھشتي زيور ۾؟“ ھوءَ چپ.

”ٻڌاءِ، جواب ڏي نہ!“

”اولاد لاءِ جيئن نسل وڌي.“

سندس جواب ٻڌي اوچتو مون کي کو خيال ٿو اچي وڃي. مان ڪانئس نھ پھ ٿو پڇان: ”پوءِ ڪٿي آ پاڻ کي اولاد؟ ٻارھن مھينا ٿي ويا آھن.“

”نيٺ تہ ٿيندو.“

”اھي افعال آھن تہ ڏوڙ ٿيندو.“

”خير تہ گھرو.“

”خير ڇا گھران، ڳالھ صاف لڳي پيئي آھي. سيڪس تي جيڪي ڪتاب لکيل آھن، سي ڪوڙا تہ ڪونھن.“

”پر ان ڳالھ جو بتين ٻارڻ ۽ بين بيحيائين سان ڪھڙو واسطو آھي؟“

”گھڻو ئي واسطو آھي. تون ڪتاب پڙھين تہ سمجھين. تنھنجو تہ وس پڄي تہ جيڪر مون سان ساڳي ڪمري ۾ گڏ بہ نہ سمھين.“

”نہ نہ مون کي اوھان جي ڳالھين تي اعتبار ڪونہ ٿو اچي. اوھان چرچا ٿا ڪريو.“

”چگُو جي تون اهي چرچا تي سمجهين ته آئينده توکي زور نه پريندس. جيئن تنهنجي مرضي آهي، تيئن پيو ٿيندو. ممي کي به چوندس ته ٻئي سال گرئنڊ سن جو آسرو ڇڏي ڏي.“

”ممي پڇي پئي ڇا؟“

”نه ته وري، هن جون اکيون سدائين تنهنجي پيٽ ڏانهن هونديون آهن. هر مهيني پڇندي آ: ”پپو! ننڍڙو مهمان ڪڏهن ٿو اچي؟“ - ڪلهه ته مون کي چيائين ته: ”تنهنجو علاج ڪرايان ته پوءِ من ٻار ٿئي.“ مان ڪيس ڇا ٻڌايان؟ مون ته ڪٽي چپ ڪئي.“

”ڪوڙ نسورو ڪوڙ.“

مان رسي پت ڏي منهن ٿو ڪيان. هوءَ مون کي پرچائڻ جي ڪوشش نٿي ڪري، شايد هوءَ ڪنهن سوچ ۾ آهي. مان سندس پرچائڻ جو انتظار ڪندي ڪندي اکيون ٿو ٻوٽيان ۽ مون کي ننڊ ٿي ڪٽي وڃي.

اوچتو ڪنهن پياري پياري ڇهاءُ تي منهنجي ننڊ ٽٽي ٿي وڃي. منهنجيون اکيون کلن ٿيون. ڪمري جون چارئي وال لائيٽس وچين شئڊليئر سوڌو روشن آهن. هوءَ وينس جي بت جيان صفا نيوڊ آهي ۽ مون کي جور جيان چنبڙي پيئي آهي.

# ٽالوپڊنگ

هوءَ اوچتو ڪچن مان نڪري اچي منهنجي سامهون بيهي ٿي. مان ڏانهس نهاريان ٿو. هن جو منهن اداس آهي. هن جا چپ مرڪڻ بجاءِ پيڪوڙيل آهن. هينئر سندس هينيون چپ وري ڦرڪڻ ٿو شروع ڪري. جنهن وقت سندس هينيون چپ ڦڙڪندو آهي ته هوءَ ان وقت روئڻ شروع ڪندي آهي. مان سندس اکين ۾ ٿو نهاريان، جن جي ڪنڊن مان هينئر رم جهم شروع ٿيڻ تي آهي. مان پيار مان ڪيس ڳراٽڙي پائي پرچائڻ جي ڪوشش ٿو ڪريان، پر هوءَ منهنجي سيني ۾ منهن لڪائي سڏڪا ڀرڻ بجاءِ منهنجي وڏايل هٿ کي پري ٿي ڪري ڇڏي. مان ڪائنس پڇان ٿو: ”وري ڇاتي ڊارلنگ!“

”تو مون کي سک ڪهڙا ڏنا آهن؟“ برندڙ جبل ڦاٽ ٿو ڪائي.

”مان توکي ڏک ڪهڙا ڏنا آهن؟“

”هي ڏک ناهي ته وري ڪو سک آهي؟ ناشتو تي پچايان ته وري لنچ، لنچ تي پچايان ته وري ڊنر. سڄو ڏينهن رڌ – پچاءُ!“

مان چپ، ڪيس ڇا ياد ڏياريان.

”روز ديڳڙا لاهيندي هٿ ٿا سڙن. ان ڏينهن ته منهنجي رئي کي به باه لڳي هئي.

”او ڊارلنگ، اهي نائلون جا ته روا نه پائيندي ڪر.“

”گهر ۾ ٻيا ڪهڙا پايان؟“

مان ڇا چوان.

”منهنجي شڪل ڏسين ٿو، روز باه تي ڪاراٽبي ٿي وڃي!“

”نه ڊارلنگ، تون ته روز اڱري ڪان اڳري ٿيندي ٿي وڃين.“

”نه نه، مون کي نٿي گهرجي اهڙي سونهن!“

”چڱو ڀلا، هيئن ٿا ڪريون ناشتو ۽ ڊنر تون پچائيندي ڪر، لنچ ٻيا شيزان مان ڪائيندا سين.“

”ائين خرچ وڌي ويندو. بجٽ خراب ٿيندي.“

”بجٽ کي ڏوڙ وجهه، تون ته سکي ٿيندينءَ.“

”بجٽ کي ڪيئن وساربو.“

”پوءَ ڀلا ڇا ڪجي؟“

”مون کي هڪ مائي رکي ڏي جا رڌ – پچاءُ به ڪري ۽ مون کي ڪمپني به ڏئي.“

ڊارلنگ، مائي جي مانيءَ مان ڪھڙو مزو ايندو؟ خانسامان چو نہ رکون؟“
”هون هون، خانسامان گدلا ٿيندا آهن ۽ پهرين نمبر جا ٺڳمان ٿيندا آهن.“
”مائين جي معتبرائپ جي بہ مون کي خبر آ. اهي بہ پورا هٿ ئي ڪونہ ڌوئينديون آهن، ٿانون ڌوئڻ جي ڳالھہ تہ پري رهي.“
”سڀ اهڙيون ٿورو هونديون آهن. وري مان چاڪاڻ آهيان؟ ڪيس پاڻهي چيڪ ڪنديس.“

منهنجي زال پاڻ بہ سهڻي آهي ۽ ڪيس هر سهڻيءَ ۽ نفيس شيءِ سان محبت آهي. اسين جنهن فليٽ ۾ رهون ٿا، اهو بہ منهنجي زال ئي پسند ڪيو آ ۽ ان کي وڏيءَ محنت سان سينگاريو آ. اسان جي بيڊ – روم ۾ ”امين“ جو پيلو ڪارپيٽ وڇايل آهي. وچ ۾ ڪاري رنگ جو ڊبل – بيڊ آهي. ان تي ”جي – ايم – بي، جي ميٽرس آهي. پاسي ۾ ٽيڪ جو ڪاري رنگ جو ”چيسٽ آف ڊراز“ پيو آهي. ٻي ڪنڌ ۾ ساڳئي رنگ جي ڊريسنگ ٽيبل آهي، جنهن ۾ بليجيم جا ئي شيشا لڳل آهن. اسان جو ڊرائنگ روم بہ نهايت سهڻو آهي. ان ۾ هڪ وڏو ايراني قالين وڇايل آهي. بہ فوم جا صوفا سيٽ پيا آهن. هڪ پاسي کان ”سيٽي“ آهي ۽ ٻئي پاسي کان گرونڊڪ جو ريڊيو پيو آهي. ڊرائنگ روم جي ڀتين تي گهڻين تصويرن بجاءِ صرف صادقين جي هڪ وڏي پينٽنگ لڳل آهي، جنهن ۾ هڪ ڍنڍ جو نظارو ڏيکاريل آهي. ڍنڍ ۾ ڪنول جا گل جهڳٽا هنيو بيٺا ڏيکاريل آهي. ڍنڍ ۾ سهڻا پکي نيرڳ ۽ هنجرون، ميڙ ڪريو ويٺا آهن ۽ ڪي ٻيءَ جاءِ تي لهڻ لاءِ اڏامن ٿا. ڊرائنگ روم جي هڪ ڪنڊ ۾ سهڻو شيشي جو شوڪيس پيو آهي، جنهن ۾ ڊيڪوريشن پيسز پيا آهن. انهن جي وچ ۾ گوتم ٻڌ سچ جي ڳولا ۾ گم آهي. پاسي ۾ وينس آهي ۽ هڪ بہ نيوڊ آهن. اسان جو باٿ روم بہ هڪ مڪمل باٿ روم آهي، جنهن جو نمونو بہ منهنجي زال انگريزي رسالن تان ڳولي ڳولي ڪڍيو آهي. سڄو باٿ بلو رنگ جي ٽائلن ۽ ساڳئي رنگ جي واش – بيسن ٽب سان نهيل آهي. اسان جو ڪچن بہ سڄو ”فارميڪا“ جو نهيل آهي. ان ۾ سئي گيس جو ڪکر آهي، چينيءَ جو واش – بيسن آهي، جنهن ۾ ڊشز ڌوئڻ ۾ ڪا تڪليف ڪانہ ٿيندي آهي. منهنجي زال سڄي گهر جو ڪم ڪار پاڻ ڪندي آهي، ان لاءِ هوءَ روز صبح جو ساجهر اٿندي آهي. ڪمرا صاف ڪري، ٽيڙ تاڙي چنڊي، ڪچن ۾ ويندي آهي ۽ ناشتو تيار ڪندي آهي. ناشتو ڪري اسين ٻئي پنهنجي پنهنجي سروس تي ويندا آهيون. اتان واپس موٽندا آهيون تہ پوءِ هوءَ منجهند لاءِ ڪا هلڪي ڊش تيار ڪندي آهي. ان کان پوءِ شام جي چانهن ۽ ڊنر تيار ڪندي آهي. ڊنر

ڪائي واندا ٿيندا آهيون تہ پوءِ هو ڊش ڌوئيندي آهي، هن ۾ مان بہ سندس ٿوري هيلپ ڪندو آهيان. هوءَ سڄو ڏينهن ڪم ڪري ڏاڍي ٿڪجي پوندي آهي. مان ڪيس بہ تي پيرا خانسامان رکڻ جي صلاح بہ ڏني آهي. هوءَ منهنجي نہ ٻڌندي آهي ۽ چوندي آهي:
”خانسامان ههڙي ڪچن جو خانو خراب ڪري ڇڏيندا.“

”چو خانو خراب ڪندا؟“

”هنن کي ماڊرن ڪچن جو ڪهڙو قدر؟ هو ڏاڍا گدلا ٿيندا آهن.“

”بٽ ڊارلنگ، اٽ از اي ٽيريبل جاب.“

”ناٽ فار ليڊيز!“ هوءَ مشڪندي جواب ڏيندي آهي.

”تون ڏاڍي ٿڪجي ٿي پوين.“

”پوءِ تون بہ ڪم ڪندو ڪر نہ!“

”مان بہ وس آهر تہ ڪندو آهيان، پر گهڻو ڪم تہ مون کان نہ ٿو پڄي.“

”توکان جيترو پڄي سو ڪندو ڪر، باقي مان ڪنديس.“

انهن ڳالهين ۾ منهنجي پوري نہ پوندي آهي تہ وري ڪيس ٻئي نموني سمجهائڻ جي ڪوشش ڪندو آهيان ۽ ڪيس چوندو آهيان: ”ڊارلنگ، سوشل اسٽيٽس جي خيال کان بہ خانسامان ضروري آهي.“

”فارين ۾ جو هرڪو پنهنجو ڪم پاڻ ڪندو آهي، انهن جو سوشل اسٽيٽس ڪو گهٽ تہ ڪونهي.“

”اتان جي تهذيب ٻي آ، اتان جو ماحول ٻيو آ، ڊارلنگ!“

”اسين اهو ماحول هت بہ پيدا ڪري سگهون ٿا.“

”آئڊيا تہ تمام سٺو آهي، پر مون کي صرف تنهنجو خيال تو ٿئي.“

”سويٽ آف يو!“

”پوئي ڊارلنگ!“ مان مڃي ڏنيمانس.

”ان کان سواءِ اسان کي پئسو گهرجي، اسان کي ڪار بہ وٺڻي آهي!“

”ها ڊارلنگ، ٽئڪسيون اڏ پگهار کٽي ٿيون وڃن، ڪار ضروري آ، پر ڪهڙي وٺنداسون؟“

”تون ٻڌاءِ.“

”مون کي تہ ”مورس“ وڻندي آ.“

”اون هون، ان ڪار کي ڪا شيپ ئي ڪانهي. اسان کي اها نہ گهرجي.“

”ووڪس ويگن؟“

”اها بہ نہ. ان جون سيٽون آرام واريون ڪينھن.“

”پوءِ ڪھڙي؟“

”ٽويوٽا يا مزدا 1500، ننڍين ڪارين ۾ اهي ئي نفيس ۽ سھٽيون آهن.“

”واقعي مون کي انھن جو خيال ئي ڪونہ آيو.“

”پوءِ ڏس تہ، اسين خانسامان ڪيئن ٿا افورڊ ڪري سگھون، جڏهن تہ اسان کي اجا ڪار بہ ڪانھي.“

سندس اهي ڳالھيون ٻڌي مان پوءِ ڪيس چوڻ ڇڏي ڏنو آهي. هوءَ سڄو ڏينھن پنھنجي گھر جو ڪم ڪار ڪندي آهي ۽ رات جو ٽڪجي اچي هنڌ ۾ ڪرندي آهي. اسين هن وقت تائين چڱي سيونگ ڪري ويا آهيون ۽ ڪار جي رقم ۾ ڪي باقي ٿورا پيسا رهيا آهن، جو هوءَ ڪچن مان نڪري اچي منھنجي سامھون ويھي ٿي. هن جو منھن اداس اداس آهي، هن جا چپ مرڪڻ بجاءِ پڪوڙيل آهن........ مان ڪيس ڳراٽڙي پائي پرچائڻ جي ڪوشش ٿو ڪريان تہ منھنجي سيني ۾ منھن لڪائي سڏڪا ڀرڻ بجاءِ منھنجي وڏايل هٿ کي پري ٿي ڪري ڇڏي.

مان پنھنجي سر بہ ڪوشش ٿو ڪريان ۽ دوستن کي بہ ٿو چوان تہ اسان کي هڪ مائي گھرجي، جا لکنوءَ جي نوابن جا کٽي ڪاڏا نہ پچائي، پر صاف ستري هجي ۽ سادو وٽندڙ کاڌو پچائي سگھي.

”مون کي هڪ مائي سجھي ٿي.“ منھنجو ڪليگ حسن چئي ٿو.

”سچي حسن!“ مان خوشيءَ مان ڪانئس پڇان ٿو.

”رئيلي پر يايي شايد ان کي نہ ٻيھاري.“

”ڇو نہ ٻيھاريندس؟“

”ڇاڪاڻ تہ اها مائي خاصي وٽندڙ عورت آ.“

”دين واٽ! اسان کي تہ اهڙي گھرجي.“

”عورتون خوبصورت مائين کي پسند نہ ڪنديون آهن. منھنجيءَ وائيف بہ اهڙيءَ کي نہ ٻيھاريو هو.“

مون کان ٺهڪ نڪري ٿو وڃي. ڪلندي ڪلندي ڪانئس پڇان ٿو: ”ڇئبو تہ يايي تنگ نظر آ؟“

”سڀ بيگمات تنگ نظر هونديون آهن، منھنجا ياءُ!“

”نہ نہ پُلو آهين، ماءِ وائيف از ابئو ديز ٿينگز.“

”امپاسيبل!“

”ڏس نہ، اسين ٻئي پڙهيل ڳڙهيل آهيون؛ اسان ٻنهي کي هڪ ٻئي سان پيار آهي ۽ هڪ ٻئي تي اعتبار آهي.“ مان کيس سمجهايان ٿو.

”هون، ڪتابي ڳالهيون.“

”چڱو، پاڻ ڏسندين. مون کي چڙو اها مائي هٿ ڪري ڏي.“

”شام جو اچج تہ کيس لوڪيٽ ڪنداسون.“

مان شام جو ان مائيءَ کي گهر وٺي ٿو اچان. مائي برابر شڪل صورت جي چڱي آ، پر تنهن ۾ منهنجو ڇا؟ مائيءَ سان مان ڇڙي پگهار ڳالهائي آهي. هن اسي رپيو مهينو وٺڻو ڪيو آ، جو هن مهانگي شهر جي لحاظ کان تمام مناسب آهي. هن کي عام طرح پاڪستاني کاڌا تيار ڪرڻ ايندا آهن ۽ خاص طرح هوءَ برياني، قورمو، شامي ڪباب، ڪوفتا سٺي طرح پچائي سگهي ٿي ۽ ٻيون ڊشز بہ هڪ دفعو ڏسڻ سان پچائي سگهندي. مائيءَ مهيني ۾ بہ ٽي ڏينهن موڪل بہ گهري آهي، جا بہ مان کيس ڏيڻي ڪئي آهي. اهي بہ ڏينهن پاڻ پچائينداسون يا هوٽل ۾ کائينداسون.

بيگم ڊرائينگ ۽ سٽنگ ۾ ڪانهي. هوءَ باٿ ۾ آهي، جنهن جو دروازو بند آهي. اندران شاور جو ۽ هن جي جهونگارڻ جو آواز ٿو اچي. مان دروازي کي ناڪ ٿو ڪيان.

”ويٽ ڊيئر!“ اندران هوءَ چوي ٿي.

”تمام ضروري ڳالھ آ.“

”دين شوٽ اٽ.“

”هڪ مائي آندي اٿم جا ماني پچائيندي.“

”ريئلي!“ هوءَ عجب ۽ خوشيءَ مان رڙ ٿي ڪري چوي.

”ها، سچي! ۽ توکي وڻندي. پگهار بہ تمام مناسب صرف اسي روپيا مهينو.“ مان پگهار واري ڳالھ هوريان ٿو چوان، متان وراندي ۾ وينل مائي ٻڌي وٺي.

مون کي هن جي ٽب مان ٻاهر نڪرڻ جو آواز ٿو اچي ۽ سندس تڙ تڪڙ ۾ ڪپڙا پائڻ جا سرڙات ٿا اچن. هوءَ در کولي ٻاهر ٿي نڪري. هن جو منهن خوشيءَ کان ٻهڪي ٿو. هوءَ مون کان پڇي ٿي: ”ڪٿي آ مائي؟“

”ان دي وراندا، ماءِ ڊارلنگ!“

”هل تہ کيس ڪم سمجهايون.“

”ڊينٽس يوئر جاب! مون کي شاور ڪري ڪلاڪ ٻن لاءِ ٻاهر وڃڻو آهي.“

هوءَ تڪڙي تڪڙي ورانديءَ ڏانهن وڃي ٿي. مان سندس خوشيءَ تي خوش ٿيندو، اندر باٿ ۾ ٿو وڃان، جنهن ۾ سندس بدن جي سڳنڌ پکڙيل آهي. مان آرام سان شاور ڪري، ڪپڙا بدلائي، گهر کان ٻاهر ٿو نڪران. پورن ٽن ڪلاڪن کان پوءِ ڊنر جي ٽائيم تي واپس ٿو موٽان ته وري به ڪيس ڪچن ۾ ڪم ڪندو ٿو ڏسان! مان هن کي ٻانهن کان پڪڙي اٿاريان ٿو ۽ چوان ٿو: ”ڇڏ، ڊارلنگ، مائيءَ کي پچائڻ ڏي.“

”مائي هلي وئي. مان هن کي ڪونه بيهاريو.“ هوءَ ڪنڌ هيٺ ڪري چوي ٿي.

”واٽ؟“

”مان هن کي ڪونه بيهاريو!“ هوءَ وري ٻڌائي ٿي.

”بٽ واءِ؟“ مان ٿورو چڙ مان ڪائنس پڇان ٿو.

هوءَ پهرين ٿورو هٻڪي ٿي. پر ان دم ئي منهنجي ڳچيءَ ۾ ٻانهون وجهي چوي ٿي: ”ڊارلنگ! هن کي ته اٿالو پڊنگ ئي ڪانه پئي ٺاهڻ آهي، ڪيس ڪيئن بيهاريان!“

# اسلام عليڪم

هاسٽل جو شيخائون در لنگهي اندر ٽيس. ڏسان تہ جهل جهوتا، ڇوڪرا منهنجي ڪمري اڳيان ميڙ ڪيو بيٺا هئا. پنهنجا سنگتي بہ نظر پئي آيا. ناريجو پنهنجي مڇن کي، جيڪي هن تازو پرنسپال شاه صاحب جي نهنڊڙ شهپرن کي ڏسي ريس تي رکيون هيون، موڙي رهيو هو. ٿٽي جو محمد خان پنهنجي سائي سوٽ جي کيسي ۾، جنهن جو رنگ هوبهو مولوي..... جي دستار جهڙو آهي، ڪبو هٿ وجهي جنهن ۾ ويچاري کي پنجن جي بجاءِ ڇهہ آڱريون آهن، سگريٽ مان دونهان ڪڍي رهيو هو. عبدالرحمان بہ چشمي پنيان اکيون پٽي متڪايون. مان ايترو ميڙ ڏسي انومان ڪڍيو تہ پڪ سپريڊنٽ کي منهنجي پارٽنر جي مهمان جي خبر پئجي ويئي آهي ۽ ڪانئس ٽپڙ ٽو ڪٽائي. منهنجي منهن تي مشڪ اچي وئي. ڪيو بہ پارٽنر ڪک هو. اهو سياڳو ڏينهن گٽل ئي ڪونہ هو، جڏهن سندس ڪو مهمان نہ آيو هجي. روز شام جو هن جي ڪنهن ياءُ، سوٽ، ماسات سان ملاقات ٿيندي هئي. تعارف وقت پارٽنر منهنجي ڏاڍي ساراهہ ڪندو هو، جنهن جو روحاني راز يعني ڳجهو مطلب اهو هوندو هو تہ پنهنجي کٽ بستري سوڌو سندس مهمان جي حوالي ڪري پاڻ وڃي شيخ سان سمهان. مان ٿلهو ماٺهو سڄي کٽ تہ پاڻ والاري ويندو هوس ۽ ويچاري شيخ کي سڄي رات بانهيءَ تي سمهڻو پوندو آهي. ”آخر هاسٽل آ ڪن ويرومل جو آشرم.“ صبوح جو شيخ لال پيليون اکيون ڪري مون کي چوندو هو. مان بہ چا ڪيان؟ مان تہ پاڻ وڏا پڳڙ ۽ وڏيون وڏيون شلوارون ڏسي ڪک ٿي پيو هوس. مهمان وري تہ اهڙا سريلا ايندا هئاس، جن کي اها بہ خبر ڪانہ هئي تہ پرائو ڏنڊڻ استعمال نہ ڪبو آهي. تنهن ڏهاڙي جي ڳالهہ کي ئي وٺو. مامهنس آيو هو، سڳو الائي ويڳو. صبح جو ننڊ مان اٿيو تہ ڇوڪرن کي ڳاڙها، پيلا، نيرا ٿٽ برش هٽندو ڏسي، هن کي بہ شوق جاڳيو. منهنجي خاني ۾ ڪو ڏنو هئائين. بس نہ پڇا نہ ڳاڇا، بسم الله ڪري پنهنجي پيلن پيلن ڏندن کي صاف ڪرڻ لڳو. مان ٻئي ڪمري ۾ سمهيل هوس. جيستائين اچان، تيستائين همراه ڏند اچا ڪري گرڙي پئي ڪئي. باهہ وٺي وئي. اهو برش پارٽنر کي ڏنم تہ پنهنجي مامي کي ڏي تہ ڪيس ڳوٺ ڪم ايندو. اهڙا تہ ڪوڙ واقعا، ڪهڙا ڳڻي ڪهڙا ڳڻجن؟ گذريل ڳالهين کي ياد ڪرڻ بہ نيڪ ڪونهي. ”اڄ پٽ جي خبر پوندي.“ مان اهو سوچي دل ۾ خوش ٿيڻ لڳس. جيئن روم جي ويجهو ٿيندو ويس، تيئن منهنجون واڇون ٽڙنديون ويون.

”اجا تو ڪلين ڪرل!“ ناريجو مون کي ايندو ڏسي مون ڏي وڌي آيو هئو. ”چو چاهي؟“ ناريجي جي منهن تي گنڀيرتا ڏسي منهنجا مشڪندڙ چپ ڀيڪوڙجي ويا.

”توکي منهنجو نياپو ڪونہ پهتو ڇا؟“

”نہ“ مون کي پريشاني وٺي وئي.

”تنهنجي ڪمري ۾ ڪاتي خون ٿي پيو هو.“ جڻ ڪنهن مون کي ٻہ هٿڙو سوٽو هڻي ڪڍيو. صفا ڍڪر اچي ويا. اوچتو مون کي پارٽنر جي انهن غنڊن دوستن جو خيال آيو، جي اسان جي ڪمري تي قدم رنج فرمائي اسان جي وڏن تي احسان ڪندا هئا. اشرافي نموني ۾ تہ ڳالهائڻ ڪونہ ايندو هو. گار جو زيپٽ، پوندي جو ٽڙڪو پيو پوندو هو. ”پڙوا يانن جا“، ”تڪ لعنت جا پهاڪا ٻڌاءِ“ منهنجو تڪيو ڪلام هو. مان ڪيترا ڀيرا پارٽنر کي انهن کي نہ آڻڻ لاءِ چيو هو، پر هو چوندو هو: ”تون آهين ٻار، اهڙن سان چڱي آهي. دنيا ۾ دوست بہ آهن دشمن بہ. ڪنهن آئي ويل مدد ڏيندا.“

”ڪ پاڻ ۾ جهڳڙو ٿيو هوندن. جهيڙي کان پوءِ چاقن ۽ چرن نڪرندي ڪا دير ٿيندي؟ ٽڙڪ، چاڪو سڌو ٿي ويندو. ٺپ ٺپ، پوءِ رت جا ريلا.“ مان سوچيو.

”ڪنهن کي چاقو لڳو؟“ مان توري ويرم رکي ناريجي کان پڇيو. ان ويرم ۾ انهن غنڊن مان هڪ ڪاري حبشي غنڊي کي تڪيو. صلاتون پڙهڻ لڳس، الله ڪري ان کي چاقو لڳا هجن. هو مون کي سيني جو پيءُ نظر ايندو هو. سندس ڳاڙهيون اکيون اهڙيون تہ خوفناڪ ۽ بچڙيون هونديون هيون جو دل چوندي هئي تہ سندس نڙگهٽ تي ننهن ڏيئي سندس اکيون ڪڍي ڇڏيان.

”اسلام عليڪم کي.“ ناريجي جي منهن مان غم جي صاف جهلڪ ظاهر هئي.

”هان!“ منهنجو عجب ۾ وات ڦاٽي ويو. ”ان کي وري ڪيئن ڌڪ لڳا؟“

”مٿئين بلاڪ وارو قلندر پٺيوالو ڏٺو اٿئي نہ؟“

”ها“ مون آهستي جواب ڏنو.

”ان کي چوري جي عادت آهي. پرسان ڪنهن کي موجود نہ ڏسي تنهنجي ڪمري جو ڪلف کولي اندر گهڙي ويو. تنهنجي پيٽيءَ جي ڪلف کي سٽ سان پيچي ڏوڪڙ ڪڍيائين.“ ايترو چئي ناريجو مون ڏي ڪرڙي نظر سان نهارڻ لڳو. هن کي هميشہ مون کان شڪايت هوندي هئي تہ مان ميس جي مئنيجري جي لائق نہ آهيان، جو مان وڏ – ماڻهپو ڏيکاري ايترا سارا پئسا اتي ڪمري ۾ رکندو آهيان ۽ ڪلف بہ ٽڪي ٽين پئسي وارا هڻندو آهيان. ”ڪرل! ياد رکجانءِ منهنجو چوڻ، جيڪڏهن ڪنهن همراه کي وارو اچي ويو تہ ٽڪو بہ نہ بچائيندءِ، جو پڳڙا ويهي ڦڪين.“ هو هميشہ مون کي

چوندو هو ۽ ان خونين نگاهن سان نهاري مون کي پنهنجا چيل لفظ ياد ڏياري رهيو هو.

”ٻيلي الله جو نالو اٿئي اڳتي ٻڌاءِ.“ منهنجو بدن پگهر سان شل ٿي ويو. پراون پئسن جي ڳڻتي اچي لڳي.

”اڳتي ڇا ٻڌايانءِ؟“ ناريجو اندر چيريندڙ لفظ استعمال ڪري رهيو هئو. ”انڌو به سمجهي سگهي ٿو. ظاهر آهي ته هن چوري پئي ڪئي هوندي، جو هن دستور مطابق تنهنجي ڪمري ۾ جهاتي پاتي هوندي، ڪيس چوري ڪندي پڪڙڻ جي ڪوشش ڪئي هوندائين ۽ هن بچاءُ ۾ ڪيس چاقو هنيا هوندا.“

”قلندر پڪڙيو؟“ دراصل مان اهو پئي پڇڻ گهريو ته پئسا ته ڪونه ويا، مگر ان سوال جو پاڻ ۾ ست نه سمجهي مان هي پڇي ويٺس.

”تون خالي هٿين هجين ۽ ٻئي کي ستن انچن جو ڇرو هجي ته پڪڙي سگهندين؟“ ناريجي خار مان پڇيو.

منهنجو منهن پيلو ٿي ويو. قلندر پڇي ويو، معنيٰ ته پئسا به ويا. مون کي ان ٿوٽ جي فڪر اچي ورايو. ناريجو منهنجي فڪر کي سمجهي ويو. منهنجي ڪلهي تي هٿ رکي چيائين:

”پئسا ڪانئس ويڙهه ۾ ڪري پيا. اهو به شڪر ڪر نه ته ڪيڏي ڇٽي پرٽي پوي ها.“

پئسن جي بچاءَ جو ٻڌي منهنجي منهن تي رت وري آيو. دل ڪتي قدري فرحت آئي. ڪا ڳالهه ياد ڪري ڪيس چوڻ لڳس:

”پر يار قلندر ته هن جو مائٽ هئو نه؟“

”مائٽ هئس ته ڪهڙي ڳالهه، ڪيائين ته چوري پئي.“ ناريجو وري تيز ٿي ويو.

منهنجي ڏندن ۾ آڪريون اچي ويون. ڪو ائين نه ڪري. ڀلا مان هن جو ڪير ٿيندو هوس جو هن پنهنجي مائٽ کي چوري ڪندي نه سنو. پنهنجي جان جوکم ۾ وجهي به ڪيس پڪڙڻ جي ڪوشش ڪيائين، پر مان ته ڪيس ليکيندو به نه هئس. هڪ قسم جي ساڻس نفرت ڪندو هوس، هن قلندر کي چوري ڪندي ڏٺو هو. ڪانئس ڏوڪڙن جو ڳپل حصو وصول ڪري ٿي سگهيو. ڪنهن کي خبر پئي ها؟ ناريجي جو چيل جملو منهنجي دماغ ۾ قرڻ لڳو: ”مائٽ هئو ته ڪهڙي ڳالهه، ڪيائين ته چوري پئي.“ ايتري ۾ ناريجي منهنجو هٿ پڪڙي چيو: ”ڇڏ سوچ کي، هلي پئسا سنڀال ۽ اندر انسپيڪٽر به وينو آهي، شايد توکان بيان وٺي.“

اندر ڪمري ۾ اچي مان پئسا سنڀاليا. بلڪل پورا نڪتا. انسپيڪٽر به اهڙي قسم جو بيان وٺي هليو ويو. ناريجي کان وڌيڪ پڇڻ تي معلوم ٿيو ته هن کي چاقو جا ٻه ٽي گهرا ڌڪ لڳا آهن، ان ڪري ڪيس اسپتال اماڻيو اٿن.

چوندا آهن ته جي ڪنهن مشهور ماڻهوءَ جو نالو ڪنهن ٻئي تي رکبو اهي ته ان جي خوبين جو گهٽ ۾ گهٽ ڏهون حصو ان نالي جي ڪري منجهس پيدا ٿي ويندو آهي. هن جي مائٽن به شايد ان ڪري سندس نالو ”رانجهو“ رکيو هو ته پٽ وڏي هوندي هير جي رانجهي وانگر عشق ڪمائيندو، ڪو وارث شاهه ان تي گيت لکندو ۽ ماڻهو اهي گيت سوچ سان جهونگاريندا. هير جي رانجهي بابت ته ٻڌو اٿئون ته ڏاڍو سهڻو هئو، پر هي رانجهو؟ توبه الله جي در. اهڙو ته بدشڪل هئو، جو ڪهڙي ڳالهه ڪجي. قد گوگڙو، ڏاڙهي ٻچي، جنهن کي ڪيس لائيندو هو ته ڪاري، جي ميندي هڻندو هو ته ڳاڙهي ڳٽول نظر ايندي هئي. اک ۾ پائيءَ جيترو ڦلو، جنهن لاءِ ويچارو هميشه چوڪرن کي اعتبار ڏيارڻ جي ڪوشش ڪندو هو ته ڪيس ان ۾ به ديد آهي. چوڪرن ئي ڏٺا ڏيئي اٽ کي مسيت تي چاڙهيو هو. سو هن کان سڄي اک بند ڪرائي ڪيس ٻجو ڏئي پڇندا هئا. چوڪيدار ڳهٽيون ”آڱريون آهن؟“ هڪ مٺ سڄيل ٻئي ۾ ڪپ. اهو ڪپ به ڏندن پڇڻ ڪري ٿيو هوس. ڏندن پڇڻ جو قصو به ليلا مجنون، عمر مارئي جي قصي وانگر هاسٽل ۾ پشت به پشت هلندو آيو. ڳالهه ٿي هئين ته سپريڊنٽ جي چوڪرن راند پئي ڪيڏي. راند به ٻي ڪا ڪانه اها نياڳي ڪرڪيٽ پئي ڪيڏيائون. ڪرڪيٽ جو بال جهڙو پٿر. هن کي جو ڪٿي ڪٽي ته پرسان وڃي ٿو بيهي. ”آءُ گداڙي ٻن ۾“ نڪاءُ جو بال لڳس ڏياڙي ۾ ست ڏند اتي جو اتي ڪري پيس. انون ڏند وري ڊاڪٽر شريف هاسڪار ڪڍيو هوس، جو هن جي مرضي هئي ته سپريڊنٽ تي ڪيس ڪري ڪانئس ڏندن جي رقم وٺي. ڊاڪٽر شريف جو ته سپريڊنٽ سان ساڻ هو، جو پٽهنس کي هاسٽل ۾ داخلا نه ڏني هئائين، پر هن ته سپريڊنٽ جو نمڪ پئي کاڌو. نمڪ حرامي ڪرڻ تي ڪٿي جو به وڙ ڪونهي. ماٺ ڪري ويهي رهيو.

هن جا جڏهن به پئسا کٽندا هئا ته هر هڪ چوڪري جي ڪمري تي اچي در کولي منڊي اندر ڪري ڪڙڪيدار آواز ۾ ”اسلام عليڪم“ چوندو هو. ان ”اسلام عليڪم“ ڪيترن چوڪرن کان چرڪ ڪڍيو هئو. پنهنجي خرچي وٺڻ وقت اها خبر نه پوندي هيس ته روم ۾ رهندڙ چوڪرو جاڳي ٿو يا ننڊ پيو آهي؟ هن کي رڳو ”اسلام عليڪم“ چئي خرچي جا ڏوڪڙ وٺڻا هئا. جڻ کي منجهس لهڻا هئا. چوڪرا دل ۾ ڪيس گاريون ڏئي به خرچي ڏيندا هئا. هن سان سدائين جو ڪم هئو، ڪيس خرچي نه

ڏين تہ ڪير جو ٻارھين ٻجي رات ڪان پوءِ ڪين ھاسٽل ۾ اچڻ لاءِ گيٽ ڪولي؟ ڪير ڪين سؤ سؤ جي پاور جا بلب ٻاريندا ڏسي سھي ۽ سپريڊنٽ کي خبر نہ ڏئي. ڪنھن جو مھمان ايندو ھئو تہ ساڻس رسائي ڪرڻي پوندي ھئي. پير علي نواز کيس خرچي نہ ڏني ۽ مھمان رھايو تہ ان دم سپريڊنٽ کي خبر پئجي وئي. ٻاھ تي آيو ھڪدم پير کي ٽپڙ ڪٽڻ لاءِ چيائين. پر پير ھو ڪارساز ماڻھو، سو پڳو ھاسٽل جي سيڪريٽري ڏي. ڪانئس سفارشي چٺي آندائين تہ ٻہ کيس ويھ روپيا ڏنڊ ڀرڻو پيو. جي چوڪيدار کي چار آنا ڪن خرچي ڏئي ھا تہ ايڏي انداز تي ڳالھ نہ پھچي ھا.

ھو خرچي وٺي، پنھنجي پڳل ڏندن جو ديدار ڪرائي اتان نڪري وري پر واري ڪمري ۾ ويندو ھو. ”اھا ئي اسلام عليڪم“ ٻڌبي، ٿوري دير چپ، تيستائين چوڪرو شايد ھن لاءِ ڏوڪڙ ڪيندو ھو. وري ”اسلام عليڪم“ ۽ تنھن بعد ھن جو چڳل بوٽ جو گيھو. اھي گشت تيستائين پيا ھلندا، جيستائين کيس يقين ٿي ويندو ھو تہ وٽس ھفتي ڪن جي چرس ۽ آفيم جا پئسا گڏ ٿيا آھن. جيڪي چوڪرا کيس خرچي ڏيندا ھئا، تن کي سو گيٽ ڪان اندر ايندي يا ٻاھر ويندي سلام ڪندو ھو. باقي ٻين کي آگونو. ھڪڙن کي سلام ڪري ٻين کي نہ، اھا بہ بي عزتي، ان ڪري ھن کي خرچي نہ ڏيڻ وارا چوڪرا بہ گھٽو ڪري خرچي ڏيڻ شروع ڪندا ھئا، جيئن ھو ڪين بہ سلام ڪري ۽ پئنٽ جي کيسي مان ھٿ ڪڍڻ جي تڪليف نہ ڪن، پر اتي جو اتي وڏائي سان ڪنڌ ڌوڻين. چون ٿا تہ عمر جاگيراڻي بہ کيس ان ڪري خرچي ڏيڻ شروع ڪئي ھئي. ھن جي ھر وقت ”اسلام عليڪم“ کيس ”اسلام عليڪم“ جي نالي سان مشھور ڪيو ۽ سندس اصلي نالي ”رانجھي“ کي ھرڪو وساري وينو. ”ڪھڙو پٽيوالو؟“ ”اسلام عليڪم“. ”رات ڪنھن در ڪوليءِ؟“ ”ڪئنٽين تان چانھن ڪنھن ڪان گھرايءِ؟“ ”اسلام عليڪم آندي“ چوڪرن جي اھڙن قسمن جي گفتن ۾ ھن جو نالو مشھور ٿي ويو، تانجو ھاسٽل جا تي پٽيون چوڪرا کيس ”اسلام عليڪم“ سان سڃاڻڻ لڳا.

کي چوڪرا اھڙا بہ ھئا، جن کي ھن ڪان سخت نفرت ھئي. پنھنجي ڪمري جو دروازو بند ڪري ڇڏيندا ھئا، جيئن اندر نہ اچي. ھو دروازو ڪڙڪائي ڪڙڪائي پنھنجو بند ڪيندو ھئو، پر مجال جو اڳيان بہ دروازو ڪلي. مان بہ انھن مان ھئس. پھريون تہ مان بہ کيس جام خرچيون ڏنيون، پر ھن جي ھڪ نہ ٻئي ڏينھن جي اچڻ ۽ اويل سويل ڪان لاپرواھيءَ مون کي بہ دروازو بند ڪرڻ تي مجبور ڪيو. خرچي ڏيڻ جو بہ ڪھڙو ضرور؟ پلي دروازو نہ ڪولي، پوئين شو تي ڪٽي پڪچر نہ ڏسبي. نہ مھمان ٽڪائيندو ھوس ۽ نہ وري اھڙو ڪو ڪم ڪندو ھوس، جو ھن ڪان ڊڄجي. ھن جي ”اسلام

عليڪم“ ٻه مون کي ڪانه ڳهربي هئي. ڪنن ۾ آڱريون وجهي وجهي مان ٿڪجي پيو هوس.

ٽي چار ڏينهن ٿيا، جو هو اسپتال مان چاق ٿي موٽي آيو آهي. ايترا ڏينهن خاموش هئڻ ڪري منهن گهٽو لهي ويو اٿس. هن جي ڳِٽي جو ڪِپ اڳي کان وڌيڪ نمايان ٿي پيو آهي. ان کي واقعي چڳل بوٽ جي ڳيهي وانگر هرڪو سڃاڻي ٿو. هو ٽيون ڏينهن مون وٽ آيو هو، وري اڄ اچڻ جو وارو اٿس. هي وقت هن جي اچڻ جو آهي. شايد ته هو اچي ٿو. هن جي لٺ جو ڪڙڪو، هن جي بوٽ جو ڳيهو مان ٻڌان ٿو. هو هن وقت چاليهين نمبر ڪمري وٽ آهي. اتان ايڪيتاليهين ۾ ايندو ۽ پوءِ مون وٽ. منهنجي ڪمري جو در ڪليل آهي. مان ان کي اڳي وانگر بند نٿو ڪيان ۽ نه ڪنن ۾ آڱريون وجهڻ لاءِ تيار ٿو ٿيان، پر خاني ڏانهن هٿ وڌائي، هن جي لاءِ اڳيئي روڪڙ ڪڍي مٺ ۾ ٽيو جهليان. مان ائين ٿو سمجهان ڇڻ مون کي هن جي لالچ، هن جي ”اسلام عليڪم“ سان محبت ٿي وئي هجي. مان هن جو قدر سڃاڻو آهي. شايد ته هر ڪنهن سڃاتو هجي.

# دارالفلاح

صبوح جو ساجهر، جڏهن سڀ اجا سمهيا پيا هئا، تڏهن هوءَ گهر مان نڪتي هئي ۽ ڪورٽ کي گذارش ڪئي هئائين تہ هو يتيم ۽ لاوارث آهي، ڪيس دارالفلاح ۾ امان ڏني وڃي. ماجسٽريٽ ڪانئس دستوري بيان وٺي دارالفلاح اماڻيو هو.

ست مهينا اڳ جڏهن اجا ڪيس ساماڻي مهينو ڏيڍ ٿيو هو ۽ هڪ اهڙي انب جيان هئي، جو پيلاڻ باوجود ڪچو هوندو آهي ۽ ذائقي ۾ ڪٽڙو هوندو آهي، سندس ماءُ هڪ وڏو جشن ڪيو هو. ڪوٺي جي هينان پڌر ۾ وڏو شاميانو هڻايو هئائين، جنهن ۾ قالين ۽ چاندنيون وڇائجي ويون هيون، برادريءَ جون سڀ چونڊ چونڊ ڳائڻيون ڪوٺيون هئائين، جن سڄي رات مجرو ڪيو هو. وڏي اسر مهل ڪيس هڪ سيٺ جي حوالي ڪيو ويو هو، جنهن سندس جوڀن جي قيمت پنج هزار روپيا ڏني هئي. سيٺ کي وٽس برابر پندرهن ڏينهن رهڻو هو، پر هن پهرين رات جي ئي ٻڇت، ٽن چئن ڪلاڪن ۾ ڪيس اهڙي طرح چيچاڙيو هو، جو سندس ڪاري رنگ جي ڪاراڻ هن جي سون جهڙي رنگ ۾ ملي هن جي ڳلن ۽ سيني تي ڪارا ڪارا ڏبڪ ڇڏي وئي هئي ۽ ڪا مهل ڪيس داغيل انب جيان ڪري ڇڏيو هئائين. پوءِ ڪٽي ٿوري دير بعد جوانيءَ جي رت انهن ڪارن ڪارن ڏبڪن کي پنهنجي تيز وهڪري ۾ گم ڪري ڇڏيو هو، پر تہ بہ ماڻس کي اها ڳالهہ ڪانہ وڻي هئي ۽ سيٺ کي پنهنجي منهن چند ڪڍي هئائين. عام حالتون هجن ها تہ ماڻس کي هرو ڀرو ايتري تڪڙ ڪرڻ جو ڪو ضرور ڪونہ هو. هن کي مس مس سِڪي سِڪي اها ڌيءُ ڄائي هئي ۽ ڪيس پنهنجي ڪراڙپ جو توشو سمجهي وڏي ناز انداز سان پاليو هئائين. هوءَ پنهنجي گل جهڙي نازڪ ۽ سهڻي ڌيءَ ڪنهن جي حوالي ڪرڻ کان اڳ ڍهہ ڀيرا سوچي ها ۽ خريدار کي روڪ روپئي وانگر وڄائي وڄائي پوءِ ئي ماڻڻ ڏئي ها، پر ان حالت ۾ ڪيس وڌيڪ ترسڻو ڪونہ هو. هن کي حڪومت جي ان بندش واري قانون جي خبر پئجي وئي هئي، جنهن جون ڪارروايون مولوين جي فتوائن سان گڏ اخبارن ۾ اينديون هيون ۽ جن سڄي برادريءَ ۾ چوٻول وجهي ڇڏيو هو. منڍ ۾ تہ هن ان قانون جي ڪا خاص پرواه ڪونہ ڪئي هئي. رڳو ٻني پوءِ کان ايترو ڪيو هئائين جو ٽائيپ واري کان پندرهن ويهہ درخواستون ڪيرائي مٿي موڪلي ڇڏيون هئائين. پهرين تہ برادري وارين بہ ان قدم سان اتفاق ڪري چندو ڏنو هو ۽ درخواستن تي صحيحون ڪيون هيون، پر پوءِ هو بہ ڍريون ٿي ويون هيون ۽ ان قانون کي روڪڻ جي ڪوشش ۾

وقت وڃائڻ بدران سمورو وقت ڏنڌي جي ٻلي ڪري ڇڏيو هئائون. اڳي رات جا ٽي چار ڪلاڪ ڏنڌو ڪري ٻانهن سيراندي ڪيون، سمهي پونديون هيون ۽ صبوح جو دير سان اٿي هار سينگار ڪري ٽولا ناهي بازار جا چڪر هڻنديون وتنديون هيون، پر پوءِ هر ڪنهن کان ننڊ آرام وسري ويو هو ۽ ان بچت واري عرصي ۾ گهڻي کان گهڻو ڪمائڻ خاطر پنهنجي ڌنڌي جو وقت به وڌائي ڇڏيو هئائون ۽ ريٽ به گهٽائي ڇڏيا هئائون. پر هن ڪي تڏهن به پنهنجي درخواست تي وڏو پروسو هو ۽ پنهنجو نيم ڪونه ٽٽيو هئائين. پوءِ هڪ ڏينهن وٽس رمضان دلال آيو هو ۽ ڪيس ان گهري ننڊ تي چينيو هئائين. تڏهن به اها ڳالهه وزن ۾ ڪونه آندي هئائين ۽ وڏي مگر سان چيو هئائين: ”هون، اهڙا قانون به ڪڏهن پاس ٿيا آهن. رمجو اڳي انگريزن جي وقت ۾ جو ملن اهڙا بيان ڏنا هئا ته پوءِ ڇا ٿيو هو؟“

”ان وقت ڪرستانن جي حڪومت هئي شمشو ٻائي، هاڻي مسلمانن جي آهي.“

”هون، ڇڻ ته مسلمان سيني کي بندش ۾ پاڪ ڪري ڇڏيندا.“

رمجو کي شمشاد ٻائي جي ان انڌي عقل تي جک آيا هئا. هن جو عقل ڪاچي ويو هو. هوءَ پنهنجو به ٽِپو اونڌو ڪري رهي هئي ته سندس دلالي به وڃائي رهي هئي. هن لاچار واپس موٽڻ جو ارادو ڪيو هو ته اوچتو ڪيس ڪيسي ۾ پيل اخبار ياد آئي هئي، جا هن خبر پڙهي خار ۾ مروڙي سروڙي ڪيسي ۾ وڌي هئي. هن سٽ ڏئي اخبار ڪڍي هئي ۽ ڪيس قانون جي ٽين پڙهڻي جي خبر ٻڌائي هئائين.

”اها وري ڇاهي“ شمشو ٻائي ڪائنس پڇيو هو.

”بس چون ٿا ته ان ٽين پڙهڻي کان پوءِ قانون پاس ٿي ويندو.“

”ته حڪم مولا سان اها مئي ٽين پڙهڻي ئي ڪانه پڙهبي. منهنجون رجسٽر درخواستون به وڃي پهتيون هونديون.“

رمجو مايوس ٿي اخبار وري ڪيسي ۾ وجهڻ تي هو جو شمشاد ٻائي جي نظر ان خبر جي وچ ۾ ڇپيل فوٽي تي پئجي وئي هئي. اهو فوٽو ايمبلي جي اسپيڪر جو هو، جو مولانا ٽائيپ هو ۽ ڪيس باشريعت سونهاري هئي. شمشو ٻائي فوٽو ڏسي ٻچڙو ٻوٿ ڪيو هو ۽ رمجو کان پڇيو هئائين: ”هي ماريو ڪير آ، رمجو؟“

”اسيمبلي جو اسپيڪر آ، جيڪو قانون پاس ڪندو.“

اهو ٻڌي شمشو ٻائي جي منهن مان رت ڇڏي ويو هو، هوءَ روئڻهارڪي ٿي وئي هئي ۽ ذري گهٽ روئندي رمجو کي چيو هئائين:

”رمجو...... رمجو، جي هي ماريو ملو اسپيڪر آ ته قانون پڪ پاس ڪندو.“

”مان بہ تہ ان ڪري ئي پئي رڙيون ڪيون.“

”پوءِ ڇا ڪيون رمجو؟“

”ٻيو ڇا ڪندينءَ شمشو ٻائي؟ ڪو نيلم جو ٻلو ڪر.“

”پر رمجو، هوءَ تہ اڃا ننڍي آهي.“

”تنهنجي مرضي، پر پوءِ هٿ هٽندينءَ.“

”مون ڪي تہ ڪجهہ ئي سمجهہ ۾ نٿو اچي، جيڪي توکي وڻي سو وڃي ڪر.“

رمجو اهو ڪيو هو جو ٽن چئن ڏينهن ۾ ڊڪي ڊوڙي سيٺ ڪريم کي هٿ ڪيو هئائين، جو اهڙين ڳالهين جو شوقين هو. شمشو ٻائي بہ ٻڏي ٻيڙيءَ جون هريڙون بہ پليون سمجهي پنهنجي سهٽي ڏيءُ کي سيٺ جي حوالي ڪيو هو. سيٺ بہ هر حال ۾ راضي هو. انب ڪچڙو هو تہ بہ انب هو ۽ سنيءَ جنس مان هو. هونئن بہ ڪچو انب ٽڏو ٿيندو آهي ۽ خيال سان ڪائجي تہ منو تہ ٿيندو آهي. مربا ۽ چٽڻيون بہ ڪچن انبن مان ٺهنديون آهن. هو عادي بنيادي واپاري هو ۽ سڄي عمر عقل ۽ ٽپڙي جي مدد سان لکين روپيا ڪمايا هئائين. هن کي ٽن سالن اڳ جي ڳالهہ ياد هئي، جو ڪنڊ ۽ لوڻ تي ڪنٽرول لڳو هو تہ بازار مان مال بلڪل غائب ٿي ويو هو ۽ پوءِ جي چور بازار مان ملندو هو تہ واپاري ٽيٽن چوٽن اگهن کان سواءِ مال ڏيڪاريندا بہ ڪونہ هئا. هن جنس تي بہ ڪنٽرول پوڻ وارو هو. هو نيلم کي ڏسڻ شرط صحيح ڪري ويو هو تہ هن سودي مان گهاٽي جي بجائي نفعو ئي نفعو هو. هن هڪدم سودو ڪرو ڪيو هو ۽ سوٽي جي رقم ڪڍي ڏني هئائين.

نيلم بہ ڪٽي ٿوري ڪچي هئي، پر هرويرو ايتري اڻ ڄاڻ ڪونہ هئي. هن کي اها خبر هئي تہ هن سان بہ اها ئي ڪار ڪئي ويندي، جا برادريءَ جي ٻين ڪنوارين ڇوڪرين سان ٿيندي هئي، جن جي نڪن ۾ سونيون ٻولڙيون پيون هونديون هيون. هنن جو نڪاح بہ اهو هو تہ لائون بہ اهي هيون. پر هن جي ذهن ۾ يا تہ ڪاليج جو ڪو پورو ڳاڙهو ڇوڪرو هو يا ڪنهن فلم جو هيرو، جو هيروئن جي هٿ ۾ هٿ ڏئي نچندو ڪڏندو گانا ڳائيندو وتندو هو. هن جو انهن جي بجاءِ هڪ ڪاري رم بدصورت واپاري کي ڏنو، جنهن ڪيس ائين اٿلايو پٿلايو ۽ مروڙيو سروڙيو جيئن هر جنسن ڏسڻ وقت ان کي هٿ ۾ زور سان مهٽي، ڏرائي، چڱي ۽ چٻاڙي ڏسندو هو تہ هن کي ان واپاري مان رتي جيترو مزو اچڻ بدران مورڳو نفرت ٿي وئي هئي. پر جيئن تہ پندرهن ڏينهن جو ڪاٻارو لکيل هو، ان ڪري هن کي لاچار اکيون ٻوٽي اهي ڏينهن گذارڻا هئا، پر ان مدت گذارڻ کان پوءِ بہ ماڻس ڪيس ڪا مهلت ڪونہ ڏني هئي ۽ باقي

بچيل ٿورن ڏينھن ۾ گھٽي کان گھٽو ڪمائڻ خاطر ڪيس بنا ساھيءَ جي خوب وھايو ھئائين. پوءِ سندس جند مس مس تڏھن ڇٽي ھئي، جڏھن قانون پاس ٿي ويو ھو ۽ سڄي بازار ۾ پوليس بيھجي وئي ھئي. ان ڏينھن ھوءَ ته ڏاڍو خوش ٿي ھئي، پر ماڻس جا ته ڪنڌ جا جھاز ٻڏي ويا ھئا ۽ ٻئي ڏينھن مٿو ٻڌيون ھنڌ ۾ پئي ھئي.

پوءِ به اھا ساڳي بازار ھئي، اھي ئي ساڳيا ڪوٺا ھئا، اھي ئي ساڳيا شرابن ڪبابن جا دوڪان ھئا ۽ اھي ئي ساڳيون سؤ پاور جي بلبن جون تيز روشنيون ھيون، پر تنھن ھوندي به ڳالھه ٻي ٿي ويئي ھئي. اڳي ھر ڪنھن ڪوٺي جا در پندرھن منٽن يا اڌ ڪلاڪ کان پوءِ پيا کلندا ۽ بند ٿيندا ھئا، ٻتيون پرنديون وسامنديون ۽ وري ٻرنديون ھيون، ماڻھو ماڪوڙن وانگر سوڙھين سوڙھين ڏاڪڻين تي پيا چڙھندا ۽ لھندا ھئا ۽ ڪا روڪ ٽوڪ ڪانه ھوندي ھئي، پر پوءِ ڏھ ٻارھن سپاھي سرنھن جو تيل پيتل لٺيون ۽ ڏنڊا کنيون پيا رائونڊ ھڻندا ھئا. ڪنھن ڪوٺي ۾ ٿورو شڪ پوندو ھون ته ھڪدم ڇاپو ھڻندا ھئا. جي ٻنھي ڌرين کي شڪي حالت ۾ ڏسندا ھئا ته پوءِ ٻي عزتيون ٿينديون ھيون، گرفتاريون ٿينديون ھيون ۽ سزائون ملنديون ھيون. پر جي ڪنھن کي ايلازن منٽن تي ڇڏيندا ھئا، ايترو ته ڦريندا ھئا جو ٻئي ڌريون ان عيش ۽ ڪمائيءَ کان توبھه ڪري ويندي ھيون. ھوريان ھوريان سڄي بازار خالي ٿيندي پيئي ويئي ۽ باقي اھي ٻچيون ھيون، جن جي آواز ۾ جادو ھو ۽ جن جي پيرن ۾ پيل گھنگھرن ۾ مستي ھئي. شمشو بائي به پھريون سازندا گڏ ڪري ان قسم جي ڪاروبار جي شروعات ڪئي ھئي، پر سندس بدنصيبي جو ڏيڍس ۾ سونھن ته ھئي، پر سر ڪونه ھو. ھوندن ڳالھائڻ ٻولھائڻ ۾ سندس آواز اھڙو ھو جو ڄڻ ڪنھن ستار کي آڱرين سان ٿورو ڇيڙي ڇڏيو ھجي، پر ڳائڻ ۾ اھو ئي آواز بدلجي ڪنھن تارن ڇڳل ستار وانگر بي سرو ٿي پئي ويو. ماڻھو ته مفت ۾ ريڊين ۽ فونن جي سريلن آوازن تي ھريل ھئا، تن پئسا ڏئي ڪيئن پئي اھڙو بي سرو راڳ ٻڌو. ماڻھن اچڻ بند ڪيو ته سازندا بک مرڻ لڳا ۽ ھوريان ھوريان پنھنجا طبلا ۽ ھارمونيون ويڙھي جو گھر ويا ته وري موٽ ڪونه ڪيائون. شمشو بائي انھن ڏينھن ۾ وري مٿو ٻڌي ھنڌ ۾ ڪرڻ تي ھئي جو ھڪ ڏينھن سندس ساھيڙي سروري ڏيءُ سوڏو وٺن آئي ھئي. سروري جي ڏيءَ مٿي کان پيرن تائين سون ۾ ڳتي پئي ھئي. شمشو بائي سندس اھي نٽ ڏسي حيران ٿي پئي ھئي. اھڙا نٽ ته سروري وارين انھن ڏينھن ۾ به نه ڪيا ھئا، جڏھن ڌنڌو چالو ھو، بازار ۾ رھنديون ھيون. ٻئي گھريون ساھيڙيون ھيون. ٻنھي راز نياز ۽ ڪن ڳالھيون ڪيون ھيون، جن جو نتيجو اھو نڪتو ھو جو جان سروري

واريون ڪائن موڪلائي ويون تہ شمشو ٻائي سامان ۾ هٿ وڌا ۽ ٽن ڏينهن ۾ سوسائٽي جي هڪ اهڙي بنگلي ۾ لڏ لاٿي هئائين، جنهن جي ٻاهران سلائي جي اسڪول جو بورڊ لڳل هو. نيلم جنهن سڄي عمر ننڍڙي سوڙهي ڪوٺي ۾ گذاري هئي، تنهن ايڏو ڪشادو بنگلو ڏسي خوشيءَ مان ماءُ کان پڇيو هو:

”امان اسان هاڻي هتي رهنداسين؟“

”ها، توکي وڻي ٿو نہ هي گهر.“

”ڪنهن کي نہ وڻندو — ڪيتري مسواڙ آ هن جي؟“

”چار سؤ روپيا مهينو.“

”ايترا پئسا ڏئي سگهندينءَ؟“

”روزي وارو پاڻهي ڏيندو — تون جو ويني آن.“

پر نيلم تنهن هوندي بہ اها ڳالهہ ڪونہ سمجهي هئي. هن ليکي تہ ماڻس وري ناچ ڳاني جو ڌنڌو شروع ڪندي. هن کي تہ ان ڳالهہ جو خيال خواب بہ ڪونہ هو تہ ماڻس ان بندش واري قانون کان پوءِ بہ ڪانئس ڌنڌو ڪرائيندي. هن کي تہ تڏهن خبر پيئي هئي جڏهن هڪ سومهڻي جو ڀاڻس منظور، کيس پنهنجي ڪمري مان اٿاري گول ڪمري ۾ وٺي آيو هو، جتي هڪ نوجوان پنهنجي هوسناڪ اکين سان سندس انگ انگ کي تکي رهيو هو. هن جون ڳاڙهيون اکيون ان ڪسوٽي وانگر هيون، جن تي سون، سون ٿيندو آهي ۽ ڪچ ڪچ ٿيندو آهي. هن جون اکيون نيلم ۾ ئي کتيون رهيون هيون ۽ زبان منظور سان ڳالهائڻ لڳي هئي: ”گهڻو وٺندين رات جو؟“

”هتي رهندؤ يا وٺي ويندؤ؟“

پر سيٺ جي اڌ جمار ان شوق ۾ گذري هئي. پرائي ۽ پنهنجي گهر ۾ وڏو تفاوت آهي. پنهنجو گهر نيٺ پنهنجو گهر آهي. هونئن بہ هي داڙو تہ وري اهڙي هنڌ وٺي وڃڻ جهڙو هو، جتي ٻئي ڄڻا اڪيلا هجن ۽ ڪوهن ۾ ڪو ڪونہ هجي. پوءِ ڪا ٽين شيءِ هجي تہ پراڻي شراب جي بوتلن جي ڀريل ٽوڪري هجي. هن چيو هو: ”پنهنجي گهر وٺي ويندو سانس.“

”ٽڙو تي سؤ روپيا صاب.“

اها سموري بازي ٻڌي نيلم لاءِ وڌيڪ ويهڻ مجال هو. هن کي پنهنجي ماءُ ۽ ڀاءُ تي جڪ آيا هئا. هوءَ پنهنجي ڪمري ۾ هنڌ تي اچي ڪري هئي ۽ پنهنجي بيوسي تي روئڻ لڳي هئي. ٿوري دير کان پوءِ ماڻس سندس ڪمري ۾ اچي کيس تيار ٿيڻ لاءِ چيو هو تہ هن تکائي سان چيو هو: ”نہ، مان ڪونہ ويندس.“

شمشو ٻائي سمجهو تہ شايد نيلم ٻاهر اڪيلو وڃڻ کان گهٻرائي ٿي. هن کي ڏيءَ سان رهندو همدردي ٿي هئي، جو اڳي برابر ائين ڪونہ ٿيندو هو. بازار ۾ تہ ڪوٺي ۾ ئي رهڻو پوندو هو ۽ ٻاهر وڃڻو نہ پوندو هو، پر بنگلن ۾ اهڙو ئي رواج هو. نيلم کي سمجهائيندي چيو هئائين: ”من، جهڙو ديس تهڙو ويس. پر توکي مان اڪيلو نہ موڪليندس، پاڻين گڏيو هلنداسين.“

”تون سمجهين ئي ڪونہ ٿي – مان ڏنڌو ئي نہ ڪنديس.“

”هان!“ شمشو ٻائي جي پيرن هيٺان زمين، مٿان ڇت ڦرڻ لڳي.

”ها، مان هي ڌنڌو نہ ڪنديس.“ نيلم انهيءَ پختي ارادي سان چيو هو.

”اهو وري ڪيئن؟“ شمشو ٻائي اڪيون ڪرڙيون ڪيون هيون.

”ڪنو ڪم آهي.“

”ماڻهين ۽ نانهين ڇا ڪنديون هيون؟“

”انهن سان منهنجو ڪهڙو واسطو؟ مون کي نٿو وڻي.“

”وڻڻ سا نہ وڻڻ جو ڪهڙو سوال آ ڇوري – اسان کي تہ ڪرڻو آهي، ڌنڌو جو ٿيو.“

”حڪومت جي بندش آ.“ نيلم کي ٻيو سريلو جواب سجهيو هو.

”پوءِ هتي ڌنڌي ڪرڻ جي موڪل پڻهين ڏني آ ڇا؟ پورا پنج سؤ منٿلي ٻولائي آ، اٺ حرامزادي، ڇڏ نخرا.“

”نہ مان ڪونہ ويندس.“

اتي شمشو ٻائي کي ڇوڇڙي وڻي وئي. اهڙو ضد ۽ هٺ تہ اهي ڇوڪريون بہ نہ ڪنديون هيون، جي دلال گهر مان زوري ڀڄائي ڪٽي ايندا هئا ۽ بازار ۾ وڪڻندا هئا. اهي ڀهريون ڀهريون ٿورو گوٺ ڪنديون هيون تہ شمشو ٻائي جي هڪ ئي هڪل ڪافي هوندي هئي. شمشو ٻائي خار ۾ نيلم کي چوٽيءَ کان جهلي بہ ٿي ٿڦوڙا هنيا هئا. هٺ سور ڪرڻ لڳا هئس تہ وري چمپل ڪنئي هئائين، پر نيلم کي ان مار بہ ڪو اثر ڪونہ ڪيو هو. لاچار شمشو ٻائي ڪيس ڇڏي منظور کي سڏيو هو. هو اها ڳالهہ ٻڌي گرم ٿي ويو هو ۽ ٻانهون ڪنجيندي چيو هئائين: ”امان مون کي ڇڏ تہ هن کي ناهيان.“

شمشو ٻائي سياڻي هئي ۽ سڄي عمر ان ڌنڌي ۾ آندي هئائين. هن سمجهو هو تہ مارڻ ڪٽڻ مان ڪو فائدو نہ پوندو. سو پٽ کي ٻاهر گهلي هوريان سمجهايو هئائين:

”منظور، ٽنگ ڀڳي مان ويل ڪونہ ويندي، پر دل ڀڳي ڪي مار مان بہ ڪجھ ڪونہ ورندو. مان اڳ ۾ ئي ڪيس گڏھ وانگيان ڪٽيو آهي، رهندو تون مارينديس تہ ڦاسو ڪائي مرندي.“

”پوءِ؟“ منظور ڳالھ هندائيندي پڇيو هو.

”تون گراهڪ ڪي ڪو بهانو ڏيئي موٽاءِ - مان هن ڪي پاڙهين گهيتاري گهيتاري راھ تي آڏيندس.“

هن جو لڳ لڳ سنڌ سنڌ سور ۾ ڀريو پيو هو تہ بہ هن ڪي پرواہ نہ هئي. هوءَ يڪو ان سوچ ۾ هئي. هن ڪي ان ڏنڌي سان سخت نفرت هئي. ڀريون ڀريون بازار ۾ ان ڏنڌي جي عام اجازت هئي تہ هن ڪي ان مان نڪرڻ جي ڪا وات ڪونہ هئي. پوءِ هن ڪي ان بندش واري قانون جي خبر پئي هئي تہ هن دل ئي دل ۾ وقت جي حڪومت ڪي لکين دعائون ڪيون هيون. هوءَ ا گراهڪن سان منهن ڏيندي بہ ان مبارڪ ڏينهن جو انتظار ڪندي هئي، جڏهن اهو ڏنڌو قانوني طور بند ٿيڻو هو. پر هن ڪي ان ازل جي تہ خبر ئي ڪانہ هئي تہ وري ماڻس پوليس سان بندوبست ڪري ڪانئس ڏنڌو ڪرائيندي. جي ڀريون ئي ڪيس اها خبر هجي ها تہ هوءَ ان وقت ئي گهر ڇڏي ڀڄي وڃي ها. پر ڪيس ڪو هڏ — ڏوڪي مائٽ بہ تہ ڪونہ هو. هن جو ڀيءُ تہ الاجي ڪهڙي ڪاپار ۾ لڪل هو. الائي جيئرو بہ هو يا نہ. ڀيو تہ ڪير ئي ڪونہ هو — جي ماما هئا تہ بہ اهو ئي ڏنڌو ڪندا هئا ۽ جي ماسيون هيون تہ بہ اهو ئي ڏنڌو ڪنديون هيون. هن لاءِ هتان ڀڄڻ بہ ڏکيو هو تہ هتي رهي، ڏنڌو ڪرڻ بہ ڏکيو هو. ماڻس تہ اجا زال ذات هئي، پر سندس ياءُ منظور تہ وڏو ظالم هو. هن مان تہ ڪنهن بہ رحم جي ڪا اميد ڪونہ هئي. هوءَ پنهنجي بيوسي ۽ لاچاريءَ تي روئڻ لڳي هئي. پوءِ اوچتو اوچتو ان ڪاري ٻاٽ مان ڪيس ٻاڪ ڦٽندي نظر آئي هئي. هن ڪي ان اداري جي يادگيري اچي وئي هئي، جنهن جو ذڪر اڪثر اخبارن ۾ ايندو هو، جتي يتيم لاوارث ڇوڪريون رهنديون هيون. اتي ڪين امان ڏني ويندي هئي، پڙهايو ويندو هو ۽ هنر سيکاريا ويندا هئا. صبح جو ساجهر جڏهن گهر جا ڀاتي اجا سمهيا پيا هئا، تڏهن هوءَ گهر مان نڪري هئي ۽ ڪورٽ ڪي گذارش ڪئي هئائين تہ هوءَ يتيم ۽ لاوارث آهي، ڪيس دارالفلاح ۾ امان ڏني وڃي. ماجسٽريٽ ڪانئس دستوري بيان وٺي دارالفلاح اماڻيو هو.

ٽين رات جو سومهڻي مهل هوءَ پنهنجي ڪمري ۾ سمهڻ جي خيال سان ليٽي پئي هئي جو ماسي شادان وٽس لنگهي آئي هئي. هن گهر ۾ جيڪي عورتون ڇوڪرين جي

سار سنڀال لاءِ رهنديون هيون، سي سڪ ۽ قرب ۾ ماسيون سڏبيون هيون، پر انهن سيني ۾ ماسي شادان وڏيڪ سرڪردي ۽ معتبر هئي. ڇوڪريون هن جو لحاظ به رکنديون هيون ته ڪنبنديون به هيون. هن جي اداري جي صدر وٽ سڌي پهچ هئي ۽ ڇوڪرين جي چال چلت جي رپورٽن جو ڪم به مٿس رکيل هو. هوءَ ڪنهن ڇوڪري مان ناراض ٿيندي هئي ته ان کي وڌيڪ هڪ منٽ به رهائڻ بدران هڪدم ڪڍيو ويندو هو. ان ڪري سڀئي ڇوڪريون کيس راضي رکڻ جي ڪوشش ڪنديون هيون. هن اچڻ سان نيلم کي چيو: ”نيلم، توکي صاحب ٿو سڏي.“

”ڪهڙو صاحب ماسي؟“

”هتي هڪڙو ئي ته صاحب آ ڇوڪري، هن اداري جو صدر.“

”ڇو ٿو سڏي؟“

”توڪان وارثن جي پڇا ڳاڇا ڪندو، پوءِ انهن جي ڳولا ڪندا.“

”پر ماسي، مون کي ته ڪو مٽ مائٽ ڪونهي.“

”اهو به پاڻ هلي ٻڌائينس نه.“

نيلم ڪٽ تان اٿي، شلوار جي ورن کي ناهي، رئي جو پلئه مٿي ۽ پيرن تي ناهيائين ۽ ماسي جي ڪڍ لڳي وراندو ۾ اڱڻ لتاڙي، جڏهن هو صاحب جي آفيس ٻاهران پهتيون ته ماسي شادان کيس هوريان سمجهائيندي چيو:

”نيلم منهنجو چوڻ وننديءَ ته هتي سکي رهنديءَ، ٻي صورت ۾ توکي سياڻي ڪدي ڇڏيندا.“

”ها ماسي، جيڪي چوين.“

”بس ته صاحب جو لحاظ رکجانءِ. فضيلت سان ڳالهائي سندس دل وننديءَ ته توکي پڙهائي سني نوڪري ونرائي ڏيندو.“

”ها ماسي مان ڇري ٿورو ئي آهيان.“

”ها آهين ته سياڻي پر چيم متان به..... ڇگو تون هتي ترس ته ڏسان ته واندو وينو آ يا نه.“

”پر ماسي منهنجي پارت هجئي، منهنجي سفارش ڪجانس.“

شادان کيس دلجاءِ ڏيندي دروازي مان اندر هلي وئي هئي. ٿوري دير کان پوءِ اندران هڪ ٿلهو ڳورو آواز ٻڌڻ ۾ آيو جو شادان کان پڇي رهيو هو:

”شادان، نئين آيل ڇوڪري آندي اٿئي؟“

”ها صاحب.“

”آهي ڪنهن ڪم ڪار جي؟“
”ها صاحب، ڏاڍي سٺي ڇوڪري آهي. ڪيس هتان نہ ڪڍجو.“ ماسي شادان ڏاڍيان چيو.

نيلم در جي ٻاهران ماسي شادان جي سفارش ٻڌي ڏاڍي خوش ٿي ويئي. ماسيءَ جيڪا پرپٽ گهٽگهتائي ڪئي هئي، سا وسارڻ جوڳي ڪانہ هئي. هن دل ئي دل ۾ پڪو پهه ڪري ڇڏيو تہ واپس موٽڻ سان ئي ماسيءَ جو اهو ٿورو لاهي ڇڏيندس ۽ پنهنجن ٽن چئن جوڙن مان هڪ جوڙو ڪيس ڏئي ڇڏيندس. هن کي دل ئي دل ۾ انهن ڇوڪرين تي عجب پئي ٿيو، جي هھڙي مهربان ماسيءَ کان ڏجنديون هيون. هوءَ انهن ئي خيالن ۾ هئي جو ماسي شادان در تي اچي ڪيس اندر اچڻ جو اشارو ڪيو.

نيلم رئي جو پلئہ مٿي ۽ سيني تي ناهيو ۽ ماسي شادان پنيان ڪمري ۾ داخل ٿي. ٻي گهڙي هن پنهنجيون جهڪيل اکيون مٿي ڪنيون. هن ڏٺو تہ سامهون ٻيو ڪوئي ڪونہ، پر سندس پهريون خريدار سيٺ ڪريم وينو هو.

# پارٽنر

در جي ڪڙڪي تي منهنجي اک کلي پئي. ڏٺم ته هو وهتو پئي آيو. سرديءَ ڪري هن جي ٿلهي ۽ ٿيٿڦي بدن جي ٻوٽي ٻوٽي پئي ڦرڪي. سندس ٿئي جهڙو ڪارو رنگ هفتن کان پوءِ وهنجڻ ڪري ڳاڙهيرو پئي لڳو. در زور سان بند ڪرڻ جي ڪني عادت، هن کي اصل کان هئي. هو ڪمري کان ٻاهر يا اندر ايندي ويندي اهڙو ته در جو تاڪ ڇڏيندو هو، جو روم ۾ ويٺلن کان ڇرڪ نڪري ويندو هو. ٻه ٽي ڀيرا در جا شيشا ڀه ڀڄي ڀيا هئا، جنهن تي واردن ڪيس گهرائي چڱي دٻ ڪدي هئي، پر اهو ڏينهن گذريو ته وري ساڳي ڪار. مان ٻه هوريان هوريان سندس ان عادت تي هرندو ويس ۽ ڪيس ٽوڪڻ ڇڏي ڏنم، پر اسر سان ننڊ ڦٽڻ ڪري مون کي ڏاڍا جڪ آيا، پر اهو سوچي ته ڪهڙو وينو صبوح مرداني سان ڪر ڪيان، چپ ڪيو هنڌ تي پاسا بدلائيندو رهيس. هو دريءَ ڏانهن وڌيو. ڪنڌ ۾ رکيل پنهنجي ڪڙي تيل جي شيشيءَ کي هڪ نظر ڏسي: منهنجي ميز ڏانهن وڌيو ۽ پنهنجي ”برل ڪريم“ مان ٻڪ ڪدي پنهنجي پندولن کي هڻڻ لڳو. پنهنجي ڪريم جو اهو حشر ڏسي مون کي ڏاڍي خار آئي. در زور سان بند ڪرڻ جو ٻهانو ته مون کي هو، سو رهڙ ڏئي ڪيس چيم:

”پارٽنر، جڏهن در بند ڪرين ته ٻين جي ننڊ جو ته خيال ڪندو ڪر!“

پر هن ڄڻ ته منهنجو ڳالهائڻ ٻڌو ئي ڪونه. مات ڪري ڦٽي ڪٽي، پنهنجي وارن کي پوئتي ٻيهارڻ جي ناڪام ڪوشش ڪرڻ لڳو. هن جي جواب نه ڏيڻ تي ويتر مون کي خار آئي. پنهنجي پاڻ کي پٽڻ لڳم ته ڪهڙيءَ ڪتيءَ ڪنيو هوس، جو هن جزا کي پاڻ سان رهايم، هن سان رهڻ کان انڪار ڪيان ها ته واردن پاڻهي ڪيس ٻئي ڪمري ڏي اماڻي ها. دل ۾ پاڻ کي چيم ته ”پٽ، هاڻي ڀوڳ.“

مان جڏهن وهنجي موٽي آيم ته ڏٺم ته هو ڌوٻيءَ کان رڱايل چاڪليٽي سوٽ پائي ڪرسيءَ تي وينو هو. هميشه جي خلاف سندس ڪوٽ جي کيسي مان اڇي رومال جي ڪنڊ ٻه ظاهر پئي ٿي. مون کي سمجهه ۾ نه پئي آيو ته اڄ آچر هوندي ٻه ايترو ساجهر چو اٿيو آهي ۽ اهڙو نٽ نانگر چو ڪيو اٿئين؟ ان عجب ۾ منهنجي ساجهر واري ڪاوڙ ٻه لهي وئي. ڪجهه ڪولڻ جي ارادي سان پڇيومانس:

”پارٽنر، خير ته آهي، ڪاڏي ٻيو وڃين؟“

”ڪرل صاحب! ڪٿين ٿو لڳان؟“ هو منهنجي سوال جو جواب ڪائي ويو. هن کي پنهنجي سونهن جي ڳڻتي لڳي.

”ڪافي سمارٽ پيو لڳين.“ مون سندس دل رکڻ لاءِ چيومانس، نہ تہ ڪارو ماٽھو ۽ چاڪليٽي رنگ!

”سچ!“ هن جون واڇون خوشيءَ ۾ ٽڙي ويون.

“You know seldom I steak to alien.”

”ٿئنڪ يو.“ هو پاڻ کي آئيني ۾ ڏسڻ لڳو.

”پر پارٽنر، وڃين ڪاڏي پيو؟“ مون وري پنهنجو سوال دهرايو.

”پوءِ ٻڌائيندوسانءِ، پهرين هڪ انجام ڪر.“

”چئہ.“

”هڪ ٺاءِ ڏي پر ٻڌندين بہ، پاڻ کي تہ ٻڌڻ بہ ڪانہ ايندي آهي.“

”قبول“ مون ”ٽوٽل“ جي هڪ اڌ وراٽي ڏئي، ٺاءِ پيتيءَ مان ڪڍي ڪيس ٻڌي. ڪو خيال ڪري ٺاءِ پن بہ هٽي چڙي مانس.

”ٿئنڪ يو ويري مچ.“ هو سنهري پن جي زنجيريءَ کي هٿ لائڻ لڳو.

”هاڻي ٻڌائيندين بہ، ڪن ڪونہ.“

”ٻڌاياڻءِ ٿو.“ هن پنهنجي هنڌ هينان بہ لفافا ڪڍي، مون ڏي وڌائيءَ سان اڇليا ۽ پاڻ کي نيپولين بونا پارٽ وانگر ٻئي هٿ پوئتي، ڪنڌ سيني سان هٽي ٽنگون ٽيڙي بيهي رهيو.

ٻئي لفافا کليل هئا. هڪڙي مان مون خط ڪڍيو. خط واقعي هن لاءِ خوشين جو پيغام هو. خط جو مضمون هن طرح هو:

محترمي ومڪرمي!

اشتهار بعد ٻئي ڏينهن توهان جو خط مليو. مون کي پنهنجي ڌيءَ نور چشمي سعيده خانم سلمها جي شادي جلدي ڪرڻي آهي، جو ان بعد ڪعبة الله شريف ۽ ڪربلا معليٰ وڃڻ جو ارادو اٿم. اوهان براه ڪرم 14 تاريخ انين ٻجي هينين ائڊريس تي ايندا. الله ڪندو تہ ڳلي تي پوندي، وغيره وغيره.

ٻيو ياڻس جو خط هو. لکيو هئائينس تہ هن لاءِ ٻانهن ڳولي وئي آهي. جي شادي ڪرڻي هجيس تہ جلد اچي.

هان تہ هيءَ ڳالهہ آهي جنهن پارٽنر کي صبح جو ساجهر نٽ نانگر ڪرايو آهي. مون دل ۾ سوچيو ۽ ٺهڪ ڏنو.

”پارٽنر، ڊبل مبارڪون هجني – پر ڪاٿئون شادي ڪندين؟“

”شادي تہ ڳونان ڪندم، پر دل تي چئيم تہ هيڏانهن بہ سٽ هٽي اچان.“

”هائو سائين، پلي وڃ. موجون ڪر. منهنجي لاءِ به دعائون گهرج.“
”تنهنجي شاديءَ ۾ هڪ منٽ جي به دير نه ٿئي، پر تون پنهنجي مائٽن ڏي نٿو لکين. چڱو يار! دير ٿي ٿئي.“
”O.K“ هو روم مان ٻاهر نڪري ويو. مان به ٻاهر نڪري کيس ويندو ڏسڻ لڳس. هن هڪ هٿ سوٽ جي کيسي ۾ وڌو هو. هن جي چال ۾ هڪ نئين لوڏ هئي. مان روم ۾ واپس اچي بي اختيار کلڻ لڳس.
هن جو نالو نه ٻيو هو، پر سندس طبيعت ۽ ڍنگ جي مطابق اسان کيس ”مومن“ سڏيندا هئاسين. صفا سادو هو. هر روم ۾ هو پوڪ ۽ چريي جي نالن سان ياد ڪيو ويندو هو. شاديءَ جي چيڙ ته مٿس مقدم هئي. پنهنجي روم مان جان نڪرندو هو ته ڇوڪرا مٿس کلندا ۽ ٽوڪون ڪندا هئا.
”اڄو مومن صاحب“ هڪ چوندو.
”شاديءَ جو ڪڏهن خيال اٿو؟“
”هاڻي هي ويچارو ڇا شادي ڪندو؟ ڪنوارو رهي سڙي ويو آهي.“ ٽيون چوندو ۽ پوءِ ڪو هن جو چڙڻ ڏسي. ڪين ڳالهائيندو، رعب ڏيکاريندو.
”توهان بد تهذيب آهيو. توهان جو ٻين جي پرائيويٽ معاملن ۾ ڇا وڃي؟“
هاڻي هن کي ڪير سمجهائي ته ”اڙي چريا، جي اهي تنهنجا ”پرائيويٽ“ معاملا آهن ته ٻين کي ٻڌائين ڇو ٿو؟“ هن جي اها عادت هئي ته جي ڪو ڇوڪرو ساڻس ٿورو گهرو ٿيندو هو ته ان کي پنهنجا گهرو معاملا، پنهنجا ناڪام عشق ۽ ٻيون حرڪتون مطلب ته ”الف“ کان ”ي“ تائين ٻڌائيندو هو، جنهن ۾ اهو به سور سليندو هو ته سندس عمر پنجٽيهه ورهيه ڪن ٿي آهي، پر شادي ڪانه ٿي ٿئي. هاسٽل جي ڇوڪرن کان الله امان ڏي. اهڙيون ڳالهيون ڪٿي ٿا رکن، ان وقت ئي مرچ مصالا گڏي پيا هڪ ٻئي کي ٻڌائيندا. تانجو سيني ڇوڪرن کي خبر پئجي ويندي هئي. هن کي چيڙائڻ جو هڪ ٻيو به سبب هو. اهو هو سندس مهاندو. خدا ”مومن“ جي صورت ناهڻ ۾ انتهائي ڪنجوسي ڪئي هئي. قد بندرو، نڪ چنر (ٻينو) مٿو لوٽيءَ وانگر، وات ننڍو، پر چپ ٿلها، رنگ جي وري ڪهڙي ڳالهه ڪجي. ڪارا ماٺهو به گهٽا، پر ”مومن“ جهڙو به ڪو پئدا ٿئي. منهنجو سنگتي شيخ صاحب مون وٽ آيو. مون موهن جي دڙي بابت هڪ مضمون لکيو هو. کيس ڏنم ته پڙهي. هو اڃا پڙهي رهيو هو ته ”مومن“ آفيس کان واپس آيو. ڪمري ۾ اچي ڪپڙا بدلائي کٽ تي ويٺو. هن کي مضمون پڙهندي ڏسي پڇيائين: ”پارٽنر، ڇا پيو پڙهين؟“

”ڪرل صاحب جو لکيل مضمون پيو پڙهان.“
”عنوان ڇا اٿس؟“ مومن ٿورو رعب سان پڇيو.
”موهن جو دڙو.“
”پارٽنر ”موهن جي دڙي“ جي تهذيب ۾ ڪا ساڳي ڳالهه آهي؟“ هن کي اچي بحث جو شوق جاڳيو.
هائو گهڻيئي ڳالهيون ساڳيون نه آهن.“
”مثلاً“ مومن مغروريءَ مان ڪنڌ مٿي ڪنيو.
”هڪ سائنسدان موهن جي دڙي جي لڌل هڏائن پڄرن مان اندازو ٿو لڳائي ته اهي ماڻهو رنگ جا ڪارا، نڪ جا ٻينا ۽ بدصورت هئا.“
”ته پوءِ؟“ مومن اجا نه سمجهيو.
”تون به انهن جهڙو ئي آهين.“ شيخ صاحب ڪلندي چيو. ”مومن“ صفا ڇڙي ويو. جهلڻ ۾ نه پي آيو، رڙ ڪري چوڻ لڳو:
”موهن جي دڙي جا ماڻهو ڪافر هئا، انهن سان منهنجي ڀيٽ ٿو ڪرين، پارٽنر توکي شرم نٿو اچي.“
مان وچ ۾ پيس ۽ مس مس ”مومن“ کي ناريم. پوءِ پي ٽيم ته مٿان واردن کي دانهن نه ڏي. اهڙي قسم جون جهڙپون ڪڏهن ڪڏهن اسان ٻنهي ۾ به ٿينديون هيون. هڪ دفعي ته هن مون سان به ڏينهن نه ڳالهايو. هن کي گهڻو ڪري سيريئس انگريزي فلمون وڻنديون هيون، جن جو ترجمو سنڌي اخبارن ۾ ”پيرس جي مستاني“، ”خوبصورت پريون“ يا اهڙي قسم جا ٻيا نالا ٿيندو آهي. هڪ دفعي هو اهڙي قسم جي فلم ڏسي آيو. اچي روم ۾ تعريف شروع ڪيائين. مون کي چيائين ته: ”پارٽنر، ڏسي آءُ نه ته هلي وئي ته پڇتائيندين.“ مان به فلم ڏسڻ جو شوقين آهيان، سو منهنجي دل به هرکي. مان ڏسڻ هليو ويس. عريان ناچ، عريان جسم ٽيرو مٽيرو، ڏاڍو بور ٿيس. روم ۾ پير رکيم ته مومن پڪچر بابت پڇيو، مان ته ڀريو آيو هوس، سو ڪيس ٺوڪيندي چيم:
”پارٽنر، اهڙي پڪچر ڏسڻ لاءِ صلاح ڏئي ٻين کي اهو چو ٿو جتائين ته توکي شاديءَ جي ضرورت آهي.“
”ڪنهن کي آ شادي جي ضرورت؟“
”اهو جيڪو وهي وهانوي جا ناول پڙهندو آهي.“

صفا باه ٿي ويو. مون ”وهي وهانوي“ جي ناولن جو ذڪر ڪري مٿس جڻ ٺهڪندڙ تيل وڌو.
”پارٽنر، تو بنا اجازت منهنجي ٽيبل تان ڇو ڪتاب کنيو؟ توکي ڪهڙو حق آهي؟“
مون ڪيس ڪو جواب نہ ڏنو. ٻہ ٽي ڏينهن منهن سڄايو وينو رهيو، ٽئين ڏينهن هن کي منهنجي هڪ ڪتاب جي ضرورت پئي، مجبورن گهرڻو پيس. مون بہ ڏنومانس. ان ڏي وٺ کان پوءِ وري اڳي جيان ٿي وياسين، ڄڻ جهيڙو ئي ڪونہ ٿيو هو.
هو منهنجو ڪلاسي هو تہ بہ هن سان ايتري واقفيت ڪانہ هئي، جو هو نوڪريءَ ۾ هو ۽ ڪڏهن ڪڏهن ڪاليج ايندو هو. هڪ ٻئي جي نالي جي خبر بہ انٽر آرٽس جي امتحان جي ويري ۾ پئي. منهنجو سيٽ نمبر ناظم آباد لڳو هو، سو روز صبوح جو ساجهر بس تي وڃڻو پوندو هوم. هڪ ڏينهن مون جيئن بس ۾ قدم رکيو تہ ڏٺم تہ هو بہ اتي وينو هو. سندس پرسان سيٽ خالي هئي، ان ڪري مان اتي وڃي وينس. ڪنڊيڪٽر آيو. جيسين مان پئسا ڪيان، تنهن کان اڳ هن ٻن ٽڪيٽن جا پيسا ڪڍيا ۽ منهنجي بہ ٽڪيٽ ورتي. رستي ۾ هڪ ٻئي جي نالن جي خبر بہ پئجي وئي. وڏيڪ خير سلا. ان واقفيت کان هن هاسٽل ۾ داخلا وٺڻ جي وقت دوستيءَ جو روپ ڏنو. جڏهن هن هاسٽل ۾ داخلا ورتي تہ واردن کانئس پڇيو تہ جي ڪو سندس دوست هن هاسٽل ۾ رهندڙ هجي تہ ان جي ڪمري ۾ ڪيس جاءِ ڏئي. هن کي منهنجي هت رهڻ جي ڪا خبر هئي، سو هن جهٽ منهنجو نالو ڏنو. ”الاٽمنٽ چٽ“ وٺي مون وٽ آيو، ڏاڍي بيتڪلفيءَ سان پاڪر پائي خوشخبري ٻڌايائين تہ هو مون سان گڏ رهندو. ڏٺيون ملائڻ لڳو تہ گڏ رهي بي – اي جي تياري ڪنداسين. منهنجو اندر سڙي ويو، پر ساڻس انڪار نہ ڪري سگهيس. شام جو ئي هو پنهنجو سامان کڻي آيو. ٻہ پراڻيون ٽرنڪون، نوڙيءَ سان ٻڌل ميرو بسترو، هڪ ڇلي جنهن ۾ ڪونرو، گلاس، پراڻيون شيشيون جن ۾ الاچي چا جو چا پيل هو، ٻہ جوڙيون ڪٽل بوٽ ۽ پلاسٽڪ جو پراڻو ٿيلهو، جنهن جون وڏيون ڇڄڻ بعد نوڙيءَ سان ڳنڍيون ويون هيون ۽ ان ۾ ڌوٻيءَ وٽ وڃڻ وقت ڪپڙا ۽ ڪاليج وڃڻ وقت ڪتاب، نوٽ بڪ ۽ ڦٽي وجهندو هو. ڦٽيءَ جا ٻئي ڏندا ٻيگل هئا، پر تڏهن بہ نهايت پابندي ۽ آب تاب سان چوڪرين جي ڪامن روم جي اڳيان لنگهڻ وقت وارن کي ڏني ويندي هئي.
مان اجا گهل ۾ هوس تہ دروازي بند ٿيڻ جو آواز آيو، ٻتي ٻري. مون اکيون کوليون تہ هو بيٺو هو. سندس حالت ڏسي مان ڊڄي ويس. اکيون ڳاڙهيون، وار منهن تي

ڪريل، ڪپڙن جي استري چٽ. مون ڏي ڀرپور نگاهن سان نهاري، هن پاڻ کي پنهنجي ڪٽ تي اڇلايو.

”آئين پارٽنر.“ مون دل جهلي ڪانئس پڇيو.

هن ڪو جواب ڪونه ڏنو. چپ ڪيو ليٽيو رهيو. مان سمجهي ويس ته ڪيس جواب ڏنو ويو آهي.

”پارٽنر – پرواهه ڇو ٿو ڪرين؟ هنن سڱ نه ڏنو ته وڃي ڏوڙ پائين. تنهنجي ماءُ تنهنجي شاديءَ جو بندوبست ڪري رکيو آهي. هڪ ڏينهن ويندين ته ٻئي ڏينهن تنهنجي شادي ٿيندي.“

”ڪير ٿو چوي ته انڪار ڪيو آهي؟“ هن رڙ ڪري چيو.

”پر تو اهڙا حال ڇو ڪيا آهن؟“

”ٻڌايانءِ!“ هن آهستي چيو، ”مان هن سان هن هفتي شادي ٿو ڪيان.“

”ٺيڪ ڪيئي، ان ۾ ڏک ڪرڻ جي ڪهڙي ڳالهه آهي؟“

”هوءَ پنگلي آهي.“ هن جي لهجي ۾ ٿوري مايوسي هئي.

”هان“ مون کان رڙ نڪري وئي. من کان وڏيڪ هڪ اکر به نه نڪتو. ٿورو سانت ۾ رهي ان بعد هن آهستي مون کي سڏ ڪيو. ”پارٽنر“

”هون“ مان اجا پنهنجي حالت سڌاري نه سگهيو هوس.

”هڪ ڳالهه پڇانءِ.“

”پڇ“ مون آهستي جواب ڏنو.

”تون جو منهنجي جاءِ تي هجين ها ته ڇا ڪرين ها؟“

مان سندس سوال ٻڌي اچرج ۾ پئجي ويس. جواب ظاهر هو، پر مون ۾ ايتري همت ڪانه هئي جو ڪيس جواب ڏيان، گهڻي دير کان پوءِ ڪانئس پڇيم:

”پر توکي ڪهڙيءَ ڪتيءَ ڪنيو آهي، جو ان سان شادي ٿو ڪرين؟“ مون رڙ ڪري ڊاڍيان چيو، ڇڻ منهنجي پنهنجي شادي ان پنگليءَ سان ٿيندي هجي.

”ڪاوڙ نه ڪر پارٽنر، ٻڌ! خيال ڪر ته هو پنگلي آهي، هن جا مائٽ به ايترا شاهوڪار ڪونهن جو ڪيس جهجهو ڏاج ڏئي ڪيس ڪنهن شاهوڪار سان پرڻائين ۽ ان حالت ۾ جي مون جهڙو بدصورت ماڻهو به ڪيس قبول نه ڪري ته ٻيو ڪير ساڻس شادي ڪندو؟ تون نه ڪندين ته ٻيو ڪو ڪندو؟“

سندس جواب ٻڌڻ کان بعد مون ائين محسوس ڪيو ڄڻ منھنجا عضوا چرڻ پرڻ کان بيڪار ٿي ويا آهن، منھنجي زبان تارونءَ سان چنبڙي پئي هجي. مون کان هڪ اکر به نه اڪليو.

هن ساهي کڻي مون ڏي منهن ڪري چيو:

”پارٽنر، تون سياٽي ڪاليج نه وڃج.“

”چو؟“ مون هن ڏي نهاريو.

”سياٽي ۾ ڪنهن سستي فليٽ جي جانچ ڪنداسين ۽ تنهن کان سواءِ هن موقعي لاءِ مون پنهنجي ڏوڪڙ به جمع ڪيا آهن. ڪجھ خريداري به ڪيون. هن لاءِ پنهنجو لٽو ڪپڙو به خريد ڪرڻو آهي. گهر لاءِ ضروري شيون مثلا اسٽو (Stove)، جو ته چلھ تي ماني وغيره پچائڻ ۾ ڪيس تڪليف ٿيندي.“

مان هن فرشتي کي تڪيندو رهيس. هن ڳالھ جو سلسلو جاري رکيو: ”پارٽنر، تون منهنجو دوست به آهين، ڀاءُ به آهين، ڇاجي به تون ئي آهي، منهنجو Bestman به تون ئي ٿيندين.“ ڪو خيال ڪري هن پڇيو: ”پارٽنر، توهان ۾ انر جي رسم آهي ڪن نه؟“

”آهي“

”ته نيڪ، پوءِ تون اسان وٽ رهج. آچر جي شام جو ته ضرور پيو اچجانءِ. اسان ٻئي رات جي مانيءَ تي تنهنجو انتظار پيا ڪنداسين. آچر جي رات جو ته هٽ ماني بند هوندي آهي نه، تون هوٽل تي ماني ڪائيندو آهين، پر منهنجي شاديءَ بعد تون مون وٽ ماني ڪائيندين.“ هن ڪلندي چيو. هن جي کل ۾ هزار سور هزار درد لڪيل هئا. مون ڪيس ڪو جواب نه ڏنو. هن بوٽ لاهي پنهنجا ڪارا ۽ ميرا پير ڪٽ تي سڌا ڪيا، هو ڇت ڪي تڪڻ لڳو. ان وقت الاجي چو منهنجي دل چاهيو ته انهن چوڪرن کي جيڪي مٽس چٽرون ۽ ٺوڪون ڪندا هئا، تن کي ڳچيءَ کان پڪڙي سندس قدمن ۾ ڪيري ڪائنئس معافي پنان.

## چوٿيهون در

باک مهل پاٽيءَ جي ماپ وننديءَ، هن جي اوچتي نظر وڃي هڪ لاش تي پئي، جو ٻئراج جي در ۾ ڦاٿو پيو هو. لاش جي ڳچي آرو پار ڪپيل هئي ۽ سسي باقي وڃي کل جي ٽڪريءَ سان ڳنڍيل هئي. لاش ڏسي هو هراسجي ويو ۽ ڪي گهڙيون پٽ ڪي هٿ وجهيون چپ چاپ بيٺو رهيو. ڳپل مهل کان پوءِ هن تان ٿورو هراس لٿو ته وري

لاش کي غور سان ڏسڻ لڳو. لاش ڪنھن زائفان جو ھو، جنھن کي ڳاڙھو گھگھو پيل ھو، جنھن جا ڏگھا وار پاٽيءَ ۾ لڙھڻ ڪري ڪلي پيا ھئا ۽ جنھن جو پورو باھ جھڙو رنگ ان لڙئي پاٽيءَ ۾ بہ ڪوڏ جيان پئي جرڪيو. ھن جي ھڪ دل گھريو تہ جيڪر ان ڦڏي ۾ ئي نہ پوي ۽ در ڪولي لاش کي ھيٺ لوڙھي ڇڏي، پر وري ٻيءَ دل ھن کي ائين ڪرڻ کان جھليو ۽ ڪيس رب جي ڏاڍي سرڪار ياد ڏياري، جا اھڙين ڳالھين ۾ راضي ڪانہ ھئي. ھن دل ئي دل ۾ پڪو پھ ڪيو تہ ھو پاڻ وڃي ٿاڻي تي فريادي ٿيندو ۽ صوبيدار کان ڪرڙي جانچ ڪرائي، خونين کي سوگھو ڪرائيندو. اھو ارادو ڪري پنھنجي ڪوٺيءَ ۾ آيو ۽ ڪلف ڪٽي در بند ڪرڻ لڳو. در بند ڪري اوچتو ھن کي پور پيو تہ جيڪر پنھنجي ترتي عملدار، سروير کي اھو سمورو مذڪور ٻڌائيندو وڃي. ان پور تي ھن وڃي سروير جو ڪوارٽر جو ڪڙو ڪڙڪايو. پر سروير جو سڄي رات سڪر گھمي ۽ فلم ڏسي اسر موٽيو ھو، سو ڪيئن پيو اھي ائين ٻارھين آنين وارا ڪڙڪا ٻڌي. پر ھن در کي ايستائين نہ ڇڏيو، جيستائين سروير اچي در نہ ڪوليو.

اڪيون مھٽيندي ڪانئس پڇيائين: ”چو ڙي ڪو ڪنڌ پيو آ ڇا؟“

”نہ سائين، ڪنڌ ڪونھي پيو، پر ھڪ لاش اچي در ۾ ڦاتو آ.“

”پوءِ مون کي ڇو جاڳايئہ، مان ڪو صوبيدار آھيان؟“

”سائين، ٿاڻي تي وڃان ٿو، پر توکي اطلاع ڏيڻ آيم جو متان دير ٿي وڃي.“

”دير، شام تائين موٽي آئين ڇڻ لڪ ڪٽيئہ. پوءِ تہ روز حاضريون ڪارائيندءِ.“

”ھا سائين، مٿئون جو اچي پئي، منھن تہ ڏبو نہ.“

”ڀلي وڃي منھن ڏي، پر ٻي ڳالھہ ٻڌ، متان فرياد ۾ منھنجو بہ نالو شاھدي ۾ لکائين.“

”نہ سائين، تنھنجو نالو ڪونہ ايندو. چوندس تہ لاش ڏسي، سڌو ٿاڻي تي آيو آھيان.“

”نيڪ آ، ائين چئجانءِ.“ سروير در بند ڪيو.

ھو وري ٻئراج تي آيو ۽ سکر طرف ھلڻ لڳو. ھن اجا سڌ ڪن پنڌ ڪيو ھو جو پوئتان ڪيس ٽرڪ جون بتيون نظر آيون. ٽرڪ ڊرائيورن جي وڏائيءَ جي ڪيس چڱيءَ طرح خبر ھئي. ھو ھھڙي تھڙي کي تہ سگنل بہ ڪونہ ڏيندا آھن، پر ھن کي بہ سکر جو پنڌ سڄھيو تہ ھن بہ ڪٽي ھٿ ڏنو. ڊرائيور بہ ڪو اشراف جو پٽ ھو، جو ڪٽي ٽرڪ جھليائين. ھو خوشيءَ ۾ پر تي ويو ۽ دل ئي دل ۾ ڊرائيور جو ٿورو مڃڻ لڳو، جنھن ٽرڪ جھلي ڪيس جنگھن ھٽڻ کان بچايو ھو. ان ٽرڪ کي بيھارڻ ۽ ڪيس پنڌ کان بچائڻ ۾ مرضي بہ مولا جي ھئي، جو سندس ان ڪم ۾ راضي ھو. ٿاڻي جي دير کان

ٽورو پرتي هو ٽرڪ جهلائي لٿو ۽ گيٽ اندر ٽيو. سامهون بينل سپاهيءَ کان صوبيدار جي پڇا ڪيائين.

”صاحب جانچ ۾ ويل آ.“ سپاهي ڪيس ڪياڙيءَ سان ورندي ڏني.

”جمعدار، مون کي صوبيدار وڏي سان ضرور ملڻو آهي. اهي ڳالهيون ڇڏ ميان!“

”چو، ڪا فرياد آ ڇا؟“

”ها ميان، فرياد آ.“

”هينئر فرياد داخل نہ ٿيندو. ٻہ ٽي ڏينهن رکي پوءِ اچجانءِ، سال جي پڇاڙي آهي، ڏوهہ اڳ ۾ ئي وڌيل آهن.“

”ميان، ڪا چوريءَ ڪاٽ جي ڳالهہ ٿوري آهي. خون ٿيل آ خون!“

”تون ڪيو آ ڇا خون؟ ڪٿي آهن هٿيار؟“

”هٿيار صوبيدار ئي ونندو، مون کي ڇڙو ساڻس ملاءِ.“

”اهي سنها ڪم بہ صوبيدار وڏو ڪندو تہ باقي مان هي مچون اس ۾ اڇيون ڪيون آهن؟ جلد پيروي ٻڌاءِ.“

”جمعدار، تڪڙ گهٽ ڪر، مان بہ ڏٽڪو آهيان ۽ تو جهڙو ئي سرڪاري ملازم آهيان.“

”ڪٿي آسمان تان اڏري لٿو هجين، توکي حقيقت ٻڌائڻي ئي پوندي.“

”جمعدار، هرويرو تو ضد ڪرين. صوبيدار وٽ تون بہ ٻڌجانءِ.“

سپاهي هن مان کو چاڙهو نہ ڏٺو تہ لاچار ڪيس صوبيدار جي ڪوارٽر ڏانهن وٺي هليو. صوبيدار بہ هينئر تازو اٿيو هو ۽ چانهہ پئي پيتائين. سپاهيءَ سلوٽ هڻي صوبيدار کي چيو: ”سائين، هي فريادي آيو آ.“

صوبيدار ڪرڙي اک ڪڍي پنهنجي سپاهيءَ ڏي ڏٺو ۽ خار مان ڪانئس پڇيائين: ”اڙي عقل جا دشمن، ٽاڻي تي منهنجي آمد آهي جو مون ڏي وٺي آئينس!“

”سائين، مان تہ هن کي ٻڌايو تہ صاحب گناه نمبر 224 جي جاچ ۾ مصروف آهي، پر هن جو ڳوري ڳالهہ ٻڌائي تہ لاچار ڪيس وٺي آيس. پاڻ بہ سرڪاري ملازم آ.“

”ڇا تو ٻڌائي؟“

”سائين، چئي ٿو تہ خون ٿيل آ.“

”خون، چڪلي ۾ ڇا؟ پر اتي تہ سڄي رات رائونڊ ۾ هوس.“

”نہ سائين، مون کي تہ جاءِ واردات جي خبر ڪانهي، اوهان کي پاڻ ٻڌائيندو. اڙي ميان، ويجهو اچي صاحب کي سموري حقيقت ٻڌاءِ. ڊچ ڊپ نہ، سچ ٻڌائيندين تہ فائدو پوندءِ.“

سپاهيءَ هن کي سڏي چيو.

هو اڳتي وڌي صوبيدار جي پرسان آيو تہ صوبيدار ڪائنس پڇيو: ”ميان، تون ڪهڙي ڪاتي ۾ آهين؟“

”سائين مان گيج ريڊر آهيان سکر بئراج تي.“

”ها، حقيقت ڪر.“

”سائين، مان صبوح جو دستور موجب پاڻيءَ جي ماپ پئي ورتي تہ هڪ لاش ڏٺم، جو بئراج جي در ۾ ڦاٿو پيو هو. لاش جي ڳچي آروپار ڪيل آهي ۽ سسي باقي وجي ڪل جي ٽڪريءَ سان ڳنڊيل آ.“

”لاش مرد جو آ يا عورت جو؟“

”عورت جو.“

”لاش پڪ مڇيون ڪائي ويون هونديون ۽ شناخت ڪان زور هوندو.“

”نہ سائين، اجا سلامت آ.“

”هون، ڪا خبر چار؟ ڪو آيو، ڪو ويو؟“

”نہ سائين، اسان وٽ تہ ڪو ڪونہ آيو.“

”ڪوڙا خان، ٿاڻي تي تہ ڪو وارث وصي ڪونہ آيو؟“ صوبيدار پنهنجي سپاهيءَ کان پڇيو.

”نہ سائين، هتي بہ نہ جن نہ ڪن.“

صوبيدار وري ڏانهنس ڪنڌ ڦيرايو: ”ها ميان، ڪهڙيءَ مهل لاش ڏٺئہ؟“

”سائين، باک پي ڦٽي.“

”اتي بيو ڪير هو؟“

”ڪوئي ڪونہ، مان اڪيلو هوس.“

”پوءِ ڪنهن کي ٻڌائيہ؟“

”ڪنهن کي ڪونہ، سڌو ٿاڻي تي آيو آهيان.“

”تون پاڻ ڪٿي رهندو آهين؟“

”سائين، سکر بئراج تي ڪوارٽر مليل آ.“

”اڪيلو رهندو آهين يا ٻارين ٻچين؟“

”سائين اڪيلو.“

”ها ميان، اڪيلو چو نہ رهندي، مڙس بہ شوقين ٿو ڏسجين!“

”شوقين ڪيئن سائين؟“

”ميان لبِ مهراڻ تي روز هڪ ٻئي کان اور تيون اچي گڏ ٿين، تو ٻه هڪ کن ته تاڙي هوندي.“

”نه سائين، مان انهن ڳالهين کان پري آهيان.“

”انهن ڳالهين کان پري هجين ها ته خون چو ٿئي ها، لاش چو لڀي ها!“

”سائين مان نه سمجهيو.“ گيج ريڊر کي پگهر اچي ويا.

”برابر، تون هاڻي ائين سمجهندين ٻه ڪونه، پر اها مهل آئي ته پاڻهي طوطي وانگر ٻوليندين.“

”سائين، توهين مون ۾ اجايو شڪ ٿا رکو. مان اهڙو ڪم ڪيان ها ته لاش هيٺ نه لوڙهي ڇڏيان ها. آخر مون کي ڪنهن پئي ڏنو؟“

”ها، اها ڳالهه تنهنجي فائدي ۾ آهي، ان کي ضرور خيال ۾ رکبو. چڱو لاش جو حليو ته ٻڌاءِ.“

”سائين، مان هيٺ لهي ته ڪونه ڏٺو جو هراس پئي ٿيو. باقي فوٽڻ رنگ جي پوري، ڊگهن ڪارن وارن سان، ڳاڙهو گهگهو پرت سان......“

”وئي، وئي!“ صوبيدار ڳوت پڳي.

”ڪئين وئي سائين؟“

”پڪ ڪنهن گهگهيلي ڪاري ماري، پنهنجو منهن ڌوتو.“

گيج ريڊر اجا اهو گفتو نه سمجهيو، سو صوبيدار کان پڇيائين: ”سائين، ڪنهن منهن ڌوتو؟“

”ميان، تون ڇٽ ماڻهو، توکي انهن ڳالهين جي کهڙي خبر؟ اهي غيرتون گهگهيلن کي، جو ڪو مهٽو ڏئين ته ان تي ئي آءُ ڪن.“

گيج ريڊر هينئر اها ڳالهه سمجهي ويو، سو صوبيدار کي چيائين: ”سائين، اهي کهڙي قرآن ڪتاب ۾ جائز آهن؟“

”بروچ هن قانون کي چا ٿا سمجهن، اهڙا خون ته هنن لاءِ جائز آهن.“

”پر سائين، قانون ۾ ته ڏوهي آهن.“

”ها ميان، قانون ۾ ته سڌو سنئون 302 آهي، پر ڪير فريادي ٿئي ۽ ڪير باڪو ٿئي؟ ان ڪاريءَ جو ياءُ ۽ پيءُ ٻه جوٽي نه ڪٽندا. ٻيا مائٽ ته پري ٻڌ.“

”پر سائين، اوهان اکيون وجهون ته اهي ڏوهه ڪيئن ٿا لکي سگهن؟“

”ها، جي ڏکڻي جاچ ڪبي تہ اتي مان وار بہ ڪڍي ڇڏبو. مون کي تہ اهڙو آزمودو آهي، جو ڪو خونيءَ کي ڪٽي گلاب جي عرق ۾ وهنجاري سؤ ماڻهن سان گڏ بيهاري، تہ بہ مان هڪ پل ۾ ڪن کان وٺي ٻاهر ڪيندوسانس تہ پٽ ماءُ جا، هتي ٿي بيهہ!“

”واه سائين واه، اهو وري ڪيئن؟“

”خون جي ڏپ! خوني مان ڪا رت جي ڏپ ويندي؟“

”پوءِ تہ سائين وارو ڪيو.“

”ميان، هن ڪاريءَ جي ڪيس ۾ ڪنهن کي پڪڙي ڪنهن کي پڪڙيان؟ جنهن ٻروچ ۾ هٿ پوندو تنهن مان خون جي ڏپ ايندي!“

”پر سائين، اهو بہ تہ ٿي سگهي ٿو تہ فوتڻ ڪاري نہ هجي ۽ واٽ ويندي، پاڻي پريندي، ڪنهن شڪاريءَ کي هٿ اچي وئي هجي ۽ ان پوءِ پئو ڪان ماري ڪيس لوڙهي ڇڏيو هجي.“

”ها، ائين بہ ٿي سگهي ٿو، پر اهڙو امڪان اتي ۾ لوڻ برابر آهي.“

”سائين، هڪ پيرو جانچ شروع ٿي تہ پاڻهي ڏڳ ٿيندو ويندو. خون ۽ ڪتوريون ٿورو لڪنديون آهن.“

”ميان، ههڙي خون جي مولا نہ جاچ ڪرائي. هيءَ جاچ تہ رهندو گهر جا ٽيڙ بہ گهليندي.“

”ڪيئن، سائين؟“

”بابا، لاوارث لاشن جون جاچون ڪي سوليون آهن. پهريون لاش ڪڍائڻ تي مزوري، پوسٽ مارٽم جو خرچ، فوٽو گرافر، جيپن جا ڀاڙا ڪرايا، لاش جو دفن ڪفن، ان ڪان پوءِ بالا آفيسرن جا سهما، روز پيا پڇائون ڪندا، جيستائين بہ ڏوڪڙ سندن منهن ۾ نہ هڻبا. ميان، در ڪولي، لاش لوڙهي جو نہ پئي ڇڏيئي؟“

”سائين، اهڙو پاپ مون ڪان ڪئين پئي پڄو. مولا الائي ڪهڙين ڳالهين ۾ راضي، شل حقؤن بہ رکي ناحقؤن بہ.“

”پر هاڻي تو گناه ڪيو يا مان، جو ٻئي پيا رولڙا پسون. ميان، خون جو فرياد ڪا چرچي جي ڳالهہ ڪانهي. روز روز حاضريون ڪائي ٿڪين تہ پاڻهي ٻان ڪندي.“

”سائين، مون کي اهي حاضريون چڱيون آهن، پر اهڙو ڪڏو ڪم مون ڪان نہ ٿيندو، منهنجي فرياد وٺ.“

”ها ميان، تو مان جند ڪانہ ڇٽيندي. ننڍي هوندي مائٽن ڪو گڏهہ جو کير پياريو هيئي الائي ڇا.“

”سائين، جيئن سمجهين.“

”ڪوڙا خان، منشيءَ وڏي کي سڏ ڪر ته هي فرياد وٺون.“ صوبيدار پنهنجي سپاهيءَ کي چيو.

منشي وڏو پنا، ڪاربان، رول، پينسلون کڻي آيو ۽ اچي صوبيدار جي پرسان موڙي تي ويهي، رول سان پني تي ليڪا ڪيدي، صوبيدار کان پڇيائين: ”سائين، پهريون ڪچي پني تي ناهيون ته پوءِ تا 154 تي آڻيون.“

”وڏا، مڙيئي ڏوڙ وجهينس، يا جيئن وٽئي تيئن ڪر، پلي پهريون ڪچي ناهه.“

منشي وڏي بنا ڪاربان ناهي پينسل هٿ ۾ کڻي، صوبيدار ڏانهن ڏٺو.

”وڏا لک فرياديءَ جو نالو، چا تي نالو؟“

”سائين، غلام محمد پٽ نور محمد.“

”وڏا، لک – فريادي غلام محمد پٽ نور محمد، گيج ريدر سکر بئراج، ڏوهه قلم 302 وقت اطلاع صبوح جو ڇهه بجي، وقت رپورٽ...... وڏا، بيهه ته، روزنامچو ڪيستائين لکيو اٿئي؟ هينئر ته ڏهه تيا آهن.“

”روزنامچو رات کان بند آ، هينئر وجي لکندس.“

”نيڪ آ ته پوءِ لک – وقت رپورٽ داخلا جو سوا ڇهه بجا، وقت جانچ جو، بروقت پوليس طرفان ڪا دير ڪونه. ها بابا، لاش ڪٿي قاتل آ؟“

”سائين، سکر بئراج جي چوٽيهين در ۾.“

”وڏا، وارو ڪر، ڏس ته اسان جي ٺاڻي جي حد کھڙي در تائين آهي؟“

منشي وڏو تڪڙو ڪونيءَ ۾ ويو ۽ پري کان رجسٽر ڪنيون ڀھڪندو آيو ۽ چوڻ لڳو:

”سائين، اسان جي ٺاڻي جي حد ڪانهي.“

”واه قلندر! ميان، وچ روهڙي ٺاڻي. ان حد ۾ نه اسان جو اڌ نه ٿهائي.“ صوبيدار مرڪندي چيو.

”سائين، ائين ڪيئن ٿا ڪيو؟“

”ميان، اعتبار نٿو اچئي ته کڻي پاڻ رجسٽر ڏس.“

”سائين، فرق ته رڳو هڪ در جو آهي.“

”بادشاه، هڪ در جو فرق ته وڏي ڳالهه آ. پر هڪ تِر جو هجئي ته به وک نه هلانءِ. مان آخر پرائو سور پنهنجي مٿي ۾ چو وجهان؟“

”مڙئي سائين مهر ڪر.“

”اڙي ڪو چريو چئبين. ليلهڙات تہ ائين تو ڪرين، جڻ ڪا پنھنجي سڳي هجئي.
ميان، تنھنجو چا؟“
”پوءِ سائين، مان چا ڪيان؟“
”بابا، تون روهڙي ٿاڻي تي وڃ، اتي وڃي اها رپورٽ ڏي.“
”اهو جو رپورٽ نہ وٺي؟“
”ڪيئن نہ وٺندو؟ سندس حد آ.“
گيج ريڊر وري روهڙيءَ ڏانهن ڪڙي ڪئي ۽ ذري گهٽ منجهند اچي ٿاڻي تي پھتو. ڪلاڪ ڏيڍ جي انتظار کان پوءِ مس مس صوبيدار سان ملاقات ڪيائين ۽ ڪيس خون ٿيل لاش جي لڙهي اچڻ جي خبر ٻڌايائين.
”لاش ڪٿي قاتل آ؟“
”سائين، سکر بئراج جي چوٿيهين در ۾.“
”منشي وڏا، اهو چوٿيهون در اسان جي حد آ يا سکر جي؟“
”اسان جي.“ منشيءَ وڏي منهن پيلو ڪري ٻڌايو.
”ڪهڙيءَ مهل لاش ڏٺو هيئي؟“
”سائين، باک مهل.“
”پوءِ ايتري دير ڪاٿي هئين؟ هينئر تہ ذري گهٽ منجهند اچي تي آهي!“
گيج ريڊر چپ.
”ميان، جواب ڏي نہ تہ اها دير توکي ڏکي پوندي.“
اتي گيج ريڊر ڦاٽ ڪاڏو، پرائيءَ عزت کان نيٺ پنھنجي عزت پياري هئي. ”سائين، مان تہ پنھنجي سر ڪا دير ڪانہ ڪئي. مان تہ ان مهل ئي سکر ٿاڻي تي ويو هوس، پر ان صوبيدار مون کي ويهاري ويهاري نيٺ پوءِ جواب ڏنو.“
”چو جواب ڏنائين؟“
”چيائين تہ منهنجي حد ڪانهي.“
”هن جي حد هجي يا منهنجي هجي. جهڙو هو گورنمينٽ جو نوڪر، تهڙو مان نوڪر. هن کي پهريون خون جي خبر پئي هئي. قانون مطابق هن کي رپورٽ وٺڻي هئي ۽ مشير نامو ناهي لاش پوسٽ مارٽم لاءِ موڪلڻو هو. ان کان پوءِ مون ڏي ڪاغذ موڪلڻا هئس.“
ها سائين، مان تہ ڪيس گهڻا ئي ايلاز ڪيا، پر اصل ڪونہ مڙيو.“
”چا پئي چيائين؟“

”سائين، چيائين پئي تہ ھھڙي جاچ ڪير ڪري. ھيءَ جاچ تہ رھندو گھر جا ٽپڙ گھليندي.“
”ھا، پر جي منو ڪائبو آ تہ ڦکو بہ ڪائبو آ. جي ان لاش جا وارث پئدا ٿين تا تہ پوءِ اھو لاش ڪيس ڏاڍو منو لڳي ھا. پوءِ انھن حدن ٻدن جو خيال ئي ڪونہ اچيس ھا.“
”الائي، سائين.“
”الائي وري چو؟ توکي اھا خبر نٿي پوي؟“
گيج ريڊر چا ڪچي.
”چڱو ڀلا، ھاڻي ھي ٻڌاءِ تہ توکي ڪيئن خبر پئي تہ لاش چوٿيھين در ۾ آ؟“
”مان پاڻ ڏٺو ھو.“
”تو لاش ڏٺو ھو يا در ڳڻيا ھيئي؟“
”در ڳڻڻ جي ڪھڙي ضرورت ھئي سائين، درن جا نمبر تہ منھنجي دل تي لکيل پيا آھن.“
”پر ميان، ڀل چڪ تہ ٿي سگھي ٿي.“
”نہ سائين، اھڙو اندو مان بہ ڪونھيان.“
”ڀلا، ھينئر جو ھن تاڪي تي آئين تہ وري لاش ڏٺئي؟“
”ھن ڀيري تہ اھو رستو آيس ئي ڪونہ. مان تہ سڌو اچي روھڙي واري پل ٽپيس.“
”اوڏانھن اچين ھا تہ گھٽ ۾ گھٽ پڪ تہ ٿئي ھا. الائي وري لاش لڙھي ڪنھن ٻئي در ۾ تہ نہ ڦاتو.“
”اھا الله کي خبر، پر ائين وري ڪيئن ٿيندو؟“
”چڱو، اھا وري تا ڪٽي جاچ رکون...... وڏا، او منشي وڏا!“
”جي سائين!“ منشيءَ وڏي جواب ڏنو ۽ اچي صوبيدار جي سامھون بيٺو.
”يار، لاوارث لاش جي فرياد آھي تہ ڏکي، پر ھن مڙس کي ھرويرو ڪونہ رلائبو. تون ھن کان فرياد وٺڻ جي تياري ڪر. پر ان وچ ۾ پنھنجو ڪو ماڻھو موڪلي اھا تہ خاطري ڪر، متان لاش اسان جي حد ۾ ئي نہ ھجي ۽ اسين وينا اجايا خفا ڪيون.“
”اھي خفا اجايا تا ڪيو سائين، لاش چوٿيھين در ۾ آ.“ گيج ريڊر صوبيدار کي وري پڪ ڏني.
”ميان، اسان کي پڪ تہ ڪرڻ ڏي. متان درياھ جي وھڪري تي لاش لڙھي ڪنھن ٻئي در ۾ نہ ڦاتو ھجي.“
”ڀلي سائين.“

”منشي وڏا، تو به ڳالهه سمجهي نه؟“
”ها سائين، خاطري ڪيو.“
”پر ڪنهن بني بشر کي خبر نه پوي! مهاڻي کي به جهلجانءِ ته ان ڳالهه جو پڙهو نه ڏي، رکو ماٺ ميٺ ۾ لاش ڏسي، در ڳڻي اچي.“
”ها سائين، بس نه؟“
”بس، پر هن همراهه کي پاڻ سان ورتيون وڃو. هن ويچاري ماني به کاڌي آهي الائي ڪونه.“
”سائين، مون کي طلب ڪانهي.“
”ميان حجاب نه ڪر، ماني مولا جي آ. وڏا، منهنجي ڪنڌي هوٽل مان گهرائي ڪارائينس. هي مڙس ماڻهو اٿئي، پرائي خون تي ڪنهن پاڙي پتي کي ڪهڪاءُ ڪونه ايندو آ. وڏا، ههڙن مڙسن جو شل ڪال نه پوي.“
”بيشڪ سائين، مڙساڻا اکر اٿس. هل ادا، اتي کو ڳيو کاءُ.“
صوبيدار ۽ وڏي منشي جي ان تعريف گيج ريڊر جا مڙئي ٿڪ لاهي ڇڏيا. هن کي سکر واري صوبيدار تي وڏي خار هئي، جنهن کيس اجايو رلايو هو ۽ ساڻس خوديءَ سان ڳالهايو هئائين. جو منشي وڏي جي ڪونيءَ ۾ آيو ۽ ماني کائي، جنگهون ڊگهيون ڪيائين ته کيس ننڊ کڻي وئي. ٽپهريءَ مهل منشيءَ وڏي ٽنگ لوڏي جاڳايس ۽ صوبيدار وٽ هلڻ لاءِ چيائينس. هو صوبيدار جي ڪونيءَ ۾ گهڙيو ته صوبيدار کيس چيو: ”ميان، لاش ته ٽيٽيهين در ۾ آ، اها اسان جي حد ڪانهي.“
”اهو وري ڪيئن سائين؟ مان پاڻ چوٽيهين در ۾ ڏٺو هو!“
”ميان، يا ته تون ڀُلو آن يا لاش پوءِ وري لڙهي وڃي ٻئي در ۾ ڦاٿو ا.“
”سائين، مان ته رُلي مري ويس!“ گيج ريڊر کي رلڻ جو جيڪو خيال هو، سو ته ڪڏي ڇڏيو، پر کيس سکر واري صوبيدار جا سور به پئي سجهيا.“
”ميان، پرائيءَ حد ۾ مان ڪيئن دخل ڏيندس؟“
”پر سائين، در ۾ قاتل لاش ڪئين وري لڙهندو. منهنجو ته مغز ئي نٿو ڪم ڪري.“
”ميان، پر تون وري ڪڻي ٻئراج ڏانهن تيندو وڃ. چڱيءَ طرح در ڳڻجانءِ. جي چوٽيهون در هجي ته مون کي ڪڻي نياپو موڪليندين ته مان اچي نهڪو ڪندس.“
گيج ريڊر آگ قبولي، وري سکر طرف هليو ۽ سڌو رستو ڇڏي سکر ٻئراج ڏانهن ڦريو. هن پيري هن پڪو پهه ڪيو ته لاش چڱيءَ طرح خاطري سان ڏسي، پوءِ سکر واري صوبيدار سان ملندو. هو هلندو هلندو چوٽيهين در وٽ پهتو ته ڏٺائين ته ڪاريءَ

وارا ڪک هئا ۽ وري اڳتي وڌي ٽيٽيهين در ۾ جهاتي پاتائين تہ اتي لاش برابر ڦاٽل هو. اها خاطري ڪري هو سکر ٽاڻي پهتو تہ صوبيدار پري کان ڪيس ڏسي پڇيو: ”پٽيا خدا جا، وري ڇو آيو آهين؟“
”سائين، لاش ٽيٽيهين در ۾ آ، اها اوهان جي حد آ.“
”اڙي، اهو وري ڪيئن؟“
”سائين، صوبيدار روهڙي واري جو لاش ڏسڻ لاءِ مهاڻو موڪليو تہ اهو ٽيٽيهين در ۾ ڦاٽو پيو هو، سو توهان ڏي موڪليائون.“
”هتي ويهہ گيج ريڊر جا پٽ.“ صوبيدار گجگوڙ ڪندي چيو: ”تنهنجي حد ۾، تنهنجي ڊيوٽي ۾ خون جو ڏوهہ ٿيل آهي. ان کان پوءِ تون لاش کي هڪ جاءِ تان ٽيڙائي وري ٻي جاءِ واردات ناهي آهي. اهو ڏوهہ بہ خون جيترو ئي آهي. وڏا، ڏيکارينس ان ڏوهہ جو قلم.“
”هيڏي آ ميان تہ قلم ڏيکاريانءِ.“ منشي وڌي ڪيس سڏ ڪيو.
”چڏ منشي وڏا، مان برابر گناهي آهيان.“ گيج ريڊر روئڻهارڪو ٿي ويو.
”بلڪل تون گناهي آهين. ان کان سواءِ تون ٻن ٽاڻن، ٻن عملدارن کي تو پاڻ ۾ ويڙهائين. ان ويڙهہ ۾ تون ائين پيسجي ويندين جيئن ان سان گڏ گهڻو.“
”سائين، اعتبار ڪر. مان توهان کي ڪونہ ٿو ويڙهايان ۽ نہ مون ڪو لاش ئي ٽيڙيو آهي.“
”پوءِ لاش ٽيٽيهين در ۾ ڪيئن آيو؟“
”سائين، خدا جو قسم، مون کي ڪا خبر ڪانهي. منهنجون تہ پاڻ وايون بتال ٿي ويون آهن. صبوح جو مان هن گنهگار اکين سان لاش چوٽيهين در ۾ ڏٺو هو، پر وري روهڙي کان موٽندي ڏٺم تہ ٽيٽيهين در ۾ پيو هو.“
”پوءِ لاش جن ٽيڙيو پوت ٽيڙيو؟“
”سائين، روهڙي واري صوبيدار تہ چيو پئي تہ لاش درياہ شاہ ٽيڙيو آهي.“
صوبيدار سوچ ۾ پئجي ويو ۽ ڪي گهڙيون ٿبيءَ ۾ پئجي، ڪنڌ مٿي ڪنيائين: ”ها اها ڳالهہ ٿي سگهي ٿي، درياہ بادشاہ آهي.“
”يلا سائين، هاڻي رپورٽ ونو، دير ٿي ٿئي.“
”ضرور ونبي، پر هينئر تہ سانجهي ٿي وئي آهي. هن مهل لاشو ڪير ڪيندو؟“
”پوءِ ڇا ڪيان؟“

”تون ساجهر اچجانءِ، رپورٽ مان رات ئي ناهي ڇڏيندس. صبوح جو ڇڙي تنهنجي صحي پوندي.“
”پر سائين، لاش ڪي ٻي ٻه رات پوندي ته شناخت ڪان زور ٿي ويندو.“
”ميان، رات ۾ ڪجهه ڪونه ٿيندس. تون باڪ مهل اچي پهچجانءِ.“
رات جو ته نه، البته باڪ مهل هو وري سکر ڏانهن پئي آيو ته ٽيٽيهين در جي سامهون پهچي، هن کي دل ۾ خيال آيو ته جيڪر هو لاش کي وري هڪ نظر ڏسندو وڃي. هن کي پڪ هئي ته لاش شناخت ڪان زور ٿي ويو هوندو. هن پٽ کي هٿ وجهي جو هيٺ نهاريو ته هن جي اکين ۾ ترورا اچي ويا. لاش ٽيٽيهين در ۾ ڪونه هو. هن وري ڊڪي وڃي چوٽيهين در ۾ جهاتي پاتي ته لاش اتي ڦاٿو پيو هو.
هو ڪي گهڙيون ڦٽ – پاٽ تي ٻيهي رهيو. هن نه سکر طرف قدم وڌايو ۽ نه روهڙي طرف موٽ ڪاڏي. ٻئي پاسا ڳورا هئا. اڳيان باهه هئي ته پنيان پاٽي هو. ڪا مهل سوچي سوچي هن هيڏي هوڏي نهاريو، پرتي اورتي ڪوئي ڪونه هو. هن پٽ تي چڙهي در جي چاٻيءَ ۾ وجي هٿ وڌو.
نيرن مهل گيج ريڊر پنهنجي ڪوٺيءَ ڏانهن پئي ويو ته سروير ڪانئس پڇيو: ”غلامو، لاش ڪهڙي صوبيدار جي حوالي ڪيئي؟“
”بابل، ٻنهي صوبيدارن لاوارث لاش ڪونه ورتو، سو ان کي ان بادشاهه جي حوالي ڪيم، جنهن جون حدون تمام وڏيون آهن. هيڏانهن سکر بئراج ته هوڏانهن عربي سمنڊ.“

# پھرين پھر

ستين بجي ميلاد هو ۽ هن اجا ڊريسنگ ٽيبل جي پچر ئي ڪونہ ڇڏي هئي. ٽيبل جو سمورو ٽاپ شيشون ئي شيشون هو. سندس ڀنهي ڏيئن فريال ۽ زوفيءَ تہ ڪڏهوڪو پنهنجي بيل ٻاتم سوٽ پائي تياري ڪري ڇڏي هئي ۽ هر هر سندس ڪمري ۾ پئي جهاتيون پاتائون ۽ ڦيريون ڏنائون. هنن رکي رکي ڪيس ايلاز بہ پئي ڪيا: ”امي پليز هاڻي اٿ بہ نہ!“ هن ميڪ – اپ ڪندي ڪڏهن تہ ڪين ڇهڙون پئي پاتيون ۽ ڪڏهن تہ ڪين آسرا پئي ڏنائين، ”بس باقي پنج منٽ.“

هڪ دفعي تہ زوفيءَ دل ٻڌي ڪيس چئي بہ ڏنو: ”امي! تنهنجا اهي پنج منٽ تہ ڪٽن بہ ڪونہ ٿا.“ هن جو جواب ۾، زوفيءَ ڏانهن خار ۾ گهورڻ ئي ڪافي هو ۽ هو پڇ پائي وني ڀڳي هئي ۽ وري ڪي گهڙيون پاڻ اچڻ بدران فريال کي پئي موڪليائين.

اهي آسرا، اهي ڇهڙون شام جو ڇئين بجي کان پئي هليون، جڏهن هوءَ ائپرن پائي اچي ميڪ – اپ کي لڳي هئي. پهريون فائونڊيشن ڪريم، وري فيس پائوڊر، وري روج، مسڪارا، آءِ لائينر مڙئي شيشن مٿان شيشون پئي ڪليون وري بند ٿيون ۽ وري پئي ڪليون.

هن ان ميلاد جي تياري حقيقت ۾ تہ ان ڏينهن کان شروع ڪري ڏني هئي، جنهن ڏينهن هوءَ اوپا جي ميٽنگ ۾ پنهنجي طرفان ڀرپور تياريون ڪري وئي هئي ۽ تڏهن بہ بيگم ملڪ اڳيان سندس دال نہ ڳري سگهي هئي. ان وچ ۾ هوءَ ڪونہ ڪو سانگو ڪري ڪراچيءَ جو چڪر بہ هڻي آئي هئي ۽ اتي هن پنهنجا وار بہ نئين طرح سيٽ ڪرايا هئا ۽ بيوٽي پارلر جي مسز بيگ جي صلاح سان ميڪ – اپ ۾ روش شيڊ ڇڏي روز ريشل شيڊ جو انتخاب ڪيو هئائين، جيڪو هن جي رنگ تي نهڪندڙ بہ هو. هن ٻئي ڏينهن سانده بيوٽي پارلر ۾ وڃي – ميڪ اپ بہ سکيو هو. هن محبوب بخش وارن وٽان ڳولي ڳولي ٻئي فارين ڪپڙي جا سوٽ بہ ورتا هئا ۽ پيور پرنٽيڊ شيفون جي ساڙهيءَ جي ڳولا ۾ سپر هاءِ وي وارين جهڳين ۾ بہ ٿابا کاڌا هئا. جنهن وقت اها ڪيس ملي هئي، هن محسوس ڪيو هو تہ ڄڻ سارو جهان ڪيس ملي ويو هجي. ان کان پوءِ پورا بہ ڏينهن تہ انهن ڪپڙن جي ڊزائن ڳولڻ ۾ صرف ڪيا هئائين ۽ سڀڻ کان پوءِ بہ ٻئي پيرا پائي فل مرر ۾ آڳا پيڇا ڏسي، خاطري ڪئي هئائين. هن هڪ ٻن جوڙن تي شوز ۽ پرس بہ ورتا هئا. جيولري لاءِ تہ هن سمورا دوڪان ڏنا هئا، پر پرس خالي هئڻ سبب هو ڪو ڳرو جڙائو سيٽ وني نہ سگهي هئي. تنهن هوندي بہ

اوڏر سوڌر ڪري هڪ هلڪڙو لاڪيٽ، منديءَ ۽ ٽاپس جو نورتن سيٽ ورتو هو. موٽڻ کان پوءِ هن ڪنهن نہ ڪنهن پارٽيءَ جو انتظار شروع ڪري ڏنو هو ۽ ان لاءِ ڪيس گهڻو ترسڻو نہ پيو ۽ جلد ئي ڪيس بيگم بشير ميلاد جو سڏ ڏنو هو. شام جي ڇئين بجي کان هن ميڪ اپ شروع ڪري ڏنو هو ٽيبل جو سمورو ٽاپ، شيشون ئي شيشون هو، جي ڪڏهن کليون پئي تہ ڪڏهن بند پئي ٿيون.

هن ميڪ – اپ ختم ڪري ڪليل شيشون بند ڪيون ۽ پوءِ ڊريسنگ گلاس جي ڪڏهن ويجهو وڃي، ڪڏهن پري بيهي اکيون ڦوٽاري، ڪڏهن چنجهيون ڪري، چپ پڪوڙي وري ڪولي پنهنجو اوور آل جائزو ورتو هو. مطمئن ٿي هن پرس کنيو تہ فون جي گهنٽي وڳي ۽ زوفيءَ کيس سڏ ڪيو، ”امي بيگم حسين جو فون.“

”ڪمنگ!“ هن سر سان جواب ڏنو ۽ لوڏ سان فون ڏانهن هلڻ لڳي.

بيگم حسين هن جي حجائتي ساهيڙي هئي. عمر ۾ ٿوري هن کان وڏي، پر تجربي ۾ آڙيڪاپ. شاديون، براتيون ۽ پارٽيون هن کان سواءِ نامڪمل هيون. ڪنوارين جا سينگار، سيجون، سندن گوڏي سان گوڏو پيچي ويهڻ، ڪين ڪن ۾ ڳالهيون ڪري ڪلائڻ، آخر ۾ گهوٽ کي پارتن ۽ صبوح جون خبرون چارون ونڻ، سندس بلي هوندو هو. هن رسيور کنيو تہ بيگم حسين اڃي کيس انگن تي کنيو: ”من ڪيترو تڙپائيندينءَ؟ ساڍا ست اڃي ٿيا آهن!.“

”بس آيس پئي، ٻيون آيون آهن؟“

”ٻين سان منهنجو ڇا، منهنجو تہ تو لاءِ هنيانءُ ٿو ڦاٽي.“

”مسٽر حسين لاءِ هيانءُ ڦاٽندو هوندءِ!“

”ان لاءِ رات جو، هن وقت تو لاءِ.“

”بس بس گهڻو ٿيو.“ هن شرمائجي چيو. بيگم حسين سان سندس پڇڻ جي پيٽي ڪونہ هئي.

گاڏيءَ ۾ چڙهندي هن کي دل ئي دل ۾ اڃي بيگم ملڪ جي هورا ڪورا لڳي، جا هر پارٽيءَ ۾ ڪانئس گوءِ کٽي ويندي هئي. شڪل شبيهہ، روپ ۾ تہ هيءَ بہ ڪانئس گهٽ ڪونہ هئي، پر بيگم ملڪ بہ پنهنجي نالي سان هئي. هوءَ هر پيري ڪو نہ ڪو جدت وارو لباس يا نئون سيٽ پائي، نانگن وانگيان موڙا ڏيندي، ترندي ترڪندي ايندي هئي تہ هر ڪنهن جون اکيون وڃي منجهس ڪپنديون هيون ۽ ڪيس پيرن کان چوٽي تائين تڪي وري منڊ کان تڪڻ شروع ڪنديون هيون. سچ، ڪنهن نہ ڪنهن بهاني سان سندس چوڌاري پونئرن وانگر پيون ڦرنديون هيون. ان وقت هيءَ پنهنجي گروپ

سان ٿهڪڙا ڏيندي بہ اڪيلائي محسوس ڪندي هئي ۽ هن کي پنهنجي ٿهڪ کوکلا لڳندا هئا.

بيگم بشير جو گهر اچي ويو تہ اندر گهڙڻ کان اڳ، هن وري بہ پنهنجو جائزو ورتو. پاڻ ۾ خود اعتمادي پيدا ڪندي وڏي بي نيازيءَ سان موڙا ڏيندي لڏندي لچڪندي، مشڪندي اچي ڊرائينگ روم ۾ پهتي. ميلاد اجا شروع نہ ٿيو هو ۽ پڙهڻ واريون هينئر پئي مسند تي وينيون. پنهنجي ويهڻ لاءِ نظرن ئي نظرن ۾ جاءِ ڳوليندي، هن جي نظر اوچتو ئي اوچتو وڃي بيگم ملڪ تي پئي، جنهن ڪيس ايندو ڏسي، گهڙيءَ لاءِ هن ڏي نهاريو، پر ساڳئي پل ۾ وڏي بي پرواهي سان ڪنڌ کي جهٽڪو ڏئي، پرسان وينل بيگم لطيف سان ڳالهائڻ لڳي. هن بيگم ملڪ جي اها روش بريءَ طرح محسوس ڪئي ۽ پنهنجيءَ پر بہ، اهڙي بي پروائي ڏيکارڻ جي ڪئي، پر اوسي پاسي ويٺل بيگمات کي وڏي ڪندي ۽ ماحول جو جائزو وٺندي، قضا تي جو هن ٽيڏي اک سان بيگم ملڪ ڏي ديد ڪئي تہ کي گهڙيون سندس اکيون منجهس اٽڪي بيهي رهيون. بيگم ملڪ کي پيل ماربل جو سوٽ تہ خير ڪجهہ بہ ڪونہ هو، جو اهڙو ئي ہي رنگ جو وٽس بہ هو. پر سندس سچي جيڊ جو ڳوڙو جڙائو سيٽ ڪا شيءِ هئي! ان سيٽ کي ڏسي هن کي پنهنجي ڳچي وارو لاڪيٽ ڪنهن ميري سٽ جو نهيل ڌاڳو لڳو.

هوءَ پوءِ سمورو وقت ان ويسوري ۾ وينڻي رهي. الائي ڪهڙي وقت نعتون پڙهيون ۽ روايتون بيان ٿيون، هن کي تہ پنهنجي رئي جي پلو جي بہ خبر ڪونہ هئي، جو هيٺ سرڪي ويو هو. سلام وقت جڏهن سڀ بيگمات اٿيون تہ هوءَ پوءِ لاچار سنڌن جي سور جي مريض وانگر مس مس اٿي. ٻيون بيگمات دستور موجب سلام ۾ پنهنجو بہ سر وناڻڻ لڳيون، پر هن جي وات ۾ تہ ڄڻ مگ پيا هئا. هن کان تہ پنهنجي حصي جو تبرڪ وٺڻ بہ وسري ويو.

ٻاهر ورانڊي پٽر ۾ چانهہ ۾ سنيڪس جو انتظام هو. هوءَ بہ ٻين جي پويان لاچار رڙهندي هلي. بيگم حسين، جا سمورو وقت ٻيءَ ڪنڊ ۾ وينڻي هئي ۽ ميلاد جي ادب کان پنهنجي جاءِ ڇڏي، هن ڏانهن نہ پئي آئي، تنهن هينئر واند ڏسي ڪيس اچي ڪنييو. پر بيگم حسين جا چرچا گهٻا بہ ڪيس نہ وندرائي سگهيا. ظاهر ۾ تہ هوءَ مشڪندي بہ رهي تہ کلندي بہ رهي، پر تنهن هوندي بہ هن جا ٽهڪ کوکلا هئا ۽ هن جي مرڪ انهن مريضن وانگر، جي ڪنهن ڪنهن مهل ٻئي منٽ اکيون پٽي مٿان ٻيٺل عزيزن کي ڏسي مرڪن. بيگم حسين ڪيس ائين بي خيالو ڏسي رڳهو هنيو: ”من ڪنهن جا پور پيا اٿئي؟“

”توکي تہ سدائين مسخري سجهي.“ هن ٺورڙي چڙ مان چيو.
”نيٺ هاڻي ڪٺي قات بہ ڪاءُ. مون کان ڪيترو الندينءِ!“
”الا! ڪجهہ بہ ڪونهي.“
ان وقت تہ ڪجهہ ڪونہ ڪچيائين، پر ميلاد پوري ٿيڻ کان پوءِ پنهنجي گهر پهتي تہ هوءَ پاڻ جهلي نہ سگهي ۽ فون تي بيگم حسين کي چيائين: ”بيگم ملڪ جو جڙائو سيٽ ڏٺئي؟“
”ها، ڪيڏو نہ سهڻو هو. ستين اٺين هزارين جو تہ واه جو هوندو!“
”نہ تہ وري! مان ان کان تمام هلڪو چڪايو هو تہ ان جي قيمت بہ پنج هزار هئي.“
”پوءِ اهو سيٽ چو نہ ورتئي؟“
”اهڙا ڪٿي نصيب. مون وٽ جيولري وري ڪهڙي آهي. هڪ ٽوپس وارو سيٽ ۽ هڪ هي نورتن، جو هينئر ورتو اٿم.“
”پوءِ چو نہ ٿي مڙس سان انگل ڪرين!“
”نہ مائي! اسان کي تہ وڏي ڪروڙ کان پوءِ ئي هزار پنجين سوين جي شيءِ ٿي ملي – هي بيگم ملڪ واريون الائي ڪيئن ٿيون مڙسن کي مرضيءَ تي نچائن.“
”مڙس کي نچائڻ نہ آيئي تہ پوءِ تون ڪهڙي ڪم جي. گهمڻ گهتڻ ۾ پائڻ جي بہ هيءَ مند اٿئي، يا پوءِ نئين سامائبينءِ!“
”اسان کي تہ ننڍو اچي.“
”مان سيکاريانءِ!“
”سيکار.“ هن بہ کلندي جواب ڏنو.
”استادي مڃ تہ پوءِ!“
”ڪڏهن نہ مڃي اٿم، جو اڄ تي نئين بيعت ڪرائين.“
”پلا تو ڪڏهن ڪن تي هنيو اٿس؟“
”ڪوڙا پيرا – کلندو، ٿائيندو چوندو تہ سون کي کهڙو سون نهندو.“
”منهنجي هڪ ڳالهہ ڌيان تي رکي ڇڏ. اها ذات اٿئي، ڏينهن جا شينهن، رات جو جهڙي ٻلي. هو پهاکو ڪونہ ٻڌو اٿئي تہ ڏينهن پرائو، رات پنهنجي. سمجهي وئينءَ يا اچا ڪتاب اڳتي پڙهيان.“
هوءَ شرمائجي وئي ۽ ڪو جواب نہ ڏنائين.
”من ڪاڏي وئينءَ؟“ بيگم حسين کا ورندي نہ ٻڌي کانئس پڇيو.
”اتي ئي آهيان، مڙئي پئي تنهنجيون بي حيائيءَ جون ڳالهيون ٻڌان.“

”ڪم ٻه اهڙي بي حيائي ايندئي. شرافت جو زمانو اصل ڪونهئي. متان رلهي ٿي پئين.“

”بس بس ٻڍڙ، ڏاڍي ڪا تِرڪ تالڻ آهين.“ هن فون بند ڪري ڇڏيو.

جنهن ڏينهن مڙسهنس پهتو، ان ڏينهن آسمان تي بادل ڇانيل هئا ۽ ٿڌيون هيرون پئي گهليون. هن ٻه ٻتي ڪلاڪ پاڻ کي باٿ روم ۾ بند ڪري ڇڏيو ۽ اتان نڪتي ته جڻ بنا ڦيٿ جي سچو سون. جتان پئي لنگهي، اتي ڪي گهڙيون هٻڪار ٿي هٻڪار هئي. چپن تي نيچرل رنگ جي لپ اسٽڪ، بيل باٽم پاجامو، سوڙهي قميص، رئو ٻنهه ڪونه. مڙسهنس هوءَ ٿي متس اکن ڇڪن هو ۽ ٻن ٻارن جي ماءُ هوندي ٻه متس ائين جهرندو هو، جڻ اڳ نه ڏٺي هجيس. هن کي پنهنجي اڳيان ڪبوتري جيان هلندو ۽ ترندو ڏسي هن جي ڪِد ڪِد ڪبوتر جيان گُٽڪندو رهيو. هوءَ دل ٿي دل ۾ خوش خوش ٻاهران ڦوڪيل. هوءَ اڳ اڳ ۾ هو پويان پويان. بيڊ روم ۾، بورچي خاني ۾، ورانڊي ۾ پر ڪٿي وٿ ٿي نه. مڙسهنس جون گِچيون پئي لڳيون ۽ هن جون ڪنتريون. مڙسهنس انت ۾ ٿڪجي سج کي تڪڻ لڳو، جيڪو ڪي پهر هڪ ٿي هنڌ بيهي رهيو هو. مڙسهنس کي جڪ ٻاهيون ۽ اها هورا ڪورا ته اهو ڪا ڪنڌ لڪائي ته هو پنهنجي جبل جي برفاني چوٽي سر ڪري.

اجا ٻارن کي پوري پڪي ننڊ ٻه نه آئي هئي، جو مڙسهنس باز وانگر جهپٽ هڻي ڪيس ٻانهن ۾ کنيو ۽ ڪيس چمندو چشڪندو اچي ٻيءَ ڪنڌ ۾ پيل کٽ تي ليٽايو. سڄي ڏينهن جو ٻاڙيل ڪانئس پڇڻ لڳو: ”اڄ کهڙو نخرو آ، جو سگنل ٿي نٿي ڏئين؟“

”الا! اڄ طبيعت خوش ڪونهي.“

مڙسهنس کي اهي لفظ ٻڌي پريشاني وني وئي. ابتا سبتا هٿ هڻي ڏنائين ته سڀ خير هو ۽ ڪا ڳُٽتي جهڙي ڳالهه ڪونه هئي. هو چوڻ لڳو: ”آهي ته خير، توکي باقي ڇا ٿيو؟“

”نه ڊارلنگ، اڄ معافي ٿا گهرون.“

ڏهن ڏينهن کان پوءِ آيل مهمان کي اهي لفظ گولي جيان سيني ۾ لنگهي ويا. هن ذري گهٽ روئڻهارڪو ٿي ٿڌو ساهه ڀري ڇيو: ”ڇو؟“

”ٽيون ڏينهن کان طبيعت خراب آ، موڊ ٿي آف آهي.“

مڙسهنس ڪوري جيان پئي ٻريو. هن سندس موڊ آن ڪرڻ لاءِ ڪيس پنهنجي ڀاڪر ۾ ڀريو ۽ سندس متان مهرون هڻڻ شروع ڪري ڏنائين، پر اڳيان جڻ ته بي جان رٻڙ جي

ڳڌي هئي يا برف جو سنگ. هو چوسيندو رهيو، اها ئي ٿڌاڻ. لاچار هن پڇيو: ”ٿيون ڏينهن نيٺ ٿيو ڇا؟“
هن پهريون ڪو جواب نہ ڏنو. نيٺ چپ چپ تي سانوڻ مينهن وانگر اٿلي پئي: ”ٿيون ڏينهن مون کي پائڻ لاءِ ڪجهہ ئي ڪونہ هو. مان ميلاد ۾ اهڙو سمال فيل ڪيو، جو کهڙي ڳالهہ ڪيان. جڏهن بيگم ملڪ کي سچي جيڊ جو ڳورو جڙائو سيٽ پيل هو!.“
”بيگم ملڪ آهي بہ تہ مل اونر جي گهر واري، مان کهڙي مل هنئي آهي!“
”پاڻ کي بہ جو هيتريون ساريون زمينون آهن، اهي بہ تہ ڪو گهٽ ڪونهن.“
مڙسهنس جي هڪ دل چيو تہ کيس نسريون ٻڌائي، پر ٻي دل کيس سمجهايو تہ ائين ڪرڻ سان ڪجهہ ڪونہ ورڻو هو ۽ رهندو رات خراب ڪرڻي هئي. هن کيس ڀاڪر ۾ ڪري چيو: ”جان! سونهن کي سون جي کهڙي ضرورت؟ تون منهنجي لاءِ ائين ئي هيرو آن.“
هن بہ جيئن جو تيئن سندس ويجهو پوندي کيس هر ڪائيندي چيو: ”پر نيٺ زماني سان بہ تہ منهن ڏيڻو آهي. آيو ويو تہ چوندو تہ مڙس جو راز ڪونهيس، تڏهن تہ ٻسي گهمي.“
مڙسهنس اتي سندس ڳچي ۾ کن جي پاڙن کي چمندي چيو: ”پنهنجي حال جي تہ خبر اٿئي تہ ڏٺ ڏهاڙي سومرا لڳي پئي آ. فارم جي بہ پاڻ تو سنڀال ڪيان تہ پوءِ تو پيٽ گذران ٿئي. هفتي ڏهن ڏينهن ۾ جاڻ فصل لٿو، پهريون تون ۽ پوءِ مان.“
”سچ ٿو چوين يا ڏٺو ٿو هٽين؟“
”جاني تنهنجي سر جو قسم، توکان سواءِ مون کي ڪير پيارو آ.“ مڙسهنس سندس بدن جي ورن وڪڙن ۾ گم ٿيندي چيو.
هوءَ مڙس جون اهي ڳالهيون ٻڌي ڪيري تي پئي. ٻئي پريل بادلن وانگيان وسي پيا ۽ وسندا رهيا.
صبوح جو دير سان هوءَ اٿي – انگ انگ ۾ منڙو سور، پر بدن هلڪو هلڪو، اهڙن بادلن جيان جي سڄي رات مينهن وسائي صبوح جو هلڪا ٿي آسمان ۾ ترندا هلندا رهندا آهن. هوءَ وارن مان ڪانٽا ڪڍي، هوريان هوريان چوٽي کولڻ لڳي. اوچتو فون جي گهنٽي وڳي. رسيور کنيائين تہ بيگم حسين جو آواز کن تي پيس. هن پڇيس:
”من ڪٿي هئينءَ، ٻتي ڀيرا فون ڪيم.“
”اک ئي هينئر کلي.“ هن جواب ڏنو.
”چو ڪو اوجاڳو ڪيئي ڇا؟“

هن شرم کان کجھ نہ ڪڇيو. اها ڳالھ ٽتائيندي ۽ ڪجھ ٻڌائڻ جي خيال سان چيائين: ”ٻي ڳالھ ٻڌ، رات جو وعدو ڪيو اٿئين تہ ڏهن پندرهن ڏينهن ۾ جڙائو سيٽ وٺي ڏيندو.“

”ڪهڙيءَ مهل وعدو ڪيائين، اڳ يا پوءِ؟“

هوءَ چپ، شرم کان منهن ڳاڙهو.

جڏهن ڪي گهڙيون بيگم حسين ڪي جواب نہ مليو تہ هن زور سان ٿهڪ ڏيندي چيو:

”من جي اڳ ۾ وعدو ڪيو اٿئين تہ پوءِ تو بہ اهو سيٽ پاتو...... ٻڌو نہ اٿئي تہ ڪم لٿو، ڏکڻ وسريو.“

# ڪافر

جنهن ڏينهن سيتل، اوڏ ۽ سندس گهر واريءَ کي مسلمان ڪرڻو هو، ان ڏينهن مسيت ۾ نماز تي ايترا ته جماعتي آيا جو قبائين ڪوني ته پرجي وئي، پر ٻاهر پڌر ۾ به ٽي صفون بيهجي ويون. هن کان اڳ ايتري جماعت يا ته عيدن تي ٿيندي هئي، يا جڏهن ڪو سرندڙ ماڻهو پنهنجي مئل پيءُ يا ياءُ کي ثواب ڏيارڻ خاطر ختمي جي ديڳ لاهيندو هو. ڳوٺ واري مسيت جي پيش امام مولوي اميد عليءَ به ان ڳالهه جي چڱي مشهوري ڪئي هئي ۽ اوطاق ۾، قرآن شريف ۽ حديث جي روشنيءَ ۾، هن موقعي جو عيدن کان به وڌيڪ مبارڪ هجڻ ثابت ڪيو هئائين. ڳوٺ جا ماڻهو به هرو پرو ايترا بي دين ڪونه هئا ۽ جنهن مڙس پڳ جو ور ورايو هو، سو اڄ حاضر ٿيو هو. مولوي صاحب پاڻ به هن موقعي تي چڱي شان مان سان آيو هو. مٿي تي موڳي سائي دستار، بدن تي هرڪ جا ڪورا ڪپڙا، پيرن ۾ سيم جي نئين جتي ۽ هٿن ۾ جنديءَ جي عصا، جنهن جي هيٺين چيڙي ۾ لوهي ڪلي لڳل هئي ۽ جا محراب جي پرسان ڪچي فرش ۾ ائين کوڙي هئائين، جيئن دين جو جهندو ڪوڙيو هجيس. ان ڏينهن هن جيڪو خطبي جو ڪتاب آندو هو، سو به نئون هو. هو جڏهن آيتون پڙهي سنڌي ابيات جي ان حصي تي پهتو، جتي چئن اصحابن سڳورن جي ثنا هئي:

پهريون يار هو صديق اڪبر
پلارو پرجهلو صديق اڪبر
رفيق غار هو صديق اڪبر
تنهن جي صفت ڪهڙي ڪريان
ٻيو يار عادل عمر هو
سدائين ڪفار جو قاتل عمر هو
شجاعت ۾ قوي ڪامل عمر هو
تنهن جي صفت ڪهڙي ڪريان
نبي جو دادلو عثمان اعليٰ
جمع قرآن ڪيو عثمان اعليٰ
سخاوت جو صاحب عثمان اعليٰ
تنهن جي صفت ڪهڙي ڪريان
جياريو دين ۽ ايمان حيدر

پيغمبر تان سدا قربان حيدر
خدا واڪاڻيو هر آن حيدر
تنهن جي صفت ڪهڙي ڪريان

– تہ جماعتين جون اکيون اهڙا سريلا ابيات ٻڌي ڀوڻجي ويون ۽ هر ڪنهن جي دل گهرڻ لڳي تہ اهو خطبو هلندو رهي. فرض ۾ بہ مولوي صاحب ننڍين آيتن بجاءِ سورت الرحمان شروع ڪئي، جنهن ۾ ”فباي آلاءِ ربڪما تڪذبان“ جي تڪرار نماز ۾ وڏيڪ سواد پيدا ڪري ڇڏيو. نماز کان پوءِ مولوي صاحب توري تقرير ڪئي ۽ ڳوٺ جي ماڻهن کي اهڙي مبارڪ موقعي ۾ شريڪ ٿيڻ جي مبارڪ ڏنائين. پوءِ هڪ پنج – وقتي نمازيءَ کي موڪلي سيتل ۽ سندس گهر واريءَ کي گهرايائين، جي غسل ڪرڻ کان پوءِ نون نڪورن ڪپڙن ۾ اوطاق ۾ ويهاريا ويا هئا. جڏهن سيتل مسيت ۾ وينو، تڏهن مولوي صاحب بلند آواز ۾ سيتل کان پڇيو: ”بابا، تون ۽ مائي تلي دين محمدي قبول ڪرڻ گهرو ٿا؟“

”ها مولبي صاحب.“

”پنهنجي رضا خوشي سان يا زور زبردستيءَ سان؟“

”پنهنجي رجا سان، سائين.“

”تون بہ مائي تلي؟“

”ها سائين.“ هڪ نويڪليءَ ڪنڊ ۾ وينل مائي تليءَ جواب ڏنو. مولوي صاحب اهو ٻڌي ڏاڍيان جماعتين کان پڇيو: ”ٻڌو ٿا برادران؟“

”ها ٻڌون ٿا.“ گهڻن جماعتين جواب ڏنو.

مولوي صاحب اشهد آڱر چت ڏانهن ڪنئي ۽ ٽي ڀيرا بلند آواز سان چيائين: ”اي الله! تون شاهد هججانءِ، اي الله! تون شاهد هججانءِ، اي الله! تون شاهد هججانءِ.“ ائين چئي مولوي صاحب وري سيتل کان پڇيو: ”روزا بہ رکندين ۽ نماز بہ پنج وقت باجماعت پڙهندين؟“

”ها سائين، روجا بہ رکندس ۽ نماز بہ پڙهندس.“

”سونهاري بہ شرعي حد تائين رکائيندين.“

”رکائيندس.“ سيتل صدق سان چيو.

اوچتو مولوي صاحب جي نظر سيتل جي ڪنن تي پئي، جن ۾ سونيون ڪيوٽيون پيون هيون. مولوي صاحب هڪدم کيس چيو: ”اهي سونيون ڪيوٽيون لاهي مائي کي ڏي. اسلام ۾ مردن کي سون پائڻ حرام آهي.“

سيتل تڙ تڪڙ ۾ ڪيوٽيون لاهي مائي کي ڏنيون، جنهن اهي ونئي رئي جي پلاند ۾ ٻڌيون. مولوي صاحب اڳلو سوال پڇيو:

”جوا نہ ڪيڏنديون، دارون نہ پيئنديون؟“

”نہ سائين.“

”مسلمانن وانگر ختنو بہ ڪرائينديون؟“

”ها سائين.“ سيتل انهيءَ صدق سان چيو.

”جزاڪ الله، جزاڪ الله!“ مولوي صاحب کيس شاباس ڏني. وڌيڪ ٻين سوالن پڇڻ جي بہ ضرورت نہ سمجهيائين ۽ کيس چيائين: ”تورو سري منهنجي ويجهو اچي ويهہ.“

سيتل رڙهي وڃي سندس پرسان ويٺو تہ مولوي صاحب کيس چيو: ”چئو لا الـہ.“

سيتل چڱيءَ طرح چئي نہ سگهيو ۽ چيائين: ”لائيلا.“

”ائين نہ، چئو لا – الاہ.“ مولوي لفظ هوريان هوريان ائين چيو، جيئن ڪتابين کي پڙهائيندو هو.

”لا – اِلاہ.“ سيتل چيو، هن ڀيري برابر.

”اِ – لل – لاہ.“ مولوي صاحب اڳتي وڌيو.

”اِ – لل – لاہ.“

”م – حم – در.“

”م – حم – در.“

”رسول الله.“

”رسول الله.“

هاڻي چڱيءَ طرح سڄو ڪلمو ائين پڙهہ، جيئن مان پڙهان.“

”ها سائين.“

چئو: ”لا الـہ الا الله محمد الرسول الله.“

”لا الـہ الا الله محمد الرسول الله.“ سيتل چڱيءَ طرح چئي ويو. سڀ جماعتي هڪ ٻي دين کي الله ۽ ان جي رسول تي ايمان آڻيندو ڏسي خوشيءَ ۾ پر تي ويا ۽ مولوي صاحب کي مبارڪ ڏئي وري سيتل کي مبارڪون ڏيڻ لڳا. هڪ ديندار تہ تڪبير جو نعرو هنيو، جنهن جو جواب جماعتين ايترو تہ زور سان ڏنو، جي کي گهڙيون مسيت جي قبائين ڇت ۾ پتيون، اهي اڪر ورجائينديون رهيون. ان ڪان پوءِ

مائي ٽليءَ کان بہ ساڳيءَ ريت ڪلمو پڙهايو ويو. ان کي بہ مبارڪون مليون. پوءِ مولوي صاحب سيتل ڏانهن منهن ڪري چيو:

”اڄ کان تنهنجو اسلامي نالو عبدالله ٿا رکون.“

”ها سائين.“

وري مولوي صاحب ٽليءَ ڏانهن منهن ڪري چيو: ”ءِ مائي، تنهنجو نالو فاطمہ.“

”ها سائين.“

ڪي جماعتي اٿڻ لڳا تہ مولوي صاحب کين هٿ جي اشاري سان جهليو ۽ چيائين: ”ترسو، اڃا هنن جو نڪاح پڙهڻو آهي.“ اها ڳالهہ ٻڌي هرڪو پنهنجي جاءِ تي ويهي رهيو. مولوي صاحب ٻنهي کان رضا پڇي، آمنت بالله پڙهڻ شروع ڪئي.

هوڏانهن ڳوٺ جي ٻاهران اڏيل اوڏن جي پکن ۾ باگهيارو مٽل هو. زائفن زنين جدا ٿولو ٺاهي پئي پنهنجي ٻوليءَ ۾ ڏاڙا گهوڙا ڪئي تہ مرد وري پنهنجي مکيءَ ڦڳڻ مل جي کٽ جي چوڌاري وڏي بحث مباحثي ۾ هئا. مکيءَ ڦڳڻ مل بہ ڪڏهن ڪڏهن خار ۾ سٿرن تي زور سان هٿ هڻي پئي ان ڳالهہ جو ارمان ڪيو. هن کي ڀرين ڀرين اها خبر پئي هئي تہ هن سيتل کي ايلاز منٿون ڪيون هيون، ڳيتا جا واسطا وڌا هئا ۽ آخر ۾ سڄي پنچائت جي سامهون پنهنجي مکيائپ جو ڪيسري رنگ جو پٽڪو بہ سندس پيرن تي رکيو هو، پر سيتل ڪيس کلي پلو جواب ڏنو هو ۽ چيو هو: ”مکي، تون ڪٽي چا بہ ڪرين، مان مذهب ضرور مٽائيندس.“

”پر تون مذهب ڇو ٿو مٽائين؟“

”منهنجي مرضي.“

”نيٺ بہ؟“

اتي مس مس سيتل ڪليو هو ۽ چيو هئائين: ”مون کي پنهنجو مذهب نٿو وڻي.“

”گهوڙياري، توکي ڇو نٿو وڻي پنهنجو مذهب؟“

”ڇڳو مکي، ٻڌاءِ اسين ڪير آهيون؟“

”اسين هندو آهيان.“

”ڀلا هندو لاش چتا تي چاڙهيندا آهن، اسين ڇو پوريندا آهيون؟“

”اها اسان جي رشم آهي.“

”ڇڳو اسان ڇيلو ڇو حلال ڪري کائيندا آهيون؟“

”اها بہ اسان جي رشم آهي — ابن ڏاڏن کان.“

”پر اهي تہ مسلمانن جون رشمون آهن.“

”انهن جون ٻه آهن ته اسان جون ٻه آهن.“

”پوءِ ڪيئن ٿو چئين ته اسين هندو آهيون؟“

”نه ته ڇا هيون ڙي؟“

”اڌ هندو اڌ مسلمان. ڌڙ ريڍو سسي ٻاڪري.“

مکي ڦڳڻ مل ان سوال ۾ لاجواب ٿي ويو، پر هن ڳالهه بدلائي چيو: ”ڪٽي ڇا ٻه هجون پر مذهب ڇو بدلايون؟“

”مون کي مسلمانڪو مذهب وٽي ٿو.“

”اسان جو مذهب ڪوڙو آ؟“

”ها ڪوڙو آ.“ سيتل دليريءَ سان چيو هو.

ان ڳالهه تي پنچايت ۾ ويئل اوڏن جي رت ڦري وئي. موتي ۽ ٻيا ٻتي ڇٽا ته ڪيس ٽڪ چنبي هٽڻ لاءِ اڳتي وڌيا، پر مکيءَ هٿ ٻڌي کين جهليو ۽ چيائين: ”پئنچو مارڻ ڪٽڻ مان ڪجهه نه ورندو. هن کي مسلن تاويج پيارِيا آهن.“

اها ڳالهه سندن دل ۾ ائين کپي وئي، جيئن سندن تکي ڪوڏر آلي زمين ۾ کپي ويندي هئي. مولوي برابر تعويذن لکڻ ۾ مشهور هو ۽ پري پري کان سوالي پنڌ ڪري کانئس تعويذ لکرائي ويندا هئا. اتي بيٺل اوڏ پنهنجن پنهنجن جاين تي ويهي رهيا ۽ اها ڪاوڙ حقي مان زور سان وزم هٽي لاهڻ لڳا. مکي سيني کي ماٺ ۾ ڏسي وري سيتل ڏانهن منهن ڪيو ۽ کانئس پڇيو: ”توکي مسلمانڪو مذهب ڇو ٿو وٽي؟“

”مسلمان پاڻ ۾ پائرن وانگر گڏجي کائن ٿا. اسان هندن ۾ ڪي اوڏ ته ڪي اوت، ڪي برهمڻ ته ڪي کتري.“ مکيءَ کي ڪو جواب نه سجهيو. اها ڳالهه ته برابر هئي ته برهمڻ اڇوتن ۽ اوڏن کي پنهنجي ويجهو ٻه اچڻ نه ڏيندا آهن، هڪ ٿالهي ۾ کارائڻ ته پري رهيو. مسلمان ته اهڙو ڪو ويڇو ئي نه ڪن. اتي مکيءَ ٻي طرح ڏارو اڇليو:

”سيتل، تون مسلو ٿيندين ته پوءِ اسان سان ڪو واسطو ڪونه رهندءِ!“

”پلي نه رهي.“

”اسين توکي پاڻ وٽ اچڻ ٻه ڪونه ڏينداسين، ولر وٽ ٻه ڪونه!“

مکيءَ سيتل کي دڙڪو ڏنو. ولر جي گهر واري سيتل جي سڳي ڀيڻ هئي.

”پلي نه اچڻ ڏجو. مان مسلمان پائرن سان اٿندس ويهندس. ڀيڻ ٻه مئي سهايم.“

هن مهل تائين مکيءَ ٿڌو پئي ڳالهايو. هن کي پڪ هئي ته سيتل ڪٿي نه ڪٿي پوندو ۽ سندس دام ۾ ڦاسي پوندو، پر هن جو ڪنهن ٻه ڳالهه کي ڇخي نه ڪئي ۽ ڀيڻ کي ٻه جيئري ماري ڇڏيائين ته مکيءَ کي جڪ اچي ويا. ٿورو گرم ٿي چيائين:

”ياد ڪجانءِ سيتل، ڳڌهن کي ڪٽي پنج سنجيون پارائي گهوڙن سان بيهاربو ته به ڳڌه ئي هوندا، گهوڙا ڪونه ٿيندا.“ پئنچايت جي اٿڻ کان پوءِ مکيءَ ولر کي سمجهايو هو ته سيتل کي پنهنجي منهن پڪا ميڙيون ڪري سمجهائيندو رهي، پر سيتل، ولر ۽ پيڻ جي ايلازن تي به ڪونه مڙيو ۽ مولوي اميد علي سان ٻڌل موقع موجب، جمع جي پلاري ڏينهن، گهر واريءَ کي وٺي سڌو مسيت ۾ ويو ۽ ڪلمو پڙهيائين. پوئتان اوڏن ۾ ٻاگهيارو متل هو. زائفن زبن جدا ٿولو ناهي پنهنجي ٻولي ۾ پئي ڏاڙا گهوڙا ڪئي ته مرد پنهنجي مکيءَ جي ڪٽ جي چوڌاري وڏي بحث مباحثي ۾ هئا. مکي ڦڳڻ مل به ڪڏهن ڪڏهن خار ۾ ٻئي هٿ زور سان سٿرن تي هڻي پئي ان ڳالهه جو ارمان ڪيو.

مسلمان ٿيڻ کان پوءِ سيتل هڪدم بدلجي ويو. اڳي ٻئي ٽئين ڏينهن ڏاڙهي ڪونه ڪوڙائيندو هو ته آرام ئي ڪونه ايندو هوس، پر پوءِ باقاعدي سونهاري ڇڏي ڏنائين، جا روز بروز وڌندي سندس منهن جي نور کي جرڪائيندي پئي وئي. نماز ۾ ايندو ته مولوي کان به اڳ هو، پر جي دير ٿيندي هيس ته به ايتري جو مولوي بانگ ڏئي اجا دکيءَ تان لهندو هو ته سندس هڪ پير مسيت جي در جي چائٺ ٽپندو هو. مسيت جي سيوا، ٻهاري، نکن ويڙهڻ ۾ متين پرڻ ۾ به سيني جماعتين کان اڳرو هو. قرآن شريف پڙهڻ ۾ اهڙو شوق رکيائين جو مهيني ڏيڍ ۾ باب نامو پڄائي وجي سيپارو شروع ڪيائين. پنهنجي گهر ۾ اسر جو ۽ سومهڻي جو وڏي سر سان پيو ذڪر ڪندو هو. مطلب ته خدا کيس اهڙي هدايت ڏني هئي، جو شل ساري جڳ جهان کي ڏئي. مولوي صاحب کي به اڳ ڪنهن بي دين کي مسلمان ڪرڻ جي سعادت نصيب ڪانه ٿي هئي، ان ڪري کيس پنهنجي آخرت جو توشو سمجهي ڏسي ڏسي پيو ٺرندو هو ۽ آئي وئي سان هن جي تعريف ڪندو هو. ”ابا، هي اسان جو عبدالله ڪنهن ڊگهي منزل نه رسي ته مون کي ڏنئي نه ڪيڪارجو!“

ڪڏهن ڪڏهن مولوي صاحب ڪن بي نمازين کي خدا، رسول ۽ آخرت جا يو ڏيندو هو ۽ هن جو مثال ڏئي کين چوندو هو: ”اڙي نماز پڙهو، دور ڪيو، نه ته قيامت جي ڏينهن هي اوڏ توهان کي شکي ڪندو.“ عبدالله جو نماز، صلوات ۽ درود ۾ شوق ڏسي مولوي صاحب کيس دلداري ڏيندو هو ۽ چوندو هو: ”عبدالله، نه گهبرائجانءِ. رب سائين تنهنجا سڀ گناه معاف ڪندو. پلو پلو پاڻ ايندو آهي ته پلو نه چئبو آهي.“

عبدالله وري ان ڳالهه تي عاجزي سان مولوي صاحب کي عرض ڪندو هو ته هو خدا جي پيارن ٻانهن مان آهي، ان ڪري خدا جي درٻار ۾ عرض ڪري ته سندس اڳيان گناه معاف ٿين، قبر جي عذاب ۾ آساني ٿئي ۽ قيامت موچاري ٿئي. مولوي صاحب هڪدم هٿ کڻي دعا گهرندو هو ۽ پهرين صلوات شريف ۽ ٻئي آيتون پڙهي وڏي سر ۽ عاجزيءَ سان هيءَ دعا پڙهندو هو:

عرض سڻ عاصين اسان جو مصطفيٰ جي واسطي
هٿ کڻڻ آهي شرم پر وس نه توريءَ واه ٻي
سوال سڻ صديق اڪبر دل صفا جي واسطي
سخت آ سرڪار تنهنجي اسان ڏوهي تا ڏکون
فضل ڪر فاروق اعظم ٻي ريا جي واسطي
نفس واري جنگ ۾ تون اسان کي فتح بخش
حل ڪر مشڪل اسان جي مشڪل ڪشا جي واسطي

ان وچ ۾ عبدالله هڪ هڪ بند کان پوءِ آمين چوندو ويندو هو ۽ سندس اکين مان ڳوڙها ڳڙي ڳڙي سندس سونهاري ۾ جذب ٿيندا ويندا هئا.

هڪ ڏينهن ٽيهري جي نماز کان ٿورو اڳ ولر جو پٽ ٻاٻيهو وٽس پڄي اچي پهتو ۽ پنهنجي ماءُ جي بيماريءَ ۾ ڪيس ياد ڪرڻ جو ٻڌايائين. عبدالله کي اڳ ۾ هن هن جي واتان اها خبر پئي هئي، پر مکيءَ ڦڳڻ مل سان ڪيل فيصلي موجب هو ڪونه ويو هو. ڀيڻ جي بيماريءَ جو ٻڌي هن کي جهبو ته گهڻو آيو، پر ٻاٻيهي کي چيائين: ”مان اوڏانهن ڪونه هلندس، مکي ڪاوڙ ڪندو. تون گاڏي تي هيڏي ڪٽائي اچينس.“ ٻاٻيهي مامي جو اهو عذر ٻڌي ڪيس چيو: ”ماما، تون ان ڳالهه جي ڳڻتي نه ڪر. ٻابي مکي جي پيرن تي پٽڪو رکي تنهنجي توري گهڙي ڪن لاءِ موڪل ورتي آهي.“

ان موڪل ملڻ کان پوءِ عبدالله کي ٻيو ڪهڙو اعتراض هو. هو ٻاٻيهي سان گڏجي اوڏانهن هليو ويو.

ٽيهريءَ جي نماز تي جو مولوي صاحب عبدالله کي نه ڏٺو ته حيران ٿي ويو ۽ جماعتين کان پڇيائين. هڪ جماعتي جنهن پري کان عبدالله کي ٻاٻيهي سان گڏ ويندي ڏٺو هو، تنهن اها ڳالهه مولوي صاحب کي ٻڌائي. مولوي صاحب پريشان ٿي ويو ۽ چوڻ لڳو: ”ڪيس وڃڻ نه گهربو هو. جيتري دير ڪافرن جي صحبت ۾ ويهندو، سندس ايمان ۾ ڪتر پوندي. ڪو وجي ڪيس وٺي اچي.“

مولوي صاحب جو حڪم ٻڌي فتح ناريجو اٿيو ۽ ٽڪريون ٽڪريون وڪون کڻندي وڃي اوڏن جي پکن وٽ پهتو. اتي لوڙهي جي ٻاهران بيهي سڏ ڪيائين: ”عبدالله، او عبدالله!“

مکي ڦڳڻ مل جو پکو لوڙهي جي پرسان هو. هن ان وقت ٻاهران آيل مزمانن سان چوپڙ راند پئي ڪئي. هو سڏ ٻڌي اٿيو ۽ پکي کان ٻاهر نڪري فتح کان پڇيائين: ”چا هي فتح؟“ ”اسان جو عبدالله توهان وٽ آيو آهي، ان کي مولوي ٿو سڏائي.“ مکيءَ کي ان ڳالهه تي ٿوري چڙ آئي. عبدالله جو سندن هڏ، رت، پٽ مان هو ۽ جو سندن ٻکن ۾ ڄائو نپنو هو، سو وري فتح وارن جو ٿي ويو هو: پنهنجي بيمار پيءُ کي ڏسڻ آيو هو ته پوئتان ماڻهو پڳو آيو. مکيءَ شوخائيءَ سان پڇيو: ”عبدالله توهان جو آ فتح؟“

”ها، اسان جو آ.“

”توهان هن جا وارث آهيو؟“

”ها، اسان جو مسلمان ڀاءُ آهي، اسين هن جا وارث آهيون.“

ان وچ ۾ عبدالله کي ٻه ڪنهن سڏ جو ٻڌايو ۽ هو پيءُ جي پکي مان نڪري اچي وٽن بيهي رهيو. مکيءَ فتح کان پڇيو: ”چڱو فتح، هڪ ڳالهه ٻڌاءِ. سيان جو هي مري وڃي ته جوٽس کي ته لوڏي ڪيندؤ نه؟“

”جو لوڏي ڪينداسونس.“

”توهين مسلمان ساٽس نڪاح ڪندؤ.“

”جي مالڪياڻي راضي هوندي ته ان ۾ ڪو عيب ڪونهي.“

”ڳريان نه ايندو؟“

”جو ايندي ڳريان مسلمان کان!“

عبدالله مکيءَ کي سوالن جوابن ۾ مئل ڏسي مشڪڻ لڳو. مکي ڦڳڻ مل ڪيس پاڻ تي کلندو ڏسي، پنهنجي دماغ کي ائين تقوليو جيئن هو راند ۾ ڪنهن جي ڳوٽ مارڻ لاءِ ڍاري کي گهڻي دير تائين کڙڪائي کڙڪائي گهربل داءُ وٺڻ جي ڪوشش ڪندو هو. اوچتو هن پڇيو: ”چڱو فتح، جي جوٽس مري وڃي ته ڪيس پاڻ وٽان پرڻائيندؤ؟“

مکيءَ جو سوال ٻڌي فتح جو منهن ڳاڙهو ٿي ويو. سندس اکيون لال ٿي ويون. هڪ خسيس اوڏ ڪيس گار ڏني هئي، حالانڪ اوڏ کي خبر هئي ته ڀهراڙي ۾ ڪو پنهنجي ذات کان ٻاهر سنگ نه ڏيندو آهي. ناريجا ناريجن ۾ ڏيندا آهن ته ڪلهوڙا ڪلهوڙن ۾ ڏيندا آهن. فتح ڪاوڙ مان مکيءَ کي دڙڪو ڏيندي چيو: ”مکي، زبان

سيال. اڳتي حرف نہ ڪچجانءِ نہ تہ....“ پر مکي هيسجڻ بجاءِ رهندو مرڪڻ لڳو ۽ فتح کي چيائين: ”اهو ڪهڙي قانون ۾ لکيل آهي جو توهان ونندؤ باقي ڏيندؤ ڪونہ. توهان جي مذهب ۾ تہ سڀ مسلمان پائر آهن ۽ ڪو ويچو ئي ڪونهي.“

”اها اسان جي رسم آهي، ابن ڏاڏن کان.“ فتح کاوڙ ۾ جواب ڏنو.

مکي ڦڳڻ مل پنهنجو گهربل داءُ وٺي مرڪيو. عبدالله جي منهن مان رت چڙهي ويو. هن جا چپ ڏڪڻ لڳا. اکين جي الائي ڪهڙين کندن مان ڳوڙها نڪتا، جن سندس ماڻڪيون آليون ڪري ڇڏيون. جيسين اهي ڳوڙها چپرن ۽ پنبڻين جو بند پيجي ڳلن ڏانهن وڌن، هو مکي جي چنبي ۾ چنبو ڏيئي، مسيت ڏانهن وڃڻ بجاءِ پنهنجي اباڻن پکن ڏي موٽيو.

ٻئي ڏينهن عبدالله پئنچايت ۾ ڏنڊ پري رکيل ڏاڙهي ڪوڙائي ۽ سونيون ڪيوٽيون کنن ۾ پائي، سائو گهاري ۾ وهنجي، پاڻ کي اوڏن جي رسم موجب ”پاڪ“ ڪيو تہ هوڏانهن ڳوٺ واري مسيت ۾ ٽيهري جي نماز کان پوءِ، هڪ جماعتيءَ مولوي صاحب کي چيو: ”مولوي صاحب، ڪتو چا چاڻي ڪٽڪ جي مانيءَ مان.“

ٻئي چيو: ”سائين گڏه کي پنج سنجيون پارائي گهوڙن سان بيهاريو تہ ڪو گهوڙا ڪونہ ٿي پوندا!“

آخر ۾ مولوي اميد علي پنهنجي سونهاري کي هٿ سان سنواريندي چيو: ”ها ابا! سچ ٿا چئو، ڪافر نيٺ ڪافر!“

# شبنم شبنم، ڪنول ڪنول

هن اسپتال جي هر شيءِ من موهيندڙ آهي. ڪمپائونڊ اندر وڏا وڏا، ساوا ساوا، اکين جي جوت وڌائيندڙ لان، وچ ۾ اسپتال جي ڳاڙهي اوچي عمارت، ٻنهي پاسن کان متي وچڻ لاءِ ريلنگ واريون ڏاڪڻيون، جن جي مٿان ٻه شاندار قباوان برج، اندر پتيون ڪير جهڙيون اڇيون ۽ پيلي ميوزڪ جا ترڪڻا ۽ چلڪڻا فرش، ڊگها ڊگها، ٽڏا ٽڏا ڪاريڊور ۽ روشن روشن ڪمرا، وڏيون وڏيون فرينچ ڪٽ دريون ۽ جن جي فلاوربيڊز ۾ ٽڙيل ڳاڙها پيلا گل. ان سهڻي ماحول جي سونهن منهنجي ساهيڙي سستر پال آهي، جنهن جو رنگ گلاب جهڙو، جنهن جون اکيون سهڻي ڊنڊ جهڙيون، جنهن جا چپ نارنگي جي قار جهڙا آهن ۽ سفيد يونيفارم ۾ سفيد ڪلفدار رومال جي تاج ۾ برفاني ڊنڊ ۾ ٽڙيل ڪنول جيان لڳندي آهي. اڇين جتين ۾ سندس پورا پير ان ترڪڻن فرشن تي هلڻ لڳندا آهن ته ڪنهن آرڪيسٽرا جون مڌم مڌم ڌنون معلوم ٿينديون آهن. بي خوابي جا مريض، سندس آڱرين جي ڇهاءُ سان ئي اگهور ننڊ ۾ پئجي ويندا آهن ۽ سندس هٿان زهر جهڙيون ڪوڙيون دوائون پي، ائين مرڪڻ لڳندا آهن، جيئن هنن کو منو شراب پيتو هجي. هوءَ هن اسپتال ۾ مقرر ٿي هئي ته جوان جماڻ ڊاڪٽر مريضن جون دليون ٿپاسيندي ٿپاسيندي، پنهنجيون دليون ٻه ٿپاسڻ لڳا هئا. جي سندس موجودگي ۾ نارمل کان ٽپي وينديون هيون. ڊاڪٽر آفتاب ته هڪ ڀيري وجهه وني پنهنجي دل جي ڌڙڪن ڪيس ٻه ٻڌائڻ گهري هئي، پر هن اکيون ڪرڙيون ڪري، منهن ۾ سونڊ وجهي ڪيس چيو هو:

”سر، مان اهڙيون ڳالهيون ٻڌڻ نه آئي آهيان، پر وارڊ فورڊ جي امپروومينٽ ٻڌائڻ آئي آهيان.“

ڊاڪٽر آفتاب منڊ ۾ اهڙن جوابن ٻڌڻ تي هريل هو. پهرين ست سان ڪو جهول ۾ نه ڪرندو آهي. هن همت ٻڌي وري ڪيس چيو هو: ”في الحال انهن ڳالهين ڪي ڇڏ پال، منهنجي ڳالهه جو جواب ڏي.“

”جي اوهان هن وقت موڊ ۾ نه آهيو ته وڏي ڊاڪٽر کان پڇان؟“ پال جو اهو جواب ٻڌي، ڊاڪٽر آفتاب کي مجبورن پيار جون ڳالهيون ڇڏي بيمار جون ڪرٽيون پيون.

هن سياٽپ ڪري هينائين وني چيو: ”چڱو مئدم، تون ئي ٻڌاءِ ڪيترو بخار آ ڪيس؟“

”نارمل سر.“

”تہ پوءِ ڊسچارج ڪري ڇڏيوس.“

”اھو ڪيئن سر، ھن کي تہ پيشاب جي بہ تڪليف آھي. پورو پاس ئي نہ ٿو ٿئي.“

”ڏيکار ڪيس.“

سسٽر پال ڪيس وارڊ نمبر فور جو فائل ڏيکاريو. سڄي ڏينھن جي ڪوانٽٽي، ڇھ سؤ سي سي ھئي ۽ ٽيسٽ ورتي وئي ھئي تہ ڇھ سؤ سي سي بليڊر ۾ بہ رھيو پي. ڊاڪٽر فائل تي اڌ اکري ۾ لکندي کيس چيو: ”يوريڊو نال پياريوس ڏينھن ۾ ٽي دفعا.“

”بليڊر جو ايڪس ري نہ ڪيرايونس سر؟“

”ڪھڙي تڪڙ آ؟ سڀاڻي امپرومينٽ ٻڌائجانءِ، پوءِ ڏسنداسون.“ ڊاڪٽر وٺان موٽي، ڊيوٽي روم ۾ آئي ھئي تہ سڄي ڳالھ ٻڌائي ھئائين. مان کيس خبردار ڪندي چيو ھو:

”پال، پري پيججانءِ، وڏو فلرٽ اٿئي.“

”ھا! اڳيون رڪارڊ ڇا اٿس؟“

”رڪارڊ ٽوڙيل اٿس سمورا. ھن وقت بہ ٻن سان ناتا اٿس. زرينہ مئٽرنٽي واري ۽ پاڻ واري روزي مھيني، ٻئي پيو ماڊل مٽائيندو آھي.“

”ائون ھو ڊاڪٽر عسڪري؟“

”سي نور آھن، ڇا ٻڌائي ڇا ٻڌايانءِ.“

”ڪجھ تہ ٻڌاءِ، خبر تہ پوي.“

”اھو ڊاڪٽر عسڪري وري اھڙو اٿئي جو ڏينھن ڏني جو بہ نٿو مڙي. ھڪ پيري جو اوچتو سنڌس آفيس ۾ وڃان تہ پارٽيشن پويان سسٽر رضيہ جي چپن جي حرارت پيو معلوم ڪري.“

”پوءِ.“

”پوءِ ڇا، مان تہ وني پوئتي پيگس، پر ٿوري دير کان پوءِ گھرائي ليلھائي چيائين سسٽر پليز! ڪنھن کي خبر نہ پوي.“

”اھا رضيہ وري ڪھڙي آ؟“

”ڪانہ ڏٺي اٿئي؟ سانوري، عينڪ سان. اڄ ڪلھ نائيٽ ڊيوٽي تي آ.“

”ھا، ھا.“ پال ياد ڪري چيو.

”بس اھا ڳالھ نہ پڇ تہ ھتي ڇا ٿيندو آ؟ سي ڊاڪٽر ڪنھن نہ ڪنھن نرس پويان اٿئي.“

”پوءِ اھا خبر وڏي ڊاڪٽر کي نٿي پوي؟“

”هون، سپ خبرون هوندس. ڪو اهي ڳالهيون لڪن ٿيون.“

”چئبو تہ اهڙا ڪيس جام آهن هتي.“

”ڪيس؟ موسٽ ڪامپليڪيٽيڊ ڪيس چئو.“

”ويري سئڊ.“ پال افسوس ڪندي چيو. ٿوري دير ماٺ ۾ رهي، پوءِ مون کان مشڪندي پڇيائين: ”تنهنجو ڪهڙو حال آ؟“

”مان؟“ مون کان ٺهڪ نڪري ويو. ”مون کي نہ رنگ نہ روپ، مان تہ تو جهڙين سهڻين ڇوڪرين لاءِ بچاءُ آهيان، پر ڪو بچاءُ گهري تہ.“

”اهو وري ڪيئن؟“

”ڪو ڊاڪٽر جهلڻ تي نہ مڙئي ۽ ڊيگهہ ڪرئي تہ مون کي ٻڌائجان، ائين ڪنٽرول ۾ اچي ويندو، جيئن انسولين کان پوءِ شگر.“

”هان؟“

”ها، توسان گڏ هونديس تہ ڪا نظر نہ لڳنديءِ، مون کي ائين سمجهہ، جيئن سهڻي ٻار کي نظر کان نرڙ يا ڳل تي ڪارنهن جو داغ.“

”توکي ڪير ڪارو چوي، تون تہ اندر ۾ ڪير ڪان بہ اچي آهين.“

”اندر کي ڇڏ، ٻاهر جي ڳالهہ ڪر.“

”ٻاهر کي ڇڏ، اندر جي ڳالهہ ڪر.“

”خير ان بحث کي ڇڏ، ڇڙي اها ڳالهہ ياد ڪجانءِ تہ منهنجيون خدمتون تنهنجي ٻلي آهن.“

”اڳي بہ تنهنجيون خدمتون ڪنهن جي ڪتب آيون آهن؟“ پال کلندي پڇيو.

”گهڻو ڪري نہ. يا تہ مون جهڙيون هيون، جن کي خدمتن جي ضرورت ئي ڪانہ هئي، يا وري تو جهڙيون سهڻيون هيون، جن کي وري ڊاڪٽرن جي خدمت جي ضرورت هئي.“ مان بہ کلندي چيو.

ڌهن ٻارهن ڏينهن کان پوءِ مون کي پاسي تي گهلي چوڻ لڳي: ”هاڻي مان ڇا ڪيان؟“

”ڇو ڪا اهڙي ڳالهہ آ ڇا؟“

”نہ تہ توکي ڇو چوان ها.“

”ڪيس هسٽري ٻڌاءِ.“

”هن ڪيس جي هسٽري هيءَ آهي ته ڊاڪٽر آفتاب منهنجي پچر نٿو ڇڏي. مان جنهن وقت وٽس وڃان ٿي ته مون کي گھوري ٿو ۽ ائين ٿو گھوري جو سندس نظرون هن ٿلهي يونيفارم کان به ٽپي اندر ٽيون نهارن.“

”اکيون ڏسڻ لاءِ ئي آهن مئڊم، زبان جي ڳالهه ڪر.“

.ان ۾ به گهٽ ڪانهي، اها به هر وقت پيار جا ٻول ٿي ٻولي.“

”چئبو ته ڪيس سيريس آهي.“

”نه ته وري ڇا، هو مون کي سسٽر بجاءِ مادام ٿو سڏي.“ پال معصوميت سان چيو.

بي اختيار مون کان کل نڪري وئي. مس مس کل روڪي چيم: ”ڪهڙو بدذوق تو جهڙيءَ کي سسٽر سڏيندو. اهو لفظ ته مون جهڙين ڪارين ڪوجهين لاءِ آهي.“

”وڏي ذلالت آهي!“ پال خار ۽ ڏک جي گڏيل لهجي ۾ چيو. ”يلا، هن پرابلم کي ڪيئن حل ڪجي؟“ مان ڳالهه بدلائيندي پڇيو. ”تو ئي ڊاڙ هنئي هئي، تون ئي ٻڌاءِ.“ هوءَ وري چيھي وانگر چهڪڻ لڳي.

”ڇا پڇڻو اٿئي ڪانئس؟“

”وارڊ انين بابت پڇڻو هو. هن کي بلڊ پريشر آهي ۽ ڏينهن ۾ ڪيس ٿي دفعا سرياسل ڏيندي آهيان، پر اڳهون جو ٽمپريچر ڏسانس ته 103 ڊگريون بخار اٿس. هينئر ڊوز گهٽايان يا اهو ئي ڏيندي رهان؟“

”نسخو ڏيانءِ، يا مان وڃان تنهنجي بدر؟“

”تون وڃ، مان ڪونه ويندس.“

مان سڌو ڊاڪٽر آفتاب وٽ هلي ويس. ڪيس سڄي حقيقت ٻڌائي هدايت پڇڻ لڳس، پر ڊاڪٽر منهنجي ڳالهه کي ڪو وزن نه ڏنو. رهندو مان کان پڇڻ لڳو: ”اهو ڪيس ته پال جي چارج ۾ آهي، تون ڪيئن آئينءَ سسٽر؟“

”سر، مون کي پال رڪيسٽ ڪيو ته توهان کان پڇان.“

”هوءَ پاڻ ڇو نه آئي؟“

انهن اجاين سوالن تي مون کي خار اچي وئي. اشراف هجي ته ماٺ ڪري ڇوي ها: ”هينءَ ڪر يا هونءَ ڪر.“ پر هن ته پاڻ کي پاڻ خوار ڪرڻ پئي گهريو، مون کي ڪهڙي ضرورت هئي ڪيس ڊيڪڻ جي، مان به رڪٽي ڪانه رکي. ”سچ ٻڌايانو سر؟“

”ها ها.“

”هن کي اوهان مان وڏي شڪايت آهي.“ مون ڦتاڪي کي باه ڏيندي چيو.

ڊاڪٽر آفتاب چرڪ پري ڪرسيءَ تان اٿي ڪڙو ٿي ويو، جيئن ڪنهن اوچتو هن جي بٽڪس ۾ پهرئين نمبر جي سئي هنئي هجي. هو وائڙو ٿي ويو ۽ هبڪي چوڻ لڳو:

”...... مون مان؟ سسٽر اوهان کي غلط فهمي آهي.“

”مون کي ڪانهي، پر پال کي آهي سر. هن ته مٿي شڪايت ڪرڻ پئي گهري، پر مون کيس سمجهايو.“

ڊاڪٽر چپ پڪوڙي ماٺ ڪري وينو رهيو. مون وري کيس چيو: ”سر، هوءَ اهڙي قسم جي ڇوڪري ڪانهي.“

پر ڊاڪٽر ڪو جواب ڪونه ڏنو وري به مان ئي ڪانئس پڇيو: ”ڇا چوانس، ڊوز گهٽائي يا نه گهٽائي؟“

اتي ڊاڪٽر ۾ مس مس چرپر ٿي ۽ هڪ مرزيل آواز نڪتو: ”ڏينهن ۾ صرف هڪ گوري ڏيوس، وڏيڪ سپاڻ رائونڊ ڪان پوءِ.“ مان خوشيءَ ۾ ٻهڪندي ٻاهر نڪتيس ۽ يڪو سوچيندي آيس ته من جا ميرا ڪيڏا نه ڊڄڻا ٿيندا آهن. ڪو سچو پريمي هجي ها ته هيانءُ ڦاڙي چوي ها: ”ها برابر مان ساڻس پريم تو ڪيان ۽ اهو پريم سيني ڳالهين کان اتم آهي، ان کي بالا عملدار جو به خوف ختم نٿو ڪري سگهي ۽ نه نوڪري مان نڪرڻ جو خيال. وجي کيس چؤ ته پلي جنهن کي وٽيس تنهن کي دانهن ڏئي.“ مان انهن خيالن ۾ ڪنڌ هيٺ ڪيو پال کان به ٽپي ويس جو هن تاڙي وڄائيندي چيو: ”او مئڊم..... او مئڊم!“

”اڙي“ مون کان چرڪ نڪري ويو.

مان کيس سڄي حقيقت ٻڌائي ۽ يقين ڏياريم ته يا عمر ڪونه، ته به في الحال کي ڏينهن ته ڇٽينءَ. هوءَ خوش ٿي چوڻ لڳي: ”ويل ڊن، چڱيون ٻڌايون سين.“

ٻئي ٽئين ڏينهن پال مون کي ٻڌايو ته ڊاڪٽر آفتاب ان ٿوري ڊوز ۾ ئي نيڪ ٿي ويو هو. هوءَ ڪنهن ڪم سان وٽس وئي ٿي ته اڳي وانگر ڊيگهه ڪرڻ بجاءِ، صرف مطلب جي ڳالهه ڪري، جند پئي ڇڏايائين. سندس گفتگو مان به اها ئي نرمي غائب ٿي وئي هئي ۽ ساڻس ائين پئي ڳالهايائين، جيئن ڪو باس پنهنجي زيردست سان ڳالهائيندو آهي. پر پال کي اڃا هڪڙي شڪايت هئي جو هن چيو: ”باقي هڪڙي ڳالهه.“

”ڪهڙي ڳالهه؟“

”هو مون کي اڃا سسٽر نٿو سڏي.“

”اهو سرطان وانگر لاعلاج مرض آهي، جنهن جو هن ملڪ ۾ ڪو علاج ڪونهي.“ مان ڪلندي چيو.

”پر ڏس ته، سسٽر ڪيڏو نه پيارو لفظ آهي ۽ ڪيڏي نه وڏي مقصد ڪري اسان لاءِ چونڊيو ويو آهي.“

”ويري ساري، ويري ساري.“

”خير!“ پال قناعت ڪندي چيو: ”نه سڏي ته وڃي ڏوڙ پائي.“

”نيڪ آ، وڃي ڏوڙ پائي.“ مان به ٽيڪو ڏيندي چيو.

هن اسپتال ۾ مريضن ڪي رهائڻ لاءِ ڪوڙئي ڪمرا آهن، جن ۾ بي داغ سفيد بسترا وڇايل هوندا آهن. اهڙي سهڻي ماحول ۾ ئي مريضن جو علاج ڪيو ويندو آهي ۽ خوش چڱا ڀلا ٿي نڪرندا آهن. ڪڏهن ڪڏهن، ڪنهن مريض کي اسپتال ۾ داخل ٿئي گهٽا ڏينهن ٿي ويندا آهن ته ڪي نه ڪي نرسون يا وارڊ بوائز هڏ ڏوکي ٿي، ڪين خانگي علاج جي صلاح ڏيندا آهن. خانگي ڊاڪٽر شوق سان به علاج ڪندا آهن ۽ پئسو به گهڻ وٺندا آهن. هيوميوپيٿ ۾ ته آپريشن جي به ضرورت نه پوندي آهي ۽ ٻن ٽن گورين ۾ ئي مريض نوبنو ٿي ويندو آهي. مريض کي يقين ڏيارڻ لاءِ ٻن ٽن مريضن جا مثال به ڏبا آهن. مريض اها سهڻي صلاح مڃي، پنهنجو بيڊ ٻين مريضن لاءِ خالي ڪري ويندو آهي. پوءِ پنهنجي گهر مرندو آهي ته سڪون سان مرندو آهي ۽ ٻين مريضن تي به ڪو اثر نه پوندو آهي. اهڙي طرح هن اسپتال ۾ هزارين مريض علاج ڪرائيندا آهن ۽ جيئرا جاڳندا ڊسچارج ٿيندا آهن، پر ڪڏهن ڪي مريض پنهنجي ڊاڪٽرن ۽ نرسن سان به ائين ڏوکو ڪري ويندا آهن، جيئن وارڊ ڏهين جي مريض ڪيو هو. ان رات سسٽر رضيه جي ڊيوٽي هئي. هوءَ نائين بجي وارو رائونڊ به هڻي آئي. هو خوش، چڱو ڀلو ستو پيو هو. نبض نيڪ، بخار ڪونه. ان رائونڊ کان پوءِ هن وچ ۾ ٻيو ڪو رائونڊ نه هنيو. صبح جو پال ڊيوٽي سنڀالي ته مريض بند جيان پيو هو. اهڙو بيگانو موت ڏسي پال جون نيريون اکيون نير ڇڏڻ لڳيون.

سڄي ڳالهه ٻڌائي وري سڏڪن ۾ پئجي وئي. مان ڪيس سمجهايو: ”پال، ايترين ڳالهين تي روئيندينءَ ته سڄي عمر پئي ڳوڙها ڳاڙيندينءَ، موت تي ميار ته ڪونهي.“

”پر سسٽر ههڙو موت جو مرڻ وقت ڪو اکيون نه وڃي ڪو عضوو نه ناهي، ڪو قرآن نه پڙهي، ڪو بائبل نه بخشائي. او خداوند! تون رحم ڪر.“ ائين چئي هوءَ نرڙ ۽ ٻنهي ڪلهن کي جهلي صليب ناهڻ لڳي.

”رضيه ڪاڏي وئي هئي؟“

”هن تہ الائي ڪاتي پئي ڏوڙ پاتي، پر ڪنهن بيءَ بہ رائونڊ نہ هنيو!“
”بي پرائي وارڊ جو چو هٽي؟“
”پر هتي ائين چو آهي؟“
”اهو ضروري آهي، فرض کي چڱيءَ طرح نباهڻ لاءِ.“ مون ڪيس سمجهايو.
”پلا رضيہ تي ڪو ائڪشن ڪٽندا؟“
”چو، هن ڪا غلط دوا ڏني؟“
”پر ڪين رحم ئي ڪونہ ايندو اهڙي موت تي؟“
مون سمجهيو تہ هوءَ هانءِ جي ڏاڍي ڪونئري هئي ۽ ڪيس باقاعدي سمجهائڻ جي ضرورت هئي. مان پال کي ڳراٽڙي پائي چيو: ”پال، سياڻي ٿي ۽ سمجهڻ جي ڪوشش ڪر. هتي گهڻا مريض شفاياب ٿين ٿا تہ ڪجهہ مري بہ وڃن ٿا. هڪ هڪ مردي تي ويهي روئون تہ ڪو ڪم نهندو؟“
هن ڪو جواب ڏيڻ گهريو، پر مان ڪيس اشاري سان روڪي وري پنهنجي ڳالھ شروع ڪئي: ”ڪاسائي روز ٿا جانور ڪهن ۽ ماس وڍين ٽڪين، پر هنن کي سيسراٽي ڪانہ ايندي آهي، چو تہ اهو هنن جو ڌنڌو آهي ۽ موت ۽ حيات هنن لاءِ نارمل ڳالھ آهي.“
مان مثال ڏنو پر پڇتايم پوءِ، جو هن منهنجي مثال جي پڪڙ ڪئي ۽ چيو: ”چئبو تہ ڊاڪٽر ۽ ڪاسائي هڪڙي ڳالھ آهن؟“
”مان تہ چڙو مثال ڏنو، ان کي هرويرو چڪ تہ نہ!“
پر منهنجي ڳالھ جو مٽس ڪو اثر نہ پيو. ڏنم تہ سندس اکيون، ساوڻ جي مند ۾ نديءَ وانگر اٿلي پيون ۽ ڳوڙها جهر جهر ڪري وهڻ لڳا.
هن اسپتال ۾ ڪي مريض اهڙا بہ داخل ٿيندا آهن، جن پيار جي چانو ۾ ڪي گهڙيون ڪونہ گهاريون آهن ۽ ڪي اهڙا بہ ايندا آهن، جي ڪنهن ناڪام پيار جي چوٽ کاڌل هوندا آهن. هن اسپتال ۾ بہ تي ڏينهن رهڻ ڪان پوءِ ڪين ڪا نہ ڪا پوري، سانوري ۽ بانوري نرس وٽڻ لڳندي آهي. هو سندس انتظار ۾ اکيون وڇايو ويٺا هوندا آهن ۽ سندن ڪن پنهنجي نرس جي سهڻن پيرن جي ڪڙڪي ٻڌڻ لاءِ آتا هوندا آهن. هو اندر ايندي آهي، سندن ويٽي کي پنهنجي سنهين آڱرين ۾ جهلي پلس ڏسندي آهي، سندن ميرا ڪپڙا بدلائي اڇا اجرا ڪپڙا پارائيندي آهي، سندن مر لڳل جسمن کي گرم پاڻي سان ڌوئي، اجرو ڪندي آهي. ان وچ ۾ هوءَ ساڻن ڳالهيون بہ ڪندي آهي ۽ رکي رکي هلڪا هلڪا ٽهڪڙا بہ ڏيندي آهي. پوءِ ان ٿوري گهڻي گهاٽاٽپ ڪان پوءِ ڪڍهن

ڪڏهن، ڪنهن مريض کي سندس جدائي ڏکي لڳندي آهي ۽ هو ساڻس پيار ڪرڻ لڳندو آهي. هو ڪو موقعو تاڙي پنهنجيون بيمار ۽ اداس اکيون ڏانهس کڻي، سکل چپن کي زبان سان آلو ڪري، پنهنجي پيار جو اظهار به ڪندو آهي. وارڊ نمبر 12 ۾ رهندڙ هڪ دل جي مريض به پال کي ڏسي، پنهنجي سرءُ جهڙي پيلي رنگ ۾ بهار جا جهوٽا محسوس ڪيا هئا. هڪڙي ڏينهن جڏهن پال ڪيس شيو ڪري، اسفنج هڻي، اڇو اجرو ڪيو هو، تڏهن هن ڪيس چيو هو: ”نرس، تون ڏاڍي سهڻي ۽ مهربان آهين.“

”ٿئنڪس مسٽر نذير.“ پال ان قدرداني تي مرڪي چوڻ لڳي.

”پال، تنهنجي ڪيتري ڊيوٽي آ روز؟“

”اٺ ڪلاڪ.“

”تون ايندي آهين ته مان خوشيءَ سان دوا پيئندو آهيان، پر تون ڪونه هوندي آهين ته دل چوندي آهي ته گوريون ونڻ بدران لڪائي رکندو وڃان ۽ جڏهن تون اچين ته سڀ تنهنجي هٿن سان وٺان.“

”ائين ته فائدي بدران الٽو نقصان پهچندو.“ پال گهبراهٽ ڏيکاري چيو.

”واقعي ائين ته مان مري ويندس ۽ مان هاڻي مرڻ نٿو گهران.“

وري هڪ ڏينهن جڏهن هوءَ شيشي جي ننڍڙي گلاس ۾ هڪ اڇي دوا کڻي ڪيس پيارڻ وئي ته نذير منهن گهنڊائي چيو:

”اڇاڻ، اڇاڻ! اڇا بسترا، اڇيون گوريون، اڇي دوا ۽ اڇي يونيفارم ڏسي مان ڪڪ ٿي پيو آهيان. تون هن يونيفارم کان سواءِ ٻيو لباس به پائيندي آهين؟“

”ها نذير، مان ساڙهي به پائيندي آهيان.“

”رنگين ساڙهيون؟“

”ها رنگين ساڙهيون — پنڪ، آرينج، ليمن، سڀ رنگ.“ پال ڏانهس دوا جو گلاس وڌائيندي چيو.

”پليز، ڪڏهن ته ڪا رنگين ساڙهي پائي اچ.“ هن هڪ ڍُڪ ۾ دوا پي چيو.

”ڊيوٽيءَ واري وقت ته ڏاڍو مشڪل آ.“ پال ٽنائڻ چاهيو.

”پلي ڊيوٽيءَ کان پوءِ ئي، پر مون کي ساڙهي پائي ضرور ڏيکار.“

”ڪوشش ڪنديس، پر پرامز نٿي ڪري سگهان.“

”نه پرامز ڪر.“

”چڱو پلا پرامز.“

ستت ئي هڪ شام جو ليمن جارجٽ جي ساڙهي پائي ۽ وڏو ڪارو پرس ٻانهن ۾ وجهي، وجي سندس سامهون بيٺي. هو ڪيس ٻئي لباس ۾ ڏسي خوش ٿي ويو ۽ ڪيس چڱيءَ طرح ڏسڻ لڳو: ”پال، ڳاڙهو ابئو. توکي هي ڪپڙا ڏاڍا نهن ٿا. تنهنجي سونهن نکري پئي آهي. توکي هر رنگ نهندو.“

”هون!“ پال ائين عجب کائڻ لڳي جڻ ڪيس خبر ئي ڪانه هجي.

”ها ها، توکي هر لباس، هر رنگ نهندو.“

”پوءِ ته مان رنگين ڪپڙا پائيندس.“

نذير ڪنڌ هيٺ ڪري ڪنهن سوچ ۾ پئجي ويو ۽ جهٽ کن رکي، چوڻ لڳو: ”پال، هڪ ڳالهه ٻڌايانءِ؟“

”ٻڌاءِ.“

”پال، مان ڀانيان ٿو ته توسان پيار ٿي ويو اٿم ۽ پيار ٻه روز بروز وڌون وڌ.“

پال ٿورو گهٻرائجي وئي پر يڪدم پاڻ تي قابو پائي چوڻ لڳي:

”ريئلي؟“

”ها پال، اهو ڪوڙ نه اٿئي.“

”اها ته منهنجي خوش قسمتي آهي نذير.“ پال ٿورو سوچي چيو.

”سچ؟“

”سچ.“

نذير اهو جواب ٻڌي وڏو ساه ڪنيو، جڻ سندس سيني مان ڪو وڏو بار لهي ويو.

هن پال کي پيار سان نهاريندي چيو: ”تون ۽ مان شادي ڪنداسون.“

”ممي جو اعتراض ڪري ته؟“

”مان پاڻهي ممي کي راضي ڪندس. ڪيس ايلاز ٻه ڪندس ۽ پيرين ٻه پوندس. هوءَ اهڙي نامهربان نه ٿيندي.“

”پوءِ ته نيڪ آ، پر هاڻي تون آرام ڪر.“

”نه ته مون کي ننڊ ڪانه ايندي.“ نذير ضد ڪرڻ لڳو.

”تون ننڊ نه ڪندين ته مان توسان عمر نه ڳالهائيندس.“

”چڱو مان ننڊ ڪيان ٿو پر پهريون مون کي ڪس ڪر.“

پال ان خواهش تي گهٻرائجي وئي. پر جلد ئي هن پاڻ سنڀالي نذير جي پيشاني تي پنهنجا چپ رکيا. سندس چپن جي ڇهاءُ سان ئي نذير جون اکيون ٻوٽجي ويون ۽ هن ننڊاکڙي آواز ۾ چيو: ”تون هاڻي ڀلي وڃ، مون کي ننڊ ٿي اچي.“

پال مون کي اهي احوال ڏنا ته مان حيران ٿي ويس. هوءَ مون کي سمجهائيندي چوڻ لڳي: ”ڏس نہ، اسان کي مريضن جي ڪيڏي نہ خدمت ڪرڻي ٿي پوي. ڪين ڏوئاريون ٿا، وهنجاريون ٿا، پر سندن فضول وار بہ صاف ٿا ڪيون. اتي جي دل رکڻ لاءِ ڪين ڪس بہ ڏيون تہ ڪهڙو عيب، مقصد تہ ساڳيو آهي.“

مون ڪجهہ ڪين ڪڇيو، مون کي ماٺ ۾ ڏسي چيائين: ”توکي ڳالهہ نہ وڻي ڇا؟“

مان کيس ڳراٺڙي پائي چيو: ”نہ نہ، تون بلڪل ٺيڪ ڪيو، پر جي کيس حد کان ٽپندو ڏسين تہ مون کي ٻڌائجانءِ.“

”گهڻو ڪري تہ تنهنجي ضرورت ڪانہ پوندي.“ پال مشڪندي چيو.

هن اسپتال ۾ نرسن جون ٽي شفٽون آهن ۽ پيون بدلبيون آهن. جيڪي نرسون صبح جو ڊيوٽي ڏينديون آهن، سي وري منجهند جو ڏينديون آهن. منجهند واريون ڦري وري رات جو ڏينديون آهن. ڊاڪٽرن جون ڊيوٽيون بہ ائين پيون ڦرنديون آهن. ڊاڪٽر سڄي رات ڪونہ ويهندا آهن، پر ٿورڙي گهڙي ويهي هليا ويندا آهن. گهڻو ڪري سندن ضرورت ڪانہ پوندي آهي، پر جي ضرورت پوندي آهي تہ ڪين گهرائي وٺندا آهيون. ان رات جڏهن ڊاڪٽر ناصر مون کي ٻڌائي پڪچر ڏسڻ هليو ويو، تڏهن ڪا غير معمولي ڳالهہ ڪانہ هئي. سڀ مريض فرنا ستا پيا هئا، پر پال تڏهن بہ چڙي ويئي ۽ مون کي چيائين: ”تو اهو ڪم چڱو نہ ڪيو.“

”پر اها نئين ڳالهہ تہ ڪونهي. مان کيس ڪهڙو جواب ڏيان ها؟“

”پر جي ڪجهہ ٿي پئي تہ اسان بہ ڇٽيون ڇا ڪري سگهنديون سين؟“

”ڪجهہ ڪونہ ٿيندو، اڍائي ڪلاڪن جي تہ ڳالهہ آهي.“

”اڍائي ڪلاڪ تہ وڏا آهن، هتي تہ منٽن ۾ بہ ڪجهہ ٿي سگهي ٿو.“

”اها تہ وائي نہ ڪڍ، خدا سڀني جو نگهبان آهي.“

خدا جو نالو ٻڌي کيس آٿت اچي ويو ۽ چوڻ لڳي: ”بيشڪ هو سڀني جو نگهبان آهي.“

”چڱو تون هاڻي رائونڊ هڻي آءُ تہ مان تنهنجي لاءِ فرسٽ ڪلاس چانهہ ناهيان، پوءِ گڏجي پيئنداسون.“

”او گڊ!“ هوءَ خوش خوش رائونڊ تي ويئي.

روم کان ٻاهر نڪتي تہ ڏٺم ڪاريڊور ۾ سندس هلڻ جو سريلو آواز منهنجي ڪنن ۾ وڄندو رهيو. مان ٻن ڪوپن جو پاڻي اسٽوو تي رکيو، ڪوپ ڏوئي ٽيبل تي رکيم. ڪٽليءَ ۾ پاڻي ابرڻ لڳو تہ ان کي لاهي اجا رکيو هوم جو ڪاريڊور ۾

اگھاڙي پيرين پيچڻ جو آواز آيو. مان ٻاهر نهارڻ لاءِ وڏيس جو هوءَ در وٽ اچي پهتي. ڪڙڪيءَ ڪان ٻئي پادر لاهي هٿ ۾ جهليا هئائين، سهڪندي چوڻ لڳي: ”جنهن ڳالھ جو پڇ هو، سا نيٺ ٿي.“

”هاڻ خير آهي؟“ منهنجيون وايون بتال ٿي ويون.

”خير وري ڪهڙو، نذير وارڊ ٻارهين وارو......“

مون ڪيس ڳالھ ئي پوري ڪرڻ ڪانہ ڏني ۽ تڪڙي وڃي روم ٻارهين وٽ پهتس. ڏٺم تہ نذير موت ۽ حيات جي ٻواٽي تي، دم پهر لاءِ بيٺو هو. هن دم جي مريض وانگر وڏي تڪليف سان پئي ساھ کنيو. مان سندس هٿ پير ڇهيا تہ برف جهڙا ٿڌا، نبض ڏٺم تہ بہ ڏڪ هٽي ٿيون ڏڪ نہ هٽڻ جهڙو پئي هنيائين ۽ اهڙي سست پئي هلي جڻ اجهو بيٺي اجهو بيٺي. مون ڪوريمن جي شيشي ڪٽي ٻٽي ڦڙا مريض جي وات ۾ وڌا ۽ پال کي چيم: ”ڊاڪٽر ضرور اچڻ گھرجي.“

”فون ڪيونس، ڪهڙي سئنيما ۾ هوندو؟“

”الائي.“

”پوءِ...... پوءِ........؟“ هوءَ گھبرائجي هبڪڻ لڳي.

”هاڻي ماٺ ڪري ويھي رھ.“

”يعني تہ.....؟“

”منهنجو مطلب آهي تہ ڊاڪٽر ناصر جاڻ آيو.“

”ان جي اچڻ ۾ تہ اجا ڏيڍ ڪلاڪ ڪن آهي، او گاڊ! ائين ڪين ٿيندو!“

هوءَ روئڻهارڪي ٿي ويئي.

مون کو جواب ڪونہ ڏنو، هن وري روئڻهارڪي لهجي ۾ چيو:

”ڊاڪٽر آفتاب کي ڇو نہ ٿي سڏين؟ هو بہ ڪمپائونڊ اندر رهندو آهي!“

”هو اچي الائي نہ، هن جي ڊيوٽي ڪونهي.“

”ڊيوٽي، ڊيوٽي! واٽ اي نان سنس!“ هن ڪاوڙجي چيو، پر وري منهنجي ڪاڏي کي جهلي ايلاز ڪري چيائين: ”تون فون تہ ڪرينس.“

”مون کي فون ڪرڻ ۾ ڇاهي، پر پال، هو ڪونہ ايندو.“

ان سمجھائڻ باوجود هوءَ مون کي ٻانهن کان وٺي ڊيوٽي روم ڏانهن گھلي وئي. مون ڊاڪٽر جو نمبر ڊائل ڪيو. گھنٽي گھڻي مهل وڄندي رهي ۽ پوءِ رسيور کڄيو. مون آواز سڃاڻي چيو: ”ڊاڪٽر، سر، مان ليلا ٿي ڳالهايان ڊيوٽي روم مان. هڪ مريض کي هارٽ اٽئڪ ٿيو آهي، اوهان مهرباني ڪري اچي سگھندؤ؟“

”پر اڄ ته منهنجي ڊيوٽي ڪونهي، ڊاڪٽر ناصر ڪونهي ڇا؟“

”سر، هو پندرهن منٽ اڳ ته هتي هو پر هينئر ته شايد هيٺ لهي ويو آهي، اوهان ئي مهرباني ڪيو.“

”اتي ئي هوندو، ڪيس ڳولي وٺ.“ هن خار ۾ ٺپ ڪري رسيور رکيو.

مان رسيور رکي پال ڏي منهن ڪري چيو: ”ڏٺئي، اڄايو مون کي خراب ڪيئي.“

”پر هن کي ته ضرور اچڻ گهرجي، هتي ڪنهن جي حياتي جو سوال آهي.“

”مان ته ڪيس وس ڪيو، ٻيو ڇا ڪيان؟“

”پوءِ مان ٿي پاڻ وڃانس.“

”نه نه، تون نه وڃينس، تو سان ڇڙيل آ.“

”مان ويندس ۽ ڪيس ضروري وٺي ايندس.“

هوءَ پڄندي هلي وئي. مون سندس لهڻ جو آواز ٻڌو. هن هڪ هڪ وک ۾ ٻه ٻه ڏاڪا پئي ٽپيا، تانجو آخري ڏاڪي ٽپڻ جو وري سنئين سڌي فرش تي پڄڻ جو آواز آيو. مان مريض وٽ اچي سندس نبض ڏٺم ته اها ٿوري سڌري هلي هئي. مان وري ڊيوٽي روم ۾ اچي ضروري انجيڪشن، سرنج، بلڊ پريشر انسٽروويومينٽ، اسٽيٿسڪوپ ڪٺي ٽيبل تي رکيا ۽ وري ڪاريڊور جي پرين ڇيڙي تي پيل آڪسيجن پلانٽ گهلڻ شروع ڪيم. پلانٽ ڪافي ڳورو هو ۽ رهندو ان جي اسٽينڊ جو هڪ ڦيٿو پڳل هو، سو مشڪل سان پئي رڙهيو. ان کي مس مس گهلي اچي روم جي ٻاهران بيهاريم. ٽڪ پٽي واچ ڏانهن نهاريم ته پنجويهه منٽ گذري ويا هئا. ڊاڪٽر جو ڪوارٽر ڪمپائونڊ اندر هو ۽ وڌ ۾ وڌ پنجن ڇهن منٽن جو مفاصلو هو. ان حساب سان ته ڳپل وقت گذري ويو هو، پر پهريون ته ڊاڪٽر در ئي نه کوليو هوندو، مس مس کوليو هوندائين، اچڻ کان انڪار ڪيو هوندائين، پر وري سندس ايلازن تي مس مس مڃيو هونداڻين. منهن تي پاڻي جو ڇنڊو هڻندو، ڪپڙا بدلائيندو ۽ اتي ته ڳپل دير ٿيڻ لازمي هئي. البته جي هو اچڻ واري نه ڪري ها ته پال جيڪر موٽي به اچي ها. اهي ئي ڳالهيون پئي سوچيم ته فون جي گهنٽي وڳي. رسيور کنيم ته ڊاڪٽر آفتاب جو آواز سڃاتم، هن پڇيو: ”مريض جي پلس ڪيئن آ؟“

”هينئر ٿوري سڌريل آ سر.“

”گڊ، چڱو تون ڪيس سئي هڻ ۽ آڪسيجن ڏي. مان منٽن ۾ ٿو پهچان.“ مان سرنج ڀري مريض کي سئي هڻي ۽ وري آڪسيجن پلانٽ کي چيڪ ڪري، ان جي رٻڙ جي ٽيوب مريض جي نڪ ۾ لڳائي، ان کي پلاسٽر سان قابو ڪيم. ان ڪم مان واندي

تي واچ ڏانهن نهاريم ته پال کي وئي پورو ڪلاڪ ٿي ويو هو ۽ اڃا ڊاڪٽر ڪونه آيو هو. مان ڪمري کان ٻاهر نڪري ڪنايو. ڪاريڊور ۾ ڪو آواز ڪونه هو ۽ ڏاڪڻ ۾ اچڻ جو کڙڪو ڪونه هو. ٿوري دير اتي انتظار ڪري، اڳتي وڃي ورانڊي مان ڪمپائونڊ ڏانهن نهاريم ته ڏٺم ڊاڪٽر آفتاب بئگ لوڏيندي، سيٽيون وڄائيندو اچي رهيو هو. سندس پويان ٿورو پرتي ٻيو به پاڇو هو، جو شايد پال جو هو. ڊاڪٽر اچڻ سان مريض جي دل نبض تپاسي ۽ خوش ٿي مون کي شاباس ڏيندي چيائين: ”گڊ ورڪ سسٽر.“

پنهنجي ڪم جي تعريف ٻڌي مون کي خوشي ٿي ۽ مان آڪسيجن پلانٽ ڏانهن اشارو ڪندي چيو:

”آڪسيجن به چيڪ ڪيو نه سر؟“

”بلڪل نيڪ آ، هاڻي ٻتي وسائي ڇڏ.“

”آڪسيجن سڄي رات هلي سر؟“

”نه نه ڪلاڪ ڏيڍ کان پوءِ ڪڍي ڇڏجانءِ.“

ڊاڪٽر کي ڏاڪڻ وٽ ڇڏي پوئتي موٽيس ته اوچتو منهنجي نظر پال تي پئجي وئي. هوءَ وارڊ نمبر ٻارهين وٽ پت کي ٽيڪ ڏيو بيٺي هئي. هن جو منهن پيلو پيلو هو، چپ سڪل سڪل جڻ رت هجيس ئي ڪونه – الائي ڇو هوءَ مون کي ان ڪنول جيان لڳي، جنهن جي هينان بينل سيتل ڊنڊ جو پاڻي سڪي وڃي ۽ اهو لوساڄي ويو هجي. جيئن ڪيس ويجهو ڏٺم، تيئن منهنجون اکيون ڪنهن خوف کان ڦوٽارجي ويون. مون کي پاڻ ڏانهن گهوريندو ڏسي پڇڻ لڳي: ”ليلا، نذير ٻچندو نه؟“ مان محسوس ڪيو ته هن اهو سوال منهنجي ڏيان ڦيرائڻ لاءِ ڪيو هو. مان ڪيس ان ڳالهه جو ڪو جواب نه ڏنو، رهندو ڪيس ڊونڌاڙي پڇيم: ”ڪر خبر پال، ايتري دير ڇو ڪيئي؟“

هوءَ ٿورو ڪلي، پر هڪ ڦڪي ڪل. ذري گهٽ روئڻ جهڙي ۽ چيائين: ”شي شي، ڪنواريون ڇوڪريون اهڙيون ڳالهيون نه پڇنديون آهن.“

”پر تون وئينءَ ڇو؟ تون وئينءَ ڇو؟“ ڪار ۽ ڏک ۾ پڇيم.

”منهنجي وڃڻ مان ته فائدو پيو نه، اڳتي جنهن وقت فون ڪنڊاسونس تنهن وقت هليو ايندو. جي اعتبار نه اچئي ته ڪٽي هاڻي جو هاڻي فون ڪري، ڏس اچي ٿو نه!.“

# زماني جي گردش

جڏهن رئيس قيصر خان نئين آيل مهمان کان، جنهن جا ڪپڙا ميرا ۽ اڌوراڻا هئا، جنهن جو منهن جهولي ۾ مسافريءَ سبب ڪاراتجي ويو هو، جنهن جي پٽڪي جي پيرَ، هلت چلت ۽ ڪٺ ڪميت گهوڙي جي شان اوغان مان سندس معتبرائپ ظاهر هئي، خلاصا احوال ورتا، تڏهن هن فهميدن لفظن ۾ چيو: ”رئيس، مان بہ توهان جهڙو ئي زميندار هوس، پر زماني جي گردش ۾ سبب اچي هي حال ٿيا آهن. توهان جي در تي لنگهي آيو آهيان تہ پنهنجي شان تي جيڪي سري سگهو – سو ڏيومر، ٻيو توهان جي سر بخت جو خير.“

”توهان جو نالو؟“ رئيس ڪانئس پڇيو.

”منهنجو نالو؟“ هو ٿوري دير سوچ ۾ پئجي ويو، پر جلد ئي هن اکيون هيٺ ڪري چيو: ”منهنجو نالو واحد بخش آهي.“ رئيس تہ ڪجهہ ڪونہ ڪڇيو، پر سندس پرسان وينل ڪمدار حاجي غلام علي چرڪ پري منجهيءَ تان ائين ڪڙو تي ويو، جيئن ڪنهن ڪانڌاري ڏينهوءَ سندس ويهڪ واري جاءِ تي ڏنگ هنيو هجي. هن تڪڙ ۾ پڇيو: ”واحد بخش خان مرزا پور وارو؟“ آيل مهمان واتان اکر ڪونہ ڪڇيو، صرف ڪنڌ لوڏي هائو ڪيائين. ڪمدار حاجي ٿڏو ساهہ پري پنهنجيون پوڙيون اکيون ڪٽي رئيس ڏانهن نهارڻ لڳو. هن جون اکيون رئيس کي ايلاز ڪري چوڻ لڳيون: رئيس ههڙي مڙس جي مدد ڪرڻ مرڪ آهي. رئيس بہ ڪمدار جي اکين جو نياپو سهي ڪري، ڪيسي مان سؤ جو نوٽ ڪڍيو ۽ ڪمدار کي ڏنو، جنهن وري اهو وٺي واحد بخش خان جي ڪٽ تي رکيو. واحد بخش خان موڪلائي اٿي ويو تہ رئيس ڪمدار کي چيو:

”حاجي، پڪ اٿئي تہ واحد بخش هو؟“

”سائين، خدا خدا ڪر. ڇٽ ۽ امير ڪوهن ڪان پڌرو. مون سندس ديهہ بہ ڏٺي آهي، هينئر هڪ چوڌريءَ جي هٿ ۾ آهي. اسان جهڙيون بہ ديهون ٿين هن جي ديهہ مان.“

”پوءِ اها حال ڪيئن ٿيس؟“

”ٻڌو نہ، زماني جي گردش.“

پر رئيس جنهن جو مٿو خوءِ سان پريل هو. تنهن کي اهڙي ڳالهہ تي ڪٿي ٿو اعتبار اچي. هن عجب ۾ پئجي چيو: ”حاجي هن جي ملڪيت اسان جي ملڪيت ڪان بہ ٻيٽي هئي تہ ڪٿي ڪيئن؟ مان ئي ڪٽي ٻنهي هٿن سان لٽيان تہ بہ منهنجي ڪٽائڻ جي تہ

ناهي.“ رئيس پنهنجي خوشامدڙين وانگر چيو، جي توري گهٽي ڳالھ تي ڪيس چوندا هئا: ”رئيس، وڏو رئيس تنهنجي لاءِ ايترو تہ چڏي ويو آهي جو تنهنجون ست پيڙهيون ٻيون اڏارن تہ بہ جوکو ناهي.“

حاجي غلام علي جيڪو پراڻي جڳ جو ماڻهو هو، تنهن کي اها لاڦ نہ وڻي. هن فقط ايترو ئي چيو: ”شڪر ڪر رئيس، شڪر ڪر.“

رئيس قيصر خان جي پيءُ هن دنيا مان وصال ڪيو تہ اها ڪهڙي شيءِ هئي، جنهن جي وٽس کوٽ هئي. چار پنج سؤ ايڪڙ پوري لٺاشي زمين جنهن ۾ ووڻ، وٽن جيترا ڏڳها تيندا هئا ۽ ڪٽڪ چوسري پچندي هئي، جو ڏڳهو ماڻهو هٿ اپو ڪري تہ اهو بہ ڏسڻ ۾ نہ اچي. وري ڪڙھ ۾ نظر وجهبي تہ الاجي ڪهڙن ڪهڙن والايتن جا سرخا، ڪميت ۽ سمند پيا اوبرين تي داٽا ڪائيندا ۽ ٿالهن تي هاهرون ڪندا، سڀ گهوڙا تصوير جهڙا جو لانگ ورائبي تہ دونالي بندوق جي نرين جهڙيون سنهيون چنگهون ڪنن تان پيون ورنديون ۽ شاختون سر تي ويندئون. وري مال جي واڙي ۾ نظر وجهبي تہ ايي لمي جون ريشمي ڪلن واريون گوبران مينهون ۽ ڳئون، ڪي ڪنديون تہ ڪي گهنجون. مطلب تہ هر جنس جا خدا پئدا ڪئي آهي، سا واڙي ۾ ضرور ليندي. ڏوڪڙ پئسي جي بہ ڪمي ڪانہ، هڪڙا ڪٽن ئي ڪونہ تہ ٻيو فصل تيار تي وجي ۽ وري ڍڳ پئسا پيا اچن. ڪڙمي ڪاري، ڪمدار ڪاراوا، نوڪر چاڪر غريب ايماندار همت پريا. مطلب تہ سڄي راند رتل هلث نهيڪ نڪيل، فقط خيال سان هلائڻ جي دير هئي. وڏي رئيس بہ مرڻ وقت نندي رئيس کي چيو هو: ”پٽ، سڄو ڊينگو نهيل نڪيل تو ڏئي وڃانءِ، رڳو پيو ڪنگهڪر ڪندي تہ اولو ئي ڪونهيءَ پاٽي پيو رينگدو.“

رئيس قيصر خان پيءُ جي ختمن جماڻن بعد جڏهن چؤ طرف اکيون ڦيرايون تہ کيس محسوس ٿيو تہ سندس زميناري جيتوڻيڪ وڏي هئي، تہ بہ ڏکو ڪونہ هوس. پاڙي جا ننڍا وڏا زميندار ڪائن گوءِ ڪٽي ويا هئا. حالانڪ سندس پڙ ڏاڏي ۽ ڏاڏي جي وقت ۾ سڀ زميندار کين ئي سلام پريندا هئا ۽ سندن اهم معاملا ۽ فيصلا وٽن ئي طئي ٿيندا هئا. ان لحاظ سان چؤ طرفي جو مرڪز ئي هو هئا ۽ وڏائپ جو بار مٿن هو. پر جڏهن سندس پيءُ پڳ ٻڌي تہ پٽس فقيري طبع ۽ ڪنهن جي ٻن ٽن ۾ نہ وڃڻ ڪري سندس اهو ڏاڪو ختم تي ويو هو. هرڪو پنهنجي خانيءَ خان تي ويو هو. ان عرصي ۾ زماني ترقي ڪئي تہ سڀ زماني آهر پنهنجو قدم وڌائيندا رهيا، پر سندس پيءُ پنهنجي اباڻي ڏاڏاڻي چال ڪانہ ڇڏي. ٻين وٽ مهيني ماسي مختيارڪار، ڊپٽي ۽ ٻيا ڪامورا شڪارن ۽ دعوتن تي پيا ايندا ويندا هئا ۽ انهن ڪامورن سان رسم راه ڪري

سندن وڏي هلندي پڄندي هئي، پر سندس پيءُ وٽ ڇٽي ڇماهي ٽپيدار ۽ ڪوٽوار ڪان سواءِ ٻئي ڪنهن ڪاموري جي آمد ڪانه هئي. قيصر خان پيءُ جو ان طرف ڌيان ڇڪائيندو هو، پر ٻڍس چوندو هو: ”بابا، اسان جو ڪھڙو ڪم جو وينا ڪامورن جون ٽنڊواليون ڪيون. ڪين ڪاني سان سلام ڪبو ته سکيو گذاربو.“

پر قيصر خان جنهن جي رڳن ۾ جوانيءَ جو رت هو، ان کي اهي ڳالهيون نه اڳ وڻيون هيون ۽ نه هينئر پيون وڻيون. هن جي مرضي هئي ته هڪ ڦيرو اهڙو ڦرڪٽو ڦيرائي جو سندن زميداري وري سيني جو مرڪز ٿي وڃي ۽ سڀ معاملا سندس سر تي پئنچي ۾ پيا فيصل ٿين. اها ڳالھ ڳڻي هن پيءُ وانگر پئسي پئسي تي ڳت ڏيڻ بدران زماني آڏار ڏيک ويک تي خرچ ڪرڻ شروع ڪيو. ڪمدار حاجي جڏهن رئيس جي نئين جيپ ۾ چڙهي ٻئي چڪر ڏنا ۽ رئيس سان گڏ وڏن وڏن ڪامورن کي روبرو دعوتون ڏنيون ته هو خوش ته گھڻو ٿيو، پر تڏهن به هو مهيني ماسي پيو رئيس کي چوندو هو: ”رئيس! تون ڀلي اهي شوق ڪر، پر پير هميشه چادر آهر ڊگھا ڪجانءِ. ائين نه ٿئي جو سيان هٿ ڇيو نه ڪرئي ۽ دشمن کلن. هرڪو چوندو ته پيءُ جي قدمن تي نه هليو، سڄي دنيا ڦوڪي ڇڏيائين.“ ڪڏهن ڪڏهن ته رئيس ماٺ ڪري ويندو هو، پر ڪڏهن ڪڏهن ته رهڙ به ڏئي وٺندو هوس. ”حاجي توتي ڪهڙي ميار، تون آهين ٻاهتر ۾. دنيا سک لاءِ آ يا رکڻ لاءِ. ڀلا ڪھڙو ابتو خرچ ڪيو اٿم؟“

”سائين جيپ ورتئي پندرهن هزارن ۾. روز تي ڊهي، روز ٿو خرچ ٿئي.“

”ته تنهنجي مرضي آهي گهوڙن تي چڙهي چٽا ڪرايان.“ رئيس چڙي پيو.

”ڀلا رئيس وڏو به ته هو.“ ڪمدار حاجي، رئيس وڏي جو زمانو ڏنو هو، سو ڪنهن جو مثال ڏي.

”اهو زمانو ٻيو هو، هي زمانو ٻيو آ. زماني آهر نه هلبو ته ڪو ليکندو ئي ڪونه.“ رئيس کيس سمجهائيندو هو.

ڪمدار حاجي، نوڪر ماٺهو، سيني ساهڻ بدران اهي دليل ٻڌي چپ ٿي ويندو هو. پر ٻيا نوان نوڪر، جي وڏي رئيس جي فوتي کان پوءِ هن رکيا هئا، اهي ڳالهيون ٻڌي رئيس کي چوندا هئا: ”سائين، انگريز چريا ڪونه هئا جو ڪراڙپ ۾ ماڻهن کي پنشن ڏيندا هئا. مڙئي اچي ڏاڙهي اٿو خراب. تون اچا پنهنجي گهرون دروڻ پيو خرچ ڪري، ڪنهن کان اڌارو ڪونه ورتو اٿئي جو کيس فڪر ٿئي.“

سندس خاص نوڪر رجب، جو ساڻس سفر ۾ گڏ هوندو هو ۽ ڳوٺ ۾ به اٿيءَ ويٺيءَ جو خيال ڪندو هو، سو وري چوندو هو: ”رئيس دنيا اهڙي بي پيري اٿئي ته جيترو

چاھيندڙينس اوترو حرام ٿيندي، پري پڄندي. جيترو اڇليندينس اوترو مڙندي ويندءِ. سالڪن چيو ناھي تہ سخي ۽ شوم جو ٻارھين مھيني ليکو پورو.“ ائين پئي ڳاڙو ڳڙڪندو آيو.

پھريون سيارو ھجي، ڏينھن جو اونھاري جي پوئين ڏاڏر ۽ راتين جو سياري جون منيون منيون ٿڌيون. ڪڙمي ڪاري ربيع جي ھرن کان فارغ ۽ خريف جي فصل ڪڻڻ ۾ ٻہ ٽہ مھينا دير. زميندار تہ پڪيءَ جا مالڪ، انھن کي تہ مولا جي ذات کو فکر ڏنو ئي ڪونہ آھي. اھا ئي موسم ٿيندي آھي، ٻھراڙيءَ ۾ وھانون ۽ شادين جي. گھوٽ ۽ ڪنوار ٻہ راضي، ڪاج وارن کي بہ تڪليف ڪانہ ۽ ماڻھو بہ واندا. ھرڪو پيو پري وڃي. انھن ئي ڏينھن ۾ رئيس کي نينڊ آئي ھڪ وھانءُ جي، جنھن زميندار وھانءُ پئي ڪيو، سو رئيس جو دلي دوست ھو ۽ رئيس جي شادي ۽ وڏي رئيس جي فوتي تي سنو پير پري ويو ھو. رئيس کي بہ اھا اڏاري پاڇي لاھڻي ھئي، ان ڪري پنھنجي نوڪرن چاڪرن سميت تيار ٿي مقرر ڏينھن تي وڃي پھتو. ساڏي زميندارٻہ ڪونہ گھٽايو ھو ۽ سنو انتظام ڪيو ھئائين. اميرن معتبرن لاءِ جدا نويڪليون جايون، وڏن ۽ عام خاص راڄ لاءِ جدا لانديون نھرايون ھيائين. راڳ جي محفل لاءِ بہ ھيرا منديءَ جون چونڊ ڳائڻيون گھرايون ھئائين. رئيس ماني کائي ٿانيڪو ٿيو، پر جڏھن ٻتين ٻرڻ وقت چوطرف چانڊاڻ ٿي وئي تہ ڪيس نياپو اچي پھتو تہ راڳ شروع ٿيڻ ۾ ڪا جھٽ پلڪ کن دير ھئي. رئيس بہ ٽپو ڏئي ڪڙو ٿيو ۽ پنھنجي ٽوليءَ سميت اتي پھتو. اھا جاءِ ھڪ وڏي لاندي ھئي، جنھن جي فرش تي اوچا گرم غاليچا وڇايل ھئا. چؤطرف ڪوڙ ئي زميندار وينل ھئا ۽ انھن ۾ سندس دنگئي زميندار فتح خان بہ ڪانئي ڪڍيون وينو ھو. ٻنھي جي ھڪ ٻئي سان ڪانہ پوندي ھئي. ٻني ٻاري، ھاري ناري ۽ ٻڌيءَ چوڙيءَ تي سندن جھيڙا پيا ھلندا ھئا. ٻنھي جا ڪمدار ڪاراوا بہ جھيڙي ٽارڻ بدران پنھنجي مالڪن کي ڪا نہ ڪا شڪايت ڪري ٻرندڙ باھ ۾ چوچيڙي وجھي پيا پيڙ مچائيندا ھئا. حقيقت ۾ پھريون پھريون سندن منھن تلھا ان ڪري ئي ٿيا ھئا، جو قيصر خان پنھنجو وڄايل اقتدار حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ھئي، جو سندس پڙ ڏاڏي ۽ ڏاڏي کان پوءِ فتح خان وارن کي حاصل ھو. ٻنھي ٻاھرين ٻني قائم رکڻ لاءِ – ھڪ ٻئي سان ڪيڪر تہ ڪئي، پر اھي قربائتا ۽ منا لفظ اھڙي طرح ادا ٿيا جو ڄڻ زھر مان – جو ٻنھي جي دلين ۾ ھو – ٻڌي نڪتا. ٻئي ڪيڪر ڪري پنھنجي پنھنجي ٻاري ناھي جدا ويھي رھيا. ماڻھن جي انبوہ سبب چوٻول متو ھو. ڪنھن ڪھڙي ڳالھہ پئي ڪئي تہ ڪنھن ڪھڙي ڳالھہ، اوچتو سڀ سسڪا پسڪا بند ٿي ويا. رئيس، جنھن

پاسي ۾ وينل هڪ زميندار کي تازي شڪار جو احوال پئي ٻڌايو، تنهن اهڙي چپ ڏسي ڪنڌ جو مٿ ڪنيو ته هڪ ٻانهين ڳائڻيون اچي وينيون هيون ۽ سندن استادن ڪپڙن ۾ ٻڌل هارمونيون ۽ ٻيا ساز پئي کوليا. سڀ سدا ملوڪان انگ ٻهڪندڙ پر هڪ ڪنڌ ۾ هلڪي پيلي ساٽن جي سوٽ ۾، انهن سيني جو نڪ ويني هئي ۽ انهن سيني جي قد بت، رنگ روپ جي لحاظ کان اهڙي پئي ڏک ڏنائين، جيئن عام ڪٽڪ جي ٻاري ۾ ڪونج ڪٽڪ جو سلو. مڪائي جهڙو سونهري رنگ، ٻڱهي ڊگهي ڳچي، سنهڙو نڪ ۽ اڻ پيل سوني بولڙي، جنهن ۾ سچو موتي جرڪيو پئي. رئيس قيصر خان ته ڏسندي ئي سُڪ تي ويو ۽ سندس ڪاري پوئنر جهڙي مٿي کان پورن باه جهڙن پيرن تائين ڊو سان ڏسي وري پئي منڊ ڪان شروع ڪيائين. سندس اکيون اوستائين نه هٽيون، جيستائين هن ڪيس جوه پائيندو ڏسي ڪنڌ ڦيرايو ۽ ٻئي سان ڳالهائڻ لڳي. رئيس لاچار ڪنڌ ڦيرايو ته فتح خان به ساڳيءَ ۾ جوه وجهيون وينو هو. رئيس جي منهن ۾ سونڊ پئجي ويو ۽ اهو سونڊ تڏهن لٿو، جڏهن ڊوڪڙين وڄت شروع ڪئي ۽ سازن آواز ڪديا. پهرين هڪڙيءَ ڳايو، سيني پئسا ڏنا. اها ڳائي وڃي ويني ته ٻي اٿي. ان به پنهنجو پاڻ چڱيءَ طرح موڪيو. ان بس ڪئي ته پوءِ ”هن“ ۾ چرپر ٿي ۽ هوءَ آرس پڃندي، رئي کي سيني تي ناهيندي، اٿي کڙي ٿي. چوڌ طرف سانت ٿي ويئي. هرڪو تڪڻ لڳو ته ان بلور جهڙي شفاف ڳچي ۽ سهڻن چپن مان کهڙو تو آواز نڪري؟ رئيس کي ان وچ ۾ وري وارو اچي ويو ۽ هو ڪيس نئين سر جاچڻ لڳو. سندس سوڙهي سوڙهي قميص ۾ قاتل سيني کي، سندس سنهي چيلهه کي ۽ سندس موڪرن ٻونڊٽن کي، ننڍن ننڍن پورن پيرن کي ۽ انهن جي رنگ لڳل ننهن کي جي پوراڻ کي وڏيڪ جرڪائي رهيا هئا. هن ظالم به آلاپ ڪري رئيس واري ٻانهين ڏانهن منهن ڪري جو سرائڪي ڪافي ”کهڙا حال سڻاوان دل دا، ڪوئي محرم راز نه ملدا“ شروع ڪئي ته رئيس ته رهندو لوهن ڪڙن ۾ قابو ٿي ويو ۽ ڏانهس اکين چنيڻ ٻنان يڪ تڪ نهارڻ لڳو. هڪ مصرع ٿيو، ٻيو مصرع ٿيو، پر رئيس ڏانهس فقط نهاريندو ئي رهيو. اوچتو فتح خان پنهنجي ٻانهين کان رڙ ڪئي: ”کهڙن بي قدرن جي پاسي پئي ڳائين ٻائي، هيڏي آءُ ته تنهنجي هڪ هڪ مصرع تي نوٽ گهوريان.“ ائين چئي فتح خان ڏهين ڏهين جا پنج نوٽ تاس جي پتن وانگر جهليا. چوڌ طرف ٺهڪڙو مچي ويو. هوءَ به ڦيرو پائي وڃي فتح خان اڳيان گوڏو پيجي ويني ۽ دستور موجب ڪيس مصرع ٻڌائڻ لڳي. رئيس قيصر خان جي منهن ۾ سڄي بدن جو رت وري ويو ۽ هن جو منهن ڳاڙهو ٿي ويو. هن ڪرڙي اک سان پويان وينل

پنهنجي نوڪر رجب ڏانهن نهاريو، جنهن پاڻ اهو مذڪور ڏسي ڏند پئي ڪرٽيا. هن رئيس کي چيو: ”فتح خان ملهه هٽي ويو رئيس.“
”هون، پوءِ؟“ رئيس خار ۾ پٽڪيو.
”پوءِ چاءِ رکيو نالو پٽ جو به چڱو ناهي.“
”گهٽا ڏوڪڙ آهن ٻتون ۾؟“
”ٻه هزار ته خوشي سان ٽيندا.“ ائين چئي رجب چمڙي جو ٻتون ڪڍي اڳيان رکيو.
”انهن مان کهڙي پورت پوندي، اڏام وجي پئسا ڪڍي آءُ جيپ تي.“
هوڏانهن فتح خان پنجاهه ڪيون وينو هو ته رئيس سو جو نوٽ ڪڍيو. هوءَ مشڪندي اچي وٽس ويني. ٻنهي طرفن کان نوٽن جا سرڙات ٽيڻ لڳا. ٻنهي کي اچي پنهنجي عزت جي لڳي، جيڪو گهٽ ٽئي سو لوڪ لچا ڪٽي ۽ راڄن ۾ بدنام ٿئي. مصرع مصرع تي رقم وڌندي رهي. جڏهن رئيس جو نوڪر پئسا کڻي موٽيو ته مصرع مصرع تي ٻه سؤ روپيا تي ويا هئا. رجب وٽس پهچي چيو: ”نه گهبرائجانءِ، ڪوڙ پئسا آندا اٿم.“
”گهٽا آهن؟“
”پنج هزار.“
”هاڻي نيڪ آ.“ رئيس بالم تي ويهي رهيو ۽ پوءِ ته اکيون ٻوٽي ڏيڻ لڳو. ڳائڻيءَ ٻه سنڌ جي رئيس جي هاٿ ڏسي، اوستائين بس نه ڪئي، جيستائين سندس نڙي پڙ نه ڪڍي بيٺي. پوءِ جڏهن سندس وس نه هليو، تڏهن نوڙندي ناز ڪندي وڃي پنهنجي جاءِ تي ويني. رجب رئيس اڳيان پيل پئسا سنڀاليا ته ڪو هزار ڏيڍ وڃي بچيو هو، ٻيو ڪل پيران دا خير. اڌ رات مهل جڏهن هرڪو نويڪلي جاءِ ۾ آرامي ٿيو ته رئيس رجب کي چيو: ”رجب، منهنجو ڪو بلو ڪر، نه ته مرانءُ ٿو.“
”چوءِ، خير ته آ سائين؟“
”اجا خير ٿو پڇين!“ رئيس ٿڌو ساهه ڀريندي چيو. رئيس جي ڳالهه سمجهي، رجب ڏند ٽيڙي کلڻ لڳو ۽ چوڻ لڳو: ”پرائو وهانءُ، هتي ڪا ڳالهه نهندي! باقي صبر ڪر. هڪوار سندس جهوليءَ ۾ نند نه ڪرائيمانءِ ته منهنجو نالو ڦيرائي پاڻ واري ڪاري ڪتي تي رکجانءِ.“
رئيس، جنهن کي رجب جي قابليت تي ڀروسو هو، سو اها دلجاءِ ٻڌي ٿوري دير ۾ ڪونگهرا هڻڻ لڳو. نپ – نپ – نپ رجب جي زورن تي رئيس اکيون کوليون ته

ڏينهن مٿي چڙهي آيو هو. ٿوري دير هيڏانهن هوڏانهن پاسا ورائي رئيس آرس پيچي اٿي ڪڙو ٿيو. تڪ اڃلي رجب کان پڇيائين:

”ڪهڙو حال آ؟“

”سڀ خير آ.“

”هوڏانهن ويو هئين؟“

”اتڻ سان ويو هوس. هاڻي موٽيو هان.“

”ڇا ڇيائون؟“

”چون ڇا، پهريون ته اهي بهانا ۽ نمونا ته اسان اهو ڪم نه ڪندا آهيون، پر مان جو ٻڌايون مان تسريون ته اوهان واقعي تاڃي پيٽي پٽ آهيو ۽ مصلي تي نماز پڙهندا آهيو ته شڪي تي چوڻ لڳا: رئيس جي دل ڪنهن تي آهي؟“

”پوءِ ڇا چيوني؟“

”چيومان ته ڪمال ٿا ڪريو، سڄي رات ڪوهياري ٻڌو، وري ٿا چئو ڪوهياري ٻڌاءِ. اوهان وٽ الماس بولڙي واريءَ کان سواءِ ڪهڙي آهي رئيس جي هنڌائڻ جهڙي.“

رئيس کلڻ لڳو ۽ رجب کي شاباس ڏيندي چيائين: ”واه ڙي رجب واه!“

”سائين الماس جو ذڪر ٻڌي چرڪي ويا. چيائون: هوءَ اڃا ننڍي آهي ۽ سندس نٿ به ڪانهي لٿل.“

”مان چيومان ته رئيس نٿ لاهيندس.“ رجب ايترو چئي وري چوڻ لڳو: ”سائين ٻي ڳالهه ته ٻڌ.“

”ٻڌاءِ.“

”الماس اڃا ڪنواري اٿئي، جڏهن ڪو جوان ماڻيندس، تڏهن اها نٿ لهندس.“

”هان!“ رئيس عجب ۾ پئجي ويو ۽ وري تصور ڪري مشڪڻ لڳو.

رجب وري ڇڏيل ڳالهه کي اتان ئي شروع ڪيو: ”سائين هو تيار ته آهن، پر چون ٿا ته پهريون رئيس کي نٿ لاهڻ جي رقم ڏيڻي پوندي. گهٽ ۾ گهٽ ويهه هزار، پوءِ ماهوار خرچ، بنگلو، ساز سامان، نوڪر چاڪر سڀ ڏيڻا پوندس، جي دل جهلي ته هليو اچي لاهور.“

رئيس اهي ڳاتي پڳا خرچ ٻڌي سسي ويو ۽ ڪنڌ هيٺ ڪري سوچڻ لڳو. اتي رجب ٻيو جم چوڙيو: ”سائين، هن حرامي فتح خان به پنهنجو چاري ڇڏيو آهي.“

”هان!“ رئيس کان چرڪ نڪري ويو.

”ها سائين، صبح جو وجان ته قادو پيو ڏوڪڙين سان ٺهڪڙا ڏئي ۽ سسڪا پسڪا ڪري. مون کي ڏسي هليو ته ويو، پر جڏهن ڳالهائي موٽيس ته وري مليو. مچون وٺيندي چيائين: بابا ملهه جي شيءِ آهي، اتي واڪ هلندا.“

رئيس جو ڪنڌ سيني سان لڳي ويو. رجب ٿوري دير ڏانهس تڪي چوڻ لڳو: ”منهنجي ڳالهه مڃين رئيس ته ان ڳالهه کان پاسو ڪري لنگهه. انهن ماڻهن کي محبت جو کهڙو قدر، کين ته رڳو روڪڙ جام گهرجي، پلي فتح خان جو ئي پٽ گهاٽو ٿئي.“

رجب کيس نيڪ صلاح ڏني. رئيس، جيڪو فتح خان جو نالو ٻڌي سڙي ويو هو، تنهن اها ڳالهه ڪٿي پئي مڃي. هن ڪڙڪيدار آواز ۾ رجب کي چيو: ”وڃي کين چئو ته اسين ان ڳالهه ۾ ٻڌل آهيون ۽ هڪ هفتي اندر وٽن پهچي وينداسون.“

لاهور جي تياري ڪندي رئيس گهر سنڀاليو ته روڪ پئسو ته نالي ڪاڻ ڪونه بچيو هو. وڏي رئيس جي فوتيءَ بعد خرچ وڌي ويا هئا ۽ هن هن ۾ پيو خرچ ٿيندو هو. شڪار، دعوتون، جيپون، اليڪشن ۽ پيٽرول ته سڀ اتان نڪتا هئا، پر ٽن راتين جي راڳ به کيس چڱي چوٽ ڏني هئي. ان مسئلي بابت ڪمدار حاجيءَ سان ته صلاح ڪرڻي ڪانه هئي، جو هو ڏاڍ گهوڙا ڪندي چوي ها: ”ڏنئي رئيس، چوندو هومانءِ ته چادر آهر پير ڊگها ڪجانءِ.“ سو رجب کان وڌيڪ کير هڏ ڏوکي هو. رجب کي گهرائي سڄي ڳالهه سمجهايائين. رجب به ٿي منٽ سوچي چيو: ”سائين ڦٽين جو فصل لهڻ تي آهي. سيٺ سان اڳواٽ ٻول ڪبي ته ڏوڪڙ جام ٿي پوندا. باقي اگهه ٿورو گهٽ مليو ته کهڙي ڳالهه، شيءِ پنهنجي آهي.“

”ائين ته ڪٽي ڪيون، پر پورت ڪيئن پوندي؟“ رئيس دل ۾ حساب ڪندي چيو.

رجب وري ٽيبيءَ ۾ پئجي ويو ۽ ڳپل مهل کان پوءِ چيائين: ”سائين اوهان کي هاڻي خير سان جيپ آهي، هينئر ايترن گهوڙن جي کهڙي ضرورت آ؟ چڙهو به ڇٽي ڇماهي ٿا، ٻيني ٻيني پير ڪاري ويندا. هزار ڏيڍ ۾ ته هڪ هڪ وهٽ ويندو گهٽ ۾ گهٽ.“

ايترو چئي رجب، رئيس ڏانهن نهاريو. هن رئيس جو ردعمل پئي جاچڻ گهريو. رئيس کي غور سان ٻڌندي ڏسي، هن وري چيو: ”مينهون به ڪوڙ ٻينيون آهن. پورو سايو به ڪونه ٿو ٿئي، کير لاءِ چار ڪافي آهن.“

رئيس رجب جي صلاح ٻڌي ڀڪڻ لڳو ۽ ڪمدار حاجيءَ کي گهرائي اهو حڪم ڏنائين. هو اهو حڪم ٻڌي وائڙو ٿي ويو: ”رئيس وهٽ ۽ مال ته زميندارن جو ياڳ آهن، پنهنجو ياڳ ٿو وڃائين!“

رئيس تڪڙو پوڻ بجاءِ ڪيس ٿڌي سيني سان سمجهائڻ لڳو: ”حاجي، گهوڙن تي چڙهان ڪونه، بيٺي بيٺي پير ڪاري ويندا. مينهون به اجايو ڪوڙ بيٺيون آهن.“

پر ڪمدار حاجي، جو ننڍي رئيس جي هڪ هڪ وک ڪي وڏي رئيس جي ڳالهه سان پيٽيندو هو، تنهن کي اها ڳالهه وڏي رئيس جي ”سنت“ کان ابتڙ لڳي، سو هو چوڻ لڳو: ”رئيس وڏو به پڇاڙيءَ ۾ انن تي چڙهندو هو، پر دل ۾ اهو خيال به نه آندائين ته ڪو فلاڻو يا فلاڻو وهٽ وڪڻي ڇڏيو. رهندو ڇٽي ڇماهي پيو چوندو هو: ڪمدار، جو پلو گهوڙو نظر ۾ هجي ته ٻڌائجانءِ.“ رئيس حاجي جي ڳالهه ٻڌي ٽپي ويو ۽ چوڻ لڳو: ”توکي سؤ ڀيرا سمجهايو اٿم ته اهو زمانو ٻيو هو، هي زمانو ٻيو آ.“

ڪمدار حاجي ڏڪو ٻڌي ماٺ ڪري ڏانهس نهارڻ لڳو. رئيس وري حڪم ڏهرايو: ”سواءِ سمنڊ جي ٻيا سڀ وهٽ وڪڻي ڇڏ. مينهون به ڇڙيون چار ڇهل، ٻيون ٽين واڪ ڪر.“ ائين چئي رئيس ٻئي طرف نهارڻ لڳو.

جڏهن رئيس سڀ سامان موجود ڪري لاهور پهتو ته الماس جو واڪ چڙهي ويو هو. استاد بندو خان، جنهن رجب سان ڳالهايو هو ۽ پڪ پڪان ڪئي هئي، تنهن پنهنجي لاچاري سمجهائيندي چيو: ”مان ڇا ڪيان، ٽيون ڏينهن هتي فتح خان اچي پهتو هو. هن چيو ته مان رئيس کان پنج هزار مٿي ڏيندس ۽ بنگلو به مسواڙ تي ونڻ بدران خريد ڪري الماس کي لکي ڏيندس. الماس جي ماءُ جي ته گگ ڳڙي پئي، پر شاباس آهي الماس کي، جنهن ماءُ کي صاف جواب ڏنو. ماڻس کيس گهڻو سمجهايو ته رئيس، فتح خان کان وڌيڪ پئسا ڪونه ڏيندو، پر هن ماءُ کي پڪ ڏني ته جي وڌيڪ نه ڏيندو ته گهٽ به نه ڏيندو. رئيس جا پهريون ته ڇهه ڇڄي پيا، پر الماس جي قرباني ٻڌي نري پيو. وڌيل واڪ جي کيس گهٽي ڳٽتي ڪانه ٿي. گپ ۾ گهڙڻ کان پوءِ ڦهنگن کان ڪهڙو ڊڄڻ. رئيس استاد کي چيو: ”نيڪ آ، مون کي سڀ شرط منظور آهن. باقي اها ڳالهه ڪليل اٿو ته مان کيس ڏنڊو ڪرڻ نه ڏيندس.“

”ها، اها ڳالهه ته ظاهر آ، اوهان جهڙا خاندان ڪٿي سهندا.“

”نه، پهريون ڳالهائڻ نيڪ آ، پوءِ ڪو ڪروڌ نه پوي.“

”بس اوهان بنگلو خريد ڪيو ته پوءِ دير ڪانهي.“ سڀتت ئي ٻن ٽن ڏينهن ۾ بنگلو خريد ٿيو ته الماس به سينگاري رئيس جي حوالي ڪئي وئي. رئيس خوشيءَ ۾ پر تي ويو، جو هن به هن وقت تائين ڳوٺاڻيونساديون سوديون، ميريون، گدليون زائفون ڏٺيون هيون، جي هٽ وجهڻ تي ڪجهيءَ جي ٿڌي وانگر وچائجي وينديون هيون، پر ان جي بدران جڏهن هن الماس جي ڳاڙهن ڳلن، ڊگهين ڊگهين پلڪن ۽ هرڻيءَ جهڙي اکين

کي ڏنو تہ هو بهار بهار ٿي ويو. ويتر جڏهن الماس پنهنجي گھنگھرن جھڙي آواز ۾ کيس پنهنجي محبت جو يقين ڏياريو ۽ کيس وعدو ڏنو تہ ڇهن اٺن مهينن کان پوءِ هوءَ ساڻس ڳوٺ هلي رهندي تہ رئيس کي پنهنجا سمورا خرچ سجايا لڳا. صبح جو جڏهن رجب مشڪندي ڪانئس احوال ورتو تہ رئيس ٽڏا ساه پريندي چيو: "رجب، مان الائي ڪيئن ٻاهر آيو آهيان، نہ تہ دل نٿي گھري تہ ڪو ٻاهر اچان، مون کي تہ چريو ڪري ڇڏيو اٿائين."

مهيني ڏيڍ کان پوءِ رئيس، رجب کي حڪم ڏنو تہ ڪيئن بہ ڪري، موديءَ کان پئسا وٺي اچي. رجب حيران ٿي پڇيو: "ڇو، ڇا ڪندؤ سائين؟"

"رجب، ڪيس ٻٽي زيور نهرائي ڏيڻا آهن. زيورن کان سواءِ ٻسي آهي."

"پر توهان جو ڪھڙو ڪم!"

"ڇا ڪيان رجب، ڪيس انڪار ڪندس تہ روئي روئي منهن سڄائيندي، پرچاڻيءَ ۾ وري وڏيڪ ڏيڻو پوندو."

"پر سائين، ايترو خرچ تہ نيڪ ڪونهي."

"پر جتي درياه ٽپي ويا آهيون، اتي اڌ تي ڪھڙو بيهون. گھٻراءِ نہ. سڀ خرچ سجايا ٿيندا." رئيس الماس واري واعدي ڏانهن اشارو ڪندي چيو.

رجب حڪم جو ٻندو، انهيءَ ڏينهن هليو ويو ۽ ٻن ٽن ڏينهن کان پوءِ پئسن آڻڻ بدران خود سيٺ خدا بخش ميمڻ کي وٺي اچي نڪتو. سيٺ هٿ ٻڌي چيو: "سائين، مان اوهان جو نيمڪ خوار آهيان، پر اهڙو تونگر ڪونہ آهيان، جو لک پيا هجن. ووٽن وارا پئسا بہ پٽ ست ڪري ڏنا هئم، رهندو ووڻ بہ مليا گھٽ. اليڪشن وارا بہ پندرهن هزار اجا بيٺا آهن."

"ڪيئن سيٺ، حساب ڪر."

سيٺ ٻندي ڪولي: "سائين هي ڏسو، پنجاهہ هزار ورتو، بہ هزار مڻ پوليو، پنجويهن جي اگھہ سان، ڏنو هڪ هزار مڻ. اگھہ هينئر ووڻ لهن چاليهہ روپيا، چاليهہ هزار ٿيا نہ. اوهان ڏانهن اليڪشن وارا پندرهن گڏيو تہ ٿيندا پنجونجاهہ هزار."

حاضر سيٺ ڏيندا سين، پر هينئر تہ ڏهاڪو هزار ڪن ڏيار." "سائين ڪاڏهون ڏيان؟ جي بينڪ مان تو وٺي ڏيان تہ وياج ڳاٽي ڀڳو پوندو. ايتري رقم ڪٽڪ مان ڪٿي لهندي، نر فصل تہ اهو ووٽن جو هو."

"پوءِ ائين ڪنداسين تہ جيڪي پئسا ڪٽڪ ۾ لٽا، نہ تہ وري آئيندي واري ووٽن ۾."

"نہ سائين، اتي منهنجي پوري ڪين پوندي."

اتي رجب، رئيس کي ٻاهر ڪڍي سمجهايو ته سيٺ خدا بخش ته پئسن ڏيڻ لاءِ تيار هو، پر ڪيس پڪ ڪانه ٿي هئي. لاشڪ ته پوءِ اتس ته پئسا نه مارجي وڃن. رئيس رجب جي ڳالهه دل سان هنڊائي ته برابر لڳي. هن رجب کان صلاح گهري: ”پوءِ ڇا ڪيون؟“

”بس سيٺ کي پڪ لاءِ ڪو دستاويز لکي ڏيو.“ رجب ڪيس سمجهائيندي چيو.

رئيس ڳالهه سوچي سيٺ کي چيو: ”سيٺ هاڻي وات تو ڏيانءِ. تون ٽوٽل رقم جو جوڙ ناهي مون کان شرطي وڪري جو دستاويز لکي وٺ، جي ان مدت ۾ پئسا نه ڏنامانءِ ته منهنجي زمين ڇٽي، بس نه.“

”سدائين، خدا خدا ڪر. زمين الله اوهان کي اجا به سرس ڏئي جو تنهنجي پڳهر مان پيا ڪائون. اسان واپارين جو زمين سان ڪهڙو واسطو، اسين رڳو موڙيءَ جي سلامتي ڏسندا آهيون. جي اوهان دستاويز لکي ڏيندؤ ته مان به پٽ سٽ ڪري اوهان جو ڳهو چاڙهيندس، پر سائين شرطي ٽڪرن جي پئدا ڪير ڪٽندو؟“

”مان، تنهنجو ڪم پئسن سان.“

”سائين، اتي منهنجي پوري ڪيئن پوندي؟ گهر مان سڀ پئسا ڪڍي ڏيان ته منهنجو واپار وڙو ڪيئن هلندو، ڏنٽو، ڪارپت ڪيئن وڄائيندس؟“

رئيس سن ۾ پئجي ويو. پر ٿوري دير ۾ هن ڳالهه ڳٽي ته جي فصل لهڻ کان اڳ هن بئنڪ مان يا سرڪار مان تقاوي وٺي سيٺ کي پئسا واپس ڪيا ته پوءِ سيٺ جو فصل تي ڪو حق نه رهندو، جو اهو شرطي وڪري جو دستور هو. هن سيٺ کي چيو: ”چڱو سيٺ، تنهنجو ئي پٽ گهاٽو. انهن ٽڪرن جي پئدائش تون ئي ڪٽجانءِ، پر جنهن مهل توکي پئسا مليا، ان مهل تنهنجي حقداري ڇٽي.“

”ها سائين، پر منهنجا پئسا نه مارجو.“ سيٺ رئيس جي پيرن تي ڪري پيو.

”نه سيٺ، تون دلجاءِ ڪر، توسان ورهن جو وهنوار آ.“

سيٺ حساب ڪتاب ناهي رئيس کي ڏنو. رئيس ڏانهن ڪل رقم تي پنجهٺ هزار. رئيس به سؤ ايڪڙ شرطي وڪرو ڪري سيٺ کي ڏني، پر سيٺ کي ويندي چيائين: ”سيٺ، هن ڳالهه جي خبر ڪنهن کي نه پوي، نه ته پوءِ ڪونه نهنداسون.“ رئيس کي اچي پنهنجي عزت جو فڪر ورايو.

”ڪهڙيون ٿو ڳالهيون ڪرين سائين، اسان واپارين جي دل ته کوهن جهڙي اونهي ٿيندي آهي.“

رئيس کي ڳوٺ ڇڏي ڇهه مهينا گذريا ويا. ان وچ ۾ هن پويان جي ڪا سار سنڀال ڪانه لڌي، وچ واڙيءَ ڳوٺان خط پئي آيا. هڪڙي خط ۾ ڪمدار حاجيءَ فصلن جي

گهٽ ٽيڻ جو لکيو هو تہ پندرهن ڏينهن کان پوءِ ٻئي خط ۾ خود ڪمدار حاجي جي وفات جو ذڪر هو. رئيس ويو ڪونہ، باقي ڪمدار جو ڪيس ڏک ٿيو. سڄو ڏينهن پئي رجب سان ڪمدار جون ڳالهيون ڪيائين: ”رجب، حاجي مڙس پلوڙ هو. اسان سان چڱا ڳڻ ڏنائين.“

”ها سائين، اهڙا خيرخواه ڪٿي ليندا.“ رجب بہ ها ۾ ها ملائيندي چيو.

رجب کي تہ حاجيءَ جو ڏک ٿيو هو يا نہ ٿيو هو، پر ڳوٺ کان ايترا ڏينهن پري رهي ڪڪ ٿي پيو هو، ان ڪري رئيس کي چيائين: ”سائين، هن موقعي تي هلڻو ضرور آهي.“

پر رئيس ڳالهہ ٽنائي ويو ۽ چوڻ لڳو: ”هينئر هلي ڇا ڪيون، هلجي ها تہ بروقت. هتي بہ الماس کي اڪيلو ڪيئن ڇڏي هلبو. گهوڙا ۽ زالون ران سان نہ هونديون تہ ڪو سڌو هلنديون.“ اتي تہ رجب ماٺ ڪئي، پر هڪ ڏينهن رئيس کي زال جي بيماريءَ جو خط پهتو تہ ڳوٺ جي تياريءَ کان سواءِ ڪو چارو نہ هو. ڳوٺان لکيو هئائونس تہ جي زال جو منهن ڏسڻو هجيس تہ خط کي تار سمجهي. رئيس بہ نہ وڃي تہ لوڪ ڇا چوندو. زال سڳي سوٽ، جنهن سان هن شوقون لائون ڏنيون هيون، جا پوئتان سندس منڊل کي ناهيو نڪيو ويني هئي. الماس بہ اهو ٻڌي ڪيس چيو: ”توکي ضرور وڃڻ گهرجي، هي وقت دير جو ناهي.“

”تون ڪڏهن هلندينءَ؟ وعدو پاڙ نہ!“

”تون موٽي آ تہ هلنداسين.“ الماس ڪيس پڪ ڏني. پر رئيس اڃ سيان تياريون ڪندي جڏهن ڳوٺ پهتو تہ جوٽس قبرستان ۾ پورجي چڪي هئي ۽ پوئتان سندس ڳالهيون هيون تہ ڪيئن هن آخري وقت تائين سندس انتظار ڪيو ۽ ڳوڙها ڳاڙيندي دم ڏنائين.

رئيس ماٺ ميٺ ۾ زال جا ختما جماڻ ڪري، پوڪ پلاه ۽ راڄ ڀاڳ ڏانهن نظر ڦيرائي ڏٺائين تہ پوئتان اونده ٿي وئي هئي. ڪمدار حاجي کان پوءِ هرڪو مڇ ٿي ويو هو. جنهن کي جتان پئي وارو لڳو، تنهن اتان پئي ڪاڏو. پنهنجي سمجهہ آهر مناسب انتظام ڪري جڏهن هن وري لاهور جي تياري ڪئي تہ جيئن الماس کي پاڻ سان وٺيو اچي، تہ سندس نوڪر حيات، جنهن کي الماس جي سار سنڀال لاءِ ڇڏي آيو هو، ڦيلهڙو منهن ڪري اچي واپس نڪتو. رئيس کي چيائين:

”اوڏانهن هلڻ جو ڪو ضرور ڪونهي رئيس!“

”ڇو ڙي؟“

اتي هيڏيون اکيون ڦوٽاريو وينا آهن. چون ٿا ته: ”ڪو رئيس الماس کي خريد ته نه ڪيو آهي.“

”باقي اهو بنگلو، ٽيڙ ٽاڙي، ڏاڏانهن جا آهن!“

”هو – هو چون ٿا، بنگلو اسان جو، ٽيڙ اسان جا. رئيس ٻن ٽن ڏينهن جو مهمان هو، هاڻي ٻيو در جاچي.“

”ائين ٽيندو جو پٺهين جي بادشاهي آ.“

پر جڏهن رئيس اتي پهتو ته ڏٺائين ته واقعي حيات جي ڳالهه سورنهن آنا سچي هئي. استاد بندو ۽ ٻيا سازندا، جيڪي سندس پيرن تي پيا هوندا هئا، سي شينهن ٻڌيا وينا هئا. الماس جي ماءُ ته ٻري پئي. پيڪدان ۾ پڪ اڇلي هن هٿ نچائيندي چيو: ”رئيس، اڄ نڪاح ٻڌين تي وس نٿو هلي، هتي ته قرب جو معاملو هو. اشراف ٿئين ته واپس موٽي وڃ.“

”واپس ڪيئن ويندس؟ هتي سر جون سٿون آهن يا توهان هوندؤ يا مان.“ رئيس ڏاڍر ڪئي.

”هل هل، اهڙا رعب ڳوٺ ۾ هارين تي ڏيکاريا اٿئي. جي اشرافت سان نڪرندين ته پوءِ.....“ الماس جي ماءُ ٻن ٽلهن متارن مڪرانين ڏانهن اشارو ڪيو، جي ماڙن سانن وانگر پئي گهميا.“

”چڱو ڀلا، مون کي هڪ ڀيرو الماس سان ٻه منٽ ڳالهراءِ، پوءِ مان هليو ويندس.“

رئيس هينائين ڪئي. هن جي خيال ۾ الماس ڪنهن ڪوٺيءَ ۾ بند پئي هوندي ۽ هن لاءِ روئي روئي اکيون سڄائي ڇڏيون هونديون. ڪيس ڏسي هوءَ چنبڙي پوندي ۽ اتان ڪڍي هلڻ لاءِ ايلاز ڪندي. هن ڪوڙ اهڙا مامرا هٿن مان ڪڍيا هئا ته جنهن پاسي زائفان هوندي هئي، اهو پاسو چڙهتو هوندو هو، پر الماس جي ماءُ رئيس جي دل جي پير تي زور سان ڏونڪو هڻندي چيو: ”اها هتي ڪانهي، رئيس فتح خان سان گهمڻ وئي آهي.“

رئيس جون اکيون اهو ٻڌي رت ڇڏڻ لڳيون. سندس سمورو بت ڏڪڻ لڳو. هن جو هڪ هٿ چيلهه ۾ ٻڌل ريوالور ڏانهن ويو، پر رجب ڪيس هٿ کان گهليندو ٻاهر وٺي ويو. ڪيس ٻانهون ٻڌي چيائين: ”ايترو ابهرو نه ٿي رئيس.“

”اڃا ابهرو نه ٿيان. هنن پوءِ ڪاڻ ڇڏي آهي؟“

”هنن جو ڪهڙو قصور، هي ته پئسي جا پٽ آهن. مون کي باهه هن حرامي فتح خان تي آهي، جنهن کي شرم ٿيو نه حياءُ، پرائي چڪاٽل مڇي به ڪانه ونبي آهي، هي ته زائفان ماڻهو هو.“ رجب کيس سمجهائيندي چيو.

ڳوٺ موٽندي رئيس کان ننڊ آرام وسري ويو. سڄي وات اها پئي ڳالهه سوچيائين. فتح خان منڍ کان وٺي کيس اچايو هو. پهريون پهريون ساڻس اليڪشن ۾ مقابلو ڪيو هئائين. اتي رئيس وڏي دنيا خرچ ڪري هارايو هو ته وري ساڻ کان سندس هارين نارين جون چوريون چڪاريون شروع ڪرايون هئائين. مٿس ڪا فلڪ ڪونه آٽيندو هو ۽ رهندو چوندو وتندو هو، ”ڪلهوڪو چوڪرو ٿو مون سان سينو ساهي، ٽڪرن سان ٿو مٿو هٽي!“ راڳ جي محفل ۾ به هن اچاٽ ڪئي هئي ۽ کيس طعنو هٽي قرايو هئائين، نه ته هو رڳو پير پرڻ خاطر آيو هو ۽ پنجاه سؤ روپيا ڏئي وڃي ننڊ ڪري ها. وري جڏهن هن الماس کي ساهيو هو ته ماڻهو بچي واڪ وڏايا هئائين. اتي به ڪامياب نه ٿيو ته هي وار وري ان وقت ڪيو هئائين، جڏهن هو الماس پنيان پنهنجيون پنيون، مال متاع، زيور زاڙي دڦ ڪري پنهنجو پاڻ کي تباه ڪري چڪو. الماس، الماس جي ماءُ ۽ استاد بندو خان وارا پئي جا پٽ هئا، جو اهو انهن جو ڏنڏو هو، پر سندس اصل مدعي ته فتح خان هو.

رئيس جڏهن پنهنجي ڳوٺ واري اسٽيشن تي لٿو ته هو هر طرح سوچي فيصلو ڪري چڪو هو. هن اچڻ سان پنهنجي ٽولي کي گهرايو ۽ کين مهٽو ڏيندي چيائين: ”اڙي شير آهيو ڪن لوغان؟“ مهٽو ٻڌي همراهه مري ويا. ٽولي جي اڳواڻ محرم پنهنجي اڇي ڪهاڙيءَ جي ڪهوءَ جي ڳن کي سنپاليندي چيو: ”رئيس، تو اصل کان آزمايو آ ته شير آهيون.“

”ته پوءِ فتو جنهن ڏينهن موٽي اچي ته ٻيو ڏينهن کين نه ڏسي!“

”ائين ئي ٿيندو رئيس، پر پوءِ جون پارتون اٿئي.“ محرم دليري سان چيو.

”صوبيدار پنهنجو يار آهي، سون ۾ توري ڇڏيندوسانو.“ رئيس کين دلجاءِ ڏني.

فتح خان جي به قضا پڄي آئي جو ٻنئين سانگي ڳوٺ موٽي آيو. همراه اڳ ۾ ئي کيس تاڙيو وينا هئا. چئن ئي ڪهاڙين ۾ کيس سمهاري ڇڏيائون.

فتح خان جهڙي ناماري زميندار جي خون تي اپ ڏري پيو. ضلعي جي سڄي پوليس اچي ڪڙڪي. راڄن ۾ پاڪر ڪتا وجهي ڇڏيائون. آخر اها ڳالهه پوليس کان ڪيئن ٿي لڪي ته فتح خان ساڻ ڪنهن جو مدائيو هو. توري ڳالهه ڪلي ته اڏرندي وئي. آخر اهو ڏينهن اچي پهتو، جو رئيس جو دوست صوبيدار هزار خان وڏي عملي سميت اچي

رئيس جي ڳوٺ پهتو. رئيس کي چيائين: ”رئيس، توتي فتح خان جي خون ڪرائڻ جو الزام ثابت آهي. توسان گڏ ان ڏوهه ۾ محرم، صفر، آدم ۽ دلاور آهن.“

رئيس تہ پهريون گهٽي پڪائي ڪئي، پر پوءِ جڏهن ٻي ڳالهہ ڪانہ سجهيس تہ صوبيدار کي پٽڪا ميڙيون ڪري، دوستيءَ جا واسطا وجهڻ لڳو. پر ڦقڙ نہ گوشت، ڪامورو نہ دوست، صوبيدار کي اهڙو وارو وري ڪيئن پئي مليو. هو چوڻ لڳو: ”نہ رئيس، مون کان هيءَ ڳالهہ زور آهي. هتي تہ عرش قاتل آهي.“

”تون سيني ڳالهين جو مالڪ آهين، ٻيا ڪامورا توکان ٻاهر ڪونہ ويندا.“ رئيس ڪيس ايلاز ڪندي چيو.

”چڱو مان وڏي صاحب سان ڳالهايان ٿو، باقي پئسا گهڻا لڳندا.“

”جيڪو انگ چوندو اهو ڏيندس. باقي هيءَ مهر هڻ.“

”چاليهارو هزار تہ اوس لڳندءِ. مون کي تہ توکان پئسو ونڻ حرام آ، باقي سپاهي کان وني ايس پي تائين پيٽ پرٽو آهي.“ صوبيدار دستور موجب چيو.

اتي رئيس رجب کي ٻاهر ڪڍي صلاح ڪئي: ”چا ڪيون رجب؟“

”سائين، خون جو الزام آ، ڪو چرچو ڪونهي. ڏنو پٽ چٽي جو.“

”صوبيدار تہ وڏو چڪ هنيو آهي، ڪٿان ايندا ايترا پئسا؟“

”سائين عزت کان مٿي پئسو ڪونهي. تون صوبيدار کان مهلت وٺ، ڏوڪڙ ڪري ونداسون.“ رجب ڪيس دلجاءِ ڏني.

صوبيدار کان ٻتي ڏينهن مهلت وني، رئيس هيڏانهن هوڏانهن مدد لاءِ واجهايو تہ هرڪو پري بيٺو هو. سيني کي ڪا نہ ڪا لاچاري هئي. آخر ٻيو کهڙو رستو هو، سواءِ سيٺ خدا بخش جي گهرائڻ جي. رئيس ڪيس نيازي سان چيو: ”سيٺ، مهلون مڙسن تي اينديون آهن، ڪو ياڙين تي ڪونہ، اڄ ڪا واهر ڪر.“

”رئيس، حج واري جو قسم، ڪلهہ فتح خان جي ياءُ ڪمدار هٿ نياپو موڪليو هو تہ جي رئيس کي پئسا ڏنئي تہ ڳانو ئي توکي ٻڌنداسين ۽ خون ئي توکان اڳاڙبو.“

خدا بخش کي پوتي ڪيرائيندو ڏسي رئيس ڪيس ليلهڙات ڪيا: ”خدا بخش ائين ليئن ڪندين؟ توکان سواءِ کهڙو آسرو آ!“ ”نہ رئيس، مون کي معافي ڏي. مان ان ٻاه ۾ ٽپو ڪونہ ڏيندس.“ پر رئيس جڏهن ڪيس ٻيا ٻہ سؤ ايڪڙ ٺوري مدي تي شرطي وڪرو ڪري ڏنا تہ سيٺ جو مس مس پيؤ لٿو ۽ ٻڪي ٻوڙي پئسا پورا ڪري ڏنائين.

رئيس صوبيدار کي پئسا ڏئي پنهنجي تہ جان ڇڏائي، پر جي محرم وارن جي ڪورٽ ۾ پيروي نہ پئي ڪرايائين تہ ڪيس وري لوڏو هو. هنن ملاقاتين جي معرفت ڪيس

نياپو بہ موڪليو هو ۽ چورايو هئائونس تہ: ”رئيس، اسان تنهنجي ونگار اڙها هئاسين، نہ تہ فتح خان سان اسان جو ڪو مديپو ڪونہ هو. هينئر اهي سڀ هرج خرچ توتي آهن. اسان جو تدارڪ ڪر، نہ تہ پاڻ قبولدار ٿي توتي بيان ڏينداسون.“

رئيس اهڙو اڻ چاڻ ڪونہ هو جو وساٽل باهہ کي وري چوچڙي ڏئي ڀڀڙ ڪري. هن ڪين دلجاءِ موڪلي. سيٺ کان ٻيا پئسا وٺي اهڙو وڪيل ڪيو، جنهن لاءِ مشهور هو تہ هن ڪيترن ڏوهين کي ڪورٽ ۾ تہ ڇا، پر ڦاسي گهاٽ تان بہ ڇڪي مان ڦاهو ڪيرائي آزاد ڪرايو هو.

آخر هڪ سچ اهڙو بہ اپريو جو سيٺ خدا بخش، جنهن رئيس جو نمڪ ڪاڌو هو ۽ سندن واپار وڙي مان وڌيو هو، وڏي شان ۽ ٺٺ سان تعلقي مختيارڪار سان گڏ رئيس جي ڳوٺ آيو. مختيارڪار رئيس کي چيو: ”رئيس، تنهنجي لکي ڏنل دستاويزن موجب هيءَ سموري زمين، وٽن، اڏن، ڪسين سميت سيٺ خدا بخش جي آهي ۽ تنهنجي ڪابہ حجت نہ آهي.“

رئيس پهريون تہ مختيارڪار سان گهڻو گوڙ ڪيو، پر مختيارڪار سندس هڪ بہ ڳالهہ وزن تي نہ آندي ۽ ڪيس چيائين تہ هو بالا آفيسر جي حڪم موجب سيٺ کي سرڪاري طرح قابض ڪرڻ آيو آهي ۽ جي هن ڪو گوڙ وغيره ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي تہ پوليس کي گهرائي ڪيس ٻي دخل ڪندو.

رئيس وڏيڪ ڇا پئي ڪري سگهيو. سڄي ڳالهہ سندس پنهنجي هٿ جي وڍيل هئي. هن مختيارڪار کان مهلت گهري:

”بس اجوڪا ٿي پهر ترسو. مان رات جي پيٽ ۾ هليو ويندس.“ ان رات جي پوئين اسر جڏهن ڪڪڙن ٻانگون ڏنيون، تڏهن رئيس پنهنجي سمنڊ جي پٽي ٽپي مٿس سنج وڌا ۽ آلين اکين سان پنهنجي ڳوٺ ۽ ٻنين ڏانهن نهاريندي، سڙڪ ورتائين.

پوءِ گهڻا گهڻا ڏينهن پوءِ، جڏهن سندس ڪپڙا ميرا مٽيءَ جهڙا ٿي ويا هئا ۽ سندس منهن جهولي ۾ مسافري سبب ڪاراٽجي ويو هو، هو هڪ اهڙي ڳوٺ کان لانگهائو ٿيو جو سهڻي نموني ٻڌل هو. ڳوٺ جي چوڌاري پوريون لٽاشيون ٻنيون هيون، جن ۾ ووڻ ۽ جواريون ڏکڻ جي هير تي پئي جهوٽيون ۽ وچ ۾ اوڏڪيون پٽيون، چناوان گهر، قبائين مسجد، شاهي ڪوٽ ۽ ان جي وچ ۾ پڪ – سري حويلي ڳوٺ کي ڪنيو بيٺي هئي. رئيس ڳوٺ جي ٻاهران هڪ بينل هڪ ماڻهو کان بي اختيار پڇي ورتو:

”ادا! ڪنهن جو ڳوٺ آ؟“

”وڏيري غلام عمر خان جو.“ ان ماڻهوءَ ڪيس جواب ڏنو. الائي رئيس گهوڙي جي پاڻ واڳ موڙي يا ويچاري سمنڊ تڪ سبب پاڻ ڳوٺ ڏانهن رخ رکيو ۽ شاهي گهتي لتاڙي اچي اوطاق جي وڏي در تي بيٺو. رئيس گهوڙي تان لهي ان ڪي آهر سان ٻڌو ۽ اڳڻ ڏانهن نهاريو، جتي ڳوٺ جو وڏيرو کٽ تي ليٽيو پيو هو. سندس چوڌاري هيٺ ڌرتي ۽ منجين تي نوڪر چاڪر، ڪڙمي ڪاراوا ويٺا هئا. رئيس اهو نظارو ڏسي زمين ۾ کپي ويو. سندس قدم اڳتي وڌڻ کان پڙ ڪدي بيٺا. پر جڏهن ڪيس سڄي ڏينهن جو لنگهڻ ۽ خالي کيسو ياد پيو، ته هو هٽڪندو هٽڪندو، بيهندو بيهندو اڳتي وڌيو ۽ وجي اتي پهتو هو، جتي ڪچهري لڳي پئي هئي. پوءِ جڏهن وڏيري غلام عمر خان ٻيا سڀ ماڻهو اٿاري ڪيس جيءُ ڪئي، تڏهن هن ڪنڌ هيٺ ڪري اکيون ٻوٽي چيو: ”خان، مان به تو جهڙو ئي زميندار هوس، پر زماني جي گردش سبب هي حال اچي ٿيا آهن. تو وٽ لنگهي آيو آهيان ته پنهنجي شان تي جيڪي سري سگهين سو ڏيئنم ته گذر سفر ڪري وڃي ڪي وڻ ڏسان. ٻيو تنهنجي سربخت جو خير.“

# گٽس

گهڻن ڏينهن جي غير حاضري بعد، هو جڏهن پنهنجي نئين گاڏهي شيو ڪي ڪراچي ڪلب جي پورچ ۾ بيهاري، اندر بار ڏانهن وڃڻ لڳو ته سامهون ڪنهن ڪي ڊيل وانگر تلندو ٻاهر ايندو ڏٺائين. هن جا قدم اڳتي وڌڻ ڪان انڪار ڪري ويا. هوءَ پنهنجي ساڙهي جي پلو ڪي هر هر ادا سان ٻانهن تي ناهيندي لڏندي لمندي، سندس پرسان لنگهي ته نه چاهيندي به هن ڪان بي اختيار سيٽڊ نڪري وئي. هن نرڙ ۾ گهنج وجهي ڏانهس گهوريو ۽ هن شڪي تي منهن ڦيرائي ڇڏيو. پر جڏهن ”ڪورٽ شو“ جي سريلي پياري پياري ڪٽ ڪٽ اڳتي وڌي وئي، تڏهن هن منهن ڦيرائي ڏٺو ته هوءَ انهيءَ انداز سان اوچو ڳاٽ ڪيو ائين وڃي رهي هئي، جيئن ڪنهن تي فلڪ ڪانهِ هجيس. هو ٿڏو ساه پري اڳتي وڌيو ۽ بار ۾ وينل ميمبرن کي سلام ڪندو پنهنجي سنگت واري مخصوص ڪنڊ ڏانهن هليو ته ڏٺائين ته سموري چنڊال چوڪڙي ويٺي هئي. ڪيس ڏسندي ئي سڀ خوشيءَ مان رڙيون ڪري هن کي چنبڙي ويا.

”اڙي، تون ڪٿي هئين ايترا ڏانهن؟“ پروفيسر جيلاني ڪيس ڀاڪر پائي چيو.

”ڳوٺ ويو هوس، هارويسٽ جي سيزن هئي نه.“ هر ڪنهن کي سندس وڏي زمينداري جي خبر هئي، پر تنهن هوندي به هن وري ڪين ٻڌائڻ مناسب سمجهيو.

”پوءِ اڄ ڪلهه ته ڪيسا پر هوندا؟“ ڪئپٽن مسعود چيو.

”بلڪل“

”تون ته بنا موڪلائي هليو وئين، پر هتي ته گهٽا ماڻهو تنهنجي ڪاڻ سڪيا پئي.“ ڊاڪٽر سليم لفظ ”ماڻهو“ تي خاص زور ڏيندي چيو. هن ڊاڪٽر ڏانهن نهاريو، جنهن جي منهن تي شرارتي مشڪ هئي. اهو اشارو شاهده برني ڏانهن هو، جنهن سان هن جو ”افيئر“ هو ۽ جا اوچتو ئي اوچتو سندس ڳلي پئجي وئي هئي ۽ هن کي شادي جو زور پريو هئائين. هن ڊاڪٽر سليم سان صلاح ڪئي هئي، جنهن وري ڪيس به ٿي ڏينهن گسائي وڃڻ جي صلاح ڏني هئي. هو پنهنجي نيٽو ٽائون هليو ويو هو.

”اڄ ڪلهه ماڻهو ڪٿي آهن؟“ هن مشڪندي ڊاڪٽر سليم کان پڇيو.

”اتيئي، اوسي پاسي.“

هن نموني سان ڪنڌ ڦيرائي ڏٺو ته پريرو ”هوءَ“ هڪ ڪنڊ ۾ اڪيلي ويٺي هئي ۽ ڏانهس گهور ڪري پئي نهاريائين.

”اڄ ڪلهہ هتي وڏي لئي تي وئي آهي. ڪافي نوان ميمبر ٿيا آهن. خاص ڪري.......“ پروفيسر جيلاني مشڪندي چيو.

”ڪير آ هوءَ؟ پوري واقفيت ڪراءِ.“ هن جو شوق جاڳي پيو.

”مان تو ٻڌايانءِ.“ ڊاڪٽر سليم چوڻ لڳو: ”نالو اٿس پارس نياز احمد، هتان جي نئين ڪليڪٽر جي ڌيءُ، انٽروڊيوس ڪرايانءِ.“

”اها بہ پڇڻ جي ڳالهہ آ پيارا.“

”پر اٿئي انگور ڪٽا.“ پروفيسر جيلاني، حميد ۽ ناصر ڏانهن نهاريندي چيو، جي شڪي ٿيڻ لڳا.

”جڏهن مان بہ پڇان تڏهن چئجو، وارو ڪيو، واقفيت ڪرايو.“ شاهده برني جي افيئر ڪان پوءِ هن کي پاڻ ۾ وڏو پروسو ٿي پيو هو.

ڊاڪٽر سليم هال ۾ چوڌاري نظر ڦيرائي ڏنو ۽ چوڻ لڳو: ”يار، اڄهون هتي ويني هئي. شايد هينئر بليئرڊ روم ۾ هجي، اٿ تہ اوڏانهن هلون.“

الائي ڇو هن جي دل ۾ ڪڪي ويو تہ پارس اها ئي هئي، جنهن سان هو اچڻ وقت ٻاهر دوبدو ٿيو هو ۽ جنهن منهن ۾ سونڊ وجهي ڏانهس گهوريو هو. هو چوڻ لڳو: ”يلا انهيءَ لاءِ تہ نٿو چوين، جنهن کي اڄ آرينج بنارسي ساڙهي پيل هئي، جنهن جي ڳچي ۾ جيڊ جو وڏو هار پيو هو ۽ جنهن کي ڪارو ڪوٽ شو......“

ڊاڪٽر هن جي ڳالهہ اڌ ۾ ڪاٽي کيس گهوريندي چوڻ لڳو: ”اڙي اهائي، اهائي، ڪاٿي مليئنس؟“

هن ڪوبہ جواب نہ ڏنو، پر اکيون ڦرڙائي سينڊ وڄائڻ لڳو.

ٻئي ڏينهن، هن ڊاڪٽر سليم کان پيرائتي پڇا ڳاڇا ڪئي تہ هن سان ڪنهن جو ”افيئر“ تہ ڪونہ هليو هو ۽ ڪلب ۾ سندس گهٽو اٿڻ ويهڻ ۽ گهمڻ گهتڻ ڪنهن سان هو. پر ڊاڪٽر کيس ٻڌايو تہ خاص طرح ڪنهن سان ڪونہ.

”اهڙي مغرور آ ڇا؟“ هن پڇيو.

”يار خبي ئي ڪانہ ٿي پوي. هر ڪنهن سان ڳالهائي بہ فضيلت سان ٿي. پر ڪو ڊيگهہ رکڻ جي ٿو ڪري تہ ونءُ ٿي وڃي.“ اهي ڳالهيون پئي ٿيون تہ هوءَ بار ۾ لنگهي آئي ۽ ڪنڊ ۾ خالي ميز تي ويهي رهي. هن ڊاڪٽر سليم کي انٽروڊيوس ڪرائڻ لاءِ نونٽ هنئي ۽ ڊاڪٽر سليم هن کي هٿ کان وٺي ان ڪنڊ ڏانهن وڌيو ۽ ويجهو پهچي چوڻ لڳو: ”مس نياز احمد، ليٽ مي انٽروڊيوس، ماءِ ٽڪ فرينڊ مسٽر ذوالفقار علي خان.“

هوءَ اخلاقن اٿي بيٺي ۽ مشڪندي لانڊ سان چيائين: ”پليز...... زڊ تو ميٽ يو.“

”پر اسان سنگت ۾ ڪيس ان ڏکي نالي بجاءِ زلفي سڏيندا آهيون.“ ڊاڪٽر وري چيو.
ڊاڪٽر سليم ٿوري دير ويهي، بهانو ڪري هليو ويو ته هن ڪائنس پڇيو: ”ڪجهه پيئندؤ، مس نياز احمد.“
”ڪا خاص ضرورت ته ڪانه آهي.“ هوءَ ٽنائڻ لڳي. ”ڪڏهن ڪڏهن ضرورت ڪان سواءِ به ٻئي جي دل خوش ڪرڻ لاءِ هائو ڪبي آهي.“ هن ڏانهس ٿورو جهڪي مشڪندي چيو. اهي سڀ گر ڪيس ياد هئا.
”چڱو، مان شيري پيئنديس.“ پارس جڻ ته مجبور ٿي چيو.
هن خوش ٿي ويٽر کي اشارو ڪري شيري ۽ سڪسٽي نائين آڻن لاءِ چيو. بيري ٻئي گلاس آڻي اڳيان جهليا ته هن پاڻ وارو جام ٿورو مٿي کڻي چيو: ”تو اور فرينڊشپ.“
پارس عجيب بي نيازيءَ سان گلاس کڻي سِپ ڪندي چيو: ”تو اور اڪوئنٽنس.“ هو ڏک پچائي وڏا وڏا ڊِڪ پرڻ لڳو. هن محسوس ڪيو ته پارس سندس ڳالهه کي رد ڏئي، ڪلهوڪي سيند جو پلؤ ورتو هو. هن کي ياد آيو ته شاهده برني مشڪندي به ٿي قدم اڳتي ٽپي وئي هئي ۽ ڪيس گهرين نگاهن سان ڏسندي چيو هئائين: ”تو اور لو زلفي.“
هڪ ڏينهن هو ڪلب ۾ دير سان پهتو. بار ۾ بليئرڊ روم خالي پيون هيون. هو هڪدم بالر روم ڏانهن ويو. اتي ڏنائين ته هوءَ ويٺي هئي. سندس پرسان ڪو مرد ڪونه ويٺل هو. پر جي ڪو ويٺل هجي ها ته به ڪا وڏي ڳالهه ڪانه هئي. هن تازو ڊانسنگ اسڪول مان سکيا وٺندي وقت اهي جملي آداب چڱي طرح سکيا هئا. رڳو ويجهو وڃي اخلاق سان چوڻو پئي ها: ”مس نياز احمد سان ڊانس ڪرڻ جي اجازت آهي جناب؟“
”آف ڪورس سر.“ هو مشڪندي اجازت ڏئي ها. اهي بار روم جا آداب هئا.
هو ڪيس اتي وينو ڏسي خوشي ۾ پر ٿي ويو. ڪنهن سان ديگهه وڏائڻ ۾ ڊانس هڪ وڏي مددگار هئي. هن سوچي ڇڏيو ته پهرين رائونڊ ۾ ڊانس ڪندي پري رهندو، پر ٻن ٽن رائونڊن ڪان پوءِ هو چڱيءَ طرح گهاٽا ٿي ويندا ته هن کي قدري ڇڪي پنهنجي ويجهو ڪندو ۽ سندس هٿ جو گهيريو ٿورڙو ٿورڙو تنگ ٿيندو ويندو، تان جو هوءَ سندس سيني تي ڪنڌ رکي ڊانس ڪرڻ لڳندي.
آرڪيسٽرا وڄڻ لڳو ۽ جوڙا ڊانس ڪرڻ لاءِ اٿيا ته هن ٽڪڙو وڃي ٻئي ٻانهون نوڙائي ڪيس چيو ”May I“.

پر هن سندس وڏايل هٿن جي ڪا پرواهه نہ ڪندي وڏائيءَ سان چيو: ”پر مان تہ اهڙي سٽي ڊانس نہ ڄاڻان.“

”ههڙي سٽي ميوزڪ ۾ پاڻهي سکي ويندؤ.“ هن مشڪندي چيو. ”نہ نہ، مون کي معافي ڏيو تہ بهتر. مان اوهان جهڙي هوشيار ڊانسر سان ڪونہ هلي سگهندس. ماڻهو ڪونهن کلائيندا.“ پارس صاف ٽٽائيندي چيو.

هو مجبور ٿي پوئتي هٽيو ۽ شاهده برني سان ڊانس ڪرڻ لڳو. شاهده کيس حيرت سان تڪي رهي هئي. منڊي ۾ هن پاڻ آفر ڪيو هو تہ هو بهانو ڪري ٽٽائي ويو هو ۽ هينئر هوءَ بئي ڪنهن سان ڊانس ڪرڻ لاءِ تيار هئي تہ پاڻ مرادو کيس ڊانسنگ فلور تي وٺي آيو هو. بهرحال! هوءَ خوش هئي جو ذوالفقار کي وري سندس خيال ٿيڻ لڳو هو. هوءَ سندس ويجهو پوندي، هن جي سيني ۾ منهن لڪائي، کيس چوڻ لڳي: ”آءِ اسٽل لو يو زلفي.“

هو کيس ڪٿو جواب ڏيڻ ۾ هو تہ سندس نظر پر واري جوڙي تي پئجي وئي. اهي پارس ۽ ميجر اصغر هئا. هن کي ٻاهه وٺي وئي ۽ سندس منهن ڳاڙهو ٿي ويو. هن جا اسٽيپ بگڙي ويا.

”آر يو آل رائٽ زلفي؟“ مس برني کيس بي دليو ڏسي چيو.

”نہ مان خوش نہ آهيان، منهنجو مٿو سور ڪان ڦاٽي ٿو.“ هن روئٺهارڪو ٿي چيو.

”تہ پوءِ تون ريسٽ ڪر.“ هو ڪانئس معافي وٺي ٻاهر نڪرڻ لڳو تہ هن ڏٺو تہ پارس، ميجر اصغر سان ڊانس ڪندي، ٽيڏي اک سان ڏانهنس نهاري کيس چيڙائي رهي هئي.

هن جيڪو پاڻ کي ”سمال“ فيل ڪيو هو، ان جي لنوائي وسارڻ جو طريقو اهو هو تہ هو سندس منهن بلڪل نہ چڙهي، ان ڪري هو پنهنجو شامون ڪلب وڃڻ بدران ڪلفٽن يا سئنيما هائوس ۾ گذارڻ لڳو. پر هڪ ڏينهن ڪلفٽن تان موٽندي سندي ڪار، پنهنجو پاڻ ائين اچي ڪراچي ڪلب ۾ بيٺي، جڻ ان جو اسٽيرنگ سندس هٿ ۾ ڪونہ هو. هن ڏٺو تہ سموريون ڪرسيون ۽ ميزون لان ۾ پيون هيون ۽ جملي ميمبرن جي هڪ هنڌ گڏ ٿيڻ سبب وڏو گوڙ لڳو پيو هو. هو سمجهي ويو تہ اهو تمبولا جو پروگرام هو، ان راند ۾ هن کي ڪا دلچسپي ڪانہ هوندي هئي، جو خسيس هائوزي لاءِ ڪلاڪن جا ڪلاڪ هڪ هنڌ سکي ويهڻو پوندو هو ۽ هر وقت ڪن ڦاڙي انائونسر ڏانهن ڌيان ڏيڻو پوندو هو تہ متان هو ڪو نمبر چوي ۽ اهو نمبر مس ٿي وڃي. پر اندر بار ۾ اڪيلي ويهڻ کان ٻاهر ويهي ڪيڏندڙن جي خسيس هائوزي لاءِ هيڃ ۽ نمبر اچڻ تي هسٽريا جي مريضن وانگر رڙيون ۽ واڪا ڪرڻ جو مزو ڏسڻ

زياده دلچسپ هو. ان ڪري هو هڪ ڪرسي ڏانهن وڌيو ۽ ان تي ويهڻ وارو هو ته ڪيس پويان ڪنهن سڏ ڪيو. هن ڪنڌ ورائي ڏٺو ته پارس ڪيس سڏي رهي هئي. هن جي دل تي ته جيڪر ڏانهس نه وڃي ۽ سندس سڏ کي ڪو گوش نه ڏئي. ماٺ ڪري ويهي رهي، پر جڻ ڪو ڪيس هٿ ڪان وٺي گهلڻ لڳو ۽ هو ڏانهس گهلبو ويو.
”مس نياز احمد، اوهان مون کي سڏيو ٿا؟“ هن ويجهو وڃي ڪانئس پڇيو.
”اوهان نٿا ڪيڏو؟“ هوءَ مشڪندي ڪانئس پڇڻ لڳي.
”نه، مون کي هيءَ راند نٿي وڻي.“ ائين چئي هو پوئتي موٽڻ لڳو ته پارس هڪدم چيو: ”ته پلا مون کي هيلپ ڪيو نه.“
هو سندس پرسان ويهي رهيو ۽ ڪيس سمجهائڻ لڳو ته ڪيئن نمبر ڪٽبا وڃبا آهن ۽ ڪڏهن ڪائوزي پوري ٿيندي. ايتري ۾ انائونسر مائيڪ تي اعلان ڪري ڊبو ڪڍڪائي نمبر ڪڍڻ لڳو:
هٿ اينڊ رن سيون اينڊ ون.....
ايٽ سيون ماءِ وائفس ايج.....
هن پارس ڏانهن ڏٺو جا ڪارڊ ۾ اڪيون وجهي نمبر ۾ مشغول هئي. هو ڪرسي کي ٽيڪ ڏئي ڏانهس نهارڻ لڳو. ڪيس ڊو سان ڏسڻ جو اهڙو ڪڏهن موقعو نه مليو. هن پرپور نظرن سان سندس وڏن وڏن وارن کي ڏٺو، جي جوڙي جي شڪل ۾ چڪي ٻڌل هئا ۽ سندس ڪياڙي تي ٻچيل سنهڙا سنهڙا وار، جي جڙي ۾ نه اچي سگهيا هئا، پيارا پيارا پئي لڳا. لوڪٽ بلائوز ڪري پني، اڳ ۽ پيٺ جو گهڻو حصو جارجٽ جي ساڙهي سان ڍڪيل هئڻ جي باوجود جرڪيو پئي. هن جا گلابي اڌ ڪليل چپ ۽ برمي چمپل جي ٻن پٽين ۾ سهڻا صحتمند پير، هن جي چپل کي ڏڪائڻ لڳا.
انائونسر دستور موجب نمبر ڪڍي رهيو هو.
پنجو پنجو ففٽي فائيو....
لٽل لالي نمبر ٽري.
هن پنهنجي لٽل لالي جي ڪارڊ تي اوچتو نظر وڌي، جنهن ۾ اهو نمبر هو، پر ڪٽيل نه هو. هن جهڪي ميز تي رکيل ڪارڊ ۾ اڻ ڪٽيل نمبر ٽري تي آڱر رکيس ۽ هو سندس اشارو سمجهي ان کي ڪٽڻ لاءِ هيٺ جهڪي ته هن جي نظر ڳچي ڪان ترڪندي سندس سيني تي پئجي وئي، جو بلائوز جي قيد کي ڦاڙي ٻاهر نڪرڻ لاءِ آتو هو. اوچتو پارس جي نظر ڪيس گهوريندي پڪڙي ورتو ۽ مشڪندي چوڻ لڳي:

”اوهان سمورو وقت منهنجي تپاس پئي ڪئي آهي. نظر هٽندؤ ڇا؟“ ائين چئي هوءَ وري ڪارڊ ڏانهن ڏسڻ لڳي.
هو ٿورو مشڪيو ۽ وري ڪنهن سوچ ۾ پئجي ويو. سوچيندي سوچيندي هن فيصلو ڪري ورتو ته هوءَ اها ئي هئي، جنهن جي انتظار ۾ هن شاهده برني ۽ صوفيه احمد جهڙين پيارين ڇوڪرين کي به، جن هن جي هر جائز ناجائز گهر به پوري ڪئي هئي، پنهنجو نه ڪيو هو. هنن کي منزل تائين پهچڻ لاءِ فقط آرام ۽ ٽڪ پچڻ کان وڌيڪ اهميت ڪانه ڏني هئي. لاشڪ ته هن جي انتظار ۾ هن پنهنجي مڱيندي سان به لائون ڪونه ڏنيون هيون، جا سندس اوسيئڙي ۾ ڳوٺ ويٺي هئي. هن محسوس ڪيو ته پارس بنا زندگي گذارڻ هڪ عذاب هو، جو هو ڪنهن به حالت ۾ سهڻ لاءِ تيار نه هو.
هن ٿورڙيون اکيون ڀوٽي همت سان چيو: ”پارس، منهنجي هڪ ڳالهه ٻڌ.“
پارس جا ڊگها ڊگها ايرينگ لڏيا ۽ ڏانهس ڏسڻ لڳي.
”پارس آءِ لو يو ....... آءِ لو يو مور دين اينِي ٿنگ ان دي ورلڊ.“ هن ڪنڌ هيٺ ڪري چيو. پارس ڪو جواب نه ڏنو. هو وري دل ٻڌي ڪيس چوڻ لڳو: ”پارس، ان ڏينهن مان پهريون پيرو توکي ڏٺو ته ائين محسوس ڪيم ته تون ئي اها هستي آهين، جنهن جو مان ورهين کان انتظار ڪري رهيو آهيان ۽ انتظار ۾.......“
”مسٽر ذوالفقار، ائين جيئن مان هن نمبر سيون جو ڪيتري وقت کان انتظار ڪري رهي آهيان.“ هن ڪلندي پنهنجي ڪارڊ ۾ رهيل نمبر سيون تي آڱر رکي، جو ڇڙو ڪٽجڻ کان رهجي ويو هو.
هو پنهنجي پيار جو مذاق سهي نه سگهيو، هن جون اکيون آليون ٿي پيون. هن چوڻ لڳو: ”مان توکي ٻانهون ٿو ٻڌان پارس، تون سيريس ٿي، هيءُ منهنجي زندگي ۽ موت جو معاملو آهي.“
”اوهان ۽ پيار؟“ هوءَ طنز سان چوڻ لڳي: ”اوهان ڇا پيار مان ڄاڻو، اهي اوهان جون ٻانهون ٻڌي پيار جو يقين ڏيارڻ، سڀ بوگس آهي.“ ائين چئي پارس اتان اٿي وڃي پري رضيه سلطان علي سان ويٺي. هو اکين جي ڪنڊن ۾ آيل ڳوڙهن کي ضبط ڪري اٿي ٻاهر وڃڻ لڳو ته شاهده برني پري کان ٽڪڙي وٺي آئي ۽ کيس چوڻ لڳي: ”مون کي لفٽ ڏيندين زلفي.“
”نه، مون کي ٻئي پاسي وڃڻو آهي.“ هو کيس رکو جواب ڏئي اچي ڪار ۾ ويٺو.
ان بعد هن ڪلب وڃڻ صفا بند ڪري ڇڏيو. سمورو وقت پنهنجي گهر ۾ اڪيلو ويٺو هوندو هو. سندس سنگتي ساٿي فون ڪندا هئا ته ڪين ٻِڙي هجڻ جو بهانو ڪري ٽاري

ڇڏيندو هو، پر ڪيترا ڏينهن؟ هڪ ڏينهن سندس دوست اچي ڪڙڪيا. ڪيس عجيب حالت ۾ ڏسي حيرت ۾ پئجي ويا. ”ڇا حال آ ڊان زوان.“
”نيڪ آهيان.“ هن ڦڪي کل کلندي چيو.
نيڪ وري ڪٿي آن، ته پيلي پيلي سي رنگت......“ ڊاڪٽر سليم چوڻ لڳو.
”ڪائي ڳالهه ڪانهي.“ هن ڪين يقين ڏيارڻ جي ڪوشش ڪئي.
”پوءِ هيءَ حالت ڇو؟“ پروفيسر جيلاني هن جي وڌيل شيو ۽ ميرن ڪپڙن ڏانهن ڏسي چوڻ لڳو.
”دراصل مون کي ٻن ٽن ڏينهن کان بخار هو. ائين جو ائين هنڌ ۾ پيو هوس.“
ٻيا اٿي ويا ته سليم هن کان سموري ڳالهه آهستي آهستي ڪڍي ورتي ۽ چوڻ لڳو:
”مان هن سان صفن صفا ڳالهايان؟“
”جيئن وڻيئي تيئن ڪر، پر مان مران ٿو.“
پر ٻئي ڏينهن هو آيو ته اوپاريون لهواريون ڳالهيون ڪري چوڻ لڳو:
”يار هوءَ فلرٽ آهي، توکي نظر ثاني ڪرڻي پوندي.“
هن سليم جي ان ڳالهه جو ڪو جواب نه ڏنو، وري ڪانئس پڇيائين: ”تو ساڻس ڳالهايو؟“
”ها، پر سندس چم ۾ ئي ڳالهه ڪانه ويني.“
”ڇا چيائين؟“
”ڇا چوندي، چيائين ته ڪو کلڻ ڳالهائڻ کي غلطي ۾ پيار سمجهي ته اها ٿوت مٿس ته ڪانه پئي. مطلب ته هن صاف جواب ڏنو.“ سليم مجبور ٿي کولي ٻڌايو.
”هوءَ سچ ٿي چئي.“ هو هوريان چوڻ لڳو: ”ڪنهن وقت شاهده برني کي به مان اهڙو ئي جواب ڏنو هو.“
”آچر جي صبح جو ڪيس ڊاڪٽر سليم فون ڪيو ۽ چيو: ”ريس تي هلندين؟“
”نه يار.“ هن ٽٽائيندي چيو.
”اڙي سڄي سنگت ٿي هلي.“
”ڇڱو.“
”ته جلدي تيار ٿي، اسان توڏي اچون ٿا.“
”ڪجهه پئسا ڪٽان اچان ڇا؟“
”پلي جي شوق هجيئي.“

ريس ڪورس تي هر عمر جي مردن ۽ زائفن جو هجوم هو. هٿ ۾ فلاسڪ، ٻچين ۾ بائنيڪيولرس – زور شور سان ڳالهائڻ ۽ بحث مباحثا. هر ڪنهن کي هيڪوڻ مان چئوڻ ۽ انوڻ جي لالچ. ان گوڙ کي رهندو وڌائڻ وارن هاڪرس جون رڙيون ۽ هوڪا:
”لڪي پورس، لڪي سڪندر، لڪي رستم.“
”ڪهڙي گهوڙي تي شرط رکندين؟“ سليم ڪائنس پڇيو. ”جنهن تي چوين.“
”تون اڄوڪي اخبار ۾ ريس جو صفحو ڪونہ پڙهيو آ ڇا؟“
”اون هون.“ هن نهڪر ڪئي.
”تہ پلا هي پڙهہ، هن ۾ ڪجهہ ٽپ بہ ڏنل آهن.“
هن سليم کان اخبار ورتي ان ڏينهن ڊڪندڙ گهوڙن جا نالا پڙهيا. هڪ نالو پڙهندي ئي هن اخبار سليم کي واپس ڏني ۽ چيو: ”مان چوٿون نمبر گهوڙي پسند ڪئي آهي.“
”نالو ٻڌاءِ.“ سليم اخبار ڏسندي چيو.
”پارس.“
سليم هڪدم چرڪ پري ڏانهس نهاريو ۽ سامهون بيٺل گهوڙن مان چوٿين نمبر گهوڙيءَ ڏانهن ڏسندي چيائين: ”تون هاڻي چتو ٿيندين. ٿڪي جي گهوڙيءَ تي شرط رکندين، جو ان جو نالو پارس آهي.“
”توکي گهوڙن جي ڪهڙي خبر، اسان ان معاملي ۾ بنيادي آهيون. نہ تہ بہ اسان وٽ پنجاه گهوڙا آهن طنبيلي ۾.“ هن سليم کي قائل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي.
”اڙي اها گهوڙي اڄ تہ ڪانہ ٿي ڊڪي جو ان جي قابليت لڪل هجي. اهڙيون مرزيل گهوڙيون ڪي ريس ڪٽنديون.“
”مون کي اها ئي وڻي تي.“
”ڇڱو گهٽا پئسا تو رکين؟“
”جيترا کيسي ۾ هوندا.“
”ڪيترا پئسا آهن تنهنجي کيسي ۾؟“
”پنج هزار.“
سليم خار ۾ ڳاڙهو ٿي ويو ۽ پرتي بيٺل پروفيسر جيلاني ۽ ڪئپٽن مسعود کي سڏي چيائين: ”هي، هن سنڌ جي مجنوءَ جي ڳالهہ ٻڌو؟“
”ڇو ڇاهي؟“ هو پڇڻ لڳو.
”هي خان صاحب چوٿين نمبر گهوڙي تي پنج هزار تو شرط رکي، ان جو نالو پارس آهي.“

”ڪمال تو ڪرين.“ هو ڪيس چوڻ لڳا.
”توهان کي چو تو سور ٿئي؟ پئسا توهان جا آهن ڪن منهنجا؟“ هن کي خار اچي وئي ۽ هڪدم ونڊو تي پيسا ڏئي ڪوپن وني آيو.
جڏهن گهوڙا اسٽارٽنگ پوائنٽ تي بينا هئا، جڏهن ريفري نڪاءُ ڪڍي ريس شروع ڪئي هئي، جڏهن هرڪو پنهنجي گهوڙي ڏانهن ڏسندي رڙيون ڪري رهيو هو، تڏهن هو سرندو ٻاهر پارڪنگ لاٽ وٽ اچي پهتو هو. هن کي جڻ ڪا دلچسپي ڪانه هئي، جڻ هو ائين ئي آيو هو. هن هٿ ۾ مروٽيل ڪوپن هيٺ اڇلي گاڏي اسٽارٽ ڪئي ۽ پارڪنگ لاٽ مان ڪڍي گهر هليو آيو.
ريس ڪورس تان موٽڻ بعد، هو هيڏانهن هوڏانهن رلي شام جو گهر موٽيو هو ته سندس زبان خشڪيءَ ۾ تارونءَ سان چنبڙي پئي هئي. هو دروازا ٻيڪڙي پنهنجي اسات ختم ڪرڻ لڳو. جيئن اونده پئي ٿيندي وئي، تيئن هن جي اچ وڌندي پئي وئي. اوچتو اوچتو ڪنهن جي ”ڪورٽ شو“ جي ڪٽ ڪٽ هن جا ڪيپ ڪڙا ڪري ڇڏيا. هن اکيون ڦوٽاري ڏٺو ته ڪو تورو پريرو بينو هو.
”ڪير آن تون.....؟“ هن رڙ ڪري اٿڻ جي ڪوشش ڪئي، پر سندس جنگهن ۾ ڪو ست ڪونه هو.“
اونده ۾ بينل پاڇولي ڪو جواب نه ڏنو.
”مان، مان تو چوان ڪير آن تون؟“ هن رهندو ڏاڍيان رڙ ڪري چيو.
”رڙيون نه ڪر.“ ڪوٽ شو جي ڪٽ ڪٽ سندس ويجهو اچي پهتي ۽ ڪنهن ڏڪندڙ آواز ۾ چيو. ”مان.... مان پارس آهيان.“ هن جي دل کي جڻ ڪنهن زور سان مٺ ۾ جهلي قابو ڪيو. هن جو ساه ادڙڻ لڳو. هن ڪو جواب نه ڏنو.
پارس وڌي اچي سندس سيني ۾ منهن لڪايو ۽ چوڻ لڳي: ”زلفي مان تنهنجي آهيان، هميشه لاءِ تنهنجي آهيان.“
هوءَ جواب ٻڌڻ لاءِ تورو چپ ٿي وئي، پر ڪيس ڪو جواب نه ڏيندو ڏسي، هن ياڪر پائي سڏڪا ڀريندي چيو: ”تنهنجيون ڪوڙ ڳالهيون ٻڌيون هئم. چون پيا ته تنهنجو پيار چڙو ٻه ڏينهن هلندو آهي. هڪ ڏينهن هڪ سان ته ٻئي ڏينهن ٻئي سان. مون کي ٻه تو مان پڙ ٿيندو هو ته متان انهن وانگر مون سان ٻه......؟“
هن ڪان الائي چو وري ٻه اکر نه نڪتو. هوءَ وري ڪيس چوڻ لڳي: ”پر اچ ڪنهن انجام سوچڻ بنا تو ڏي هلي آئي آهيان. وٺئي ته هميشه لاءِ پنهنجو ڪرين، يا وٺئي ته شاهده برني ۽ صوفيه وانگر...... جيئن تنهنجي مرضي.“

پوءِ ان وقت زلفي جي اکين جا جهرٽا وهي پيا ۽ ڪيس زور سان ياڪر پائي چوڻ لڳو:
”پارس....... ڊارلنگ، مان توسان شادي ڪندس هن هفتي ۾ ئي.“

ڪراچي ڪلب جي رسيپشن هال ۾، جيڪو رنگ برنگي بتين سان جرڪيو پئي، گهوٽ ۽ ڪنوار پهتا ته ان موقعي تي آيل بيگمات، جي پنهنجي ڏين ڪي نئين ماڊل جون ڪاريون ڏيئي سوسائٽي جي وڏي سمنڊ ۾ ڪنديءَ وانگر اڇلي ڇڏينديون آهن ۽ پاڻ فشنگ راڊ ڪي قابو جهلي ويهنديون آهن، گهوٽ کي ڏسي چپ پئي چٽيا ۽ پنهنجن ڪنوارين نياڻين جي بجاءِ ڪنهن ٻيءَ کي ڪنوار جي حيثيت ۾ ڏسي افسوس جا هٿ پئي مليائون. بيگم برني اسپورٽنگ اسپرٽ ڏيکاريندي، بيگم نياز کي چيو: ”ڪانگريچوليشنس بيگم نياز.“

”ٿئنڪ يو بيگم برني.“ بيگم نياز پنهنجو وڏو وڏو پرس لوڏيندي چوڻ لڳي. ”پر اهو سجو ڪريڊٽ پارس جو اٿئي.“

”اوهان کي ته وڏو ڏاج نه ڏيڻو پيو هوندو؟“ بيگم برني رشد سان پڇيو. هن کي خبر هئي ته تڙ تڪڙ جي شادين ۾ لو مئريجن ۾ ڪجهه نه ڏيڻو پوندو آهي.

”نه بيگم برني، اهو به خدا جو شڪر آهي، نه ته اڄڪلهه اهڙا ڇوڪرا ته لکن ۾ به نٿا ملن.“ بيگم نياز خوش ٿي گهوٽ ڏانهن نهاريو، جو پنهنجي ڪنوار ڏانهن هر هر اکيون ٽمڪائي ڏسي رهيو هو.

”ڀڏون ٿا ته وڏو امير ماڻهو آهي؟“

”ويري رچ بيگم برني، پنج ڏه هزار ته هن لاءِ ڪائي ڳالهه ڪونهن.“

پوءِ جڏهن بيگم نياز ٻين بيگمات سان ڳالهائڻ لڳي ته بيگم برني پنهنجي ڌيءَ شاهده برني کي، جا ٻن مهينن کان پنهنجي ”پيريڊ“ کسڻ تي پريشان هئي، وڏيءَ خار ۽ ڏک مان چيو: ”پر افسوس نيلي ڊارلنگ جو تو ۾ اهڙا گٽس ڪونهن.“

# ڪچورنگ

هڪ پوياڙيءَ جو جڏهن رئيس شاهنواز خان پنهنجي بنگلي جي ڪشادي اڱڻ ۾ کٽ تي ليٽيو بلگاري حق مان گڙ ۽ تماڪ جون ٽڏيون ۽ منيون ڦوڪون پريندي، ڪمدار ڪاراون کان سڄي ڏينهن جي ڪارگذارين بابت پڇا ڳاڇا ڪري رهيو هو، تڏهن منشي احمد علي جو تازو ذوالفقار علي خان ڏانهن هڪ وڏي رقم چيلهه سان ٻڌي ويو هو، سو سهڪندي اچي واپس وريو. هن رئيس کان پيرن تي هٿ رکي، جيڪا سندس ڪن ۾ ڦوڪ ڏني، تنهن پنيور کي ٻاه ڏئي ڇڏي. رئيس جا وار ئي ڪڙا تي ويا. سندس ڳهاٽيون جاڙيون پرون پنهنجي جاءِ بدلائي هيٺ مٿي تي ويون، حقي جو نڙ چپن سان ملڻ جي انتظار ۾ ڪا مهل سندس آڱرين ۾ ڦرندو رهيو. گهڙي گهڙي مهل کان پوءِ رئيس هڪ ٻي دلي ڦوڪ پري ۽ نڙ کي ناري ڏانهن اڇلي اٿي ڪڙو ٿيو ۽ چڳيءَ طرح بوٽ پائڻ کان سواءِ بوٽ کي گهليندو، حويلي ڏانهن پڳو. اندر گهرواريءَ کي ڏسڻ شرط ئي پري کان چيائين: ”هي ٻڌءِ زائفان.“

”چو خير ته آهي؟“ وڏيري جيڪا تازو ننڊ مان اٿي هئي، تنهن پورو سارو گوش ڏيندي چيو. هوءَ روز پيون اهڙيون ڳالهيون ٻڌندي هئي. ڪنهن نه ڪنهن ڪڙميءَ جي ڪنواري ڏيءَ جو پڄڻ ڪو خون ڏاڙو، مڙئي اهڙي قسم جون ڳالهيون هونديون هيون رئيس کي ٻڌائڻ لاءِ.

”خبر وري ڪهڙي، چوري ڪاري ڪري ڇڏي.“

وڏيري پٽ جو ذڪر ٻڌي سمجهي وئي ته رئيس جو اجوڪو اچڻ خيري ڪونه هو ۽ ڳالهه اهميت واري هئي. ان ڪري هيڏانهن هوڏانهن ڏسي رئيس کان پڇيائين: ”چو ڇا ڪيو اٿئين؟“

”ڪراچيءَ ۾ مندم سان نڪاح پڙهيو اٿئين.“

”هي منيس.“ وڏيريءَ زور سان گوڏن تي ٻئي هٿ هنيا. هونئن ته وڏيري پٽ جي شادي جو ٻڌي خوش ٿئي ها، جو هوءَ سالن کان ان انتظار ۾ هئي ته سندس پيٽ جائو ڪنهن ٻئي پئدائش جي قابل ٿئي، پر هتي ته معاملو ئي ابتو هو. هڪ ياڻس جي ڏيءُ سندس پٽ جي مگ هئي ۽ ٻيو ته مندمون هن کي ياڻ ئي ڪونه پونديون هيون. ڪيترا دفعا جڏهن رئيس صاحبلوڪن ۽ مندمن کي شڪار جون دعوتون ڏنيون هيون، تڏهن هن ماڙيءَ تي چڙهي جافرين وارين درين مان مندمن کي اوطاق ۾ ٽلندو گهمندو ڏسي،

عجب ۾ پئجي وئي هئي. سندن ننڍيون ننڍيون قميصون، سوڙهيون پتلونون، مٿن تي رنگ برنگيون ٽوپيون ۽ انهن جي هيٺان ڪڙين تي جتيون، ڏڳهن وارن بدران چوڪراٽا وار ۽ مردن سان گهمڻ گهتڻ ۽ کلڻ ڳالهائڻ، کيس پسند ڪونہ آيو هو. هڪ وار رئيس ٻن مندمن کي اندر حويليءَ ۾ وٺي آيو هو تہ هن مس مس وڃي کين منهن ڏيکاريو هو. هن کي اهڙو شرم پئي آيو، جو ڄڻ هو هن جهڙيون زائفون ڪونہ هيون، پر ڪنهن مخالف جنس مان هيون. اهڙي ننهن جو خيال ايندي ئي هن کي باهہ وٺي ويئي، پر هن فقط ايترو ئي چيو: ”نہ نہ، اها ڳالهہ ڪوڙي هوندي.“

”ڪوڙي وري ڪيئن، منشي پاڻ ڏسي آيو. ويو هو نہ کيس پئسا ڏيڻ.“ رئيس ڏاڍيان ڪڙڪي سان چيو.

وڏيريءَ کي تہ اها ڳالهہ سورهن آنا دل ۾ چيبي وئي، جو برابر منشي پئسا ڪٽي ويو هو، پر تڏهن بہ نڪاح واري ڳالهہ تي اعتبار ڪرڻ لاءِ اجا گهٽي ڳالهہ گهربي هئي. سندس خاندان ۾ آخر ڪير ستو جتو هو. مڙسس شاهنواز خان، سهرس قيصر خان ۽ ان جي پيءُ سنجر خان جون ڳالهيون ڪنهن کان ڳجهيون هيون. ماڻيون تہ برابر سوٽيون ۽ ماساتيون ئي هيائون، پر شاديءَ کان اڳ ۽ پوءِ چا نہ ڪيو هئائون. ذوالفقار علي بہ سندن ئي اولاد هو، جاءِ هميشہ پيڙه تي ئي ويندي آهي. موڪلن ۾ ڳوٺ هوندو هو تہ حويلي ۾ ڪم ڪار ڪندڙ جوان ٻانهين سان ڪيچل ڪا ڪانئس ڳجهي ڪانہ هوندي هئي. اها ڳالهہ اڻ ٽيٽي ڪانہ هئي، جو هو شهر ۾ نڪاح پڙهڻ کان سواءِ ئي شادي وارا مزا وٺي سگهي. منشي برابر اکين سان ڏسي آيو هو، پر اکين ڏٺي ڳالهہ تي بہ ويچار ڪرڻ لازمي هو. ان ڪري وڏيريءَ رئي جو پلئہ مٿي تي ٺاهيندي، اکيون هيٺ ڪري چيو: ”نڪاح ڪونہ ڪيو هوندائين، ائين مڙيئي......“ زائفان ماٺهو وڌيڪ چا پئي چئي سگهي.

رئيس بہ وڏيريءَ جي مڙيئي کي سمجهي ويو، سو ڪنڌ لوڏي چوڻ لڳو: ”ائين ٻئين ڪانہ آهي. خود منشي سان پاڻ سڄي ڳالهہ مڃي کيس ايلاز ڪيائين تہ مون کي اها ڳالهہ نہ ٻڌائي، پر منهنجو منشي مون کان اهڙيون خون جهڙيون ڳالهيون لڪائيندو؟“

رئيس نهہ پهہ وڏيريءَ جي ٿوري گهٽي شڪ کي دور ڪندي چيو ۽ پوءِ ڏانهس ائين تڪڻ لڳو، ڄڻ کيس چوندو هجيم ائين ٻئين هجي ها تہ ڪا ايڏي فڪر جي ڳالهہ هئي؟“

وڏيري ڳالهہ تي اعتبار ڪري سن ۾ پئجي وئي. ويچاريءَ کي ياءُ ۽ ياجائي جا مهٽا ياد اچڻ لڳا. هوءَ پريشان ٿي وئي ۽ مڙس ڏانهن ڪنڌ ڪٽي پڇيائين: ”پوءِ؟“

”پوءِ ڇا؟ بس ائين سمجھ جڻ ذوالفقار ڄائو ئي ڪونہ ھو.“

ٻاھر نوڪر چاڪر منشي احمد علي کي جھار وانگر ورني ويا ھئا. ھرڪو ان راز جي معنيٰ ڳولڻ لاءِ بيچين ھو، جنھن رئيس کي ڪچھري مان اٿي گھر پڄڻ تي مجبور ڪيو ھو، پر منشي احمد علي ڪنھن کي ترين تيل لائڻ نہ پئي ڏنو. ھر ڪنھن کي پئي جواب ڏنائين: ”ٻڌائڻ جو امر ڪونھي، رئيس کان پاڻ پڇجو.“

ڪمدار بيگ محمد، جنھن کان رئيس ترِ جيتري ڳالھ بہ ڪانہ رکندو ھو، تنھن کي منشي جي ٽيڪر تي ڏاڍي خار پئي آئي ۽ ھن مھٽو ڏيندي کيس چيو: ”چڱو منشي تون نہ ٻڌاءِ، باقي رئيس اچڻ سان ڳالھ ڪندو.“

انھن ئي ڳالھين ۾ ھئا، جو رئيس موٽي آيو ۽ ٻاھر اڱڻ ۾ ويھڻ بدران ڪوٺيءَ ۾ وڃي وينو. منشي ۽ ڪمدار بيگ محمد بہ سندس ڪڍ لڳا ويا. کٽ تي ويھندي ئي رئيس ڪمدار ڏانھن نھاريندي چيو: ”چڱو ٿيو ڪمدار جو تون آيو آھين، منشي جو احوال ٻڌءِ؟“

”نہ سائين.“ ڪمدار منشيءَ ڏانھن وڏائي سان ڏسندي چيو، ڄڻ کيس چوندو ھجي: ”ڏٺئي، تو اجايو پئي منھنجو مان وڃايو.“

”چڱو منشي، تون پيرائتو احوال ٻڌاءِ.“ رئيس منشي کي چيو.

منشي دستور موجب منڍ کان احوال شروع ڪيو تہ ڪيئن ھن سڄي رات گاڏيءَ ۾ اک بہ ڪونہ ٻوٽي ھئي، متان ڪو ٻشني چيلھ سان ٻڌل رقم چوڙي کيس نلھو نہ ڪري وڃي. ڪيئن صبح جو ھو ننڍي رئيس جي بنگلي تي پھتو تہ کيس اڪيلو ڏسڻ بجاءِ ھڪ مندمِ صاحب کي بہ ڏٺو ھئائين، جنھن جي ھٿن تان اجا مينديءَ جو رنگ بہ ڪونہ لٿو ھو. ڪيئن سندس پڇڻ تي ننڍي رئيس جو منھن ون ون ڪري ويو ھو ۽ کيس ايلاز ڪيا ھئائين تہ اھا ڳالھ ڪنھن کي نہ ٻڌائي. ايتري ڳالھ ٻڌائي منشي احمد علي، ڪمدار ڏانھن داد طلب نگاھن سان ڏسندي چيو: ”ادا ڪمدار، ڏس تہ ھيءَ ڳالھ گندڙي جو ٽنگ تہ ڪانہ ھئي، جو ليڙو ڏيانس تہ بند ٿي وڃي. ھتي تہ ٻني قاتل ھو، سو مان ڪيئن پئي لڪايو.“

ڪمدار بيگ محمد، جنھن ننڍي رئيس کي ڪلھن تي گھمايو ھو ۽ جيڪو ننڍي رئيس کي ڏاڍو پائيندو ھو، تنھن کي منشي جي ان تڪڙي ڳالھ تي خار آئي. ھن کي جي اھا ڳالھ ڪن پئي ھا تہ شايد ان تي کڪ بہ رکي ھا، پر رئيس جي سامھون ھو منشي کي ڇا پئي چئي سگھيو؟ ھن فقط ايترو ئي چيو: ”ھا ادا منشي، بابي سان کھڙا ڪوڙ.“

رئيس جنهن کي اهي ڏکيون ڳالهيون نه پئي وڻيون، تنهن منشي کان پڇيو: ”تو ذوالفقار کي اهو ڪونه چيو ته مون کي اها ڳالهه ڪانه وڻندي.“

”سائين مان چا چوانس، پاڻ کي نه پئي سجهيس.“ منشيءَ جواب ڏنو.

رئيس ماٺ ڪري سوچ ۾ پئجي ويو. توري دير کان پوءِ ڪمدار بيگ محمد منشيءَ کي چيو، حقيقت ۾ هن ڳالهه رئيس جي کن تي هٿڻ پئي گهري. ”ادا منشي، ننڍڙو رئيس به سياڻو آهي، جي هٿ هنيو هوندائين ته ڏسي وائيسي ڪنهن خاندان گهراڻي ۾.“ ائين چئي ڪمدار رئيس ڏانهن نهاريو، جنهن کي اهو گفتو نه ڏٺيو. نرڙ تي گهنج وجهي، هن رهڙ ڏيندي ڪمدار کي چيو: ”ڪهڙا خانداني آهن وڏن شهرن وارا ڪمدار، تون هرويرو ذوالفقار جي پر وٺندو آهين. هاڻي تنهنجي خير خواهي اها آهي جو تون صلاح ٿو ڏئين ته ڪيس ان ڳالهه تي ڪجهه به نه چئجي.“

”سائين، پلا هاڻي هٿن وڍي ڳالهه، چا ڪري سگهبو؟“

”اڙي، ته تنهنجي مرضي آهي ته ان چوڪريءَ کي گهر ۾ آڻيان، جنهن کي چادري ته چا پر رئو پوتي به مٿي تي ڪونهي.“ رئيس جون اکيون ڻانداٽي وانگر الا چڏڻ لڳيون.

ڪمدار دب ڪائي ماٺ تي ويو، پر رمز سهي ڪري ويو ته جي هن هڪ اکر به ننڍي رئيس جي پر ڳالهايو ته پوءِ عزت جو خير ڪونهي. هونئن به هي معاملو وڏيڪ ڳالهائڻ کان چڙهي ويو هو. هو رئيس کي اها صلاح ڪونه ڏئي ها ته ان حويلي ۾، جتي نر پکيءَ جو به حڪم ڪونه هو، هڪ اهڙي چوڪريءَ کي آڻي جا منهن اگهاڙي هئي. هو چپ ڪيو وينو هو. جهٽ پلڪ کان پوءِ رئيس ٺڏو ٺيو ته وري به پاڻ اهو گفتو ڪيائين: ”ڪمدار، هاڻي صلاح ڪر ته چا ڪيون؟ رستم خان جو پنهنجي ڌيءُ کي گار ڏني آهي، ان جو چا ٺيندو؟“

ڪمدار رئيس جي سوال پڇڻ سان سهي ڪري ويو ته رئيس کي گار جو ته فڪر ڪٽي هو، پر گهٽي ڳٽتي ان ملڪيت جي هئس، جنهن جي وارث رستم خان جي نياڻي هئي ۽ جنهن ڪري ئي هن پنهنجي پٽ جو مڱڻو، گهر ۾ پائيتيءَ هوندي به رستم خان جي نياڻيءَ سان ڪيو هو. ڪمدار رئيس جي ڳٽتي لاهڻ لاءِ چيو: ”سائين، ان جو فڪر نه ڪريو. اها توري چڏيندو.“

پر رئيس کي ان جٽڪي عقل تي ڏاڍي خار آئي. هن ڪرڙيون اکيون ڪٽي ڪمدار کي چيو: ”اڙي ڪيئن ڪري سگهندو بي شادي، اها پڙهيل ڳڙهيل ڪيس صحيح ڏيندي؟ وجهائيندي سيني کي ڪاٺ ۾.“

ڪمدار بيگ محمد جواب ٻڌي چپ ڪري ويو. رئيس جي ڳالهه پوري هئي. حڪومت ٻي شادي تي بندش وڌي هئي. ڪمدار ويچاري جهڙتڪي عقل موجب هڪ صلاح ڪئي ڦهڪائي هئي ۽ جا ٿاب نه پئي هئي. زمين جي کس پڪائي، فصلن جون ڪٽون، ڪاٽڪاٽا فيصلا هجن ها ته هو اهڙي صلاح ڏئي ها، جيئن منڊي تي ٽِڪ، پر هتي ته معاملو ڪانئس چڙهيل هو. هو عقل جون ڊوڙون هلائي هلائي ٿڪو هو، سو ماٺ ڪري رئيس ڏانهن ائين تڪڻ لڳو، جيئن ڪيس چوندو هجي: ”سائين، اسان جون جهڙتڪون صلاحون ڪهڙيون بيهنديون. تون ئي پنهنجي وڏي مغز کان ڪم وٺي ڪا صلاح ڪڍ.“

رئيس جيڪو يڪو سوچ ۾ پئجي ويو هو، سو منشي ۽ ڪمدار کي ماٺ ۾ ڏسي سمجهي ويو ته سندس فيصلي جي انتظار ۾ هئا. هن بنا دير جي ڪمدار کي چيو: ”ڪمدار، تون ذوالفقار ڏي وڃ ۽ کيس چئو ته شرا جا تي پتر ڏئي هڪدم هيڏي هليو اچي. ٻي صورت ۾ اسان ائين سمجهنداسين ته هو اسان لاءِ مري ويو.“

ٻن ٽن ڏينهن کان پوءِ ڪمدار بيگ محمد واپس آيو ته حوالن وٺڻ کان اڳ ئي سندس منهن جي رونق مان ظاهر هو ته کيس ڪهڙو جواب پلئه پيو هو. هن اشراف به بنا لڪ لڪاءَ جي مختصر لفظن ۾ کولي ٻڌايو: ”سائين، ننڍي رئيس جواب ڏنو ته: ”ونين تان سر جون سٿون ڏبيون آهن، ڪين ڇڏي نه ڏبو آهي.“ وڌيڪ هن خط به لکيو اٿو.“ ائين چئي ڪمدار صدريءَ جي اندرين کيسي مان لفافو ڪڍي، رئيس کي ڏنو، جنهن ۾ لکيل هو:

”بعد پيرن چمڻ جي عرض ته ڪمدار اوهان جو نياپو ڏنو. جيڪڏهن اوهان حڪم ڏيو ها ته پاڻ کي ماري ڇڏيان، ته اها منهنجي لاءِ ڏکي ڳالهه ڪانه هئي. پارس منهنجي حياتي آهي، ان کان سواءِ جيئڻ منهنجي وس کان ٻاهر آهي. زياده حد ادب.“

اوهان جي خاڪپاءِ

ذوالفقار

رئيس خط پڙهي خار ۾ ڳاڙهو ٿي ويو ۽ خط کي چيهاڙون ڪري اڇلي ڇڏيائين. ٿوري دير کان پوءِ اندر حويلي ڏانهن ويو ته گهر واري کي چيائين: ”ٻڌءِ ذوالفقار جو جواب؟“

”ڇا تو چئي؟“

”چئي ٿو ته پارس کي ڪونه ڇڏيندس، جيستائين سريءَ ۾ ساه آهي.“

”پارس ڇا؟“ وڏيري نه سمجهي سگهي.

”پارس آهي ننهڻين جو نالو.“
وڏيري ننهن جو نالو ٻڌي عجب ۾ پئجي وئي. سندس خاندان ۾ پهريون سنڌي سلي ۾ نالا هئا. هدايت خاتون، فاطمہ، حاجران ۽ جنت پارا جي گذاري ويل وڏڙين، ڪراڙين، نانين ماسين جا ڦيرائي آسيس طور ڇمنڊڙ ڇوڪرين تي رکيا هئا. ان کان پوءِ ٿوري ترقي مثال طور: زبيده، زيب النساءِ، پر ههڙو نالو نہ هنن ڪڏهن ٻڌو هو نہ رکيو هو. وڏيريءَ کي پڪ پئجي وئي تہ سندس پٽ ڪنهن واٽياٽيءَ سان نڪاح ڪيو آهي. ان ڪري هن گهٻرائجي رئيس کان پڇيو: ”ماريئي، ڪنهن واٽياٽي سان شادي ڪئي آهي ڇا؟“
رئيس کي تہ پارس جي معنيٰ جي خبر هئي، جو هن ٻڌو هو تہ پارس پاهڻ ڏورانهين جبلن ۾ ڪن ياڳ وارن کي ملندو آهي، جنهن جو تاثير اهڙو ٿيندو آهي، جو ڪنهن لوه کي گسائجي تہ اهو بہ سون ٿي پوندو. هو ڪٽڪ جي گوئدن ۾ آيل ڪونجن کي ماريندو هو تہ انهن جون گجيون پاڻ کولي هڪ هڪ پٿر جي ذري کي آزمائيندو هو، جو هن ٻڌو هو تہ فلاڻي ڪن فلاڻي زميندار کي ڪونج جي گجيءَ مان پارس هٿ آيو هو. رئيس کي پارس نالي ٻڌڻ سان ڪو گهڻو عجب ڪونہ لڳو هو، جو هن کان بہ اور نالا ٻڌا هئا، پر جيئن تہ هن کي ذوالفقار تي ڏاڍي ڪاوڙ هئي، ان ڪري هن وڏيريءَ کي برغلائڻ پئي گهريو. هن فقط ايترو جواب ڏنو: ”پيو نہ تہ پنج وقت نمازڻ سان شادي ڪئي اٿئين؟“
وڏيري اهو جواب ٻڌي سوچ ۾ پئجي وئي. منٽ ڪن کان پوءِ پڇيائين: ”هاٽي ڇا ٿيندو؟“
”ٿيندو وري ڇا؟ مان سياڻ ئي وجي تو سڄي ملڪيت انور علي جي نالي داخل ڪرايان. باقي رهيو رستم خان، ان ڏي تون ۽ مان ڳچي ۾ ڪپڙو پائي هلي معافي وٺنداسون.“ رئيس نهہ پهہ جواب ڏنو.
وڏيريءَ جي پيرن هيٺان زمين نڪري وئي. انور علي بہ برابر سندس پيٽ ڄائو هو، پر تنهن هوندي بہ ذوالفقار علي سندس پهريتي پٽ جي ڪٿي پئي جاءِ پري سگهيو. برابر ٻئي سندس اکين جو نور هئا، جي ذوالفقار سڄي اک تہ انور ڪٻي اک ۽ انور سڄي اک تہ ذوالفقار ڪٻي اک، پر هڪ اک جي سونهن ٻئي اک سان ئي آهي. وڏيريءَ جي اکين ۾ ڳوڙها اچي ويا ۽ هن روئڻهارڪو ٿي چيو: ”خدا خدا ڪر، ائين ڪيئن ڪندين؟“

رئيس جنهن کي پنهنجي پٽ تي ڏاڍي خار هئي، تنهن گهر واريءَ کي رهڙ ڏئي جواب ڏنو: ”خدا جو قسم، هتي هجي ها ته گولي هڻانس ها. مان اها ڳالهه ڪيئن سهندس ته ابن ڏاڏن جي گڏ ڪيل ملڪيت ۾ سياڻ مندم جو پٽ حصيدار ٿئي؟ اهو به الائي ڪنهن جو؟ ڪو سچو ڏينهن ذوالفقار زال تي پهرو ڏيندو؟“

وڏيريءَ ان وقت ته ڪجهه ڪونه ڪڇيو، پر رئيس سمهي رهيو ته هڪ ٻانهيءَ کي گهرائي سمجهايائين ته وڃي ڪمدار بيگ محمد کي چئي ته جي سچي عمر جو نيمڪ هڪ گهڙيءَ ۾ ملهائڻو هجيس ته ڪيئن به ڪري رئيس کي ان اند جي گهوڙيءَ تان لاهي. ٻئي ڏينهن صبوح جو رئيس پنهنجي ڪاغذن جون دستيون ڪڍائي، تعلقي ڏانهن وڃڻ لاءِ تيار ٿي ٻاهر نڪتو ته ڪمدار بيگ محمد ڪيس جيپ ۾ ويهڻ وقت هٿ ٻڌي چيو: ”سائين، جوانيءَ ۾ گهوڙا ۽ پٽ ارڏا ئي سونهندا آهن. گهوڙن جي ارڏائي وڃائي راه تي آڻڻ سوارن جو ڪم آهي ۽ پٽ کي ڳراٽڙي پائي ٿڌي سيني سان سمجهائڻ پيءُ جو ڪم آهي.“

”ڪهڙو مطلب آ تنهنجو؟“ رئيس منهن ۾ گهنڊ وجهي چيو.

”قربان ٿيانءِ، منهنجو مطلب آهي ته هڪوار پاڻ ڪيس ٿڌي سيني سمجهايوس، جي نه سمجهي ته پوءِ هوءَ گوءِ، هو ميدان. ڪاتو به پڳو نٿو وڃي پوءِ به ڦيرائي سگهبو.“

رئيس جيستائين سوچي جواب ڏي، تيستائين ڪمدار ٽِپ ڏئي جيپ جي پوئين سيٽ تي ويهي رهيو ۽ رڙ ڪري منشي کي چيائين: ”منشي! هي ڪاغذن جون دستيون هٿيڪيون ڪري اندر موڪل. رئيس ۽ مان نندي رئيس ڏي هڪ هڪاٽي لاءِ ٿا وڃون.“

رئيس شاهنواز ”پارس ڪوٽ“ جي ڪمپائونڊ اندر قدم رکيو ته سندس مٿو ئي چرخ ٿي ويو. حالانڪ هن اها جاءِ اونهاري جي سک لاءِ پاڻ خريد ڪئي هئي، پر هينئر اندر نئين ڊزائين جي رکيل گل ٻوٽن، وڏي لان، ڪوٺي جي نئين رنگ روغن ۽ ان جي مٿان ڪارن اکرن ۾ لکيل نالي ”پارس“ سڄو نقشو ئي بدلائي ڇڏيو هو. ڪمدار بيگ محمد جو هي سڀ ڪجهه اڳ ۾ ڏسي ويو هو، تنهن رئيس کي ناڙ لاءِ چيو: ”سائين، جاءِ هميشه وسوڻ گهرندي آهي. هينئر ڏسو، ڪيڏا نه قمام ٿي يا آهن.“

رئيس کي دل ۾ ته اهي قمام ڏاڍا وڻيا، پر ڪمدار کي ڪو جواب نه ڏنائين. انٽرنس گيٽ تي پهچي هن ٻٽڻ دٻايو ۽ جنهن دروازو کوليو، سو ذوالفقار ئي هو. پيءُ جي رعبدار چهري ۽ ٽاندياٽن جهڙين اکين کي ڏسي هن جا تاڪ نڪري ويا، پر هن پاڻ سنڀالي پيرن تي هٿ رکي سندس آجيان ڪئي ۽ اچي ڊرائنگ روم ۾ ويهاريو. رئيس ڀت تي ٽنگيل وڏين وڏين تصويرن ۽ فرش تي وڇايل غاليچن کي ڏسندي ذوالفقار کي

چيو: ”ذوالفقار، مان تنهنجا هي نت ڏسڻ ڪونہ آيو آهيان، پر تو سان آخري دفعو ڳالهائڻو اٿم.“

ذوالفقار پيءُ جي رعبدار منهن ڏانهن نهاري ڪنڌ هيٺ ڪري بيهي رهيو. هن جواب ڏيڻ چاهيو، پر ڪانئس هڪ اکر بہ ڪونہ اڪليو. وري بہ رئيس چيو: ”جوٽي ڪي سمجهاءِ تہ مون سان ملڻ نہ اچي، نہ تہ تڪو ملھ ڪندوسانس. بهتر تہ ائين ٿيندو تہ ڪيس چؤ تہ ٻن ٽن ڪلاڪن لاءِ پيڪين هلي وڃي، جو متان مان تڪو منو ڳالهايان.“

ذوالفقار دل جهلي جواب ڏنو: ”اوهان بابا بلاشڪ ڪلي ڳالهايو، هوءَ صبوح ڪان پيڪين وئي آهي.“

ننهن جي غير حاضري ٻڌي رئيس جي پهريون دل تہ ٿي تہ جيڪر پٽ کي چئي: ”پيڪين وئي آهي يا ٻي پاسي؟“ پر پوءِ هن سوچيو تہ ننگ پولن کي بہ پيارا آهن، هتي تہ سندس اڳيان ذوالفقار هو. ان ڪري هن فقط ايترو ئي چيو: ”چڱو ٿيو جو منهنجين اکين ئي ڪانہ ڏٺي.“

ٿوري دير چپ ٿي وئي. رئيس سوچڻ لڳو تہ مطلب واري ڳالھ کي ڪهڙي نموني شروع ڪري ۽ ڪٿان شروع ڪري؟ پر جڏهن رئيس کي خيال آيو تہ اڳلو سندس پٽ ئي تہ هو، جنهن سان ڪنهن تمهيد جي ضرورت ڪانہ هئي، تڏهن هن کي جلالي اچي وئي، ”اڙي ڪهڙو فيصلو ڪيو اٿئي؟“

”مان ڪهڙو فيصلو ڪري ٿو سگهان، بابا!“

”نيٺ ڪجھ تہ ٻَڪ.“

”مان پارس کي ڪونہ ڇڏيندس.“

”پوءِ ان جي نتيجي جي خبر اٿئي؟“ رئيس خارن مان پڇيو.

”ها، ڪمدار ٻڌايو.“

”نہ، توکي پوري خبر ڪانهي. توکي مان ملڪيت مان تڪو بہ ڪونہ ڏيندس. هي بنگلو بہ منهنجو آهي، اهو بہ خالي ڪرڻو پوندءِ.“ رئيس ڪولي ٻڌايو.

”جيئن حڪم ڪندؤ، تيئن ڪندس.“

رئيس ڪجھ چوڻ ۾ هو تہ ايتري ۾ بيري اچي ذوالفقار کي ٻڌايو تہ ڪليڪٽر صاحب ڪيس فون تي سڏي رهيو هو. ڪليڪٽر جو نالو ٻڌندي ئي رئيس جو ٽنگ تي ٽنگ چاڙهيون وينو هو، سو ڪڙو ٿي ويهي رهيو. رئيس بنيادي زميندار ۽ وڏي حيثيت وارو هو. ضلعي جي مختيارڪار ۽ ڊپٽين سان سندس ياروسي هوندي هئي، پر ڪليڪٽر هميشہ اگرا هوندا هئا. ڪلاڪن جا ڪلاڪ انتظار ڪرائي، پوءِ باريابي جو

حڪم ڏيندا هئا ۽ وري ٻن منٽن ۾ نشڪائي ڇڏيندا هئا. پڳ ٻڌڻ کان پوءِ رئيس جو گهٽڻ ئي ڪليڪٽرن سان واسطو پيو هو. ڪيترن جا نالا به ڪيس ياد هئا. هڪڙو تاڻن هو، ٻيو سليدو هو، ٽئين جو نالو هيليفاڪس هو ۽ وري هوٽ هو، جنهن کي سڀ پوت سڏيندا هئا. پوءِ ته تي ديسي به آيا هئا، پر سڀ جڻ هڪ ئي سريگر جي هڪ ئي قالب جا نڪتل هئا. سيني کي اها ئي رڪائي، اها ئي وڏائي هئي. ڪين ان رڪائي ۽ وڏائي ڪرڻ جو سبب به هو. ڪنهن زميندار کي منٽن ۾ وڏو زميندار يا فقير به ڪري سگهندا هئا. حڪومت جو سندن لکيو مڃيندي هئي ته هرڪو ڪانئن ڪنبندو هو. ابتو ڪن يا سبتو ڪن، سندن ڪني حلال هئي ۽ سندن ڪاتي کي مٽيو هو. رئيس وڏو، پٽ کي هڪ اهڙي ڪليڪٽر سان فون تي ڳالهائڻ لاءِ ويندو ڏسي دل ۾ گهڻو خوش ٿيو. هڪ اهڙي ڪليڪٽر کيس روبرو گهرائڻ بدران فون تي پئي ساڻس ڳالهايو. رئيس سمجهي ويو ته اهو ڦل فقط ان ڪري مليو هو، جو سندس پٽ اعليٰ تعليم يافته هو. پر جي هو پڙهيل نه هجي ها، ته هو به صاحب سان ٻه منٽ ملڻ لاءِ ڪلاڪن جا ڪلاڪ انتظار ڪري ها ۽ پوءِ مس مس کيس باريابي جو حڪم ملي ها.

ذوالفقار علي ڪليڪٽر صاحب سان فون تي ڳالهائي موٽي آيو ته رئيس ڪانئس پڇيو: ”ڪهڙي ڪليڪٽر جو فون هو؟“ رئيس جي پڇڻ جو مطلب هو ته نالو معلوم ڪري وجي ڳوٺ ۾ هلائي ته فلاڻي ڪن فلاڻي ڪليڪٽر سان سندس پٽ جي دوستي آهي. اوسي پاسي جي زميندارن ۾ وڏو اثر پئي ها.

”پارس جي پيءُ جو.“ ذوالفقار ته جواب ڏئي ڪنڌ هيٺ ڪري ويهي رهيو، پر رئيس جي زبان سو تارونءَ سان چنبڙي وئي. هن جون اکيون ڦوٽارجي ويون. هن غور سان ذوالفقار ڏانهن ڏٺو، جنهن جو سهرو ڪليڪٽر هو ۽ جيڪو سندس اڳيان ڪنڌ جهڪائي، هٿ ٻڌيو ادب سان وينو هو.

ايتري ۾ رئيس جي پويان ڪنهن زناني ڪڙيءَ جي ڪٽ ڪٽ جو آواز آيو. هن ڪنڌ ورائي ڏٺو ته هڪ بنا برقعي، بنا پوتي رئي، وارن ڪٽيل سهڻي ڇوڪري بيني هئي. هن وري ذوالفقار ڏانهن ڏٺو، جو اهو مذڪور ڏسي گهبرائجي ويو هو. رئيس شاهنواز خان سمجهي ويو ته اها ڇوڪري ٻي ڪا نه، پر سندس ننهن پارس هئي. هو ٽپ ڏئي اٿي ڪڙو ٿيو ۽ کيسي مان پنجن پنجن سون جا به نوٽ ڪڍي پارس جي هٿ تي ائين رکيائين، جيئن هو پنهنجي ضلع آفيسرن جي ٻارن کي خرچيون ڏيندو هو ۽ پوءِ پارس جي مٿي کي چمندي چيائين: ”پٽ، مون کي هن قصي جي خبر ڪانه هئي، نه ته ائين هٿين خالي نه اچان ها.“

پارس نئين ڪنوار وانگر شرمائي ننهن کي ڏندن سان ڪترڻ لڳي ته رئيس آئيندي ڏانهن ڏکي نظر ڪري وري چيو: ”پٽ، بيشڪ تون پارس آهين؟“

پارس ساڙهيءَ جي پلئه کي انداز سان هر هر ڪلهي تي ٺاهيندي، لڏندي لمندي سهري لاءِ چانهن جو انتظام ڪرڻ وئي ته رئيس ذوالفقار ڏانهن پيار ۽ محبت سان نهاريندي چيو: ”پٽ، مون کي اڄ ئي ڪليڪٽر صاحب سان ملائجانءِ.“

پوءِ جڏهن رئيس ۽ ڪمدار واپس ڳوٺ لاءِ اسهيا، تڏهن ڪمدار بيگ محمد جنهن سمورو عرصو سرونٽ ڪوارٽر ۾ گذاريو هو ۽ جنهن کي ان سڄي قصي جي خبر ڪانه پئي هئي، تنهن رئيس کان پڇيو: ”ڇا ٿيو سائين؟“

پر رئيس ان ڳالهه جو ڪو جواب نه ڏنو، رهندو ڪمدار کان پڇيو: ”خبر اٿئي ڪمدار ته منهنجو سيڻ ڪير آ؟“

”نه سائين، مون کي ڪهڙي خبر!“

”هتان جو ڪليڪٽر نياز محمد سي.ايس.پي.“

جيستائين ڪمدار بيگ محمد سي.ايس.پي لفظ کي سمجهي، پوءِ ڪو اظهار ڪري ته رئيس وري چيو: ”سندس بدلي جو حڪم نڪتو آهي. گهٽ ۾ گهٽ ڪري ٻن ٽن مهينن ۾ پنهنجي ضلعي جي چارج وٺندو.“

# گذريل واردات

جڏهن انسپيڪٽر درياشاهيءَ ڪي واردات تي لڳي چار پنج ڏينهن گذري ويا ۽ سندس جاچ مان ڪو ڪڙتيل ڪونه نڪتو ۽ جڏهن هو پوليسي دستور موجب ايس پي صاحب جي ميسيج جو بهانو ڪندي منزل پٽڻ لڳو، تڏهن پر واري لانڍي ۾ وينل وڏيرن مان سرائي رازق ڏني کان بي اختيار دانهن نڪري وئي: ”هائوڙي انسپيٽر گونث بشڪ شاه.“

وڏيرو آچر جيڪو سرائي جي پڙ م وينو هو، سو به چڻ سڙيو پيو هو. ”پيهر به چئجانءِ، سرائي، هي برٽش وارا ڪو پنهنجي رياست سان پڄي سگهندا.“

”هينئر ڪٿي آ شاه صاحب؟“ وڏيري عمر حقو پاڻ ڏانهن سوريندي پڇيو.

”هاڻي ته خير ”پنشن“ تي آهي، پر اڄ به لنڊو ڀهڙن تي سندس ڪنٽول آهي.“ رازق ڏني جواب ڏنو.

هونءَ ته خيرپور رياست جي پوليس ڪاتي جا سڀ عملدار برجستا ۽ همت وارا هئا، پر جيئن اسپيڪٽر گونث بخش شاه پنهنجو وارو وڃائي ويو، تيئن شل ڪو تئي. سنهن ڏوهن جون ته فريادون به داخل نه ڪبيون هيون، پر چڙو دهمان لاءِ پنهنجو دفعدار ۽ اردلي منزل نهرائڻ لاءِ موڪلبا هئا ته چورن ڪي ڦقڙي وني ويندي هئي. چؤطرف چوبول ٿي ويندو هو. جن ڪي چوريءَ جي جن ڪن به ڪانه هوندي هئي، سي به پٽڪا ميڙ ڪيو پيا چورن ڪي ستائيندا هئا: ”اڙي انسپيٽر گونث بشڪ شاه ٿو اچي. سڪن سان آلا به ٻري ويندا. اڙي ڏير به پاڃائن سان ليي پوندا آهن، هيءَ ته ٽڪي جي چوري آهي، ڪو ڪهندو ڪونه. هي ڪپو هٿ ڏاڙهيءَ تي، تنهنجو نالو به ڪونه ڪڍبو.“

اهڙي طرح فريادي جي هڪدم حق رسي ٿي ويندي هئي ۽ انسپيڪٽر صاحب کي به هيڊ ڪوارٽر ۾ ئي مبارڪ ملي ويندي هئي. فريادي پاڻ ٻانهون ٻڌي اچي ڪيس چوندو هو: ”بس سائين تنهنجي مهرباني.“

ڪيس جاچڻ ڪرڻ جو ڪو ڏانءُ هو. اهي اهي ڏوهه، جيڪي حد جا صوبيدار ۽ انسپيڪٽر وڃائي وهندا هئا ۽ جن جي 173 به نڪري ويندي هئي، سي به شاهه، ان حد تي بدلي ٿي اچڻ بعد، منٽن ۾ لهندو هو. واردات تي لهندو هو ته جملي چورن کي پنهنجي اڳيان قطار ۾ ٻيهاري زيرن زبرن سان گاريون ڏيندو کين چوندو هو: ”اڙي منهنجو نالو ٻڌو اٿو؟“

سڀ ڪنڌ ڌوڻي هائو ڪندا هئا. هو ڪنهن کان گهڃهو هو پلا!

”پوءِ هڪدم چوري ڏيو. مان ڪڏهن خالي ڪونه موٽيو آهيان ۽ نه ڪڏهن رڪاٽ تي بار وڌو اٿم ۽ هو شهپرن کي وٽينديءِ چوندو هو. ”ڏسو، جي ساڳي چوري نه ملندي ته به اوهان جا مال ماري ٻيٽي چوٽي چوري پرائبي. اوهان جي ننگن جي جيڪا بي عزتي ٿيندي، سا تنهن کان الڳ. ان ڪري اشراف ٿيو، چوري ڏيو. هاڻي وڃو صبوح جو اچي جواب ڏجو.“

صبوح جو چوري سئي سڳي سان اچي سندس اڳيان حاضر ٿيندي هئي ۽ چور انجام مطابق سهنڌڙ هرج خرچ پري ٻانهن لوڏيندا ويندا هئا. پوءِ ڪٽي بالا عملدارن جو ڪيترو ئي زور پوي، اهي چور چالان نه ڪبا هئا، هرويرو ڪو بالا عملدار ٽڻ مڻ ڪندو هو ته ڪيس ڪتو جواب ڏبو هو ته وڃو، جيڪو باسي تنهن کي پلي چالان ڪيو. هڪ ڀيري ڪنهن وڏيري وڏڏٽيءَ جي چوريءَ ۾ ناظم پاڻ متس زور رکيو: ”شاه جوابدار چالان ڪر.“

”ڪير چالان ڪيان سائين؟“

”چوريءَ جا چور – جن چوري ڪئي.“

”سائين، ائين ڪٽي سمجهو ته مان ئي چوري ڪئي هئي.“

قدر شناس ناظم سندس اهو جواب ٻڌي ماٺ ڪري ويو هو. اڳين جڳ جا حاڪم پنهنجن لائق زيردستن جا انگل سهندا هئا. پر جيڪڏهن ڪنهن چور کي مالي مني لڳندي هئي ۽ ساڻس ڪونه باسيندو هو ۽ خدا به خير ڪري، اها چوري متس ڦاٽي پوندي هئي ته ان جي ڪل به ڪري ويندي هئي. جيترا ڏينهن انسپيڪٽر شاه ان حد تي هوندو هو ته ان چور کي گهر جي ماني ڪائڻ ڪونه ڏني هئي. جي هڪ ڏوه مان ڇٽندو هو ته جيل جي دروازي کان ٻاهر نڪرندو مس هو ته سندس سوار وري ان کي گهلي اچي ٺاڻي ۾ هڻندا هئا ۽ ان رات ئي رسي ۾ رنبي سان 109 ۾ چالان تي ويندو هو. اها انهن لاءِ ڪتي گوري هئي. هڪڙي چور ته فتويٰ وقت ماجسٽريٽ کي هٿ ٻڌي عرض ڪيو هو: ”سائين، مان ڏوه جو قبولدار آهيان، مون کي ڳپل سزا ڏجو.“

”اڙي چو تو وڌيڪ سزا گهرين؟“ جج مشڪندي پڇيو هو.

”ان ڪري سائين، جو هتان ڇٽندس ته انسپيڪٽر شاه ڪنهن نه ڪنهن ڏوه ۾ ناحقي چالان ڪندو ۽ اجائي گيهه ٿيندي، تنهن کان جيل ۾ چڱو آهيان.“

پر جڏهن ملڪ جو ڦرڪو ڦريو ۽ سمورو ملڪ ون يونٽ تي ويو ته هڪ نئون ايس پي بدلي تي آيو. سندس ٿلهي بدن کي ڏسي چيائين: ”تون پڪ رشوت تو ڪائين. ان ڪري

رٽائر ڪري، متان ڪو جوڪو رسئي.“ هي مڙس اهڙو لکڻ سهڻ وارو ڪتي هو ۽ هن ٻه اتي جو اتي درخواست اچلي ڏني ۽ چيو: ”صاحب، پوليس ڪاتي ۾ مصلي تي نماز نه تون ئي پڙهندو آهين ۽ نه مان جو ڏاڙ هٽان، اهڙا جي پاڪ دامن ليني ته پلي ٻيا ڳول.“
هن تڙ تڪڙ ۾ پنشن ته ورتي، پر ڪيس ان وقت اهو خيال ڪونه آيو ته نوڪريءَ تان لهڻ بعد ڇا ٿو ٿئي؟ هن سمجهيو هو ته رٽائر ڪرڻ کان پوءِ سندس وقت عزت جو گذرندو، چار ماڻهو سلامي هوندا ۽ جي ڏوهن جون جاچون ڪري نه سگهندو ته به ڄاچ عملدار ۽ ٻيا زميندار زنب ڏوهن جي پيداواري جي طريقن تي صلاحون ڪرڻ لاءِ پيا وٽس ايندا، مڙيئي وٽس ڪچهريون لڳيون پيون هونديون، پر جڏهن هن ڏٺو ته جن ماڻهن جي وٽس گيگهه پئي پوندي هئي، تن ڪيس به آگريون نرڙ تي رکي سلام ڪرڻ جي ضرورت به نٿي سمجهي، ته هن جو هياءُ ڪاچي ويو. سندس وڏي اوطاق، جنهن کي هن اهڙي ڪچهرين لاءِ وڏي شوق سان نهرايو هو ۽ جنهن ۾ پنهنجي لاءِ هڪ وڏي آرام ڪرسي ۽ ملاقاتين لاءِ به ڊزن کن موڙا پيا هوندا هئا، سا گهڻو ڪري خالي پئي هوندي هئي. هو روز شام جو گهران نڪري، اوطاق ۾ اچي، پنهنجي وڏي آرام ڪرسيءَ تي ويهندو هو ته سامهون چڙو سندس پراڻو اردلي ئي ويٺل هوندو هو. سڄو وقت چپ پيڪوڙي ماٺ ڪري ويهڻ به هڪ ڏکي ڳالهه هئي، ان ڪري وقت ڪاٽڻ لاءِ هيڏانهن هوڏانهن جون ڳالهيون پيون ٿينديون هيون، جي ڦرندي گهرندي پراڻي وقت جي لڏل ڏوهن ۽ ڄاچن تي وڃي بيهنديون هيون.
”ڪينئن ڪوڙا خان، هو واطڻ وارو ڏاڙو ڪينءَ لڏو هئوسون!“ ”ڪوڙا خان، ناريجن واري خون ۾ جوابدارن کي گهٽي سزا آئي هئي؟“
سندس اردلي ڪوڙو خان، جو پيتيءَ ۾ تهه ٿيل سندس يونيفارم ۽ ڪاري اسٽڪ وانگر، سندس رعب تاب جي زماني جي آخري بچيل نشاني هو ۽ جنهن جو ان زماني ۾ ڪم پنهنجي صاحب جي خدمت ڪرڻ ۽ ننڍن زيردست عملدارن جي ورتل رقمن جي جاسوسي ڪرڻ سان گڏ، ڄاچن ۾ جوابدارن جون گوڏيون لهرائي سندن پير ڪٽائڻ ۽ ٻه ٽي موچڙا هڻائي، جهل جهل ڪري جوابدار کي ٻاهر ڪڍي ڏوهه ٻاسائڻ هوندو هو، سو به اهڙين ڳالهين جي ٻڌڻ ۽ ٻڌائڻ جو شوقين هو. شاهه صاحب جي رٽائر ڪرڻ کان پوءِ هن جي لئي به ختم ٿي وئي هئي. نوڪري جي زماني ۾ خاص اردلي هئڻ سبب سندس هٿن مان هزار ترڪندا هئا ۽ ڪو خاص حساب ڪتاب ڏيٺو نه پوندو هو، پر هينئر ان ڏيڍيءَ وارن جي رپئي ڏيڍ جي حساب تي روزاني ڪر ڪر ڪيس پسند ڪانه هئي. ان ڪان سواءِ نوڪريءَ واري زماني ۾ ڪيس هر موسم ۾ پوليسي ڊريسون،

نوان بوٽ ۽ چمپلون به ملنديون رهنديون هيون ۽ هينئر واقف سپاهين سڙن ڪان چوڙيل ڪپڙا ۽ بوٽ وٺڻ لاءِ به ڪيس سوين نخرا ۽ مهٽا سهٽا پوندا هئا. ان ڪري هن کي شاه جي پينشن تي لهڻ ڪري، وڏو ڏک هو ۽ هو هميشه پنهنجي دوستن کي چوندو وتندو هو: "اڙي پڌو! ايس پي صاحب سائينءَ کي گهرايو هو. ڪيس چيائين ته ڏوه وڌي ويا آهن، پيداواري ڪانه تي ٿئي، تون وري اچڻ قبول ڪر ته گورنمنٽ سان لکپڙه ڪيان، پر سائين انڪار ڪري آيو."
شاه صاحب جڏهن ڏوهن ۽ جاچن جون ڳالهيون ساڻس ڪندو هو، تڏهن ائين محسوس ڪندو هو ڄڻ سندس صاحب ان ساڳي نوڪريءَ ۾ آهي ۽ هن جي هٿن مان ائين ئي ٽا هزار ترڪن. اهي ڳالهيون ٿوري پر سڪيي وقت ڪاٽڻ جو هڪ آسان مشغلو هو ۽ پنهي کي پسند هو. ڪوڙي خان ڳالهين ڳالهين ۾ ٻتي پيرا ڪيس صلاح ڏني هئي ۽ شاه صاحب به سندس صلاح مجي لڪ چپ ۾ ٻيهر نوڪري تي چڙهڻ جي ڪوشش ڪئي، پر هن پنهنجي هٿن سان پينشن جي درخواست لکي ڄڻ ته پاڻ قبولداري ڏني هئي، جنهن کي ڪو ٽاڪو لڳڻ ممڪن ڪونه هو. شهر وارن تي اثر وجهڻ لاءِ هن پنهنجي واقف صوبيدارن ۽ انسپيڪٽرن ڏانهن سفارشي چٺيون به لکيون هيون، پر اهي چٺيون ڪنهن وٽ پاس نه پيون. سندس رهيل کهيل کي ليپو تڏهن آيو، جڏهن سندس اردلي ڪوڙي خان ٽڪي جي ڪاسائي ڪان ڳاريون ڪائي متي ۾ ڏڏڙ وجهائي اچي ڪيس دانهن ڏني. شاه صاحب پڙڪو ڏنو:
"اڙي، منهنجو به پؤ نه ٿيو يان ....... ڪي؟"
"هون، توهان جو پؤ هاڻي چو ٿيندس! مان سوئر جي پٽ کي چيو ته شاه صاحب ابتو تنگرائي ڇڏيندءِ، پوءِ خبر اتو! چا چيائين؟"
"چا چيائين؟"
"چيائين بس ايمٽان متندي سو تيل تي پوندو." ڪوڙي خان به رڪٽي ڪانه رکي.
"وڃ هڪدم ٿاڻي تي فرياد ڪر، 107 ڪ. پ. ڪ ۾ - مان بيان ناهي تو ڏيانءِ."
"اتان به تي آيو آهيان." ڪوڙو خان ڏنڪ سان چوڻ لڳو. "صوبيدار کي کهڙي پرواه، چيائين ته تون وڃ جاچ ڪنداسون. پڇيومانس ته ڪڏهن اچان؟ چيائين ته اچڻ جو ڪو ضرور ڪونهي."
فرياد به ڪونه ورتائين 154 ۾؟"
"روزنامچي ۾ ئي داخلا نه رکيائين، 154 ته پري رهيو."

شاه صاحب چپ پڪوڙي ماٺ ٿي ويو. هو سياڻو هو ۽ سمجهي ويو ته هينئر چپ چاپ زندگي گذارڻ کان سواءِ ٻيو چارو ڪونه هو. اها ڪرسي، جنهن کي هرڪو نوڙي سلام ڪندو هو، سا ڪانئس ڪسڪي نڪري وئي هئي. ڪوڙو خان جنهن کي گارين جو وڏو سور هو ۽ جو مارڪيٽ ۾ پنهنجي دوستن دڙن اڳيان وڏي ڏاڙ هڻي آيو هو، تنهن کي ان چپ تي ڏاڍي منيان لڳي ۽ هو خار ۾ چوڻ لڳو: ”ڪجهه ته مزو ڏيکاريو ڪتي جي پٽ کي.“

”چا ڪيون، ڪوڙا خان!“

”تون انسپيڪٽر آهين، توکي سڀ پانور آهن.“

”آهيان نه چؤ ڪوڙا خان، هوس.“ شاه صاحب کيس فرق سمجهايو، پر ڪوڙو خان جنهن کي اٺ وانگر پتو ئي ڪونه هو، سو اهي فرق ڪٿي ٿو سمجهي؟ هو وري چوڻ لڳو: ”پنشن تي آهين ته ڪهڙي ڳالهه آهي، آهين ته انسپيڪٽر!“

شاه ٿڌي تي ڪو جواب ڪونه ڏنو، پر ٿوري دير ڪنڌ سيني سان هڻي سوچيندو رهيو ۽ ٻيل دير کان پوءِ سوچي سوچي هن ڪنڌ مٿي ڪنيو ۽ چيو: ”چڱو منهنجي هڪ ڳالهه ٻڌ ۽ ان جو جواب ڏي.“

ڪوڙو خان ماٺ ڪري ٻڌڻ لاءِ تيار ٿي ويو ۽ شاه صاحب کيس ڳالهه سمجهائڻ لڳو: ”ڏس، فرياد داخل ڪندا هئاسون ته چورن کي ڦرڪٽي هوندي هئي، پر جڏهن واردات گذري ويندي هئي ته پوءِ ڪنهن کي پئ هوندو هو؟“

”پوءِ پئ جو ٿيندن سائين؟“

”بس ائين سمجهه ته مان به هڪ گذريل واردات آهيان، جنهن جو ڪنهن کي پئ ڪونهي.“

ڪوڙو خان اهي اکر ٻڌي مپ هڻي ماٺ ڪري ويٺو رهيو.

شاه صاحب کيس ڪجهه نه ڪڇندو ڏسي چڙي ويو، ”اڙي تون جو چوين ٿو ته مون کي سڀ پاور آهن: اهي پاور آهن ڪاٿي؟“

ڪوڙي خان وري به حرام جو اکر ڪڇيو ۽ چپ ڪري ويٺو رهيو، ڄڻ سڪي ويو هجي. شاه صاحب ڏانهس تڪيندي ٿڌو شوڪارو پريو ۽ آهستي، پيار سان کيس سڏ ڪيائين: ”ڪوڙا خان!“

”جي سائين.“

”جي ڪنهن ڏوهاري خلاف فرسٽ رپورٽ داخل ڪندا هئاسون ته چا ڪندو هو؟“

”سائين، هو يا ته اسان سان منهن ڏئي جان ڇڏائيندو هو يا روپوش ٿي ويندو هو.“

”پاڻ کي ٻہ منهن ڏيڻ جي ڪا طاقت ڪانهي ڪوڙا خان، اڄ تہ تون ۽ مان روپوش ٿي وڃون.“
ستت ئي اوڙي پاڙي جي ننڍن ڇوڪرن سندس عجيب هلت تي ڪچڪو ڪري هوريان ڌيمي آواز ۾ مٿس چٽرون بہ ڪيون تہ بہ هو ائين لنوائي ويو، جيئن هو پنهنجي زماني ۾ ڪنهن ”اڻ ٻڌڻ جوڳي ڏوہ“ جي فرياد داخلا ڪان لنوائيندو هو. ڪوڙي خان، جنهن اهو سمورو لقاءُ ڏٺو پئي، تنهن ڪان اهو مقرر ڪيل فيصلو وسري ويو ۽ هو خار ۾ چوڻ لڳو: ”ڇئبو تہ هاڻي اسان کي آڱوني جيترا ڇورا بہ ڇيڙائيندا. ائين ڪونہ ٿيندو.“ ائين چوندي هو هليو ويو ۽ هڪدم اهي جملي ڇوڪرا گهلي اچي سندس اڳيان ائين بيهاريائين، جيئن ڪنهن زماني ۾ سندس اڳيان جوابدار بيهاريندو هو. شاهہ صاحب ڪوڙي خان کي ناڙڻ لاءِ ڇوڪرن کي گارين سان رنڌي ڇڏيو. ”مادر...... پان...... توهان سمجهو ٿا تہ مان رٽائر ڪيو آهي تہ مري ويو آهيان. اڙي اڄ بہ اوهان جي پين ڏاڏن جون ڏاڙهيون پٽي تري ڪرڻ جا پاور مون کي آهن. اڙي ڪيو اٿ ويهہ.“
ڪوڙي خان جنهن کي اهڙا جوش ڏٺي ڏينهن ٿي ويا هئا، تنهن جي مٿان جڻ ڪوري دلي جو ٿڌو پاڻي پئجي ويو ۽ هڪدم پراڻي جوڻ ۾ اچي هٿ ٻڌڻ لڳو: ”سائين، جوابدار قبولدار آهن. اڄ معافي ڏيون، آئينده ائين نہ ڪندا.“
”نہ نہ، هنن کي ائين معافي نہ ملندي. ڪٽي آ نيٽي لڪڻ تہ پهريون سندن ڪل لاهيان، پوءِ هٽين لاڪپ ۾.“
”نہ سائين، هنن کي معافي ڏيو، مان سندن ضامن آهيان.“
”اڙي تون ضامن ٿو پئين؟“
”ها سائين، مان ضامن آهيان. آئينده چال سڌاريندا.“ ائين چئي ڪوڙي خان ڪن گوڇي ڪنڌڙ ڇوڪرن ڪان پڇيو: ”اڙي ضامن کي تہ نہ مارائيندؤ نہ؟“
ڇوڪرا، جي اهڙيون مخرج سان گاريون ٻڌي هيسجي ويا هئا، تن ميسٽو منهن ڪري ڪيس ضامن پوڻ لاءِ ايلاز ڪيا.
”چڱو وڃو مادر.... اڄ توهان کي معافي آهي، پر جي آئينده ڪا بدمعاشي ڪيو تہ پوءِ سر جو خير نہ گهرجو.“ شاهہ صاحب گجگوڙ ڪندي چيو.
ٻئي ڏينهن صبوح جو هو هوا خوري لاءِ نڪتو تہ روڊ تي ڪيس ٽاٽي احمد پور جي حد جو وڏيرو سرائي رازق ڏٺو مليو. هو ان ٽاٽي تي ايترو تہ گهڻو وقت رهيو هو، جو هن ڪان ان حد جي ڪا ڳجهائي ڪانہ هئي. سرائي رازق ڏٺي سان تہ وري سندس گهڻي ديگهہ هئي، جو هو سندس هر ڪيس جي مشيريءَ ۾ ئي هوندو ئي هوندو هو.

ان ڪري سلام جو جواب ڏيئي اڳتي وڌڻ هن لاءِ ڏکي ڳالهه هئي. هن سرائي کان پڇيو: ”ڪيئن سرائي، خوش آن نه؟“

”ها سائين، مڙيئي رب جون مهربانيون، اوهان جون دعائون.“

”ڪيئن آيو آهين هتي؟“

”سائين، هڪ غريب هاريءَ جي چوري ٿي وئي آهي، ان جو فرياد داخل ڪرائڻ آيو آهيان.“

”اڄ ڪلهه اوهان وٽ ڪير آ؟“

”سائين دريشاڻي انعام الله.“

”اڙي هو مون وارو جمعدار!“

”مڙيئي سائين، رب جو جوڙ! ڪنهن جي پاڳ سان ڪهڙي ريس، اوهان نه سائين خوش آهيو نه؟“

”پيا تڳون، سرائي.“ شاهه صاحب پنل دل سان جواب ڏنو. هن جي مرضي هئي ته جيڪر سرائي سان زماني جي ناقدريءَ جي شڪايت ڪري.

”واهه سائين، اوهان نه ائين ڳالهايو جڻ ڪو توهان کي نٿو ليکي.“

”ليڪڻ جي ڳالهه ڪانهي سرائي، ڪراڙو ٿي ويو آهيان.“ شاهه صاحب ڳالهه بدلائي ويو.

”سائين، شينهن کي ڪراڙا ٿيندا آهن؟ مان ڪلهه اوهان جي پاڙي مان جو لنگهيس نه اوهان جي گارين جي ڳئي پئي پئي. وهيءَ جون سکون پئي لاٿو، مان نه ڪڙين تي زور ڏنو. ڪير هئا اهي سائين؟“

شاهه صاحب سرائي رزق ڏني ڏانهن غور سان ڏٺو، جيڪو ان وقت به ائين مرعوب پئي نظر آيو، جيئن سندس نوڪريءَ واري زماني ۾.

”ڪلهه صبوح، سرائي؟“ شاهه صاحب ڪنڌ هيٺ ڪري ائين چيو، جڻ هو ياد ڪندو هجي ۽ ٿوري دير کان پوءِ هن ڳالهه مٿي ڪري چيو: ”ها، اهي ٻني هسٽري شيٽر هئا. سڄو شهر تاراج ڪري ڇڏيو اٿائون. سرائي، پينشن تي آهيون نه ڪهڙي ڳالهه لندو ڀهڙن تي ڪنٽرول رکٽو تو پوي.“ شاهه صاحب ائين چئي شهپر وٺڻ لڳو.

”بيشڪ سائين، بيشڪ، اوهان جو دٻدٻو قائم آهي.“ سرائي ڪنڌ لوڏي چوڻ لڳو.

پوءِ جڏهن سرائي کان موڪلائي شاهه واپس گهر ڏانهن اچڻ لڳو، تڏهن سندس جنگهون، جي اڳ گهلبيون اينديون هيون، سي ڦڙت ٿي ويون، سندس ڪاري ڏنڊڪي پراڻي دستور موجب بغل هينان اچي وئي ۽ سندس ڳاٽ اوچو ٿي ويو. هن اچڻ سان پنهنجي اردليءَ کي چيو: ”حوالدار ڪوڙا خان، انهن وات ڳاڙهن چورن جو دماغ

تيستائين نہ سڌرندو، جيستائين ساڻس روز ڪارروائي نہ ٿيندي. انهن کي روز گهلي وٺي ايندو ڪر.“

ڪوڙو خان، حوالدار جو لفظ ٻڌندي ئي پراڻي جوڻ ۾ اچي ويو ۽ هڪدم ڪڙو ٿي ايس پي صاحب جي اردلي کان ايلاز ڪري ورتل ”چڳل لانگ بوٽ“ جي کڙين کي زور سان ملائي، پراڻي دستور موجب سيلوٽ هنيو.

# زر ۽ زور

جيڪڏھن منشي ڪنياتي مل اسپيشل اوورسيئر جي جوڙيل نقشي سال 1906ع تي نظر وجھبي تہ ڏيھ سنجر خان ۽ چانڊڪيءَ جي پرسان ڪيٽي نورپور تي نظر پوندي. ان ڪيٽيءَ جي ايراضي ايتري تہ وڏي آھي جو سڄو ڏينھن پلو وھٽ ڊوڙائجي، تہ بہ رات اڌ ۾ پوي. ٻين ڪيٽين وانگر ان جي آبادي بہ درياہ شاہ تي ٽيندي آھي. جيتوڻيڪ درياہ شاہ مان ڪيترا واھڙا وھي پڪي پر ڪي آباد ڪن ٿا، تنھن ھوندي بہ ساوڻ ۾ مھراڻ ڪي موج ايندي آھي تہ چوڌ طرف اٿل ڪري اچ تي ويندي آھي. اھي ٻتي ڏينھن تہ ماڻھو ڏک سک ۾ ڪاٽين، پر جڏھن پاڻي لھي وڃي تہ زمينون ڦنڊي ڪپھ جھڙيون اڇيون ٿيون پون، جو ماڻھو پوکجي اھو بہ ڄميو پوي. پڪيءَ پر جون زمينون سالن ڪان ڏوبارن فصلن ٽيڻ ڪري ٿڪجي پون ۽ منجھن پوک ليلھائي نڪري، پر ڪچي ۾ ھڪ ڪانوڙي ھر سان رائي جھڙو ڪچو فصل بہ مھيني ڪن ۾ اھڙو تي پوي، جو خون ڪري ڪٽي اچل، حرام جو ڪنھن کي پتو پوي. ڪڏھن ڪڏھن قسمت سان ڪيٽي نہ ٻڏي ۽ ارڙ تي پوي تہ پوءِ ماڻھو نار چاڙھين. اس ڪاڌل زمين ۾ جوئر جو فصل اھڙو پلو ٿئي، جو زميندار جون بہ تسميءَ ۾ بہ پليون پرجي وڃن ۽ ٻانھن جھڙن ٿلھن ڪانن جا ڪرا تنھن ڪان الڳ.

اھا ڪيٽي ٽرانسفر وقت ايتري تہ ننڍي ھئي، جو سروي وارن ان کي پر واري ٻي ڪيٽيءَ سان ملائڻ جي سفارش ڪئي ھئي، پر درياہ جي پائيندڙ سبب ان ڪيٽي جي ڊنگ ۽ ڊڙيون پائجي ويون تہ ان جو مالڪ جو اچي وارو وريو. مڙس پڙھيل ڳڙھيل ۽ لھ لحاظ وارو ھو. آفيسرن سان رسايون ڪرڻ سبب اھڙو قرڪو قري ويو، جو سندس ڪيٽي اڳي ڪان چئوٽي پنجوٽي تي ويئي. جيئن لشڪر ڪان سواءِ سلطان ٿيڻ بہ ھڪ مشڪل ڳالھ ھئي، ان ڪري ڪس ڪسرون ڪائي ڪارائتا راڄ ورھاياڻين: ايتري قدر جو ھڪ لڳا ضلع انگريز حاڪم وٽس شڪار تي آيو ھو تہ شاھي بند ڪان پنھنجي ڳوٺ تائين پريا پنج ميل ڪڪائين سڙڪ جي ٻنھي طرفن ڪان ماڻھو ماڻھوءَ ۾ بيھاريو ھئائين. اھي سلاميون وٺندو، جڏھن صاحب سندس اوطاق تي پھتو ھو، تڏھن جيپ مان لھندي ئي سون ماڻھن جي سامھون ڪيس چيو ھئائين: ”ويل ڊن خان صاحب: ڊاڍو خوش ٿيو آھي.“

ان مهل ئي صاحب جي ان قدر شناسيءَ جي خبر چوڙاجي ۾ پئجي وئي هئي ۽ ان ڏينهن کان پوءِ، هو خانصاحب سڏجڻ لڳو هو.

گذريل رات خان صاحب ڪچهري ڪرڻ بعد گهر موٽيو هو تہ سندس قدم اڙيا ڙيا پئي پيا. سندس وڏي گهر واري، عبدالمجيد ماءُ جو هن جي اهڙي حالت ڏٺي تہ هن ٻڪي وجي کيس ٽيڪ ڏني ۽ آهستي آهستي اچي کيس هنڌ تي سمهاريائين. وڏي اسر جو هوءَ وري اٿي تہ وڏيري پويان پساه پئي کنيا. سندس رڙين تي گهر جا سمورا ڀاتي ڀڳا آيا ۽ هينئر سندس کٽ چوڌاري ٻنهي زالن کان سواءِ ٻئي جوان جماڻ پٽ عبدالمجيد ۽ عبدالهادي بہ وينا هئا، جن جون اکيون پنهنجي پيءُ جي سڪرات ۾ ڦڙڪندڙ چپن کي ڏسڻ بعد هڪ ٻئي سان پئي مليون تہ انهن ۾ نفرت، ڪيني ۽ ساڙ کان سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ ڪونہ هو.

حويلي ۽ ان جي شاهي ڪوٽ جي پرپرو تي لئي اوطاق ۾ جيڪا سانوڻ ۾ ڪاندبرن جي ڦوهارن ۽ هر وقت جي ڇٽڪار سبب ٿڌي بهشت ۽ سياري ۾ ڪٽن جي وچ ۾ وڏي مچ سبب گرم لڳي پئي هوندي هئي ۽ جنهن ۾ وڏيري جي بلگاري حقي مان نڪتل ٿڌو دونهون چانيل هوندو هو، ماٺ لڳي پئي هئي. رکي رکي ڪمدار غلام محمد جيڪو پٽ تي کٽ جي سيرانديءَ کي ٽيڪ ڏيو وينو هو، تنهن پئي وڏيري جي حياتيءَ جون دعائون گهريون. ڪمدار غلام محمد وڏيري جو ننڍي هوندي جو سنگتي هو ۽ ڏکن سکن ۽ جهيڙن جهٽن ۾ ساٿس گڏ گذاريو هئائين. وڏيري کي بہ سندس خدمتن جو قدر هو ۽ سندس ڪا ڳالهہ ڪونہ موٽائيندو هو. جي هڪ ڳالهہ موٽائي بہ هيائين تہ کيس ان جو احساس هو ۽ ڪڏهن ڪڏهن ٿڌو شوڪارو ڀري چوندو هو:

”ڪمدار، تون سچو هئين، پر ان وقت عشق انڌو ڪري ڇڏيو هو. سوچيو هوم تہ لوڙها ٽپڻ واري بدناميءَ کان بہ ٻول پڙهائي پاڻ تي حلال ڪري ڇڏيان.“

”ها سائين، لڳي پروان آ، ڪئيءَ ڳالهہ کي جوان ئي نيائيندا آهن.“ ڪمدار بہ کيس دلداري ڏيندو هو. ڪمدار جي اڳيان پيل حقو نري ويو. هن کي رکي رکي راتوڪي ڳالهہ ياد پئي آئي، جنهن جي ٻڌڻ کان پوءِ وڏيري جو ڦرڪو ڦري ويو هو. هن اها ڳالهہ ڪيترن ڏينهن کان سانڍي رکي هئي پر رات ڳالهين ۾ ڪانئس نڪري وئي هئي. ٻئي ڄڻا اڪيلا وينا هئا ۽ هيڏانهن هوڏانهن جون ڳالهيون ڪري رهيا هئا.

”ڪمدار، وهي وئي.“ وڏيري ٿڌو ساه ڀريو هو.

”ها سائين، ڪماليت کي نيٺ زواليت آ.“

”بيشڪ، يار، هاڻي تہ پاڻ ڪان هوترو پنڌ بہ گھوڙي سواري نتي پڄي، لڳ ائين تا ساڻا تي وجن جو سڄو ڏينهن ڪا ڪوڙر هنئي هجيم.“ وڏيري ٿڪل آواز ۾ چيو هو.
”بس سائين، هاڻي هڪ ڳالھ ڪر. واندڪائيءَ ۾ پنهنجي جيئري ئي ڪانو ڪٽي ورهاست ڪري ڏيون.“
”پاڻ ۾ چڱا نتا هلن چا؟“
”الئي سائين، پرائي دل پرديس آ.“
”ڪمدار، ڪا ڳالھ آ چا؟“ وڏيري کي وسوسو تي پيو هو.
”ڳالھ تہ ڪا ڪانهي سائين، ائين تنهنجي آرام لاءِ چيم.“
”ڪمدار، توکي سؤ ڀيرا چيو اٿم تہ مون ڪان ڪا ڳالھ نہ رکندو ڪر.“
”ابا، توکان ڳالھ رکڻ حرام آ.“ پوءِ هن ڪان مهينن جي سانديل ڳالھ نکري وئي هئي:
”ڳالھ هينءَ آهي تہ عبدالمجيد خان جي سريت نوران آهي نہ، ان سان عبدالهادي بہ نهڪي ويو آهي.“
”گھوڙا! ناحق ٻي شادي ڪيم. ڪمدار، هيءَ ڳالھ تہ مڙسن جا ڪنڌ ڪپائيندي.“ وڏيري تپ ڏيندي چيو.
”سائين، خير جي تہ وائي ڪيڊ. الله تنهنجو سر سلامت رکي، ڪجھ ڪونہ ٿيندو.“
”اڙي اجا تو چئين ڪجھ ڪونہ ٿيندو.“ وڏيري رڙ ڪري چيو.
”سائين، آهستي تہ ڳالھاءِ، ڪو ٻڌي نہ وٺي.“
وڏيرو ڳالھ جي نزاڪت کي سهي ڪري ماٺ ڪري ويو. گھڻي دير ڪان پوءِ هن آهستي آهستي ڪنڌ مٿي ڪنيو ۽ هوريان چيائين: ”ڪمدار، جوانيءَ ۾ تون گلو ماڇيءَ جي گھر مندو هئين نہ؟“
”ها سائين، وهيءَ ۾ مڙئي هر ڪنهن تپ ڏنا.“
”ان ساڳي جاءِ تي منهنجي دل بہ هرکي هئي. نياپو موڪلڻ تي هوس تہ ڪنهن تنهنجي ڳالھ ٻڌائي. پوءِ جيتوڻيڪ تون منهنجو ڪمدار هئين، تہ بہ مان پاسو ڪري ويس. هي تہ سڀ پائر آهن.“
”اهو زمانو ٻيو هو، هي زمانو ٻيو آ سائين.“
”بس ڪمدار، زمانو زهير تي ويو.“ وڏيري پيرن ۾ بوٽ پائيندي چيو هو. سندس آواز روئڻهارڪو هو.
وڏيري کي حويليءَ جي وڏي در تي ڇڏي، ڪمدار پنهنجي گھر موٽيو هو تہ پاڻ کي اها ڳالھ نہ سانديڻ ڪري ڏاڍي ملامت ڪئي هيائين. اڌ رات تائين ڪيس فڪر ۾ ننڊ نہ آئي

هئي. اسر جي مهل پنکي ۾ هو ته وڏيرڪي نوڪر نربي جي سڏ تي سندس حياتي چڏائجي وئي هئي ۽ ان وقت کان اوطاق ۾ کٽ جي سيراندي کي ٽيڪ ڏيو، ٻئي هٿ مٿي تي رکيو پئي وڏيري جي حياتيءَ جون دعائون گهريائين. هن سان گڏ ٻيا ڪڙمي ڪڙا به وينا هئا. اوچتو سيني جا کن حويليءَ ڏانهن کڙا تي ويا، جتان روج ٻڌڻ ۾ پئي آيو. جيستائين ڪمدار کو ماڙهو پجائي، تيستائين حويليءَ مان ٻانهي پچندي آئي، جنهن جي ڏوڙ لڱل اگهاڙي مٿي ۽ چيهاڙيون ٽيل چولي سجو داستان ٻڌائي چڏيو.

صبح کو ساجهر حويليءَ جي شاهي اڱڻ ۾ هشام زائفن جا بينا هئا. پٽر جي وچ ۾ وڏي کٽ پيل هئي، جنهن تي ريشمي ۽ سوٽي اوڇڻ هينان وڏيرو ابدي ننڊ سمهيو پيو هو. ڳوٺ جو ملان حاجي ڪبير روپيو في قرآن جي حساب سان، خوش الحاني ۽ تکڙائيءَ سان قرآن بخشي رهيو هو.

هي قرآن شريف ڪريم تنهنجو،
خاص مکي محمد تي،
وسيلو ٻنهي جهانن جو،
واسطي آسان جي ٽيڻ عذاب سوڙه قبر جي،
واسطي سوال جواب منکر نکير جي،
هن ميت کي تو بخشايان،
تون بخشينس.

جڏهن سج مٿي چڙهيو، تڏهن ميت کي ٻاهر آندو ويو، جتي به قرآن بخشائڻ کان پوءِ وڏي پٽ عبدالمجيد خان کان اجازت وٺڻ بعد جنازي نماز پڙهي هئي. لحد ۾ لاهڻ کان اڳ ملان آخري ڀيرو ڪفن سوري منهن ڏيکاريو ته هر ڪنهن ڏٺو ته شمع وانگر ٻري رهيو هو.

پوءِ جڏهن مٽيءَ جي شيءَ مٽيءَ ۾ رلجي وئي، جڏهن ڪانڌي خالي کٽ ۽ خالي اوڇڻ جي ڳنڊ ٻڌي واپس موٽي آيا، جڏهن سجو راڄ ياڳ رضا الله ۽ پڳ ٻڌائڻ لاءِ عبدالمجيد خان اڳيان وينو هو، تڏهن ڪمدار جو عبدالهادي خان کي وٺڻ ويو هو، سو واپس موٽي آيو ۽ راڄ ڏانهن منهن ڪري چوڻ لڳو:

”هڙو انڌير، عبدالهادي خان تو چوي ته مان راڄ کان عذر پنهنجي اوطاق ۾ جدا وٺندس.“

”هتي نٿو اچي؟“ عبدالمجيد خان ڪمدار کان پڇيو، جو ياءُ جي انتظار ۾ وينو هو ۽ عذر ڪونہ ورتو هئائين.
”نہ سائين.
”ڇو؟“
”ڇئي ٿو تہ دشمن وٽ عذر ڪونہ ونبا آهن.“ ڪمدار ٻڌايو.
”وجي ڏوڙ پائي، پڙهو قل.“ عبدالمجيد خان ڪي خار اچي وئي.
”پر سائين، اڄ ئي اهڙي وجوٽي ڪيو تہ اڳتي الائي ڇا ٿيندو.“ ڪمدار سوچيندي چيو.
اها وجوٽي تڏهن هيڪاري وڌي وئي، جڏهن پورن پندرهن ڏينهن بعد هڪ شام جو حد جي ڪوٽوار، اگهڻ مختيارڪار صاحب جو نوٽيس ڏئي عبدالمجيد خان کان صحي ورتي. پڙهندي ئي ڪيس پيرن کان چوٽيءَ تائين باه وٺي وئي. نوٽيس ۾ لکيل هو:
”مانوارو وڏيرو عبدالمجيد خان ولد خان صاحب نور محمد خان زميندار ڪيٽي نورپور تعلقہ شڪارپور.
جيئن تہ مهربان عبدالهادي خان ولد مرحوم خان صاحب نور محمد سان زميندار ڪيٽي نورپور اسان کي تاريخ 10-4-54ع تي درخواست ڪئي آهي تہ فوتي خان صاحب نور محمد خان جي ڇڏيل ملڪيت ۾ اڌ حصي جو وارث آهي ۽ ڪيس ٠-٨-٠ آنين جي ورهاست ٿي ملي.
ان ڪري اوهان کي هدايت ٿي ڪجي تہ تاريخ 20-4-54ع تي پنهنجي ڪيٽيءَ ۾ حاضر رهندا، ٻي صورت ۾ يڪ طرفو فيصلو ڪيو ويندو ۽ پوءِ ڪو عذر ٻڌڻ ۾ نہ ايندو.
هي اوهان جي سڌ لاءِ لکيو ويو.
بحڪم مختيار ڪار صاحب تعلقو لب درياه.“
ڪمدار غلام محمد جو پرسان وينو هو، سو نوٽيس پڙهڻ وقت سندس نرڙ تي پونڊڙ گهنجن مان سهي ڪري ويو تہ ڳالهہ ڪا مڙيئي ڳري هئي. موڙي سيريندي ويجهو اچي ڪانئس پڇيائين: ”ڇا جو نوٽيس آ بابا؟“
”مختيارڪار نوٽيس ڏنو آهي تہ ويهين تاريخ عبدالهادي جي حصي جي ورهاست ڪندو.“ عبدالمجيد خان آهستي چيو.
”ڇگو ٿيو، پلي اچي.“
”ڇگو ٿيو؟“ عبدالمجيد خان رڙ ڪري چيو.

ڪمدار جو ٻوٿ ئي سڪي ويو ۽ ماٺ ڪري ويهي رهيو. ٿوري دير کان پوءِ عبدالمجيد خان ڪنڌ مٿي ڪنيو ۽ ڪمدار کي چيو: ”مان مختيارڪار کي چوندس ته هو بي نڪاحو آهي، سندس ڪو حق ڪونهي، پلي ڏئي ڪوئي سندس فائدي ۾ بيان.“
”ٿوري ملڪيت لاءِ پنهنجي مرحيات پيءُ تي ايڏو گلا جو گهانگهو ڏيندين، نينگر!“
ڪمدار پهريون ڪيس نرمائيءَ سان سمجهايو، پر پوءِ ڪيس اوچتو جهجڪي اچي وئي:
”ائين ڪونه ٿيندو، مان بيان ڏيندس.“
پوءِ عبدالمجيد خان کي پنهنجي فوتي پيءُ جي عزت جو خيال آيو يا پنهنجي ڪمدار جي راڄن ۾ اڪثريت ياد آئي، هو ان ڳالهه تان لهي ويو، نرمائي سان ڪمدار کي چيائين: ”معاف ڪجانءِ ڪمدار، ائين خار ۾ چئي ويس. تون پاڻ ئي ٻڌاءِ ته هن وقت جڏهن بابي جي ٻُني به ڪانه سڪي آهي، ڪيس اها درخواست ڏيڻ واجب هئي؟“
”اهو برابر سندس ڏوه آهي، پر هاڻي جيئن ٿيو آهي، تيئن ئي ڪبو.“
جيتوڻيڪ ويهين تاريخ مختيارڪار، عبدالهادي وٽ ئي منزل ڪئي، جو هو ان جي ئي درخواست تي آيو هو، پر جڏهن هو وٽس ويو، تڏهن مختيارڪار لانڍي کان ڏه پندرهن قدم ٻاهر نڪري سندس آجيان ڪئي. ورهاست وقت به سندس وڏائپ جو لحاظ رکندي ڪيس پگ ۾ وڏيڪ حصو ڏنائين، پر جيتوڻيڪ هو زماني طور مختيارڪار سان کلي ڳالهائي رهيو هو، پر تنهن هوندي به سندس اندر ۾ باه پري ٻيٺي هئي. هڪ ڀيرو ته ڪيس خيال آيو ته مختيارڪار کي چنڊ ڪڍي ۽ زمين جي ورهاست کان انڪار ڪري، پر هن ڪمدار جو لحاظ رکيو، جنهن مختيارڪار جي اچڻ کان اڳ ڪيس سمجهايو هو:
”نينگر، حاڪم فيل مست آهي ۽ ساڻن مقابلو ڪرڻ ڪنهن به حالت ۾ چڱو ڪونه آهي.“
جيڪڏهن عبدالمجيد خان نوران جي لڏڻ جا سانباها نه ٻڌي ها ته اهو ڳالهه مان ڳالهوڙو شايد نه ٿئي ها. لڏڻ واري ڳالهه به ڪمدار ڪيس ٻڌائڻ نه پئي گهري، پر سندس تيز مزاج جو خيال ڪندي صرف ايترو چيائين: ”سائين، صديق وارا لڏيا ٿا وڃن.“
”هان، ڪاڏي؟“ وڏيري کان چرڪ نڪري ويو.
”عبدالهادي خان پنهنجي ڪيٽي ۾ نئون ڳوٺ ٻڌايو آ نه، اتي.“
”وڃي جهلين.“ وڏيري تيزي سان چيو.
ويچاري ڪمدار ان حڪم کان اڳ ئي پنهنجي وسان ڪونه گهٽايو هو. هو ٻه ٽي ڀيرا نوران جي گهر ويو هو ۽ ڪيس ان فيصلي جو اڳو پيڇو سوچڻ لاءِ چيو هئائين، پر هن

تري تيل لائڻ ڪونہ ڏني هو. ان هوندي بہ وڏيري جي حڪم جي پوئواري خاطر هو وري نوران جي گهر ويو ۽ ويندي ئي کيس دڙڪو ڏنائين: ”نوران، وڏيري وڏي نياپو ڏنو اٿيئي تہ تون نہ لڏ.“

”چاچا، هاڻي ڪيئن مڙبو؟ صبح جو گاڏيون ايندين.“

ڪمدار کي خار اچي وئي. هن کيس کولي ٻڌايو: ”نوران، تون عبدالمجيد کي ڇڏي وري عبدالهادي تي آتر رکيا آهن، سا ڳالهہ تنهنجي لڏڻ کان پوءِ کانہ لکندي، وڏو کلم تي پوندو.“

”کير تو ائين چوي؟“ نوران پهرين پڪائي ڪئي.

”مان تو چوان، کيانءِ اچا پتا پڏرا؟“

”چڱو جي آهيان تہ آهيان، ڪنهن جي پرواه ڪونهيم.“

حالانڪ ڪمدار وري بہ وڏيري کي سموري حقيقت ڪونہ ٻڌائي ۽ کيس صرف ايترو چيائين تہ نتا مڙن، پر تنهن هوندي بہ ان ڪوڙ جو ڪو خاص فائدو ڪونہ پيو، جو ان ئي ڏينهن سومهڻيءَ جو جڏهن وڏيرو پنهنجي سر نوران کي پرچائڻ پئي ويو، تڏهن در جي چانئٺ ٽپڻ کان اڳ کيس عبدالهادي دوبدو ٽيو، جنهن جي ٽوڪ واري مشڪ کيس ٻي وک اندر کڻڻ کانہ ڏني. هو اتان ئي واپس موٽيو ۽ ايندي ئي ڪمدار کي چيائين: ”صديق وارن کي چؤ تہ هن مهل جو هن مهل ٽپڙ کڻن.“

عبدالمجيد خان اهو تڙ تڪڙ ۾ حڪم تہ ڏنو، پر پوءِ پورا پنج ڏينهن حويليءَ کان ٻاهر ڪونہ نڪتو. هن نوران لاءِ چا پئي سوچيو، جنهن جو قد مانجهاندڙيءَ وانگر سڌو ۽ ڏگهو هو، جنهن جو رنگ جوئر جي اٽي وانگر پورو ۽ ڳاڙهو هو، جنهن جون اکيون ڪجل بنا بہ ڪاريون هيون، جنهن جا چپ لاليءَ بنا بہ ڳاڙها هئا، جنهن جون چاتيون چوليءَ جي ٽيڪ کان سواءِ بہ ڪنهن جبل ٽڪر جون بہ جاڙيون چوٽيون هيون ۽ جنهن جو آواز اهڙو منو ۽ سريلو هو، جڻ وڏي اسر مهل ڪنهن نار ۾ ٻڌل ڏاند جون ٽليون پيون وڄن.

منڍ منڍ ۾ هن کيس لاٻارو ڪندي ڏنو هو تہ سندس قدم اڳتي وڌڻ کان پڙ ڪدي بيٺا هئا. هن محسوس ڪيو تہ ڪٽڪ جون ٽيليون جن کي مٺ ۾ جهلي، هن ڏاٽو پئي وهايو، سي کسڻ لاءِ ڀاڻ نوڙي سندس هٿن ۾ پئي آيون. ٻنيءَ تي بيٺي کيس ڳپل مهل ٿي وئي هئي ۽ اوسي پاسي لاٻارو ڪندڙ کيس عجب ۽ حيرت سان نهارڻ لڳا هئا تہ هو لاچار اڳتي وڌيو هو ۽ پويان ايندڙ عرضي ڪارائي کي چيو هئائين: ”اهو ماڻهو ڪيئن تو پائين عرضي؟“

”واه سائين، اهڙين جو بجو بہ پلو.“

پوءِ جي خبر ڪراڙي لالان کي هئي، جنهن روا لاهي، منتون ميڙون ڪري نوران جهڙي پٽر کي پاٽي ڪيو، نہ تہ پهرين دفعي تہ هن ترپون ئي تي هيون ۽ چيو هو: ”ماسي لالان، آهي بہ قادو تہ ناهي بہ قادو. وڏيري کي چؤ تہ مون کان پاسي ڪري لنگهي.“

”نياڳي، گدڙ جي لت کان هاٿيءَ جي لت چڱي اٿئي. گهر پري ڇڏينديئي.“ ڪراڙي لالان جا اهڙين ڳالهين ۾ پڙ هئي، تنهن ڪيس سمجهائيندي چيو هو.

پوءِ جڏهن وڏيرو پهرين انجام سان هڪ اونداهي رات وٽس ويو هو تہ هوءَ اڳ ۾ ئي سندس اوسيئڙي ۾ اپي بيني هئي ۽ ڪيس ايندي ڏسي چيو هئائين: ”ايتريون دوريون ڪبيون آهن وڏيرا.“

هينئر اها ئي نوران ڪانئس ڪسجي وئي هئي ۽ ساڻس اهڙي جٺ تي هئي، تنهن جي پلوءَ لاءِ هر ڳوري ڳالهہ پوري هئي.

اها هڪ اونداهي رات هئي، جڏهن سرخيءَ جهڙي اصل گهوڙي، عبدالهادي جهڙي شهسوار جو لاشو ڪٽي اچي ڳوٺ نڪتي. ماڻهن کي ڏندين آڱريون اچي ويون جو عبدالهادي جهڙي سوار، جو جڙ گهوڙين کي هڪ ئي هٿي ۾ ڪاهي سڌو ڪندو هو ۽ جو رڪيب مٿان رپيو رکي، اهڙو پختو تي ويهندو هو جو مجال ڪٽي روپيو ڪري، تنهنجو رڪيب ۾ قاسي ڪرڻ ۽ مٽڪو پڃائڻ اعتبار جوڳي ڳالهہ ڪانہ پئي لڳي.

انهن شڪ ڪندڙن مان ٻن پتين جو تہ شڪ ان وقت ئي لهي ويو، جڏهن عبدالمجيد خان پاءُ جي لاشي جو ٻڌي، پيرين متي اگهاڙو اچي پاءُ جي مٿان ڪريو ۽ پار ڪدي روئڻ لڳو. باقي ٽين پتي، جنهن جو مکيہ عبدالهادي جو ڪمدار هو، سو شڪ گمان لاهڻ لاءِ صبح جو ساجهر گهوڙيءَ جا ابتا پير ڪٽائي واردات ڏسڻ ويو هو، پر ڪانئس اڳ ڪنهن شنباٽي ٻروچ جي رڍن ٻڪرين جي ڌڻ لنگهڻ سبب پيرائي ڊهي ويا هئا.

البتہ عبدالهادي جي فوتي ٽيڻ کان بہ ڏينهن پوءِ، جڏهن هرکو اجا پٽر تي وينو هو ۽ رواج موجب متي ڏوءَ بہ ڪانہ تي هئي، تڏهن عبدالمجيد خان جي هڪ حڪم سندس پنهنجي ڪمدار جي دل ۾ انيڪ شڪ ۽ گمان وجهي ڇڏيا. هن حڪم موجب ڪيتي نورپور جو چاپي نقشو ڪٽي سندس اڳيان ميز تي کولي رکيو تہ سراسر اڌ کي ڳاڙهو رنگ آيل ڏسي، وڏيري ڪمدار کان پڇيو: ”هي پاسو چو ڳاڙهو آ؟“

”مختيارڪار جي ورهاست موجب هي پاسو اسان کي مليل آهي ۽ ان کي رنگ ڏنل آهي، بقايا اڄو پاسو عبدالهادي خان جو آهي.“ ڪمدار آڱر سان ڪيس نقشي جون ليڪون سمجهائيندي چيو.
”عبدالهادي جو نئون ڳوٺ ٻڌايو ۽ جتي صديق وارا وڃي وينا آهن، اها جاءِ ڪٿي آ؟“ وڏيري نقشي کي غور سان ڏسندي چيو.
”هيءَ چوڪڙي نئين ڳوٺ جي آهي. سنهن اکرن ۾ لانديون به لکيل اتو.“ ڪمدار نقشي ۾ هڪ جاءِ تي آڱر رکي. ان جاءِ تي ڪو رنگ ڏنل ڪونه هو. ”پر هينئر ته سموري ڪيٽي پنهنجي تي نه. پوءِ چو نه سڄي نقشي کي رنگ ڏئي ڳاڙهو ڪجي.“ ائين چوندي وڏيري سٽ ڏئي ڪوٽ مان ڳاڙهي پينسل ڪڍي ۽ پهريون ڳوٺ واري چوڪنڊي ٽڪر کي ڳاڙهو ڪرڻ لڳو. ڪمدار حيرت مان ڪنڌ مٿي ڪٽي وڏيري ڏانهن ڏٺو، جنهن جو منهن به خوشي ۾ پينسل جي ڳاڙهي رنگ وانگر ڳاڙهو ٿي ويو هو.

# ڳڻ

جيتوڻيڪ اڄ سنڌس گھوڙي کي نوان زريءَ جا سنج پيل هئا ۽ سنڌس پشوري گاڏي تازو نڪل ٿيڻ سبب چلڪي پئي، پر تنهن هوندي بہ جڏهن هو پنهنجي پنج ڪلياڻ بور کي دڙڪي ڪاهيندو، استان تي پهتو تہ ڪنهن بہ اکر ڪونہ ڪڇيو. هڪوار سيني پنهنجو ڪنڌ مٿي ضرور ڪنيو، پر ان دم ئي سيني پنهنجن ڪنڌن کي ائين ڍاري ڇڏيو، جڻ ڪين ديد ئي ڪانہ هئي، حالانڪ هڪ هفتو کن اڳ هو چڙي هاٿيلي دمبچي وٺي آيو هو تہ سڀ ڪيس ورائي ويا هئا.

”رئيسم هيءَ دمبچي ڪٿان نهرايئي؟“ امبلخ گھوڙي واري ڪانئس پڇيو هو.

”آهي سودو رئيس گھڻو اتر ڏيانءِ؟“ خميسي، جنهن جو ڌنڌو ئي سودا ڪرڻ هو، پنهنجي عادت کان مجبور ٿي ڪيس چيو.

”ڪلا تي خميسا، هھڙن بادشاهن وهٽن کي شيون پارائي ڪي ڪسبيون آهن!“ جيسين هو جواب ڏي، تيسين رسولي بور کي نپڪي هٽي، خميسي کي جواب ڏنو هو.

گاڏي ٻڌڻ کان اڳ، هن پنهنجي واڙي ۾ گھوڙي کي ڪرڪرو پئي هنيو تہ نورو مڏيءَ وارو وٽس لنگھي آيو هو ۽ ڪيس ان ٻڌيءَ جي پيرائتي ڳالھ ڪري ٻڌائي هئائين، پر هڪ ٿهڪ ڏيندي نوري کي چيو هو: ”نورا، جڏهن هي بور استان تي پهچندو تہ اهي ٽوٽل پاڻهي ڊهي پوندا.“

”خير ڏسجي، پر گھڻو ڪري تہ ڪونہ ڳالهائيندءِ. اها سچي ڳالھ شهيد جي روضي ۾ قسما قسمي تي ٿيل آهي.“

”هن خارزيءَ واري ڌر تي برابر ڪونہ ڳالهائيندي، پر ٻين جي گھرن ۾ تہ ادا مان بہ ڪونہ گھڙيو آهيان.“ هن کي ڪاوڙ اچي وئي هئي.

گاڏي بيهاري، رينون ٽيڪ ۾ ٻڌي هن چؤ طرف نهاريو، سيئي موجود هئا، سواءِ زوار ۽ هن خارزيءَ ڏينوءَ جي. هن محسوس ڪيو تہ سڀ ڪانئس ٽٽائڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هئا. سنڌس اچڻ کان پوءِ هرڪو ڪنهن نہ ڪنهن ڪار کي لڳي ويو هو. ٻيا تہ ٺهيو پر خيرو ۽ رسولو، جن يا عمر ۾ پنهنجي منهن تي بہ پاٽيءَ جو چندو نہ هنيو هو، تن بہ پنهنجن گھوڙن جا منهن پئي ڌوتا. هو بہ چپ پڪوڙي گاڏيءَ تان لهي انگوڇي سان پکن ۽ پيرن کي اگھڻ لڳو. اگھندي اگھندي اوچتو هن رڙ ڪئي: ”آهي سودو خميسا جوٽ ئي جوٽ تي، ڳالهاءِ وڃي شاھ سان.“

خميسي چرڪ پري ڏانهس نهاريو، پر ڪچائين اکر ڪونہ. ان شاهہ ڪيس ڪو جواب ڪونہ ڏنو، جنهن ڪي سودي وقت امين مقرر ڪيو ويندو هو ۽ جو ٻنهي ڌرين سان انگوڇي هيٺان آڱرين ۾ ڳالهائي، گار وجهي تاڙو هٽندو هو. هو بہ پنهنجي مندم چاپ ڪي اگهڻ ۾ مصروف هو. خميسي ۽ شاهہ جي وڏائي ڏسي هن ڪي باهہ وٺي وئي. هن ڪي پڪ هئي تہ خميسو تہ خميسو، پر سڀ پڳا ايندا. هو جڏهن بہ پوڳن ئي پوڳن ۾ بور ڪي وڪڻڻ جو خيال ڪندو هو، تڏهن سڀ وٽس پڳا ايندا هئا ۽ ڪيس چوندا هئا: ”رئيس، بور ڪي وڪڻڻ جا خيال دم ۾ بہ ڪندين تہ الله ڪونہ بخشيندءِ، ھھڙا وھٽ دشمن تي داغ آھن.“

هن خار ۾ بيڙي دکائي سوٽو ئي مس هنيو تہ زوار بہ پر واري بئنڪ تي اچي سواري لاٿي. پاسينگر ڪان پاڙو وٺي هن گاڏي اچي سندس پرسان بيهاري.

”لڳئي ڪا چڱڙي سواري سوار؟“ هن زوار ڪان مرڪندي پڇيو. ٻين جي پيٺ ۾ زوار سان سندس گهاٽي سنگت هئي. هو ان ڏنڌي ۾ جهڙس ئي جهونو هو. پر زوار بہ پنهنجي وڏن شهپرن ڪي آنگوٺي ۽ هٽ جي بڪيءَ سان مٿي ڪندي سندس سوال جو جواب ڏيڻ ضروري نہ سمجهو. هونئن اهو ساڳيو زوار، پڇڻ ڪان سواءِ ئي سڄي ڏينهن جي ڪٿا ڪيس ٻڌائيندو هو ۽ چوندو هو: ”يار رئيس، پاسينگرن وٽ بہ چلڪٽي شيءِ جو اگهہ گهٽو اٿئي. سڄو ڏينهن رڙيون ڪندي نڙي تي سڪي وڃي تہ مس تي ڪا سواري لڳي، وري پاڙو ڏينءِ بہ ڪر ڪر سان.“

”نہ ڪيو رزق جي خدمت تہ اهڙا حال چو نہ ٿيندو! سڄو ڏينهن بوراڪن ڪي وهائي وهائي وڃي مڪان ۾ جمنين تي ويهو. پوءِ وهٽن جو ڪير سماءُ ڪري؟“ هو پهريون سندس لاڪ لاهي، پوءِ وري ڪيس سمجهاڻيون ڏيندو: ”اڙي، ڪجهہ گهوڙي جي خدمت ڪر. پنهنجي هٿن سان گاهہ پاٽي ڏيندينس تہ مهيني ڪن ۾ مک پئي ترڪندس.“

”ها يار، چئين تہ سچ ٿو، پر اڄ روپيو بہ ڪن تہ ڏياريجانءِ، مولا عليءَ جو قسم، رڳو بہ نڪريون پيون آهن گيدي ۾.“ زوار ميسٽو منهن ڪري ڪيسي مان بہ چانديءَ جا روپيا ڪڍي ڪيس ڏيکاريندو هو. پر اڄ اهو ئي زوار، پنهنجي پراٽي ٽانگي تي مپ هنيو، ائين سيٽيو وينو هو، ڄڻ هن ديگ دنيا جي لٽي هئي. رئيس ”آخ“ ڪري سيني ڏانهن نفرت سان نهاريندي، زور سان ”ٿو“ ڪري ڪانگهارو ڪڍيو. سندس منهن تي مرڪ اچي وئي، ڄڻ اهو ڪانگهارو سيني جي منهن ۾ لڳو هجي ۽ پوءِ هودي ۾ لڳل گهنٽي ڪي پيرن سان وڄائڻ لڳو.

ٽن ٽن، ٽٽن ٽٽن، گهنٽي جي آواز ۾ اهو زمانو ياد ڪرڻ لڳو، جن ڏينهن ۾ هن بگي گهوڙو وهائڻ شروع ڪيو هو. انهن ڏينهن شهر ۾ ڪل ٻه چار بگيون هيون. غريب غربو ته بگي تي پير ٻه ڪونه رکندو هو. پوءِ جيئن شهر وڌندو ويو، تيئن بگيون ٻه وڌنديون ويون. جيڪو ٻه گهر کان پئي رنو، تنهن پئي گاڏي گهوڙو ورتو. ان زماني ۾ ڪيترا وات ڳاڙها ڇوڪرا جنهن کي رينن جهلڻ جي ٻه ٻيٺ ڪانه هئي، بگيون وهائڻ لڳا. جاتي گڏ ٿين، تاتي ڪل ٺٺوليون ۽ ڪچا پوڳ. هن کي اهي ڳالهيون ناپسند هيون، ان ڪري هو سدائين کين سمجهائيندو هو. پر هڪ ڏينهن اهو سمجهائڻ سندس پنهنجي ڳچيءَ ۾ پئجي ويو. ان ڏينهن هو گاڏي استان تي ڇڏي پر واري هوٽل ۾ چانهه جو ڪوپ پيئڻ ويو هو. جڏهن واپس موٽي آيو ته ڏسي سندس سيٽ تي ڪو ساوا ساوا متيرا رکي، ساٽس جٽ ڪري ويو هو. هو يڪدم گاڏيءَ تان لهي، رکڻ وارن جي پيڻ ماءُ کي گاريون ڏيڻ، پر اهي سڀ رهندو ڏند ڪڍي کلڻ لڳا. جيئن ته منڍ کان وٺي هن جا گهوڙا گاڏيون ۽ ٻيا ٽپڙ ٽاڙي چڱيءَ سينهريءَ سان هوندا هئا، ان ڪري هن جو سيني تي ڪنٽرول هوندو هو ۽ ڪنهن کي اهڙي پوڳ ڪرڻ جي حسرت ڪانه ٿيندي هئي. اهڙي جٽ تي ماٺ ڪري ويهڻ جڻ ٻين کي ٻه هاسڪار رستو ڏيکارڻو هو، ان ڪري ان آڱوٺي جيترن ڇوڪرن جو هٿ مارڻ لاءِ، هن نيٺي لڪڻ ڪٽي ان پارٽيءَ جي مکيه دينوءَ کي چيو هو: "دينو، اهي چرچا پوڳ انهن سان ڪر، جيڪو تنهنجا سهي. مون کي خار آئي ته رت ڪڍي ڇڏيندوسانءِ."

"ڪهڙا چرچا چاچا؟" دينو مرڪڻ لڳو.

"ائون، هو پنهنجا بابا جو رکيءَ منهنجي سيٽ تي." هن کان خار ۾ ڳف وهڻ لڳي.

"اهي متيرا آهن. چاچا، تون متيري تي چڙهندو آن چا؟" دينوءَ کي رهندي مزو پئي آيو.

"بس ڪر لنڌا، وري اها ٽڻ ٽڻ. آئينده اهو پوڳ ٿيو ته سر جو خير گهرجانءِ." هو پنهنجي گاڏي ڏانهن موٽندي شاه کي چوڻ لڳو: "شاه، هنن کي سمجهاءِ، متان پوءِ پڇتائين."

"مان چا کين سمجهايان. تون ٻه جيترو چڙندين، اوترو چيڙائيندءِ." شاه ٻه مرڪڻ لڳو.

"نه نه، مون سان ڪو ڪيچل نه ڪري. منهنجي رت قرندي دير ڪانه ٿيندي." هن خار ۾ ڪنڌ لوڏيندي چيو.

پر پوءِ ته رهندو سندن ٻيگهي مچي وئي. نه مهل نه موقعو، جاتي ملن تاتي چيڙ. اسٽيشن کان ايندي يا ويندي، جڏهن بگين جون قطارون پاسينگرن سان ڀريون هڪ ٻئي جي ڪڍ اينديون هيون، تڏهن لنگهندي هر ڪو ڪيس چيڙائيندو هو. اها ڳالهه برابر

هئي تہ هو بہ سندن پيڻ ماءُ کونہ چڏيندو هو، پر تنهن هوندي بہ دل ۾ اها ڳالھ کيس خراب لڳندي هئي جو ان جو اثر خراب پوڻ لڳو هو. هن محسوس کيو تہ کيترا معتبر پاسينگر جي اڳ سندس بگيءَ تي ئي چڙهندا هئا، هينئر کانئس پاسو کرڻ لڳا هئا. کيترا رونشي لوڏيا پاسينگر وري ٻڌ سڌ تي بگيءَ وارن وانگر کيس چيڙائڻ بہ لڳا هئا. ان ڏهاڙي هڪ وسٽي وائسٽي معتبر کي کنيو شهر پئي آيو. رستي کي کشادو ۽ خالي ڏسي هن بہ بور کي ڍر ڏني هئي ۽ اکين مان جنسي پاٽي پئي وهيو تہ اوچتو اهو پاسينگر کانئس پڇي وينو: ”رئيس، تون متيري تي چو چڙندو آهين؟“ رئيس کي جڻ چوچڙي اچي وئي. هن خار ۾ ڏانهس ائين گهريو جڻ کيس ڪچو کائي چڏيندو. سندس دل گهريو تہ جيڪر هن کي بہ اهي ٽِسريون زيرن زبرن سان ٻڌائي، پر کو خيال کري هن يشي ڏيئي کيس جواب ڏنو: ”ارمان آ صاحب، تون بہ لوٺين وارا سوال ٿو پڇين.“

هن ٻئي پيرا دينو ۽ سندس سنگت کي ٿڌي سيني سان سمجهائڻ جي کوشس کئي هئي، پر حرام جو هو مڙيا. جيئن پوءِ تيئن پيا کين پاسو ونائڻ لڳا. پوءِ تنهن ڏينهن سندس وس کان ڳالھ نکري وئي ۽ هو ڏو فوجداري ۾ هليو ويو. ان ڏينهن صبوح کان سندس متو قريل هو. هو روز صبوح جو گهوڙي کي کرکرو هٽي تيار کرڻ بعد، نيرن پاٽي کري پوءِ گاڏي ٻڌندو هو. ان ڏينهن گهوڙي کي جوتڻ لاءِ تيار کري گهر آيو تہ جوٽس اجا ان وقت اتو پئي ڳوهيو. خار ۾ ويچاري کي ٻئي چنبا هٽي لنگهڻ تي گاڏي ٻڌي ٻاهر نکتو تہ کيس سواري ملي وئي. پريا بہ کلاک پاسينگر کي هيڏي هوڏي گهمائڻ کان بعد جو کيس روپيو مليو تہ متي کان پيرن تائين سڙي ويو. باه ۾ پئسا روڊ تي اڇلي هو استان تي آيو ۽ اجا پگهر بہ نہ سکايو هئائين تہ هن پارٽيءَ پنهنجا پوڳ وري شروع کري ڏنا هئا.

”يار دينو، منهنجو تہ بک ۾ ساه ٿو نکري. هل تہ ٻئي گره کائي اچون.“ مرکندي دينو کي چيو.

”تون ير پلي کائي آءُ. مان تہ جهٽ کن ٿي متيرن جي پاچي سان ڊؤ کري آيو آهيان.“ دينوءَ رئيس ڏانهن نهاريندي کلندي جواب ڏنو.

سڄي سنگت ۾ کوکرو مچي ويو. رئيس کي باه وني وئي ۽ هن رڙ کري چيو: ”کتا بک بند کر.“

”چاچا، مان توسان کو ڳالهايان ٿو.“ دينو ائين کلندي جواب ڏنو.

”تنهنجي اچوڪي سچ ۾ لاک نہ لاهرايم تہ مان ٻروچ مون ناهيان، پر تنهنجو تخم آهيان.“ ائين چئي رئيس گهوڙي کي چابڪ هڻي، گاڏي کي استان مان ڪڍي فوجداري ڏانهن هليو ويو. هن در وٽ پهچندي ئي متي تان انگوچو لاهي فوجدار جي پيرن ۾ اڇليو هو.

”فوجدار، تون بہ ٻروچ آهين ۽ مان بہ ٻروچ آهيان. من ٻروچڪيءَ تي نظر ڪري منهنجو داد ڪرين. دينو کهڙي رن جو پٽ آهي جو هڪ ٻروچ کي ”نناون“ جو نالو ڪڍي چيڙائي.“ هن روئڻهارڪو ٿي چيو هو ۽ فوجدار هڪدم دينو کي گهرائي ڪيس گڏه وانگر ڪٽي، بيگر ۾ سندس ٻگي ماري، جاچ ۾ هليو ويو هو. پوءِ جڏهن شام جو دير سان دينو موٽي آيو هو ۽ سيني کي پاڻ سان ٿيل واردات جو ٻڌايو هئائين، تڏهن سيني شهيد جي روضي ۾ قسما قسمي تي اها ٻڌي ڪئي هئي. ٻيا تہ ٺهيو، پر زوار بہ ونڻ جو نہ هو. چي:

”رئيس دينوءَ کي ماءُ پيڻ تي گاريون ڏيندو هو تہ بہ اسان ڪجهہ ڪونہ ڪڇيو. هينئر رئيس ايڏي ”مگر“ وارو ٿي ويو، جو پنهنجي ڪرت واري کي فوجداري ۾ مارائي ۽ بيگر وهرائي!“

”رئيس لقمان هلندين؟“ هڪ پاسينگر ويجهو اچي سندس خيالن جو سلسلو ٽوڙي ڇڏيو.

”ها بابل چو نہ هلبو.“ رئيس سيني ڏانهن نفرت سان نهاريندي ٻگي استان مان ٻاهر ڪڍي ۽ پاسينگر کي ويهاري رينن کي ساه ڏني تہ گهوڙو ڪنن وٺان ڏوڙ ورائڻ لڳو.

ٻئي ڏينهن بہ تانگو ورائيندي صبح کان شام تائين ڪيس ڪو نہ ڪو ٻگي وارو مليو، پر نہ ڪنهن هن سان ڳالهايو ۽ نہ ڪنهن ڪو ڳتو لفظ ڪڍيو. ٻيا تہ ٺهيو، خود دينو سڄي ڏينهن ۾ ڪيترا ڀيرا دوبدو ٿيو هو، پر ڪيس ڏسندي ئي پري کان ٻگي روڊ تان لاهي پئي ڇڏيائين. هن کان اڳ هو عام طور ان جاءِ تان ٻيهڻ کان لهرائيندو هو، جتي دينو يا سندس سنگت ٻينل هوندي هئي، پر ٻئي ڏينهن هو هاسڪار ٻتي ڀيرا سندن وچ ۾ ٻينو هو. هن موقعو پئي تاڙيو تہ پلي ٻيو ڪو ساٽس پوڳ ڪري تہ هو فوجدار کي دانهن ڏئي ان کي بہ رنڊ ڏياري، پر ڪيس اهڙو وجهہ ڪونہ مليو. سيني جا وات سڪي ويا هئا. شام جو گهوڙي کولڻ وقت نورو وٽس آيو تہ هن وڏا ٿهڪ ڏيندي نوري کي چيو:

”نورا، سگهڙن سچ چيو اٿئي تہ سنڌ ڪلي سان ٻڌل آهي. ڏس ڪيئن نہ ٻن موچڙن ۾ گز ڪري ڇڏيا اٿم.“

”اها ڳالهه ته برابر آ، پر رئيس توکي به سڄو ڏينهن ڪنهن سان ڳالهائڻ کان سواءِ مزو اچي ٿو؟“

البته ٽئين ڏينهن جي شام جو جڏهن ”ايڪسپريس“ جون سواريون لاهي سپ اسٽان تي بيٺا هئا ۽ ائين چپ چاپ لڳي پئي هئي، تڏهن رئيس جي ڪنن تي صاحبزادي ٽرئفڪ جي سپاهي جو آواز پيو. هو دينو کي چئي رهيو هو: ”هل دينو، توکي فوجدار صاحب گهرايو آهي.“

رئيس ٽيڏي اک سان دينو ڏانهن نهاريو، جو ميسٽو منهن ڪري بگي اسٽان مان ڪڍي رهيو هو. چپ چاپ هئا. هر ڪنهن کي خبر هئي ته هن وقت دينوءَ کي بيگر کان سواءِ ٻيو ڇا جو سڏ هو.

اوچتو رئيس پنهنجي ڏور کي زور سان سٽڪو ڏنو ۽ رڙ ڪري چيو: ”صاحبزادا! وڃي پنهنجي بابي فوجدار کي چؤ ته دين محمد ڪونه ايندو. ڪيس اهو به سمجهائي ڇڏ ته اسان بگيءَ وارا پاڻ ۾ وڙهون يا پرچون، تنهن ۾ هن جي ربيع يا خريف؟“

صاحبزادو ٽرئفڪ جو سپاهي، عجب ۽ خار مان ڏانهس گهوريندي پوئتي وريو ۽ رئيس سيني ڏانهن پيار سان نهاريندي، هودي ۾ لڳل گهنٽي وڄائڻ لڳو.

# ڪني آڱر

وڏيري نور محمد خان جي ڌيءُ رات اوچتو بيمار ٿي پيئي هئي، سو ڳوٺ جون زائفون پڇڻ آيون هيس. نينگري سوڙ ۾ ويڙهي سيڙهي سمهي پئي هئي. ڪي زائفون مٿن ڪان، ڪي پيرانديءَ کان وينيون هيس ۽ ڪن ڪيس زور پئي ڏنا ته ايتري ۾ پڦي نوران لمڪا ڏيندي اچي نڪتي. چيلهه تي هٿ رکي، زائفن ڏي منهن ڪري چيائين: ”ٻيو ٻڌو!“

”ڇا؟“ ٻن ٽن زائفن جي وات مان نڪتو.

”زينب کي پوليس ٻڌي ويئي!“

”هان!“ زائفن جا وات ڦاٽي ويا. پيلا پيلا ڏند ڏيکاريون ڏيڻ لڳا.

وڏيري جي ڌيءَ جا اکيون ئي پيلي ٿي پئي هئي، تنهن جو ويتر رت ڇڏي ويو. ويچاريءَ سوڙ کي ڇڪي ڪٽي مٿان وڌو. ان کان اڳ ته ڪا زائفان پڦيءَ نوران کان ان جو سبب پڇي، نانيءَ حاجل ناس جي دٻلي ور مان ڪڍي ان کي آڱر سان ٺهڪائيندي پڇيو: ”ڇو؟“ ان ”ڇو“ تي سيني پنهنجيون اکيون ڪٽي پڦي نوران ۾ کپايون. وڏيري جي ڌيءَ به سوڙ ۾ چر پر ڪئي. هن کي به شايد سبب ٻڌڻ لاءِ آنڊ مانڊ هئي.

”حرامي ٻار ڄائو هوس. ڪوڏر سان کڏ ڪٽي پوريائين پئي ته ڪنهن مڙسالي ڏسي ورتس ۽ وڃي ٿاڻي ۾ رپورٽ ڪيائين.“

ائين چپ ٿي ويئي، ڄڻ ڪو راڪاس گهمي ويو. وڏيري جي ڌيءَ به چرڻ پرڻ ڇڏي ڏنو، صفا پند پهڻ ٿي ويئي. وري به شابس نانيءَ حاجل کي، جنهن ناس جي چپٽي ڪن نڪ کي ڏيئي، پنهنجي هوش کي جاءِ ڪيو. ڪٽ تي سري جاءِ ڪيائين: ”آئُ نوران، هٿ ويهه. سچي ڳالهه پيرائتي ڪري ٻڌاءِ.“

”نه ماسي، ويهڻ جي واند ڪانهي، ڳاه تي ٿي وڃان.“ پڦيءَ نوران وڏائي ڪئي.

”گهڙي ته ويهه، چوري!“ ملياٽيءَ پنهنجي عينڪ جا ڏاڍا ناهيا. پڦيءَ نوران به هاڻي ڳالهه کي چڱيءَ طرح ٻڌائڻ کان سواءِ وڃڻ واجب نه سمجهيو، سو ويهي رهي.

”ڇا ٻڌايانءِ ماسي.“ پڦيءَ نوران ڳالهه کي لانڍ سان شروع ڪيو. ”جماندار اهڙي مار ڏنيس، جو منهنجي توبهه.... جندا ئي جندا پٽيائينس!“

”ڇو نه مارينديس جماندار، اهڙو ڪم ته ڪسٻياڻين کان به نه پڄي!“ صفوران اندر جو ساڙ ڪڍيو.

”پر مائي اها بہ بدنامي، اوڙي پاڙا وارا ٻڌي چا چوندا!“ ناني حاجل چيو.
”پلا اڳي گهٽ بدنامي هئي چا؟ ڪاتي رهي نصرپور، ڪاتي رهي خميسي جي واند.
ڪنهن کان ڳجها آهن هن جا پرڪار.“ ملياٽيءَ ڳالهہ کي ٽيڪ ڏني.

ملياٽيءَ جي ڳالهہ سورهن آنا سچ هئي. تہ ۾ گهٽو ڪري سيني کي سندس افعالن جي ڄاڻ هئي. پلا ڳوٺ جو کهڙو ڳڀرو جوان هن کان بچيل هو. هن جنهن سان بہ هڪ حرف ڳالهايو، يا چڙي اک ملائي تہ چندر جي رڪارڊ مصداق ان جي منٽن ۾ صفائي ٿي ويندي هئي ۽ پوءِ اهو همراه پنهنجن مائٽن کان ميلي جي بهاني ڳچ ڏوڪڙ وٺي يا پيءُ کان چوريءَ پنهنجي ان جي ٻار مان ڪجهہ حصو ڪلومل جي حوالي ڪري، پر جي ائين بہ نہ پڳو تہ پر واري ڳوٺ مان ڪنهن جي وڇير ڍڳي ٻڌي مهاديءَ واري کي اڌ قيمت ۾ ڏيئي، شهر ۾ هن لاءِ شبن ململ جا گهگهرا ۽ ملائي جون سٿڻون سبرائيندو نظر ايندو هو. اهي سوکڙيون عطر ۾ ٻتل سائي ڳاڙهي ريشمي رومال ۾ ٻڌي، زينب ڏي موڪلبيون هيون ۽ ان جي جواب ۾ ”چندڻ لٽي“ يا ڪڪڙن جي پهرئين دس وقت ملڻ جو انجام ايندو هو. جيستائين ان همراه جي پيءُ کي پنهنجي ٻار ۾ کوٽ نظر نہ ايندي هئي، يا ان ڍڳي وڇير جو مالڪ ڍور سڌو ڪري باکو وٺي گمراه جي گهر جو در نہ اچي جهليندو هو، زينب جي مئي پيءُ ماءُ کي شد مد سان گاريون ڏيئي، اها چٽي پربي هئي. ان همراه جي، جي شادي ٿيل هوندي هئي تہ جوٽس جا مهٽا ئي ڪيس هميشہ لاءِ توبهہ ڪرائي ڇڏيندا هئا. نہ تہ ٻيءَ حالت ۾ پير منل شاه سائين کي ميڙ ڪري ان همراه لاءِ برادر مان سنگ وٺبو هو. ٻن ٽن هفتن اندر ان گهر مان شادي جا لاڏا ٻڌجڻ ۾ ايندا هئا. همراه نئينءَ ننديءَ ڪنوار کي هٿ ڪري خوش ٿي ويندو هو ۽ زينب ان کان آسرو پلي، ڪنهن ٻئي ڳڀرو جوان کي پاڻ ڏي ساهيندي هئي. ائين تعداد وڌندو رهيو. وڏيري جي وڏي ڪمدار ايوب تہ هڪ ڏينهن ”نور مني“ جو قسم کڻي چيو تہ هو ڳوٺ ۾ ٻن ٽن گهرن کان سواءِ ڪو اهڙو گهر بچيل ڪونہ هو جو زينب جي مرڻ بعد سندس جنازي کي ڪلهو ڏيئي سگهي. اها ڳالهہ ٻڌي زينب کي جيڪو شرم آيو، اهو تہ خير، رهندو پنهنجي ساهيڙيءَ ڪريمت کي، جا تورين گهٽين پارين پاڻ جهڙي هيس، ڏند ٽيڙي چيو هئائين: ”اميد آ الله ۾ تہ اهي بہ ٿي گهر بہ نہ ڇڏيندس.“ سندس بدچاليءَ ڪري ڳوٺ جي ڪنوارين ۽ جوان زائفن کي سندس گهر وڃڻ تہ وري رهيو، پر ساڻس ڳالهائڻ جي بہ منع ڪيل هئي. جي اتفاق سان ڳاه ڪندي يا پلي پٽيندي ڪنهن ڇوڪريءَ جو روح سٽ ڏيندو هو، ساڻس بہ حرف ڳالهائيندي هئي ۽ خدا بہ ڪري خير، جي اها خبر

ان ڇوڪريءَ جي ڪنهن وڏي ياتيءَ کي پوندي هئي ته گهڙي ڪن ان گهر ۾ برڙات ٻڌبو هو ۽ ڇوڪري گيسون ڪري توبهه ڪندي هئي. ويچارا مائٽ به ايترو خيال ڇو نه ڪن؟ ڪريمت جو مثال سندن اڳيان هو. زينب سان ساهيڙپ رکڻ کان اڳ هوءَ ڏاڍي شريف ڇوڪري هئي، مجال جو ڪنهن مرد ماڻهوءَ سان اک ڪٽي ڳالهائي، پر جڏهن کان زينب جي صحبت ۾ آئي ته ڪري خراب تي پيئي. اهڙي ڳالهه کان پوءِ ڳوٺ جي پرين مڙسن کي نانگ ته ڪونه ڪاڙو هو جو پنهنجين جوانڻ جماڻ زائفن کي زينب ڏانهن وڃڻ ڏين!

زينب عمر جي اڌ، رنگ جي سانوري هئي. سندس چپ مساڳ هڻڻ ڪري هميشه ڳاڙها نظر ايندا هئا. پنجن ٻارن جي ماءُ هئي. چار ته پنهنجن نالن سڏبا هئا، پر پنجون ”منڊو منڊو“ ڪري سڏبو هو. ان ويچاري کي به الله منڊو ڪيو، پر زينب ڪيو. ڳالهه تي هيئن ته راند ڪيڏندي پٽهنس هڪ يتيم ڇوڪري کي مار ڏني. اهو ڇوڪر روئندو وٽس آيو ۽ کيس دانهن ڏنائين. ٻارن جي فطرت، گهڙيءَ ۾ رسڻ ته گهڙيءَ ۾ پرچڻ، سو ان ۾ پلا ڪهڙو قياس تو نهي؟ پر هن پنهنجي کي اچي ڏنڊن سان ورتو. ڪي ڏک رحماني کي ڏک شيطاني؛ وري ٻار جو به ڪهڙو قوت.... لڳي جو چوري کي اولو ڏک ته جنگهه سڄي هٽ تي وئي. ڪنير ڏاڍيون لپريون ٻڌيون، پر جنگهه ڪانه نهي، ڇوڪر هميشه لاءِ منڊو تي ويو. سندس ٻارن جا رنگ به عجڪيب هئي. ڪي پورا ٻاه جهڙا ته ڪي ڪارا نڪر. انهن ٻارن جي نسل بابت ڪڏهن ڪڏهن هوءَ ڪريمت کي ٻڌائيندي هئي. مثال طور، جڏهن کيس پريل ڄائو هو ۽ ڪريمت ڪانئس پڇڻ آئي هئي ته ڇوڪري کي ڏسي چيو هئائين: ”ڇوري، پٽ ته واه جو ڄٽيو اٿئي.“

زينب ڪلندي جواب ڏنو هو: ”ڇو نه سهڻو هوندو، پٽس به ته سهڻو آهي!“ ۽ پوءِ ڪريمت کي ڪن ۾ ٻڌايو هئائين ته صديق سان رستي رکڻ بعد مهيني اندر ئي کيس پيٽ ٿيو هو. ڪريمت کي اها ڳالهه دل سان لڳي هئي، جو صديق ڳوٺ جي ناهوڪن جوانن مان هڪ هو. اهڙي طرح کيس فريد ڄائو ته هن ڪريمت کي چيو هو: ”مڙئي ليک لکيل هو، ادي ڪريمت، نه ته امين ڪو منهنجي هيسي جيسي هو! هي ڇورو به ته ان تي ويو آهي.“ وري منهن بڇڙو ڪري، پر ۾ سمهيل فريد کي ڏسي چيو هئائين: ”رنگ ته ڇڏ، جو مان به ساوري آهيان، پر منهن جي تختي ۽ چنجهين اکين کي تکي ڏسينس ته سود امين آهي!“ ڪريمت ٿوري دير ڇوڪري کي تکي چيو هو: ”هائو ڙي، برابر تر به مارئي امين مان نه لاٿو اٿس!“ ڪريمت جو جواب ٻڌي زينب پچڪ ڪري زمين تي تک اڇلائي هئي. ڪريمت کي خبر هئي ته زينب اها تک زمين تي نه، پر

حقيقت ۾ امين جي زال صفوران جي منهن تي اچلائي آهي، جو هوءَ ان وقت زينب سان گڏ هئي، جڏهن صفوران زينب کي پنهنجي کوهيءَ تان پاڻي پريندي گاريون ڏنيون هيون ۽ زينب مانڙي ڪري بادشاه پير دستگير جو قسم کڻي، ڪريمت کي چيو هو ته هوءَ صفوريءَ کان انهن گارين جو ضرور پلئه وٺندي..... تان جو زينب امين جهڙي ڪاري رم سان رستو رکي ڪيس اهڙي ته مار ڏياري هئي، جو ڪيترا ڏينهن هوءَ کٽ تي پئي هئي.

زينب جو مڙس خدا بخش ويچارو جيستائين جيئرو هو، تيستائين هن پنهنجيءَ زال کي سمجهائڻ کان نه گهٽايو. هن گهٽا ئي پيرا زال کي انهن افعالن تان ماريو هو. هڪ ڏينهن ته ڪهاڙي سان ڪيس صفا خون پئي ڪيائين، پر زينب جي رڙين تي همراهن اچي ڪانئس ڪهاڙي کسي. مٽن مائٽن جي صلاحن جي باوجود هن زال کي طلاق نه ڏني. ڳالهه اصل هيئن هئي ته زينب جي نالي سرڪاري رڪارڊ ۾ ڏهه جريب زمين هئي، جا خدا بخش آباد ڪندو هو. جي زال کي طلاق پئي ڏنائين ته اها زمين به پئي هٿن مان ويس. مڙئي دڙڪي داب ۾ ڪم ٽپائيندو پئي آيو – تان جو وجي پنهنجي ڏيهه پهتو. مڙس جي فوت تي وڃڻ بعد زينب کي ويتر ڇوٽ ملي وئي. اهي ئي حال، اهي ئي افعال، البته اولاد جي خواهش سو ڇڏي ڏنائين. ڪجهه دائين جي صلاح، ڪجهه دوائن جي مدد – مڙيئي ڪم ٽپندو پئي آيو.

”پر پڦي نوران، ادي خدا بخش کي گذري به ٻه ٽي سال ٿيا. تنهن بعد هوءَ هميشه ان ڳالهه جو خيال رکندي هئي. ايترن سالن ۾ ڪيس ڪجهه نه ٿيو ۽ هاڻي اهو وري ڪيئن؟“

”مون کي ته ڪا ٻي ڳالهه تي نظر اچي.“ هڪ زائفان عقل ويڙهايو.

وڏيري جي ڏيءَ سوڙ مان منهن ڪڍيو. سڄي پگهر ۾ وڃي ويئي هئي.

”مائي، اهو قدرت جو ليک آهي، جنهن کي نه دايون ٽاري سگهنديون، نه دوائون.“ ناني حاجل مولوي ڪهاڙي جي انداز ۾ چيو.

”پر، ماسي پاڻ به سچي ڪئي اٿس ته ٻار سندس آهي!“ پڦي نوران چيو.

وڏيري جي ڏيءَ اهو جملو ٻڌي ٿڌو اونهو شوڪارو ڀريو – ائين ڄڻ هن جي سيني تان ڪو بار لهي ويو هجي، پر سندس اکيون ڪنهن عجيب احساس جو اظهار ڪرڻ لڳيون ڄڻ هن جي ڪا املهه شيءِ وڃائجي ويئي هجي – ڪا اهڙي شيءِ، جا هن جي پنهنجي وجود جو حصو هجي.

گهڙي ڪن ماٺ ڪري، پڇيءَ نوران وري ڳالهه ڪي چوٽ چاڙهيو: ”هڪڙي سپاهيءَ پئي چيو تہ ست سال ٽيپ ملينديس.“
”ست سال!“ هڪ زائفان ڪان چيٽ نڪري ويئي. وڏيري جي ڏيءَ جون اکيون بہ اهو ٻڌي پرجي آيون. وري گهڙي ڪن سانت ٿي وئي.
”هڪ ڳالهہ ۾ تہ اهو چڱو ٿيو، ناني ملياٽي!“ هڪ زائفان چيو.
”ڪهڙيءَ ڳالهہ ۾؟“
”زينب ڪان جند تہ ڇٽي!“
”ها، اها ڳالهہ چئہ، هونئن بہ ڪني آڱر وڍي پلي!“
وڏيري جي ڏيءُ شور مان ملياٽيءَ کي ڏٺو. سندس ذهن ۾ ور ور ڪري ڪني آڱر جا لفظ ڦرڻ لڳا. هن سوڙ چڪي ڪٽي پنهنجي مٿان وڌي. هن جي اکين مان شڪر گذاريءَ جا ڳوڙها وهي، وهاڻي کي پسائڻ لڳا. هن جي چپن پٽڪيو: ”زينب، ماسي زينب.......!“

# پٽ

هن پهريون اتي ڪونيءَ جو دروازو بند ڪيو، جيئن پر واري ڪونيءَ ۾ سمهيل پاڙس ڳالهائڻ تي اتي نه اچي. پوءِ الماري کولي، ان مان هڪ ڳاڙهو چلڪٽو پئڪيٽ ڪڍيو. پئڪيٽ صاف هو، متس مٽيءَ جي دز به ڪانه هئي، پر ان جي باوجود بوٽن جي دوڪان وانگر اشد آڱر سان نڪ نڪ ڪري هن رومال سان اگهڻ مناسب سمجهيو. ان وچ ۾ مان ننڍڙي ٻار جيان وات ڦاڙيو ڏانهس ڏسندو رهيس.

”ڏس يرِ.“ هن وڏائيءَ سان مون ڏي نهاريو. ”هن پئڪيٽ ۾ توکي هتان جي انهن سيني سهڻين ڇوڪرين جا فوٽا ليندا، جن جو هن وقت تائين مون سان لاڳاپو رهيو آهي. گهڻو ڪري سيئي وڏ گهراڻيون آهن. زندگيءَ ۾ پهريون پيرو توکي ئي پيو ڏيکاريان، ڪڻ قرآن جو قسم ته ڪنهن کي ڪونه ٻڌائيندين؟“

”ها.“ مان الائي چو ”ها“ ڪان وڌيڪ ڪجهه چئي نه سگهيس.

”چڙي ها مان ڪجهه ڪونه ملندو، اول ڪو پلو سائين به وچ ۾ هجي.“

ننڍي هوندي ڪو ڪن ڦاڙ جوڳي نانگ ڪٽي ايندو هو ته ويڙهي جا سڀ ٻار سندس چوڌاري ميڙ ناهي بيهندا هئاسين. نانگ ڏيکارڻ کان اڳ، جي هو مرلي وڄائڻ يا ٻڌائڻ ۾ ته هن اهو نانگ ڪٿان پڪڙيو ۽ ڪيترو مدو پيل آهي، گيسر ڪندو هو ته اسان کي جڪ پيا ايندا هئا. اسان جي دل رڳو چوندي هئي ته هو سڀ ڳالهيون پوءِ تي رکي، پنهنجي ڪانن واريءَ ڇٻيءَ جو ڍڪ مٿي ڪري ته ڏسون ڪاريهر آهي يا ڪنيارو – سندس ان اجائيءَ گيسر تي به اوتري ئي خار آئي، پر مانڙي ڪري تڙ تڪڙ ۾ قسم کنيم، جيئن وڌيڪ ڪا دير نه ڪري. جيئن ڪو پاڪ ڪتاب کولبو آهي، تيئن هن آهستي پئڪيٽ کولي، ان مان هڪ فوٽو ڪڍيو. هن عجيب نظرن سان فوٽو کي ڏسندي، ٽڏو شوڪارو پريندي فوٽو مون کي ڏنو ۽ چيو: ”اها چمپا اٿئي“ – مان چمپا کي ڏسڻ لڳا. فوٽو تڪڙ ۾ ڪڍيل پئي نظر آيو. سندس ڪابي هٿ ۾ ڪتاب هئا، جن کي سيني سان لايو شايد اسڪول ڏانهن پئي وئي. ڪپڙن لٽن مان ڊيسنٽ واٽياٽي پئي لڳي. مان سندس سهڻن مهاندن کي ڏسڻ لڳس ۽ هو مون کي هن بابت ٻڌائڻ لڳو: ”گڙنگ سيٽ جي ڌيءَ هئي. لڪ ۽ واٽڪي اسڪول ۾ پڙهندي هئي. هڪ ڏينهن ڪيس اسڪول ويندي ڏٺم، دل کي الائي ڇا ٿي ويو – ڪيس ڏسڻ بنان آرام ئي ڪونه ايندو هو. پوءِ اهو نيم ڪري ڇڏيم ته جڏهن هوءَ ڪتاب ڪٽي اسڪول ويندي هئي ته

مان بہ سندس ڪيڏ لڳندو هوس. ڪيس سندس اسڪول ڇڏي، پوءِ پنهنجي ڪلاس ۾ اچي ويهندو هوس. ائين ڪندي مهينو کن گذري ويو. هڪ ڏينهن ڪتي تي ڪٽي – چا ٿو ڪيان جو هڪ وڏو خط لکي سندس اسڪول جي ائڊريس تي روانو ڪري ڇڏيم. بيوقوفي سببان پنهنجي سموري ائڊريس بہ لکي ڇڏيم، جيئن جواب ڏيڻ ۾ ڪيس ڪا تڪليف نہ اچي. ان ڏينهن هوءَ اسڪول ۾ نہ آئي ۽ سندس خط ماسترياڻيءَ کوليو. پوءِ تہ يار، ممڻ مچي ويو. ماسترياڻي اهو خط سڌو اسان جي پرنسپال ڏانهن موڪليو. پرنسپال بہ هو هندو، تنهن کي اچي ڌرم جي لڳي. ٻي ڏينهن اسان ڪلاس ۾ جاميٽري پئي ڪئي، جو پٽيوالو مون کي سڏڻ آيو. آفيس ۾ لنگهيم تہ نيٽي لڪڻ سان وڏي ويو. منڍن ۾ ٻت تي اينگلون ۽ ٽرينگلون ناهي ڇڏيائين. هڪ جو نشان تہ اجان پنيءَ تي هوندو." هن قميص مٿي ڪري پنهنجي پني مون ڏي ڪئي، مان سندس ڪاريءَ پنيءَ کي چڱي طرح جاچي، ڪيس ٻڌايو تہ هينئر اتي نشان ڪونہ هو.

"خير ڍهي ويو هوندو. ڏينهن بہ ڳپل ٿيا اٿس."

"پوءِ"، ٿوري دير ڪانپوءِ مان ڪانئس پڇيو.

"پوءِ چا، ويئي امام دي فوج نال ڳنڍجي."

"اهو ڪيئن؟" منهنجو عجب ۾ وات ڦاٽي ويو.

"ڪيئن وري ڪيئن ! پوءِ تہ ڳالهہ رهندو سهنجي ٿي پئي. هڪ ڏينهن جيئن اسڪول پئي وئي تيئن اشارو ڪري اندر وني آيومانس. ڪيس اڳي ئي ان ڳالهہ جي ٿوري خبر پئجي چڪي هئي، ويتر جو ڪيس ڏنا ڏيکاريم تہ جنسي روئي پئي. پنهنجو ٿاڪ مچي ويو. اسڪول ايندي ويندي، ڪلاڪ کن مون وٽ اچي ويهندي هئي، ڏاڍا قرب وندي ڪيس موڪل ڏيندو هوس. بہ ٽي مهينا کن ايئن قصو هليو. ٿورو ڪڪ ٽيڻ لڳو هوم تہ هي ورهاڱو ٿي ويو ۽ هو هندستان هليا ويا."

ٿوري دير ماٺ ۾ رهي هن وري چيو، "ڏاڍي ناهوڪي هئي، مان سندس ٻُت کي هٿ لائيندو هوس تہ ايئن سمجهندو هوس تہ انساني چمڙي تي نہ پر اصلي جاپاني پٽ تي هٿڙا گهمائي رهيو آهيان. هاءِ هاءِ ... " هن پئڪيٽ مان ٻيو فوٽو ڪڍي مون کي ڏنو، مان فوٽي کي ڏسڻ لڳس. هڪ گهريلو قسم جي ڇوڪري نماڻائيءَ سان ٽنيي کي ٽيڪ ڏيو ٻيٺي هئي، وصفن ۾ واهہ جو نم هئس. مان دل ۾ ڪيس ساراهڻ لڳس ۽ هن پنهنجو بيان، جاري ڪيو "هن جو نالو "ممتاز" هو. هن جي خاندان سان اسان جا گهرا تعلقات هئا. ٻارين ٻچين اچڻ وڃڻ هوندو هو. مون کي بہ اچڻ وڃڻ کان ڪا روڪ ڪانہ هوندي هئي. اها ڳالهہ ٻي هئي تہ "چمپا" جي وڃڻ کان اڳ مان سندس گهر ٿورو ويندو

هوم ۽ پوءِ گهڙيءَ گهڙيءَ سڪ لڳندي هئي. انهن ڏينهن ۾ دماغ شريف ۾ به عقل ذرو آندو هوم. پنهنجي جهوپڙيءَ هينئان صاف پاڻي هوندي پري ٻئي هنڌ وڃي اڄ لاهڻ به سياڻپ ڪانه هئي. تنهنڪري ”اول خويش ۽ پوءِ درويش“ جي قول کي ياد ڪندي، ٻيا پاسا ڪجهه وقت لاءِ ڇڏي پنهنجي ممتاز ۾ ئي نظرون ڪپايم. روز صبوح شام جو وٽس وڃڻ لڳس، ڪڏهن ڪنهن حيلي ته ڪڏهن ڪنهن بهاني. گهريلو ڇوڪري معنا گونگو پاڻي، جيئن ڪو پيئو ڪري تيئن ٻڌي، سو هڪ ڏينهن همٿ ڪري ڪيس سڀ ڪجهه چئي ڏنم. دل ۾ پوٽا سورنهن آنا پڪ هيم ته جواب سريلو ملندم. ٽيو به ائين، ٻئي ڏينهن ئي نه گذريا هئا ته نيري لفافي اچي نڪاءُ ڪيو. دل کي بهاري اچي وئي. ان وقت ئي سندس مهرباني مڃڻ لاءِ ڏانهنس ويم. مونکي ڏسي سندس سهٽيون اکيون هيٺ جهڪي ويون ۽ سندس مکڙي تي حياءُ ڪان لالاڻ اچي وئي. پر پاڻ کي ائين خالي خولي عشق پانءِ نه پوندو آهي ۽ وجهه تاڙڻ لڳس. هڪ ڏينهن جڏهن سندس گهر جا ڀاتي ٻاهر ويل هئا ته مان وٽس پهچي ويم ۽ ان ڏينهن ئي ڪيس ”سوٽ“ بنائي ڇڏيم.

”هينئر ڪٿي آ؟“ مان ڪانئس پڇيو.

”اتي پرسان ئي، پر اڄڪلهه وٽس ڪونه وڃان.“

”ڇو؟“

”پاڻ کي پاروٿا مال نه وٽن، اسان تازن مالن جا شوقين آهيون.“ هو کلڻ لڳو ۽ مان به ڏند ٽيڙي کلڻ لڳس.

هن ٽيون فوٽو ڪڍي مونکي ڏنو. ڏسي ٻت مان سيراٽيون نڪري ويون. حسن جي راڻي، سائڪي به هن ڪان سهٽي، ڪپڙن هوندي به ڪنهن عظيم سنگتراش جو اگهاڙو ٻت پئي لڳي، سندس سهٽا سهٽا نقش ڏسي قدرت جي ڪاريگري جي ڪمال کي مڃٽو پئي پيو.

”ڪير آ هيءَ“ مان ڏڙڪندڙ دل سان ڪانئس پڇيو.

”هن بابت نه پڇ“ هو مشڪڻ لڳو. سندس نگاهن ۾ اهڙي چمڪ هئي جا صرف وڏائي ۽ مغروري وقت پيدا ٿيندي آهي.

”نيٺ به ؟“

”خانصاحب نور حسين خان جي ڌيءُ آهي. نالو اٿس نوري.“

”آهي به نور“

مان ڪيس ماٺ ڏسي ڏانهنس ڏٺو ۽ اکين ۾ ايلاز ڪيا. هن ڪنڌ ڌوڻي نوري جي ڳالهه شروع ڪئي.

”انهن ڏينهن ۾ مان بي. اي جي ٽئين سال ۾ پڙهندو هوس جو هوءَ به ڪاليج ۾ داخل ٿي. مان ته ڪيس ڏسندي ئي چريو ٿي پيس. پنهنجو ڪلاس ڇڏي سڄو ڏينهن هن جي ڪلاس جا چڪر پيو هڻندو هوس. پنهنجي ڪلاس ۾ هجي ها ته ڳالهائڻ جو موقعو به ملي ها، پر هوءَ ته مون کان هڪ سال هيٺ هئي. دل ۾ سوچيم ته فلاڻا، جي هن گل جو واس وٺڻو اٿئي ته فيل ٿي، هڪ سال. اهو سال امتحان ۾ نه وينس ۽ ٻي سال هو به اچي پاڻ سان گڏ ٿي. پوءِ ته نوٽس ۽ ڪتابن جي بهاني هڪٻئي سان ڳالهائڻ پيو ٿيندو هو. ڪاليج ۾ مان مکيه شاگردن مان هڪ هئس، چا راندين ۾، چا ٻين ڳالهين ۾. منهنجي انهن قابليتن کي ڏسي روز بروز منهنجي ويجهو پوندي ويئي، هڪ ڏينهن، خالي پيرڊ ۾ ٻئي لان ۾ گهمي رهيا هئاسين ته ڳالهين ڳالهين ۾ هن ٻڌايو ته، شايد هن سال ڪانپوءِ هو نه پڙهي. سندس اها ڳالهه ٻڌي مان ڪيس ڪو جواب نه ڏنو ۽ پرسان پيل بئينچ تي ڪنڌ جهڪائي ماٺ ڪري ويهي رهيس.

”چو ماٺ ڪري وئين؟“ هوءَ به پرسان اچي ويهي رهي.

”ائين ئي“ مان ڪيس ڪجهه نه ٻڌايو، خيال ڪيم ته پلي ڪجهه زور پري.

”ٻڌاءِ نه؟“ هن ڪجهه اهڙي نموني پڇيو ڄڻ هن کي منهنجي هر ڳالهه تي هڪ قسم جو حق هو.

اهڙو وارو ته ملي. هڪدم پنهنجي پيار جو اظهار ڪيومانس. اڳئين سال امتحان ۾ نه ويهڻ جي به حقيقت ٻڌائي مانس. ڏنم ته سندس اکيون آليون ٿي ويون ۽ هن ٿوري دير سوچي منهنجي هٿ کي پنهنجي هٿن ۾ وٺي چيو ”مان تنهنجي آهيان.“ پوءِ پنهنجي رات ٿي وئي. ڪاليج مان گسائي هٿ ايندا هئاسين. نوڪر ٻاهرين دروازي کي ڪلف ڏئي هليو ويندو هو، ۽ هوءَ هوندي هئي ۽ مان هوندو هوم. ڪڏهن ڪڏهن پور پوندو هوس ته اڌ رات جو به ياءُ جا ڪپڙا پائي هٽ اچي نهڪو ڪندي هئي. سڄي رات رهاٽيون ڪري پوءِ موڪل ڏيندو هومانس. جلد ئي مائٽن ٽڙ تڪڙ ۾ هن جي شادي ڪرائي ڇڏي، هينئر پٽ جائو اٿس، ”بس کهري ڳالهه ٻڌايانءِ رنگ سو پورو اٿس، باقي هن کي لڪائي مون کي ڪڍ.“ ٿوري دير ماٺ ۾ رهي هن وري چيو ”يار، ڏاڍو ڪارايائين، پاڻ ته حرام جو آنڪ به مٿس خرچ ڪئيسين.“ هن ٻيا به فوٽا ڏيکارڻ گهريا، پر منهنجو موڊ آف ٿي ويو هو. پنهنجي سڄي عمر چوڪرين پٺيان جتيون گسائيندي گذري هئي پر هڪ چوڪري به منڙي مرڪ سان پاڻ ڏي ڪونه نهاريو هو. حالانڪ مان لک پيرا ڪانئس شڪل ۾ چڱو هوس، سندس ڪارو ٿلهو بدن ۽ ڪدوءَ جهڙو نڪ ته التيءَ جهڙو هو اندر جي سور ڪان، نه چاهيندي به ان ڳالهه جو سبب پڇي وينس.

”ادا شڪل تي ڪونهيءَ“ هو مشڪندي جواب ڏيڻ لڳو. ”رڳو ساعت جي ڳالهه آهي، تون سهڻو آهين پر ساعت ڪانهيءَ. مان شڪل جو سادو آهيان تہ بہ پرين کي نوائي سگهان ٿو.“

اتڻ ڪان اڳ فوٽا کيس موٽائي ڏنم. پاڪيٽ ۾ واپس رکڻ ڪان اڳ هو بکين وانگر فوٽن ڏي نهارڻ لڳو. الاجي ڇو مون کي هو بکين مان ڏسڻ ۾ آيو، جيڪي بک جي باوجود، گهربل شيءِ کي ڪنهن سبب ڪان نہ ڪائي سگهندا هجن.

پنجن ڇهن ڏينهن ڪانپوءِ هڪ شام جو وٽس ڪچهريءَ لاءِ ويس. اڱڻ لتاڙي ڪوٺيءَ جي ٻيڪڙيل دروازي وٽ پهتس تہ، اندران سندس آواز ٻڌم. هو ڪنهن کي چئي رهيو هو.

”ڏس يار، هن پئڪيٽ ۾ توکي هتان جي انهن سڀني سهڻين ڇوڪرين جا فوٽا ليندا جن جو هن وقت تائين مونسان لاڳاپو رهيو آهي. گهڻو ڪري سڀئي وڏ گهراڻيون آهن. زندگيءَ ۾ پهريون ڀيرو توکي پيو ڏيکاريان. ڪڻ قرآن جو قسم تہ ڪنهن کي ڪونہ ٻڌائيندس.“

جيستائين ٻڌندڙ قسم ڪڻي، مان در کي ڌڪو ڏئي اندر ٽيس. ڏٺم تہ سندس هٿ ۾ اهي ئي تي فوٽا هئا. مونکي ڏسي سندس منهن جو پنو ايئن لهي ويو، جڻ بند چالون ڪيڏيندي ڪنهن سندس ”ڪول“ ڪرائي هجي ۽ هو رڳو ”پُٽ“ نڪتو هجي.

# ڊمي

مسز ۽ ميان امين الدين وارن وٽان موڪلايوسون تہ سندس مڪڙي تي اها ئي ”پيٽنٽ“ مرڪ هئي، جنهن سان چپن تي لڳل ”گالا“ جي سرخي بہ نہ بگڙندي آهي ۽ ماڪوڙي ڪاڄل بي سرا ڏند بہ نظر نہ ايندا آهن. موٽ تي بہ هوءَ ماٺ ۾ هئي، پر سندس رنگ ائين پئي ڪاراٽبو ويو، جيئن نيرو آسمان آنڌاري اچڻ ڪان اڳ پنهنجي نيراڻ مٽائي ميرانجهڙو ٿيندو ويندو آهي. گاڏي پنهنجي گهر جو گيٽ ٽپي اچا مس بيٺي تہ پوءِ هوءَ پاڻ جهلي نہ سگهي ۽ ڊرايئور جو انتظار ڪرڻ بدران پاڻ ئي ”ڊور“ کولي تڪڙي تڪڙي فرش لتاڙيندي اندر هلي وئي. اندر گهڙيم تہ سندس ولائتي سويڊ وارو پرس ٽيبل تي سٽيو پيو هو ۽ پاڻ سيٽي تي ائين ڦان تي پئي هئي، جيئن ”ارمس“ جي ڪا ”ڊمي“. مون ڪي ڏسي هن ڪجهہ ڪونہ ڪڇيو، پر جان رابرٽس جي نهيل سئنڊل ڪي پيرن جي لوڏي سان ڪنڊ ۾ اڇلايائين، جن مان هڪ پادر تہ جيٽ جهاز جي تيزيءَ سان ٽي وي اسڪرين ڪان ذري گهٽ پاسو ڪري وڃي ڪئبينٽ سان ”ڪرئش“ ڪيو ۽ اونڌو پئجي رهيو.

مون هڪ نظر سندس سئنڊل تي وڌي، جي مون لنڊن ۾ رهندڙ دوست ڪي پنهنجي پراڻي دوستيءَ جا واسطا وجهي، ويهہ پائونڊ پري گهرايا هئا ۽ ٻي نظر هن جي منهن تي وڌم، جو امپورٽيڊ ميڪ – اپ جي باوجود ڪنهن ديسي ڏوتل ۽ ڦتل ڪپڙي جيان ٿي ويو هو. مان گهڙي ڪن تہ اتي ئي هڪ جاءِ تي بيٺو رهيس، پر پوءِ ڪيس پرچائڻ لاءِ سندس ڪلهي تي هٿ رکي ناريندي چيم: ”چو، چاهي من؟“ ”ڪجهہ ڪونهي.“ هن رکو جواب ڏنو، پر ڳالهائڻ جو انداز اهڙو، جو گهٽو ئي ڪجهہ هو.

”نيٺ بہ؟“

”چيومانءِ نہ تہ ڪجهہ ڪونهي.“ هن پيري آنڌاريءَ جون پهريون ستون.

مون سندس ان رهڙ تي ڪلڻ جي ڪوشش ڪئي، پر منهنجي سڪل نڙيءَ مان اهو آواز اهڙو نڪتو، جهڙو سڪرات واري حالت ۾ ئي نڪرندو آهي. مان تنهن هوندي بہ ناس پِتو پڪو ڪري هن جي پرسان وڃي وينس. هوءَ سنئي سڌي سمهي پئي هئي. سندس بلائوز ٿورو مٿي چڪجي ويو هو ۽ سندس ساڙهي هيٺ ڊاڪن تي ڪسڪي وئي هئي. ساڙهيءَ جو پلئہ، جو پيٽ جا سمورا عيب ثواب ڍڪي ڇڏيندو آهي، سو هيڏي هوڏي ٿي ويو هو ۽ سندس پيٽ جا ڊبڙ ۽ ”سيزرين“ (سيزرين = آپريشن جا نشان) جو

نشان ظاهر ڪري ڇڏيو هئائين. مون پيار سان سندس پلڪ ناهيو تہ اهو ساڳيو ئي پيٽ نيري شفاف پلڪ مان ائين جهلڪا ڏيڻ لڳو، جيئن ڪو چوڏهينءَ جو چنڊ. هن تنهن هوندي بہ ڪي ڪونہ ڳالهايو ۽ خالي خولي چت ڪي تڪيندي رهي، ڄڻ تہ سندس وت ۾ اها تربوزي رنگ جي زبان ئي ڪونہ هجي، جنهن ڪان ٻارن جا تہ ڇا، پر منهنجا بہ ڏوه ڏڪندا آهن. گهڻي گهڻي دير ڪان پوءِ هن ٿڌو شوڪارو ڀريو جو منهنجي منهن تي ائين لڳو، جيئن ڪو برفاني هوا جو زوڪات. پوءِ هن نماڻيون اکيون کڻي مون ڪي چيو: ”هڪ ڳالهہ مڃيندين؟“

منهنجي دل گهريو تہ ڪانئس جيڪر پڇان تہ انهن پندرهن سالن جي عرصي ۾ مون سندس ڪهڙي ڳالهہ موٽائي هئي ۽ جي مون ڪي ڪڏهن ڪنهن ڳالهہ تي اختلاف رهيو بہ هجي تہ اهو هن هميشہ واچوڙي جيان پهرين يا ٻي سٽ ۾ ڪک پن وانگر ٻهاري اڏائي ڇڏيو هو. پر جنهن وقت مون پنهنجي نظر هن جي منهن تي وڌي، جو هينئر روپ وٺڻ لڳو هو تہ ان مٿي آسمان تي چوٽ چڙهي ويل آنڌاريءَ ڪي وري هيٺ لاهڻ ۽ ان جون سٿون سهڻ جو پاڻ ۾ پوتو نہ پانيم. مون تڙ تڪڙ ۾ چيو: ”جيڪي چوين. ”هل تہ واپس هليا هلون.“

جون مهيني جي شروعات هئي. لڪون، ٻتون ۽ جهولا زوران زور هئا، پر اهي جهولا مون ڪي تڏي هير جيان پئي لڳا، چو تہ انهن تي ئي پنهنجو روزگار هو. اهي جهولا ۽ ٻتون نہ پون تہ ديرن ۾ پيل وليون ڪيئن ڳاهجن ۽ پيوندي باغ ۾ چونسي ۽ بيگن پالي جي وڻن ۾ تنگيل دليون ڪيئن ڪڪورجن. انهن ڏينهن مون سانده پندرهن ڏهاڙا زمين تان لڪون ۽ جهولا سهي سندس گهاٽن وارن جي چانو ۾ آس وٺڻ ۽ جيستائين هو فصلي چونسا پچن، سندس چونسي جي قار جهڙي زبان مان اهو ساڳيو ئي سواد وٺڻ پنهنجي گهر آيو هوس. ٻار گهڙي ڪن تي هئي جو وجي ستا هئا. هوءَ بہ هئو مئو ٿاري اڇي پرسان ليٽي هئي. مون سندس پنيءَ تان هٿ ڦيرائي، چيلهہ واري مٿاٿريءَ ڪان پسار ڪندو هينين حصي ٻئڪ تي پئي آندو، جو حصو ان ذات جي سونهن هوندو آهي ۽ جنهن جو سنڌيءَ ۾ اهڙو سريلو نالو ڪونهي. اهو ٻت جو حصو ڪيڙي بنا ڪنهن استاد گويي جي ستار جي هينين پالش ٿيل حصي جيان لڳندو آهي ۽ جنهن ڪي هو نهائين سان لائي، پوءِ ئي ڪا وقت جي راڳڻي ڇيڙيندو آهي، اهو ساڳيو حصو ڪنهن سوڙهي چڪي ٻڌل ساڙهيءَ ۾ تہ وري ان ڪان بہ اڳرو لڳندو آهي. هو جنهن وقت ماربل يا موزي جي لسن فرش تي ساڙهي جا پلڪ ناهينديون، چيلهہ ڪي موڙا ڏيندڙيون اڳيان ترنديون هلنديون آهن تہ پويان اينڊڙ مردن جي دوڏن مان

نڪتل تارن جي گرميءَ تي اهو بت جو حصو مخصوص تال ۾ هيڏانهن هوڏانهن ٽڙڪندو آهي ۽ پويان ايندڙن جي دلين کي به ان ساڳيءَ تال ۾ ٽڙڪائي فنا ڪري ڇڏيندو آهي. مردن جون دليون هڪ پيرو ابتي تال ۾ ڌڙڪي هميشه لاءِ اهو روڳ حاصل ڪري وٺنديون آهن ۽ دل جي بيماري جي شروعات ان گهڙي کان ٿيندي آهي.
ها ته مون ڳالهه پئي ڪئي ته منهنجو هٿ ان وقت دنيا جهان جي ان خوبصورت چاڙهيءَ تي پئي چڙهيو ۽ مون به رات جي راڳڻي ڳائڻ لاءِ سوڙا پئي ملايا ته هن مون واري هٿ کي عرش تان لاهي فرش تي سٽيندي چيو: "هٽ ته پري ڪر، توبهه گرمي ته ڏس."
"هينئر اڃي پيچ پني آ. ڪاٿي آ اها گرمي؟" مون وات ۾ گڏ ٿيل گگ لاچار ڳهندي چيو.
"نسورو ناحق آ، دوزخ به ههڙو چا هوندو!"
مون ڪجهه ڪونه ڪڇيو. هونئن مان انهن ها ۾ ها ڪرڻ وارن مان هوس، جي ڏينهن جو تارا ڏسڻ تي به آمنا صدقنا ڪندا آهن، پر ان وقت مان ڪيئن پئي سندس ڳالهه کي ٽيڪو ڏنو. البته دوزخ جهڙا پنيٺ منهنجي دل ۾ سو برڻ لڳا. هن ٿوري دير منهنجي جواب جو انتظار ڪيو. ڪيس ڪو جواب نه مليو ته ٽڏو ڇندو هٽڻ لاءِ چوڻ لڳي:
"سيارو ڪهڙو نه سٺو آ ان ڳالهه ۾."
"سياري جو قدر به ته هي اونهارو ڪرائيندو آهي. جي اونهارو نه هجي ته سيارو ڪو وٽي."
"ٻڌان ٿي ته اڄ ڪلهه حيدرآباد جي موسم ڏاڍي سٺي آهي. هل ته مهينو ڪن اتي هلي رهون." هن ٿورو منهنجي ويجهو ايندي چيو.
"ڏسين ٿي ته مٿي ڪنهڻ جي به فرصت ڪونهي." مون سندس چپن تي چپ چنبڙائيندي چيو.
"هن جهان جا ته ڪم ئي ڪونه ڪٽندا."
"چا ڪجي، مڙئي جيئن تيئن گذارڻو."
"ڏس نه ٻارن کي به گرميءَ جون موڪلون آهن. آخر هنن ويچارن ڪهڙو گناه ڪيو جو ٻارهين مهيني به ڪين تفريح نه ملي."
مون ان ڳالهه جو جواب پچائڻ لاءِ پنهنجا چپ وڌايا ته هن وري چپ پڪوڙيندي چيو:
"ٿورو ترس، ساه ته ڪڍان ڪن دم منجهائي مارينديـن."

مان حڪم جو بندو ترسيس ته هن ساڳيو الاپ ڪيو. ”جواب چو نه ٿو ڏئين، وات ۾ مگ پيل ته ڪونه اٿيئي.“

”ڇا جو جواب ڏيان؟“

”مان تو سان ڇا ڳالهايو؟“

”الائي، توکي خبر آهي ته توسان هوندو هان ته پوءِ ڪا ڪل خبر ڪانه پوندي اٿم.“

هوءَ دل ئي دل ۾ گهڻو خوش ٿي ۽ مون واري نه ٻڌڻ واري گناه جي ڪا سزا نه ڏنائين، پر ٻيهر ڳالهه کي ساڃو ڪندي چوڻ لڳي: ”ڇيم پي ته ٻارن کي ٻه موڪلون آهن ۽ توکي ٻه ريسٽ ملي پوندي.“

”مان هر حال ۾ مست آهيان، پنهنجي ڳالهه ڪر.“ مون ڪلندي ڇئي ڏنو.

”ٻلا مون کي ٻه نيٺ گهمائڻو ڦيرائڻو اٿئي. هن ننڍي شهر ۾ ته دم ئي ٻوساٽجي ويو آهي.“

مون کي اها خبر هئي ته اهو سمورو پيٽ جو سور هن کي پنهنجو هو. مون کي ۽ ٻارن کي ريسٽ ڏيڻ جون ڳالهيون ته رڳو پرٽيون هيون، جن سان هن پنهنجو ميدان پئي ناهيو. عورتون مٽي ڪان پيرن تائين نمائشي هونديون آهن ۽ هن ۾ اها ستي ته رهندو سرس هئي. مون ڪيس ٻِڌائڻ لاءِ چيو: ”خيرپور هرويرو ننڍو شهر ته ڪونهي. تنهن ڪان سواءِ ساهيڙيون ٻه ڪوڙ اٿئي. اپوا جون ميٽنگون ۽ مينا بازاريون ٻه ٻارهوئي پيون ٿين.“

”ان ۾ ڇا ٿو ٿئي. هتي نه ڪپڙي پائڻ جو مزو ۽ نه ڏسڻ جو مزو.“

”ڇو، هتي ته ڊريس شو ٿيندا آهن!“

”ڏوڙ ٿيندا آهن.“ هن جڪ ڪائيندي چيو.

”باقي اهي ميلاد ٻيلاد ڇا آهن.“

”ميلاد لاءِ ته خدا لڳ ائين نه چؤ، مسلماني ڪان ٿو وڃين.“

”توهان عورتن واريءَ مسلمانيءَ جي ٻه مون کي خبر آ. اوهان جو مذهب آ چلڪو.“

هن کي مون واري ڳالهه لڳي ته دل سان، پر شرم پرچائڻ لاءِ هوءَ ٺهڪڙو هڻي ٺٺائڻ لڳي. لاچار ٻيو ڪو چارو نه ڏسي آڳ قبوليندي چيائين: ”هتي سوسائٽي آهي ڪهڙي؟ روز ساڳيا ماڻهو، جن کي ماڊرن فيشن جي خبر ڪانه. تنهنجي منهنجي ريس ته ڪپڙو گهرائين سبائين ته فيشن نڪري وڃي. ٻلا اهڙين ساهيڙين مان مون کي ڪهڙو مزو ايندو؟“

”من، بيگم خان ۽ بيگم ڪوڪب ٻه ته هتان جون آهن.“

”بيگم خان کي کهڙي فيشن جي خبر، هوءَ تہ سدائين مون تي ريس ڪندي آهي. ٻئي پيرا مون وٽان ڪيٽلاگ گهرايائين.“
”باقي ويچاري بيگم ڪوڪب تہ هينئر ڏوپچي وئي آهي ۽ سمورو ڪلف نڪري ويو اٿس.“
”ڇو، ڇو؟“
”آخر پنجون ٻار ڄڻيون اٿائين. مون، ٻار ڄڻڻ بہ سئي جي پاڪڙي مان هاتي لنگهائڻو آهي. توبهہ منهنجا رب توبهہ.“ هن کي دل ئي دل ۾ ايترن ٻارن ڄڻڻ تي افسوس هوندو هو ۽ ڪنهن نہ ڪنهن نموني اهو اندر جو سور ظاريندي هئي.
”تون تہ پنجن ٻارن ۾ بہ من لڳي پئي آهين.“ مان سندس چپن تي مهر هڻي ان ڳالهہ جي تصديق ڪئي.
”ها، پر هر ڪنهن جي هاڻيءَ تي مدار آهي. هن ويچاريءَ سان تہ ٻارهين مهيني ٻار جي تعدي آهي. هڪ اجا ڄائو ناهي تہ ٻيو ان جي ڪڍ.“
”ٻيو بہ سبب آهي.“
”ڪهڙو؟“
”تون سدائين ٻار کي مٿيون ڪير پيارين.“
هن کي شايد مون واري ڳالهہ مان توري ٺوڪ نظر آئي يا دل ئي دل ۾ ڪيس پاڻ ککيو، جو پاڻ واري ننڍي ڪاڪي ٻاهرين کير تي هئي ۽ ان ۾ اها سگهہ ڪونہ هئي. ان ڪري هن ان ڳالهہ کي ٻڌو اڻ ٻڌو ڪري ڇڏيو ۽ چوڻ لڳي: ”ان ڏينهن ڏاڍو مزو ٿيو.“
”ڇا ٿيو؟“
”بيگم ڊي سي وٽ اپوا جي ميٽنگ هئي. مان اڳ ساڙس ڪونہ ملي هيس. تازو بدلي تي آيا آهن نہ.“
”ها، هي پاڻ وارو ڊي – سي.“
”سو مان جو ويم تہ ڪيس ”وش“ ڪري وڃي ٻئي صوفي تي ويٺس. پر آصف هر هر جو نظر ڦيرايان تہ بيگم ڊي.سي جي مون ۾ جوهہ. اها ڳالهہ ٻئي پيرا مارڪ ڪيم. موٽندي بيگم انصاري ٻڌايو تہ هن ڪو وقت مون لاءِ پئي پڇيو ۽ ڪيس اعتبار ئي نہ پئي آيو تہ مان ڪو ٻارن جي بہ ماءُ آهيان.“
”ها، اها ڳالهہ تون اڳ ۾ بہ ٻڌائي آهي تہ عام ڪري ناواقف پلجنديون آهن.“
”ها، ڪوڙ پيرا ائين ٿيو آ. الائي ڇو؟“

”من جي انصاف ڪرين ته اهو اتئي منهنجو ڪريڊٽ. توکي رکيو به اٿم پام جي ٻوٽي جيان سائو ڇهچ، سنئون سڌو.“

”پر هينئر پوئين ٻار کان پوءِ پيٽ ٿورو وڏيل ته لڳيم.“

مون ان بهاني سموري بدني بناوٽ جو ڀرپور جائزو ورتو ۽ ڪيس دلجاءِ ڏيندي چيم: ”توکي اجايو احساس آهي. هي ڪو پيٽ آ؟ وري هو لندن مان جو ”ڪورسيٽ“ گهرايو هيئي؟“

”اهو ته پائيندي آهيان؟“

”پوءِ باقي ڇا جو ڳاراٽو؟“ مون سندس چيلهه ۾ هٿ ورائيندي چيو.

”ٻي ڪا ڳُڻتي ڪونهي پر هتي سخت بور ٿي پئي آهيان.“

”ويجهه ۾ ڪو فنڪشن ڪونهي ڇا.“

”هجي ته ڇا، نه هجي ته ڇا. مان هن سوسائٽي ۾ ائين ويڳاڻي گهمندي آهيان، جيئن...... جيئن.“ هوءَ تشبيهه ڳولڻ لڳي.

”جيئن برفاني ملڪن جو نيرڳ هتان جي پولاهين ۾.“ مون ڪلي جملو پورو ڪيو.

”نه نه، هرووڀرو اهو مطلب نه هو منهنجو.“ هن ظاهر ۾ نهڪر ڪندي چيو.

”ڀلا ڪا ولر کان وڇڙيل ڪونج.“

”ها ائين ڪٿي چئه.“

”پوءِ ان ۾ ڪهڙو فرق؟ ساڳي ته ڳالهه ٿي.“

”توسان پڇڻ جي ڪا پيٽي ڪونهي. ڀلا حيدرآباد ڪڏهن ٿو گهمائين؟“

”توکي آبي ۾ بهشت ٿو گهمايان، ٿورو چڙو ويجهو اچ.“

”چرچن ۾ ڳالهه نه ٽار. ها ڪر يا نٿهن.“

مون ان مهل ڪجهه به پئي ڪچيو ته ڪم خراب پئي ٿيو، ان ڪري ان ڳالهه کي وري ٽٽائيندي ڪيس چيم: ”هن مهل ته اهي بي سريون ڳالهيون نه ڪر. هي وقت آ ڪو انهن ڳالهين جو؟“

”باقي ڇا جو آ؟“ سمجهندي به هوءَ وري پڇڻ لڳي.

”سولي سنڌيءَ ۾ ٻڌايانءِ يا فارسيءَ ۾؟“

پر هن پوءِ به شرم کان ڪو جواب نه ڏنو. مون هن کي پاڻ ڏي ڇڪيو ته منهنجي سيني سان ائين چنبڙي وئي، جيئن ساڳ جي ڪانيءَ ۾ اڪڙوت جو ڪو پيوند. ڪپڙن جو سرڙات ٿيو، پوءِ مون کي ته هن جهان جي خبر پئي نه هن جهان جي.

صبوح جو اٽيس تہ پڪين جي لاٽين سان گڏ ٻارن ۾ بہ چوبول مٿل هو. سوٽ ڪيسن ۽ ٽرنڪن ۾ ڪپڙن ۽ زيورن جي سٽ سٽان هئي. مان انهن يڪ طرفي تيارين تي گهڻو ئي بوٽ سجايو، پر پوءِ ڪنهن نندي توڙي وڏي چخي ئي ڪونہ ڪئي. اها ڳالهہ برابر هئي تہ پوءِ مون بہ ڏنو ڪنو نہ ڪيو ۽ حيدرآباد پهچڻ تائين اڳ اڳ ۾ هوس ۽ مون واري بيگم فوج سوڊو پنيان هئي. پر جنهن ماڻهو اٿ کي ڏنو هوندو، سو عجب نہ ڪائيندو – اٿ جو ناڪيلي ۾ هٿ پوندو اٽس تہ هڪ ئي سٽ سان ايڏي ساري جبل جيڏي جا وجي گوڏا ڪپندا آهن. پوءِ جت جي هوندي اٽس مٿس سٽ سٽان، پر حرام جو پوءِ ڪو ڪٽڪي. منهنجا گوڏا تہ وري منڊ ڪان ان جاءِ تي ڪتل آهن ۽ رهندو لائڻ واري رات منهنجي سالين سس اهڙا ساٽ سڳڻ ڪيا؟ جو جيڪي توري گهٽي رڏي هيم سا الائي ڪاڏي غائب تي وئي. رهندو جو چڪي چريو ٽيس تہ قصو حاتم طائي وانگر. هڪ پيرو ڏسڻ جي تمنا اٿم. ان تمنا ۾ مون واري نڪ ۾ جيڪا ناڪيلي آهي، سا اجا دائم قائم آهي ۽ هڪ پيري جو هينائين بولي، اٿ وانگر پنهنجي مٿ ۾ پاڻ ترڪيو آهيان تہ پيو ترڪان. حيدرآباد ۾ وري سوٽ جو گهر اٿم، جو بہ ساڳي وڻ جي ٻي لام يعني منهنجي ساليءَ سان پرٽيل آهي. سو اتي جڏهن پهتاسون تہ جڻ پنهنجي گهر آياسون. ٻنهي ڀينرن جو پاڻ ۾ تارون مليل هيون ۽ اسان ٻنهي سوٽن کي رڳو تيار ٽيل پروگرام مليو، جنهن ۾ صبوح جو ڪوٺڙي گهمائڻي هئي تہ شام جو المنظر، رات جو سيڪنڊ شو ڪان پوءِ مون کي سو ”ٽرڊ شو“ جي اجازت هئي، پر سڄو ڏينهن جنگهون هڻڻ بعد اهو شو مون کي ائين لڳندو هو، جيئن ڪو ”چئريٽي شو“ جنهن ۾ ٻئي ڏريون چڙو بيگر لاهينديون آهن. پوءِ جڏهن حيدرآباد جون سموريون فلمون ڏسجي چڪيون ۽ نوان ڪپڙا سبجي چڪا، تڏهن هڪ رات ٽڏي هير ۾ ساڳيو ئي ويراڳ هليو. هوءَ منهنجي انهن سمورين ڳالهين تي تئو گهمائيندي چوڻ لڳي:

”گهمائيندين ڦيرائيندين يا ائين ٻڌي بوٽ واپس موٽائيندين؟“

”۽ هن وقت تائين چا هو؟“ مان جڪ ڪائيندي ٻرندي پڇندي چيو.

”ان کي گهمڻ ڦرڻ تورو چئبو آ.“

”باقي چا کي چئبو آ؟“

”هتان جي فئمليز سان تہ دعا سلام ڪيون نہ......“

”تہ ڪيتري پاڻي ۾ آهن؟“ مون جملو پورو ڪندي چيو.

”تون تہ هر ڳالهہ مان پنهنجو مطلب تو ڪڍين. حيدرآباد جي هوائن مٿو ڦيري ڇڏيو اٿئي.“ هن منهن ۾ سونڊ وجهي چيو.

سندس اوچتو پسرجڻ تي مون کان اهو سچ چوڻ وارو دورو وسري ويو. مون ان جي اگرن نتيجن تي سوچيو ته منهنجي هٿن مان پولي به ڇڏائجي وئي. مون دستور موجب ناه ڏانهن قدم وڌائيندي چيو: ”جاني، ڪجهه پوڳ مان ”انجواءِ“ ڪرڻ ته سک.“

”نه نه، مون کي اهڙا پوڳ نه وڻندا آهن.“

”پلا ڪنهن جي گهر هلندينءَ؟“ مون سنئين سڌي پٽڙي ورتي.

”توکي خبر، هيترا سارا دوست اٿئي.“ هن به ڪاٽتو بدلايو.

”نادر ڏي هلون جنگشاهي؟“ مون کي پاجائيءَ جي پلي جو پلاءُ ياد اچي ويو ۽ سندس سک مان سگهري اچڻ جون دعوتون.

”گهٽو پنڌ آ هتان جنگشاهي؟“

”اهو سؤ سوا ميل اوٽ موٽ.“

”جنگشاهيءَ ۾ چا رکيو آهي؟ آهي ته ننڍو واهڻ.“

”اتي پرسان نوري جام تماچي واري ڍنڍ آهي، ڪينجهر.“

”ڍنڍ کي چا ڪنداسون؟“

”بوٽنگ به ڪنداسون ته ڍنڍ ڪناري پسار به ڪنداسون.“

”نڪو“ هن بوٽ چبو ڪيو.

”پوءِ ڪاڏي؟“

”هتي به ته ڪوڙ دوست هوندءِ، اتي ته ڏاڙ هٽندو آهين.“

”پلا شارق مشرف؟“

”اهو جنهن جي گهر کي ڪبوترن جي ڪڏ سان پيٽايو هيئي؟“

”اهي ته مان پوڳ ڪيا هئا، پر تون قرب ته ڏس. شارق جي ماءُ جيءَ ۾ جايون ڏيندءِ.“

”مسز شارق ڪونهي چا؟“

”نه پيڪين ويل آهي.“

”پوءِ ان کان سواءِ ڪهڙو مزو.“

”پلا غلام علي موهل؟“

”ڪتي رهندا آهن.“

”گهر جو پورو پتو ڪونهي، پر گهٽو ڪري ريشم گلي پرسان.“

”نه بابا نه.“

”توکي ته ڪو گهر وٽي ئي ڪونه تو.“ مون ڪک ٽيندي چيو.

”لطيف آباد يا جي آر ڪالونيءَ ۾ ڪو دوست اٿئي؟“

ايندي ويندي ٻنهي ڪالونين جا سهڻا بنگلا ڏنا هئائين.
”هڪ نظر حسن آهي، پر ان کي پاپي مريءَ ڪنيي ڪٽي وئي آهي.“
”ها ڏس نہ ان کي چئبو گهمائڻ ڦيرائڻ. توکي تہ حيدرآباد تائين پئي ٻرو چڙهيو.“
دل گهريو تہ نظر حسن بابت ٻڌايانس تہ سندس گهر واريءَ ڪيس بہ ائين حرام ڪري ڇڏيو آهي، جو نہ ڪنجهي ٿو ۽ نہ ڪڇڪي ٿو. پيو پولي وانگر ڪڏ گهمي. پر مون کي خبر هئي تہ هوءَ ان ڳالھ کي هڪدم پاڻ ڏانهن اشارو سمجهندي. ان ڪري مون ان ڳالھ جو ڪو جواب نہ ڏنو. فقط ايترو چيم: ”پلا فيصلو ڪر نہ.“
”فيصلي لاءِ ڇڏيو ڇا اٿئي؟“
”هيترا گهر ٻڌايامانءِ.“
”سڀ ڪنگلا، ڪنهن گهر ۾ ڊرائنگ روم بہ ڪونہ.“
”چو خدا جو ڏنو سڀ ڪجھ اٿن. ڊرائنگ روم نہ هوندن تہ ڪو پٽ تي ٿورو ويهاريندءِ.“
”اهڙو خدا جو ڏنو شل دشمن کي بہ نہ ڏي. ويچارين جي تہ حياتي ئي زهر هوندي.“ هن کي مون وارن يارن جي گهر وارن جي اچي ڳڻتي لڳي.
اوچتو مون کي ڪوه نور ملز وارو مئنيجنگ ڊائريڪٽر ميان امين الدين ياد اچي ويو، جنهن سان منهنجي سني سلام دعا هئا. مان حيدراباد ايندو هوس تہ ڪڏهن ڪڏهن وٽس ويندو هوس. پاڻ ميان صاحب ۽ بيگم صاحبہ هر ڀيري ڊنر ڪارائڻ کان سواءِ ڪونہ ڇڏيندا هئا. وڏي شاهي ڊائننگ ٽيبل جي ٽاپ تي براس جي چمڪندر ڪئنڊل اسٽئنڊس ۾ وڏيون موم بتيون هيون. الائي ڪيترا ڪورس سرو ٿيندا هئا ۽ هر ڪورس بعد انگلش ايماسڊ پليٽ بدلبي هئي. ان جي بجاءِ ٻي رڪبي هئي. اها دعوت ڪلاڪن جا ڪلاڪ هلندي هئي. ميان ۽ بيگم صاحب وڏا مانائتا هئا ۽ مان ڏئي ۽ وني جاڻندا هئا. ميان ۽ بيگم صاحبہ کي يورپ ۾ بہ ڪاروبار هو ۽ سال مان ڇھ مهينا ٻاهر ولايتن ۾ پيا گهمندا آهن. ميان صاحب جو يادگيرو ايندي منهنجي مٿان پيل چپ چيتيون چيتيون ٿي پئي ۽ مون سک جو ساه پريندي ڪيس چيو: ”ها هڪ جاءِ سجهي ٿي، تنهنجي ئي مطلب جي. سياڻي اوڏانهن هلنداسون.“
”مون کي بہ تہ ٻڌاءِ.“
”مسٽر ۽ مسز امين الدين ڪوه نور ملز وارا.“
”ها، ايڏانهن هل نہ. باقي اڳهون ڪهڙيون ڍونديون ڍورا ڪنيا هيئي.“
”مون کي هينئر ياد آيو.“ مون ڏند ٽيڙي خطا مڃي.

”پوءِ ڪڏهن؟“
”ڪنهن به وقت، صرف چوڻ جي دير آهي.“
”پوءِ ڪرين ڇو نه ٿو ٽيليفون؟“
هوءَ ٽيستائين منهنجي ڪڍ ڪڍ هئي، جيستائين مون ميان صاحب سان ڳالهائي ”ڪنفرم“ نه ڪيو هو. ميان صاحب ته ان کي پنهنجي عزت افزائي سمجهي اسان کي ڊنر يا لنچ لاءِ چيو هو، پر مون ٻئي هنڌ هجڻ جو بهانو ڏئي صرف چانهه جي ڪوپ جي استدعا ڪئي هئي. ان ئي ڏينهن شام جو هڪ وڏو لفافو نارمل دعوت نامي سان اچي پهتو هو.
ٻئي ڏينهن اٺڻ سان هن شام لاءِ تياري شروع ڪئي. سڀ کان وڌيڪ اونو ڪيس پنهنجن هٿن، پيرن ۽ منهن جو هئو. هونءَ به هوءَ روز سيارو هجي توڙي اونهارو، اٺڻ مهل ۽ سمهڻ مهل پاڻ کي الائي ڪهڙين ڪريمن سان مهٿ مهٿان ڪندي هئي. وري جڏهن کان ملڪ ۾ خواتين ڊائجسٽ شروع ٿيا هئا ته سبزي مارڪيٽ مان ايندڙ سلاد جا پن، ونگا ۽ ليما ته هن جي ٻلي هوندا هئا ۽ منهنجي گنهگار اکين ڪڏهن مانيءَ جي ٽيبل تي ڪونه ڏٺا هئا. وري منهنجو هڪ دوست لنڊن پهتو هو ته هن اتان به عورتن جا پرچا ”وومن“ ۽ ”ومنز اون“ جاري ڪرايا هئا، جن جي پڙهڻ کان پوءِ ته ڪيس ڪابه لوڪل شيءِ نه وڻڻ لڳي هئي ۽ سندس جتين کان وٺي پرسن ۽ ڪريمن تائين سڀ شيون اتان اچڻ لڳيون هيون. پر اهو صبوح ته سيني صبوحن کان وڌيڪ پيارو هو ۽ اهڙي شام روز روز نه اچڻي هئي. ان ڪري هن نئين سر منڊ کان وٺي شروعات ڪئي هئي. ان مهٿ مهٿان جي مرحلن کان واندي ٿي، هن باٿنگ سالٽ جي سموري شيشي ٽب ۾ اوتي. هن هڪ وڏو غسل ورتو هو ۽ جڏهن اهي سڀ خوشبويون سندس جسم جي خوشبوءِ سان رلي ملي هڪ ٿي ويون، تڏهن هوءَ اهي سموريون سرهاڻيون کڻي مون وٽ آئي ۽ مون کان پڇڻ لڳي: ”هاڻي ٻڌاءِ ته شام پايان ڇا؟“
”اهو پرابلم تنهنجو آ.“ مون ڪتاب نپيندي جواب ڏنو. مون کي خبر هئي ته ڪتاب پڙهندي ڪيس جواب ڏنم ته ڇيهاڙيون ڇيهاڙيون هوندو.
”مطلب ته ساڙهي پايان يا ڪو بيل باٽم سوٽ؟“
”لازما ساڙهي.“ مون نهه پهه چيو. هڪ ته ساڙهي هن کي پسند هئي، ٻيو ته شام جو سندس پويان هلڻ وقت پنهنجي به چاندي ئي چاندي هئي.
”ساڙهي تي ته منهنجي به مرضي هئي، پر پايان ڪهڙي؟“
”هاڻي اها صلاح پاڻ ۾ ڀينر ڪيو.“

”تون بہ صلاح ڏي نہ.“

”پيازي ليس واري ساڙهي پاءِ.“

”اها هڪ بہ پيرو پاتي آ، هينئر ڪڪ تي پئي آهيان.“

”پلا بنارسي ”موف“ ڪلر واري.“

”اونهون، بنارسي تہ هر ايرو غيرو ٿو پائي.“

”پوءِ؟“ مون ڪڪ ٿيندي چيو. پائيندي اها جا سندس دل ۾ هوندي.“

”بلو شفان واري ساڙهي لاءِ ڪهڙو خيال اٿئي؟“

”ڪهڙي؟“

”اها جنهن تي سيڪونس جو ڪم ٿيل آهي، جا مهينو ٿيو ٻارهين سوين ورتي هئي.“

”اڙي ها، اها تہ مون کان وسري وئي.“

”آهي بہ ماڊرن فيشن ۽ ان تي ولائتي جتيون ۽ پرس بہ اٿم.“

”ٻيو ڇا ڪپي، خدا خير ڪري.“

شام جو جڏهن هوءَ چار ڪلاڪ اڳ تيار ٿيڻ شروع ٿي، تڏهن ئي ڪو وقت تي وڃي سندس ميڪ – اپ پورو ٿيو. ميزبانن جي شاهي محلات جهڙي بنگلي ۾ هلي اسان جي گاڏي بيني تہ بيگم ۽ ميان اسان کي پورچ جي ڏاڪڻ وٽ گريٽ ڪيو. هوءَ خوش خوش بيگم صاحبہ سان گڏ اندر ڊرائينگ روم ڏانهن هلي وئي. مان ۽ ميان صاحب ٽيرس تي ڪرسيون وجهائي چيس راند ۾ لڳي وياسين. اندران ڊرائينگ روم مان ڪڏهن ڊنر بيل جهڙين گهنٽين جهڙا ٽهڪڙا پئي ٻڌڻ ۾ آيا، جن منهنجي ڪنن جو سمورو گوش پئي ان پاسي ڪيو. منهنجيون ويڳاڻيون اکيون بہ نور وڃائڻ لاءِ پئي هيڏانهن هوڏانهن ڦريون ۽ ڪو ساڙهيءَ جو جهلڪو يا سنئي صورت ڏسي پي ٺريون. راند ۾ منهنجو ڌيان پورو ٿيو سارو هو، سو پهرين راند هارائي، ٻي لاءِ پئي ڳوٺون ويهاريوسين تہ اندران واپس هلڻ جو پيغام آيو.

مسٽر ۽ مسز امين الدين کان موڪلايوسون تہ سندس مکڙي تي اها ئي ”پئنٽنٽ“ مرڪ هئي، جنهن سان چپن تي لڳل ”گلا“ جي سرخي بہ نہ بگڙندي آهي ۽ ماڪوڙي کاڌل ٻي سرا ڏند بہ نظر نہ ايندا آهن...... پر سندس رنگ ائين پئي ڪاراٽبو ويو، جيئن نيرو آسمان آنڌاري اچڻ کان اڳ، پنهنجي نيراڻ مٽائي ميرانجهڙو ٿيندو ويندو آهي..... اندر گهڙيم تہ ڏٺم تہ هوءَ سيٽي تي ائين ڦان تي پئي هئي، جيئن آرمس جي ڪا سينگاريل ڊمي...... گهڻي دير کان پوءِ هن اهڙو ٿڌو شوڪارو ڀريو جو منهنجي منهن

تي ائين لڳو جيئن ڪو برفاني هوا جو زوڪات..... پوءِ هن نماڻيون اکيون کڻي مون ڪي چيو: ”هل تہ واپس هليا هلون.“

”چو من، اجا تہ هفتو کن ٿيو آ آئي.“

”پويان سمورو گهر رلي ويو هوندو.“

”پر پوئتي گهر ۾ آهي ڪير؟ سڀ ياتي تہ هتي آهيون.“ مون ڪيس ياد ڏياريو.

”نيٺ گهر تہ آهي. پويان نوڪر جيڪي چندڙ ڦوڪ ڪندا هوندا سا خبر اٿئي.“

”من خيرپور ۾ تہ اجا چتي گرمي هوندي.“

”پنهنجي گهر ۾ گرمي بہ سون.“

هن جڏهن ڪا جاءِ نہ ڏني تہ مون پوءِ ڪانئس سڌو سوال ڪيو: ”تون شايد ”امينز“ وٽ انجواءِ نہ ڪيو.“

”نہ خاص ڳالهہ تہ ڪونهي.“ هوءَ هينائين ڪيئن ٻولي.

”مسز امين ۽ سسٽرس ڪيئن هيون؟“ مون ٻيو رستو ورتو ان راز ڳولڻ لاءِ.

”مڙئي ماڻهن جهڙا ماڻهو.“

”نہ من، مسز امين تہ پنهنجي نالي ساڻ آهي.“

”اوهان مردن کي هرويرو پراڻو چلڪو وڻندو آهي.“

”مان هن کي توسان ڀيٽايان تہ ڪونہ ٿو، پر.......“

”ها چمڙي سو مون کان ”فيئر“ اٿس.“ هن مس ڪا ڳالهہ مڃي.

”۽ فگر؟“

اتي هوءَ سور نہ سانديي سگهي ۽ پريل غباري وانگر گهٽو ٿي دم جهليائين. پر نيٺ ڦاتي پئي. ”آصف خبر اٿئي تہ ستن ٻارن جي ماءُ اٿئي.“

”تون ڏس.“

”پڪ ٿي پڪ ”هارمونز“ وٺندي هوندي، تڏهن تہ جوان لڳي پئي آهي.“

”تون بہ تہ پنجن ٻارن ۾ من لڳي پئي آهين.“ مون ڪيس آٿت ڏنو.

”نہ آصف، هن اڳيان تہ ڪجهہ ناهيان.“ هن کان ٿڌو ساهہ نڪري ويو.

”سندس ڪپڙا ڏٺئي؟“

”الا! ڪپڙن تي تہ نظر ٿي نہ پئي بيٺي.“

”يلا تنهنجو چو موڊ آف ٿي ويو؟“

”آصف نہ پڇ، اندر ٿي سڙيو پيو آ.“

”هن کي سوسڙيون ساڙيون چا؟“

”نہ نہ، هوءَ تہ ڏاڍي عزت سان ملي. سندس نٽانن بہ ڏاڍو قرب ڏنو.“

”باقي ڇا ٿيو؟“

”اهو ٿيو جو دل پئي گهريو تہ زمين جاءِ ڏي تہ پيهي وڃان.“

”يلا ٻڌائين چو نٿي؟“

”ڇا ٻڌايانءِ؟ دل ٿي چوي تہ هن ساڙهيءَ کي تيلي ڏئي باهہ ۾ ساڙيان.“

”ڪمال ٿي ڪرين. ههڙي پياري ساڙهي کي ساڙيندينءَ؟“

هن ڪو جواب نہ ڏنو. ڏٺم تہ سندس اکين جا ڪٽورا پهرين آبجي ويا ۽ پوءِ شفاف ڳوڙها سندس پنبڻين تي ائين اٽڪي پيا، جيئن ساري سارهيءَ تي ڪو موتين جو ڪم. اتان اهي موتي ٽٽا تہ هوءَ بہ پاڻ جهلي نہ سگهي ۽ سڏڪا پريندي چوڻ لڳي: ”اعتبار ڪندين تہ اسان جي ويهڻ سان بيگم امين جي نوڪرياڻي جو ترالي گيڙي آئي تہ هن کي هوبهو ساڳي ساڙهي پئي هئي..... اهو ئي ”سيڪونس“ جو ڪم ۽ ساڳيو ئي رنگ.“

# منڌ پوڙيو مهراڻ

مان ڪورٽ جا ڪپڙا بدلائي، منهن تي ٿڌي پاڻيءَ جو ڇنڊو هڻي اچا ويهڻ جي تو ڪيان تہ وراندي ۾ پنهنجي مومل جي هلڻ جو گيهو تو ٻڌان. اهو گيهو ۽ سهڪو هلندي هلندي مون واري ڪمري تائين پهچي ٿو ۽ ان دم هوءَ اچي منڍي ڪڍي ٿي.
اچڻ سان پنهنجو لٽڪندڙ اگهٽ ابداٽي ۾ تنبيندي ماکيءَ ڪان بہ منڍي آواز ۾ مون ڪان پڇي ٿي: ”اچي وئين؟“
”ها“ مان ڪٽ تي آهلندي جواب تو ڏيان. دل ۾ سوچان تو تہ ڪيس چوان تہ لاچار ڪي آچار ڪونهي.
”ايترو جلدي؟“
”ڪم جو ٿورو هو.“
هوءَ ٿوري دير چپ تي وڃي ٿي. لاشڪ تہ ڪو ڪم اٿس مون ۾. مان چٽ ۾ هلندڙ پکي ڪي پيو واجهايان ۽ ٻڙڪ نتو بوليان. مون ڪي سورنهن آنا خاطري آهي تہ سندس تلهي پيٽ ۾ ڪا ڳالهہ ترسٽي ڪونهي، هوءَ بہ دير ئي نٿي ڪري ۽ ان دم ڦاٽ ڪائي ٿي: ”زينو آئي آهي توڏي.“
مان نالو ٻڌي ذري گهٽ اجهڪو تو ڪاوان ۽ اٿڻ جي تو ڪيان، پر لڱن ۾ ڇڻ تہ اهو ست ئي ڪونهي. مان ڌڙڪندڙ دل سان پاڻ ڪي پيو پرڀايان تہ هن جڳ ۾ هڪ اها ئي زينو تہ ڪونهي، سوين هزارين زينو آهن. هيءَ ڪهڙي زينو، اها سهڻي من موهڻي زينو، الائي ڪا ٻي، منهنجي دل ۾ تہ ڳالهہ وسي وئي آهي، پر تنهن هوندي بہ مان پڪائي ڪندي پڇان تو: ”زينو، ڪهڙي زينو؟“
”هڪ ئي تہ زينو آ پنهنجي ڳوٺ ۾، دادن واري زال.“
منهنجي زور سان ڌڙڪندڙ دل ڇڻ تہ بيهي تي رهي ۽ هيانءُ مٺ ۾ اچي وسامڻ تو لڳي. ورهين جا ڇتل ڦٽ وري نئين سر ادڙي تا پون ۽ انهن مان رت سيمو ڪري پيو نڪري. هيءَ زينو تہ اها ئي آهي، جا منهنجي رڳ رڳ، پور پور ۾ سمايل آهي. مون ڪي سندس جهلڪ ڏٺي ستون ورهيہ ٿيو، پر دل تي اڪريل چٽ ڪٽي تا ڌهن. هوءَ ان وقت وڏي وڻ پئي ٿي ۽ سندس وهيءَ ٻور پئي جهليو. مون بہ ان ڦر ڪي پنهنجي جهولي ۾ ميڙڻ ۽ هيانءَ ۾ ساڍڻ لاءِ توري تڪي چاپڙ هنئي، جا موٽي مون ڪي اچي هنيانءَ ۾ ڪان جيان تنبجي پئي. مان ان وچ ۾ رنس رڙيس ۽ چور گهوڙي پنهنجي

حيلا هلايم، پر زور جي ميندي ڪونہ لڳي. پوءِ مون هنن ئي ڪنن سان سندس وهاڻ جون شرنايون ٻڌيون ۽ هنن ئي اکين سان ڪيس لائون لهندي ڏٺم. هن جو وهاڻُ پنهنجي مڱيندي دادن سان ٿيو ۽ هن جي ۽ منهنجي وچ ۾ درياه وهي ويو. اها زينو تہ پوءِ بہ مان پل نہ وساري ۽ مان اٿندي وهندي، ننڊ ۾ ۽ جاڳ ۾ ڪيس پئي پسيو. مان پنهنجي گونگي گاڻ ڏي ڏسي سوچيان تو تہ ڪيس ڪهڙي لڪ ۾ رکان، پر نہ چاهيندي بہ چئي ٿو ويهان: ”مان شڪل مان تہ نہ سڃاڻان، باقي نالو سو ٻڌل ٿو لڳيم.“

”ها تون ڳوٺ ۾ رهين بہ ڪيترو وقت، سدائين تہ ٻاهر پئي پڙهايون ڪيئي.“

مان دل ئي دل ۾ ڪيس چوان ٿو تہ موڳي مينهن، توکي ڪهڙيون خبرون منهنجي پڙهائيءَ جون. مان تہ اهو سمورو وقت ٻاهر هوندي بہ ڳوٺ هئس، منهنجي دل جو اتي هئي. مان سدائين پيو آڱرين تي ڏينهن ڳڻيندو هوس تہ ڳوٺ موٽان، پر مون نہ ان ڳالهہ جي ڪيس هائو ڪئي ۽ نہ ننهڪر، ڪانئس پڇان ٿو: ”جو آئي آهي؟“

”ڏير ننيڙو پٽ ٽڻن تي ڪسيو اٿس، سو واهر تي گهري.“

”باقي دادن ڇا پيو ڪري؟“ مان ڄاڻي واڻي هي سوال ٿو پڇان. دادن کي گذري ٻارهون مهينو بہ ٿي ويو. مون تہ ان ڪان پوءِ ڪيس نئين سر نينهن جو نياپو پهچايو، پر هن ورندي ئي ڪونہ ڏني، هن جي اکين مان سو سانوٽي جو درياه اٿلي پيو.

”اهو تہ ڪڏهوڪو پنهنجي ڏيهہ ويو، تون تہ ڪو صفا ڇٽ آهين، باقي وڪالت ڪيئن پيو ڪرين؟“

مان دل ئي دل ۾ سوچيان ٿو تہ ڪهڙيون وڪالتون، ڇا جون وڪالتون؟ اها ئي وڪالت آ تہ ڇڙو ڳوٺ کان پري رهڻ جو بهانو، مڙيل ڦٽن کي وري نہ اديڙڻ جي هڪ ناڪام ڪوشش. مان چئڻ تہ يادگيريو ڪندو چوان ٿو: ”ها، ها.“

”پوءِ ڪرينس نہ ڪا واهر.“

”ڪهڙي واهر ڪجيس، ٻار جا تہ نيٺ ڏاڏاڻا وارث آهن.“

مان بہ پنهنجي پر ۾ زينوءَ جي هياءُ کي مٺ ۾ قابو ٿو جهليان تہ پلي ڪيس بہ ڪا ڪل پوي.

”ايتري ننڍي آبهم جا؟“

”ڳوناڻي رسم جو اها آهي تہ پوءِ مان ڇا ڪيان؟“

”ٻن پوي اهڙي رسم، نسورو ناحق آ.“

مان من ئي من ۾ ڪيس چوان ٿو تہ اهي ريتون رسمون نہ هجن ها تہ توسان هيءَ جبل جيڏي جندڙي ڪيئن گهاريان ها؟ اهي ريتون رسمون ئي تہ هيون، جن زينوءَ ۽

منهنجي وچ ۾ لوها ڪوٽ ڪيي چڙيا. مان اهي لوها ڪوٽ پيچڻ گهريا، پر هٿن ست ئي چڙي ڏنو. مون زينو لاءِ دادن کان وڏائي واڪ ڏنا، پر هڪ پيرو چڪاٽل وري مون نه چڪائي سگهي. راجوٽي رسم ۾ مان ڳوٺ جو ابو امان هوس ۽ پنهنجي ننگ کان سواءِ هر ڪا منهنجي نياٽي ۽ امڙ هئي. مان جي ڳوناٽيون رسمون ٽوڙيان ها ته پهريون اها رسم ٽوڙيان ها، جنهن مون کي زينوءَ کان پري بيهاري ڇڏيو هو. مان دل ئي دل ۾ هزارين ڳالهيون سوچيان ٿو، پر هن کي چڙو اهو ٿو چوان: ”وڏن جو اها رسم ناهي، ضرور برابر هوندي.“

”پر قانون ٻه ته آ.“

”ٻهراڙيءَ جو اهو ئي قانون آ.“

”هوءَ ته ويچاري حال کين بيحال آ، سندس ڇاتيون سور کان ڦاٽن ٿيون.“

”ڇو، ڇو؟“

”ٻار ٻبن تي اٿس، ٽن ڏينهن کان ٻار جو نه ڏاتو هوندس ته ٻيو ڇا ٿيندو؟ ويچاري جو ته ڇولو ئي پسي پسي ڪوئنر تي پيو آهي.“

مون کي بي اختيار زينوءَ جا لسي وٽي جيترا اره ياد ٿا اچن، جن جون جهلڪيون مون سندس چڪني ۽ وائل جي چولن مان پئي پسيون هيون. اهي ته ان وقت مڪڙي جيان هئا، پر هينئر ته ٽڙي ڳل تي پيا هوندا. هن وقت ته رهندو ٻار جي ٽڻن تي اٿس، سو اهي ته حال کان بيحال هوندا. سندس شربتي ڪل مان اڇو ڪيس پسبو هوندو. مان زينوءَ جي ارهن کي ياد ڪري پنهنجي مومل جي سيني ڏانهن ٿو نهاريان، جي ٽنبن ۽ ٽوٽين جي ٽيڪن کان پوءِ ٻه ائين ٿا لڙڪن، جيئن پاڻ واري وبائل اليسشن سوزيءَ جا ٿڻ. مان دل ئي دل ۾ سوچيان ٿو ته جيڪر پنهنجي مومل کي چوان ته زينوءَ جي انهن ئي ڇاتين ته مون کي حال کان بيحال ڪري ڇڏيو هو، پر ان وقت ته زينوءَ کي ڪو ڪهڪاءُ نه آيو. پر هينئر ٽن ڏينهن جي وڇوڙي تي پئي ٻار لاءِ ماندي ٿئي. پر اهي ڳالهيون سوچي سگهجن ٿيون، پر چئجن ڪين. مان ڪڇان ٿو ته چڙو اهو ئي: ”زينو جو ڏير اهڙو ته ڪونهي، آهي ڇاتي ڳوڙ؟“

”ڏيرنهس جي مرضي ساٽس لڪيي ڪرڻ تي آهي، پر هيءَ نٽي هائو ڪري.“

”ڇو نه ٿي ڪري، گهر ۾ گهر؟“ مان ڏڙڪندڙ دل سان پڇان ٿو، شايد ته زينو مون ڏانهن وراڻ ڪئي هجي.

”هوءَ ٻيو پرٿو نه ڪندي، مڙس جي ڇانو نٽي ڇڏي.“

”پر ڇو، اڃا ته جوان جماڻ آ.“

”دادن مئي کان پوءِ هن جي دل جو گل ئي مئل آ، هئا به ته ٻئي ڄڻا هڪ ٻئي تان گهور.“ مون واري موڪل مون ڏانهن ميار ڏيندڙ اکيون کپائي چوي ٿي. هن جون اکيون مون کي چون ٿيون ته تو ۾ اهي ڳالهيون ڪٿي،. مان دادن...... دادن جو راڳ ٻڌي سڙي ڪوئلو ٿي ٿو وڃان. دادن جيئري ته مون کي ملهه ماري هئي، پر هينئر جڏهن سندس هڏيون به ڳري ويون آهن، تڏهن به مون کان سرسيءَ ۾ هو. زينوءَ جي وات تي اچا ساڳيو نالو هو ۽ مون جهڙا ته ڪنهن قطار ۾ ئي ڪونه هئا. مان خار ۾ زال کي چوان ٿو: ”ڪمال ٿي ڪرين، زينوءَ کي ڪيئن ويهاربو؟“
”سندس مرضي بنهه ڪونهي، باقي چوي ٿي ته هيٺ مٿي ٻڌو ته پلي ڪاري چور سان پرڻايو.“
مان اهو جملو ٻڌي باه ٿي ٿو وڃان. انهن ڪارن چورن مان ته هڪ مان به آهيان. ڳوٺ جو چڱو مڙس، مجيري ۽ وڪيل، پر هن کي ته ڪنهن تي فلڪ ڪونهي. هن لاءِ ته دادن اجان جيئرو جاڳندو آ. مان دل ئي دل ۾ دادن کي پٽيان ٿو. شل رب دادن کين ڪريئي، پيٽا مئي کان پوءِ به زينوءَ تي واسينگ نانگ وانگيان پهرو پيو ڏين. مان باه ۾ زال کان پڇان ٿو: ”پاڻ آهي ڪٿي؟“
”مون واري ڪمري ۾ ويٺي آ.“
”اتي ڇو ويهاريو س ٿئي؟“
”مڙئي هن ويچاريءَ سان ڏک سور به پئي اوريم ۽ سيرون به پئي ڏياريم.“
منهنجي اکين اڳيان زينوءَ جو ڪارو پنيور وارن وارو چوٽو ڦري ٿو اچي ۽ ٻي نظر پنهنجي موڪل جي من موسڙي واري اکيري ڏانهن ٿو وڃان. دل چوي ٿي ته کيس چوان: تون پنهنجي ڪٽل ڪنين کي سيرون ڏيارڻ بدران سندس ڪارن ڪڪرن کي ڪولين ها، پر کيس ائين ڪيئن ٿو چئي سگهان. هن کي چوان ٿو: ”زينوءَ کي موڪل ته پاڻ ڳالهائي، تو هروڀرو سندس نيڪو ته نه ڪنيو آ.“
مون واري موڪل به سوال جواب ڪري لاشڪ تڪي آ، سو هوءَ واپس تي موٽ ڪائي. ورانديءَ ۾ ئي هن جو آواز ڪن تي ٿيو پئيم ۽ هوءَ زينوءَ کي چوي پئي: ”مائي پاڻ به ته صاحب سان ڳالهاءِ. هتي پنهنجي وڪيل سان نتي ڳالهائي سگهين ته اڳتي ڪورٽ ۾ ڪهڙا سوال جواب ڪندينءَ؟“
ٿوري دير چپ ٿي وڃي ٿي. مان سمجهان ٿو ته هوءَ ايندي يا ته هبڪندي هوندي، يا رئو ناهيندي هوندي. منهنجي سامهون اچڻ لاءِ، دل من هٽندي هوندي ۽ ڳالهائڻ لاءِ لفظ توريندي تڪيندي هوندي. ان دم ئي دل ۾ خيال ٿو ورائي ته متان مون واري موڪل به

وري ساڻس ڳنڍي نہ اچي، سو اتان ئي ڪيس ڪن تي ٿو هٽان: ”هاڻي مهرباني ڪري تون وڪالت ڇڏ، مون لاءِ ماني پچائي آءُ.“

مان ڪن ٿو ڏيان تہ پنهنجي مومل جو گيهو بورچي خاني ڏانهن ٿو ٻڌان ۽ زينوءَ جي اچڻ جو آواز دل ۾ پيو محسوس ڪيان. هوءَ سرندي، سرڪندي، بيهندي، هلندي ڪائين ڪال در ۾ ائين ٿي منهن ڪدي، جيئن پندرهينءَ جو چنڊ ڪي گهڙيون لڪ ڪري پوءِ ايرندو آهي. هوءَ در جي تاڪ ڪي جهلي پير جي ننهن سان ڌرتي ڪوتڻ لڳي ٿي. مان هن جي چنڊ جهڙي منهن ڪي ڏسان ٿو، جو حجاب ڪان ڳاڙهسرو ٿي ويو آهي ۽ پوءِ سندس ڍڳهي هاني، موڪري سيني، چيتڻ جهڙي چيلهہ ۽ پرپور ڍاڪن ڪي ٿو تڪيان، جيڪي هينئر مون کان هزار ڪوهن تي آهن. مون ان مفاصلي ڪي گهٽائڻ لاءِ پنهنجا پير پٿون ڪيا آهن، پر اهو اٽانگو پنڌ ڪٽيي نٿو ڪٽي. مان ڳالهائڻ ٿو چاهيان، پر ڳالهائي نٿو سگهان. زبان چڻ تہ تارون سان نهڪي وئي آهي. مس مس ڳيتون ڏئي مان ڏک ۽ ميار مان ذري گهٽ روئٽهارڪو ٿي پٽڪان ٿو: ”آئين آن زينو؟“

هوءَ جواب ۾ ڪي ڪچڻ بدران پنهنجيون چيرويون اکيون کڻي مون مٿل ڪي رهندو ماري ٿي.

”منهنجي ڳالهائڻ تي ڏک ضرور ٿيو هوندءِ، پر زينو اهڙا ڏک تہ تو بہ ڏنا هئا.“

هوءَ ائين ئي چپ.

”ياد اٿئي تو لاءِ مون ڦارون پئي پاتيون. تون رکو جواب نہ ڏين ها تہ ههڙا ڏونگر ڪٽي ڏسان ها.“

هوءَ ايرنڊڙ چنڊ جيان آهستي آهستي ڪنڌ مٿي کڻي مون کي چوي ٿي: ”قرب ڪرين تہ ڏکيءَ ڪي نہ ڏکوءِ، مون بي وڙيءَ تي وڙ ڪر“

”توکي ڪهڙا ڏک تو ڏيان زينو؟“

”اهي ڏک ناهن تہ ٻيو چاهي؟“

”زينو تون سمجهين چو نہ ٿي؟ توکي پنهنجا ڏک تہ ياد پون ٿا، پر منهنجا وساري ويهين ٿي. مان اڄ بہ تولاءِ ٻاٽون پيو ڪاوان.“

هوءَ ڪو جواب نٿي ڏئي، پر سندس اکيون ۽ منهن شوڪجي ٿو وڃي ۽ مون واري ڳالهہ ڪي ليائي تي ڪري ڇڏي. مان وري وار تو هٽان: ”زينو مئن لاءِ ايترا ماتم ڪونہ تا نهن.“

”تو لاءِ مئل هوندو، مون لاءِ تہ جيئرو جاڳندو آهي.“

پوءِ مون کي پنھنجو پاڻ تي خار تي اچي. مان تہ ڪيڏو خسيس تي پاڻ کي پيو سندس پيرن ۾ اڇلايان ۽ ھوءَ اھا وڏائي ۽ ھٺ ڪونہ پئي ڇڏي. مان ڪاٿو بدلائي ڪيس چوان ٿو: ”توکي خبر آھي نہ تہ مان وڪيل آھيان؟“

”ھا.“

”آندي اٿئي روڪڙ؟“

”ڪيتري آ تنھنجي فھي؟“

”ھزار، ٻہ ھزار، ٽي ھزار، ڪيس تي مدار آ.“

ھوءَ رقم ٻڌي دھلجي ٿي وڃي. ڪي گھڙيون سوچي سوچي مون ڏي نھاري چوي ٿي: ”ھينئر تہ ڪي ڪينھيم. باقي اوڌر ڪرين تہ چاڪري ڪري بہ وھي ڏينديس.“

”مان تہ اڳوات روپيو روپئي تي وڃائي ويٺو آھيان.“ مان خار ۾ چوان ٿو.

”پوءِ ڇا ڪيان؟“ ھوءَ بيوس ٿي پڇي ٿي.

”پٽ ونٿو اٿئي زينو؟“

”ھا.“

”پئسو بہ ڪونھئي؟“

”نہ“

مان زينو ڏانھن ڏسان ٿو. ھوءَ ھينئر بيواھي آھي ۽ ڪيس ڪا واھ ڪونھي. مان ورھين جا ورھيہ ھن لاءِ ڪوڙڪيون اڏيون، پر ھينئر اچي ڦاٿي آھي. مان ڪيس قاتل ڏسي مھل تي ڏک تو ھٽان: ”زينو جي روڪڙي في نٿي ڏئين تہ پوءِ اھا ئي في ونندوسانءِ، توکي مان سان نياڻٿو پوندو.“

”خدا جي قھر کان نٿو ڊڄين؟“ ھن جون اکيون ذري گھٽ لال ٿي وڃن ٿيون.

”ان کان ڊنس تڏھن تہ توکي زوري بہ نہ ڪنيم، نہ تہ تون دادن سان ڪيئن لائون لھين ھا. پر ھينئر ڪنھن کان بہ نہ ٿو ڊڄان.“

”تون تہ ڪو صفا لانگڙ لاہ آن.“ ھوءَ رھندو مون واري جواب تي باہ ٿي ٿئي.

”تون ئي ائين ڪيو آ.“

”مان؟“

”ھا تون.“

ھوءَ چپ ٿي وڃي ٿي ۽ ڪي گھڙيون دل من پڇي مون ڏانھن چوي ٿي: ”تنھنجي مدد جي گھرج ڪونھي، مان پاڻھي ٻار ونديس.“

”مليئي ٻار.“ مان ٽوڪ ڪيان ٿو.

”چو نہ ملندو؟“
”زينو تون جي اهو ٻار ونڊي وٺينءُ تہ توکي پيرين اچي پوندس.“
”ڪال ئي تنهنجو پيل هوندو تہ پوءِ ڪيئن ملندو؟“
”مس مس سمجهيو اٿئي.“
هن جي منهن جو پنو ئي لهي ٿو وڃي. هوءَ مون واري رمز مان ئي سهي ڪري وئي آهي تہ مان ضد تي بيٺو آهيان ۽ ڪيس ٻار ڪائين ڪال نہ ملندو. هوءَ ليلهائي ٿي: ”ان اٺڌ جي گهوڙي تان ڪنهن حيلي لهندين؟“
”نہ“ مان صفا پڙ تو ڪڍي بيهان. ”کهڙو رحم بيرحمن سان.“
هوءَ مون ڏانهن ڪي گهڙيون نهاري منهنجي اکين ۾ ديد لهڻ جي ڪوشش ڪري، پر انهن اکين تي چلر چڙهيل ڏسي لاچار چوي ٿي: ”چڱو جي نٿو مڙين تہ پهريون ٻار ونڊي ڏي، پوءِ اها ئي فهي ڏيندمر. ڪڏهن ونڊي ڏيندين؟“
”سياڻي شام کان اڳ، رات اتي ئي رهبي تنهنجي بلي.“
”مان بہ پهرين رات ٻڌل آهيان، پوءِ جوڳي نہ ڪنهن جا مٽ.“
”پوءِ مان ٻڌل، تون ڇٽل.“
”تہ پوءِ ڪا اميد نہ رکجانءِ.“
”نيڪ، سياڻي لاءِ ٻڌل آهين نہ؟“
”ها، سياڻي لاءِ ٻڌل.“
”انجام ڏي، متان پوءِ کو ڏٺو پوزين ڪرين.“
”هيءَ منهنجي سينڌ.“ هوءَ سينڌ تي رکي چوي ٿي.
اتي مون کي پنهنجي مومل جو گيهو ڪن تي پوي ٿو. هوءَ سهڪندي سهڪندي مون لاءِ ماني جو تشت کڻي اچي ٿي. ماني ٽيبل تي رکي پاڻ ڪرسيءَ ۾ اڻين ڦان تي ڪري ٿي پوي، جيئن دبي ۾ ڪا ٽڪل مينهن. گهڻي مهل کان پوءِ مس مس سامت ۾ اچي، مون کان پڇي ٿي: ”زينوءَ جي ڪم جو ڇا ٿيو؟“
”سياڻي چنچر ڏينهن راجوڻي ڪبي، نہ تہ پوءِ لاچار ڪورٽ ۾ ڪيس وجهندس.“
”ها، ننهن سان ڇڇي تہ ڪاتي چو وجهجي. پهريون ميار لاهہ، پوءِ ڪيس بہ نٿو پڳو وڃي.“
”اڻين ئي ٽيندو سائڻ، جيئن تنهنجو حڪم.“ مان متس ٽورو ٿو ٺڦيان.
منهنجي جيپ ڳوٺ ڏانهن اڏامندي ٿي هلي ۽ جيٽ جهاز جون پيئي سکون لاهي. مان هونءَ بہ گهڻو ڪري مهيني ماسي چنچر تي ڳوٺ ويندو آهيان. ان ڳوٺ ۾ ئي منهنجا

ٻني ٻارا، ڪڙمي ڪاري ۽ رام راڄ آهن. اهو ڳوٺ مون کي سدائين ڪاڻ ايندو آهي ۽ مان هر ڀيري پهر پاڇو گذاري پوئتي موٽ ڪندو آهيان. پر هن ڀيري مان ڏاڍو خوش آهيان ۽ ساڄهر پهچڻ لاءِ ڊرائيور کي جيئن پوءِ تيئن تيز هلائڻ لاءِ زور ڏئي پريان. مان اباڻي ڳوٺ جون ڀيريون ۽ ٻيا وڻ ڏسان. انهن وڻن هينان ئي زينو آهي، جا ڪو وقت مون لاءِ ڏکيو اچو وڻ هئي، جتي مون لاءِ پڄڻ محال هو، پر هينئر اهو وڻ پنهنجي پکل ڦر سوڌو سمورو پاڻ مون ڏانهن نمي آيو آهي ۽ مان ڪي گهڙيون اهو ڦر پنهنجي هٿن سان روڙي چکي چٻاڙي سگهندس.

منهنجي جيپ سڙڪ ڇڏي ڳوٺ جي گهٽيءَ ۾ ڦري پنهنجي بنگلي وٽ بيهي ٿي. جيپ جي گهرڪي تي مون وارا ڪمدار ڪاراوا ڀڳا ٿا اچن. هرڪو منهنجي خدمت لاءِ بيقرار آهي. ڪو جيپ مان ٽپڙ ٿو ڪڍي ته ڪو مون کي منهن ڪان پيرن تائين چنڊي ٿو. مان بنگلي ۾ پهچي ڪرسيءَ تي پوءِ ٿو ويهان، پهرين ڪمدار کي ڪرڙي آواز ۾ چوان ٿو: ”هن غلامو ڪتي جي پٽ کي گهراءِ ته سندس چنجري لاهيان.“

”چو سائين، خير؟“

”پنهنجي ياڃائي ڪان ابهم ٻار ڪسيو اٿئين، ان ڪان وڏيڪ ڪهڙو ڏوه ٿيندو آ ڪمدار؟“ مان ڪمدار سان انهيءَ خار ۾ ٿو ڳالهايان. مون کي خبر آ ته مون واري اها ٽان شوخائي ڪم ڏيندي. ڪمدار مون واري رمز سهي ڪري ڪارائي کي ٻه رتيون سرس پاٽي ڏيندو ۽ مينهن واءُ هڪ ڪيون غلاموءَ کي چؤ ڪنيو ڪنيو ايندو. مون وٽ پهچڻ ڪان اڳ سندس پير پٽيل هوندا، هن جون وايون بتال هونديون ۽ مون وارو هڪ ئي لوهارڪو ڏڪ هن کي موڙي ميڻ ڪري ڇڏيندو ۽ ڪا ده ئي نه جهليندو.

ڪمدار جو ڳوناٽين ريتن، رسمن، ڇيڙين نبرين جو ماهر آهي ۽ مون سان حجائتو آهي، سو نئين ڳالهه ٻڌي چوي ٿو: ”پر سائين ٻار ته نيث ڏاڏنگ لهٽو، جي مائي ان ساڳي گهر ۾ ئي چانو ڪري ويهي رهي ها ته غلامو چو ٻار ڪسي ها.“

”ڪمدار، زوري پرٽائينديس ڇا؟“

”سائين اڳي ته اهو رواج هو، خانصاحب واري زماني ۾.“

”ميان نئون زمانو آ. اها ٻار جي ماءُ جي مٽي دانهين ها ته غلاموءَ جي نه رن بچي ها نه روڳڙي. شڪر ڪر جو مون وٽ ئي پهتي. راڄوٽي ڪم جون چاٻيون پنهنجي هٿ ۾ آهن، جيئن ڦيرايون تيئن پيو نهي.“

”سائين، غلامو ٻه اهو ڪم تنهنجي طاقت تي ڪيو، نه ته هن کي ٻي ڪهڙي واه.“

”نه نه ميان، قانون بڇڙي بلا آهي.“

ڪمدار مون کي بئنش تي ڏسي، آئي مجي مون کان پڇي ٿو: ”پوءِ سائين جيئن حڪم ڪيو.“
”هينئر جو هينئر غلامو ٻار سوڙو پهچي.“
ڪمدار منهنجو حڪم ٻڌي وڃ وانگر وجي ٿو ڪارائي تي ڪڙڪي. ڪمدار جي آواز ۾ وري مون کان بہ وڌيڪ گجگوڙ آهي. هو ڪارائي کي ٻاه جو ڌاڻي ڏئي حڪم ٿو ڪري: هينئر جو هينئر ٻنا دير ٻار مائي جي جي حوالي ڪري اچي سهٽي ورندي ڏي. ٻيو ٻڌ، غلاموءَ کي منهنجو نياپو ڏجانءِ تہ مهينو ڪن صاحب جي منهن تي نہ چڙهي، نہ تہ ڪل ڪاري وجهندس.“
مان جيسين ٻنيون ٻارا گهمي واپس بنگلي تي پهچان ۽ تڙ ڪري ڪپڙا لٽا بدلائي بالم تي ويهان ٿو تہ اهو ڪارائو اچي خبر ٿو ڏئي تہ ٻار مالڪين پهچي ويو ۽ هرڪو هينئر ريان ڪنيان آهي. مان بہ ٻانهن سيراندي ڪري ليٽي ٿو پوان.
اڳهون ڪڪڙيون دس هنيو، گهڻو ڪري اڌ رات پئي لڙي. چوُ پرف چپ چپات ۽ سانت لڳي پئي آهي. ڳوٺ جا ڪتا جي مالڪن ڪان بہ وڌ عاشقن جا ويري ٿين، سي بہ ڪنهن ڪنڊ ۾ وڃي پئجي رهيا آهن. ان سجي جهان ۾ مان ئي تارا پٽي پيو عجيبن لاءِ اڳڻ ٻهاريان ۽ واٽون نهاريان. مٿي نيري آسمان ۾ تارا پيا ٽمڪن. مان هر هڪ تاري کي چٽائي پيو نهاريان تہ ان ۾ زينوءَ جو منهن پيو پسان. آسمان ۾ انهن تارين جي پاسي کان اچو پٽو جرڪي پيو ۽ مان ان پٽي ڏي ٿو نهاريان، جو اهو رستو اهو ئي گس وٺي زينو مون ڏي اچٽي آهي.
ڪن تي ٺورو دبڪو ٿو پئيم. مان ڪر ڪٽي ان طرف پيو واجهايان، پهريون ڪاري ٻاٽ، پوءِ پاچولو ۽ پوءِ ڪپڙن جو سرڙاٽ. هوريان هوريان پدمڙا پير پير ۾ ڪٽندي ڪڙڪو مارينديِ – هائو ٻيلي اچي ٿي. سندس جوان جماڻ جسم جي ڪٿوري پهريون ئي تي پڄي. ايتري ڪٿوري تہ مون کي پاڻ واري مومل مان بہ نہ ايندي آهي، جا الائي ڪيتريون شيشين مٿان شيشيون پاڻ تي پٽيندي آهي. مان اکيون ٻوٽي نڪ مان ڊگهو ساه ڪٽي زينوءَ جي بدن جي سرهاڻ هڪ ئي وار ٿو جهٽيان. هو تيستائين منهنجي ڪٽ وٽ پهچي وڃي ٿي. مان هوريان پڙڪو ٿو ڪيان: ”ڏاڍو اوجاڳو ڪرايئي؟“ هوءَ ڪٽ جي پيرانديءَ تي ويهي مون کي چوي ٿي: ”چا ڪيان، چوڪر کي ده پئجي وئي آهي. اجا سمهاري اٿان تہ ٻرڙاٽ شروع ٿو ڪري. لاچار ڪيس ڪٽي آيس تہ مٿان خواري نہ ڪري.“

مان چرڪ ڀري ڪٽ تي ويهي ٿو رهان ۽ ڪانئس پڇان ٿو: ”ننڍڙو ڪٽي آئينءَ ڇاجِ ڪاٽي آ؟“

”اڄهو هي اٽئي ڊولو، ڏس نه هوبهو جهڙو دادن.“ هوءَ ٻار تان رئو لاهي مون کي ڏيکاري ٿي.

”دادن جهڙو ته ڪونهي.“ مان ٻار کي گهوري گهوري چوان ٿو.

”ننڍڙو آ نه، توکي خبر نٿي پوي. وڏو ٿيندو ته ترِ به دادن کان نه مٽيندو. ان آسري تي ته پئي جيئان.“ هوءَ ٿڌو شوڪارو ڀري ٿي.

”هاڻي ته ڇپ ۾ آ.“

”ها، هاڻي ته ننڊ ۾ به ڪلي ٿو، پر چوڙ تان تي لاهيانس ته ڇپ ٿو ڇِبا ڪري. دادن جو به مون تي اهڙو ئي آر هوندو هو. جهٽ پلڪ هيڏي هوڏي ٿيندي هيس ته من مارئيي جيان ئي ٻوٽ ٻڇڙو ڪندو هو.“

”زينو.“ مان ڪيس هوريان سڏيان ٿو، جڻ ڪنهن اونداهين انهي قتل ڪوه مان.

”جيءُ.“

”دادن ڏاڍو پيارو هيئي؟“

”ڏاڍو، روح رليل هئا نه صاحب.“

مان ماٿ ميٽ ۾ آسمان کي ٿو تڪيان. تارا ۽ گس جيئن پوءِ تيئن مون کان پري ٿيندا پيا وڃن. هوءَ کي گهڙيون منهنجي ڳالهائڻ جو انتظار ڪري چوي ٿي: ”تون وري کهڙن پورن ۾ پئجي وئين؟ تون وڪيل ماڻهو، توکي پنهنجي فهي سان ڪم. ٿورو سر ته ٻار کي ليٽايان، چاڻ باک ڦٽي.“

هوءَ ٻار کي هيٺ سمهارڻ لاءِ نوڙي ٿي. مون کان بي اختيار درهڙي تي نڪري وڃي. مان هوريان رڙ ڪري هن کي جهليندي ٿو چوان: ”نه زينو، ٻار کي چوڙ تان نه لاهجانءِ، ٻار روئي پوندو. مان هن کي سدائين ڪلندو ڏسڻ ٿو چاهيان.“

# مساوات

ايس – پي هاءِ ڪمانڊ ميٽنگ جو حال احوال ۽ ان ۾ ٿيل فيصلي جو ذڪر پورو ڪيو ته ڪي گهڙيون ٻنهي سانت ٿي وئي. ان وقت ايئر ڪنڊيشن جي ڀوُن ڀوُن هئي يا ٻنهي ڄڻن جي ساهه کڻڻ جا آواز. ايس – پي اهو لڪ اڳ ۾ ئي لنگهي آيو هو، پر ايس . ايچ . او بهار علي، جنهن اهو احوال پهرين ڀيري ڪنين ٻڌو هو، تنهن جي ڪنن تي ٽاڙيون چڙهي ويون هيون. سندس منهن جو رنگ ڪوري هرڪ جهڙو ٿي ويو هو. سندس تيل پيتل شهپر، جي ٻن ڦولن پائڻ ڪان پوءِ اوکين مهلن ۾ به هميشه اڀا هوندا هئا، سي به الائي ڪهڙي مهل ڍرڙ ڍاري هيٺ ڪري پيا هئا. پوءِ به ايس – پي پاڻ سنڀالي، پنهنجي چانديءَ جي منيي واري ننڍڙي اسٽڪ آڱرين ۾ ڦيرائيندي چيو: ”بس، اهي ٿي حال احوال.“

ايس – ايچ – او جو ڳٽين ۾ گم هو ۽ اڃا پوري هوش ۾ ڪونه آيو هو، سو ڪنڌ مٿي ڪٽي پنهنجي صاحب ڏانهن نهارڻ لڳو. ڳالهائڻ گهريائين، پر زبان ئي ڪونه اٿليس. مئل سئل آواز ۾ چڙو اهو پڇيائين: ”پوءِ سائين؟“

”بس بابا، حڪم جا ٻنده آهيون.“

”پر سائين، اوهان هيڏو اٿ جيڏو بار ڪيئن پئي ڪنيو؟“ ايس – ايچ – او ليلهايو.

”بابا، بار ٻارين تي آهي، هتي ڪنهنجي ڪچڻ جي جاءِ آهي، اتي ته وات تي به هٿ هو ته هيٺ به.“

ايس – ايچ – او کي دل ئي دل ۾ ڪتڙيون چڙهي ويون. هن کي پنهنجا اڳيان ايس – پي صاحب ياد آيا، جي سدائي سدا ڪميشن مان چوندجي ايندا هئا، پر دلين جا پاور هوندا هئا. ههڙي تهڙي کي ته سگنل ئي ڪونه ڏيندا هئا. وقت جو بادشاه به ڪين ابتو ڪم چئي نه سگهندو هو، پر هينئر ته اهي مور مري ويا هئا ۽ هينئر هنن رئنڪرس سان نياڻٽو هو، جي پنهنجين ڪرسين کي سلامت رکڻ لاءِ نه اڳ ڏسندا هئا نه پٺ. سروس جو مزو به انهن ڏينهن ۾ هو. هينئر ته چاڪري هئي.

ايس – پي پنهنجي صوبيدار کي، جو هن جي هر مرض لاءِ آخري پڙي هوندو هو، ايڏي وڏي سوچ ۾ ڏسي پڇڻ لڳو: ”بهار علي، ڇا پيو سوچين؟“

”سائين، پنهنجو حشر پيو سوچيان.“

”ڪمال آ، ايتري ياڙيائپ!“

ايس – ايچ او جي ڪپڙن کي باهه لڳي وئي. ڪيس چوڻ لڳو: ”سائين! اوهان ان جا آڳا پيڇا سوچيا آهن.“

”سوچڻ اسان جو ڪم ڪونهي، ان ڪم لاءِ مٿي وينا آهن.“

”سائين، اهي ته ڪڏهن جيل ۾ هوندا، ڪڏهن ريل ۾. پاڻ اهڙيون ستون.......“

”تڏو تي تڏو، توکي ته نوڪري پياري ڪونهي. مان بابا ٻچڙيوال آهيان.“ ايس – پي سندس ڳالهه اڌ ۾ ڪٽيندي چرڪندي چرڪندي چيو.

”پر سائين، ڳالهه ٻه ته اهڙي تهڙي ڪونهي، نيت ته مصلحت ڪبي.“

”پاڻ کي ڪهڙي مصلحت ڪرڻي آ، حڪم آ حاڪم.“

”ڪير ذميواري کڻندو؟“

”ڪوبه ڪونه، باقي مان سو توسان ٻڌل آهيان.“

ايس – ايچ او کي هن واري ٽيڪ جي چڱيءَ طرح ڄاڻ هئي. هو ڪيس ڏاڪڻ تي چاڙهي هينان پير ڪيڻ وارو هو ته ڪيس ان بوهي ۾ ڦاسائي پاڻ اوچتو ڪو نه ڪو دورو ڪڍي ويندو ۽ ان ڏينهن سندس آمد ئي ڪونه هوندي. پاڻ پنجاه ميلن تي پيو ڏسائيندو. هو اهو سوچي صفا پِڙ ڪڍي بيٺو: نه سائين، مون کان اهو ڪم نه ٿيندو.“

اهو جواب ٻڌي، ايس – پي کي ڊڪر وٺي ويا. هن جي ڪنفرميشن جو دارومدار سمورو ان ڳالهه تي هو. ڪلهوڪو ڏينهن هو جو سب انسپيڪٽر هو، مس مس ڊي – ايس – پي ٿيو، ان رئنڪ ۾ به هو جونيئر ۾ جونيئر هو، جو نڪي نوڪي ڳالهائي ٻولهائي عارضي ترقي ڏئي، ڪيس ضلعي جي چارج ڏني وئي. اتي سندس چاندي ئي چاندي هئي. مس مس هن ۾ پهريون ڪم پيو هو ۽ هو سيني تي هٿ هٽي هائو ڪري آيو هو. هينئر سندس زبردست سندس ٿيوئي اونڌو ڪري رهيو هو. هن جي هڪ دل چيو ته جيڪر پنهنجيءَ تي اچي ڪيس ٻٽي رهڙون چاڙهي، پر ڪم جي نزاڪت کي ڏسي، هن سور پي، هينائين کي نه ڇڏيو. هن ايس – ايچ – او کي ماڪيءَ کان به مٺي آواز ۾ پيار سان چيو: ”بابا، پاڻ کي هر ڪم ضرور ڪرڻو پوندو.“

”سائين، پهريون تڏي دماغ سان ويهي سوچيو.“

”ڇا سوچيون؟“

”ائين ڪرڻ سان رهندو باه نه پڙڪي پوي.“

”باه وسامي ڪٿي آ؟“ ايس – پي پڇيو.

”گهٽ ۾ گهٽ رفتارين کان پوءِ چپ چپاتي ته آهي.“

”ميان اھا ماٺ نہ سمجھہ. سيني جي اندر ۾ پيا ڪورا ٻرن، رڳو پيا ٻئي ڏينھن واجھائين تہ گرفتار ٿيل ڇٽن. تو لاءِ ۽ مون لاءِ بہ سدائين جنجال آ، روز لا ائنڊ آرڊر جو پرابلم. ان ڏينھن ھاسٽلن ۾ ڇا ڏٺئي؟“
”ھا سائين، ڊرتي ٿامون ھئي.“
”پيٽسان ٻارھن ئي مھينا پڙھائي بند. ڪمرن ۾ ڪتابن بدران اسٽين گنون، رائفلون. روز جلسو جلوس ۽ پوليس سان ڏاڙھي پٽ ۽ رت جون ناليون، آخر ڪيترو وقت انھن ڳالھين کي سھبو؟“
”سائين، نئين رت آ. ان کي جوڙ گھٽو ھوندو آ، ھنن جا ڪجھہ نہ ڪجھہ ڊيمانڊ قبول ڪيو، پاڻھي چپ ٿي ويندي.“
”ميان مطالبا بہ جائز قبول ٿيندا، ناجائز ڪير قبول ڪندو؟ توکي خبر آھي تہ ٻاھرين ملڪن ۾ تہ ھن يونيورسٽي جي ڊگرين کي ٽڪ ئي نہ ھٽن.“
ايس – ايچ – او بھار علي نہ ٻاھريان ملڪ ڏٺا ھئا ۽ نہ ھن کي ڪا ڄاڻ ھئي. ھن سموري سروس ۾ يا تہ پنھنجا ٽاٽا ۽ آئوٽ پوسٽون ڏٺيون ھيون يا ڪورٽون ۽ بالا آفيسون، جتي ميڙيءَ چونڊيءَ جي ورھاست ٿي، باقي ھن لاءِ وجي ڪو پائڻ پاڇو رھندو ھو – ھو چپ ۾ رھيو.
ايس – پي وات تي ڏسي ڪيس سمجھائڻ لڳو: ”ميان، ھنن وات ڳاڙھن چورن کي ڪيستائين ڊِر ڏٻي؟ پاڻ کي قانون جي بالادستي ھر حالت ۾ قائم ڪرٽي آ. ڏسين نٿو تہ ڪيترن ڏينھن کان پيا گھر ڪائون.“
اھا گھر ڪائڻ واري ڳالھہ صوبيدار کي اندر ۾ ائين نھڪي ويئي، جيئن سچ پٽري ڪان پوءِ جوابدار جو ڪنفيشن. ھن جزائن ۾ قاسائڻ کان پوءِ، ٻيون سپ فريادون، درخواستون، سموريون ڳاڙھين پوتين واري دفتر واري دفتري ۾ بند پيون ھيون ۽ انھن کي ڪولڻ جي ڪا واندڪائي ڪونہ ھئي. روز ڪونہ ڪو جلوس، اسٽرائيڪ ھئي. ھن کي پاڻ اھي سڪيا ستابا ڏينھن پسند ھئا، جڏھن ھٿ چوري ڪجھہ نہ ڪرٽو پوندو ھو، پر تنھن ھوندي بہ انھن سٽاون ڏينھن آٽڻ جي ان نئين مٿان آيل طريقي مان راضي نہ ھو. ھن چيو: ”سائين! امن امان قائم رکڻ جا ٻيا بہ طريقا آھن، ھرويرو ھي ڪونھي.“
”سپ رستا وتاسي. ڇوڪرن جي مائٽن کي چيوسين تہ پنھنجي کي قابو ڪن. ھنن چيو تہ: ”پاڻ کان زور آھن. وري چورن کي سم ۾ اڇي پيمانو ڪيوسين، پر اھڙي جا اھڙا.

مٿن هلڪي لاٺي چارج ڪئيسين ۽ ٽيئر گيس اڇلياسين، پر ساڳي ڪتي جي پڇ واري ڪار. وري ڪين لٺ به ڏيکاريسين ته ڇٽ به، ته به ڪو مڙيا؟“
صوبيدار بهار علي ڊرو پئجي ويو هو، پر هن همت ٻڌي چيو: ”اهي سڀ ڳالهيون برابر آهن، پر معتبر تي جيري لاءِ ٻڪري کي ٺئي سير ڏيڻ به سياڻپ ڪونهي.“
”ميان، ڪني آڱر هميشه وڍي پلي. ڪني مڇي ڪاري مان ڪڍي نه اڇلبي ته ڪارو ٺئي گونهن تي ويندو.“
”پر سائين، تاريخ.....“ ايس ايچ او بهار علي چوڻ گهريو.
”توکي ڪهڙي تاريخ جي خبر بابا، مون اسلامڪ هسٽري پڙهي آهي. اها مون کان پڇ. جڏهن ڪوفي ۾ شرارتون وڌي ويون هيون ته پوءِ حجاج گورنر مقرر ٿيو هو، جنهن جي زبان ۽ تلوار ٻئي آبدار هيون ۽ هڪ ٻئي کان ڪسر هيون. خبر اٿئي ان ڇا ڪيو هو؟“
”نه سائين، مون کي خبر ڪونهي.“
”هن پهرين مسجد ۾ تقرير ڪئي هئي. شرارتي ماڻهن هير موجب مٿس ڇترون ڪيون هيون ۽ پٿريون هيون هيون ته هن اتي جو اتي ڪوس ڪرايو هو. ان کان پوءِ اهڙي ناپر تي وئي، جو سيڪو ڪيس دعائون ڪرڻ لڳو. اهو حجاج ساڳيو پاڻ وارو اٿئي، جنهن سنڌ ۾ به ڀائٽيو موڪلي ڏاهر کي مارايو هو.“
ايس – ايچ – او بهار علي پنهنجي صاحب جي علمي قابليت تي گهور گهور ٿيڻ لڳو. هن جي هڪ دل گهريو ته جيڪر موقعي مان فائدو وٺي حجاج ۽ ڀائٽهينس جا ڪارناما ۽ سنڌس دين ۽ ايمان سان پڇاڙي معلوم ڪري، پنهنجي ڪاري ٻاٽ جهڙي سيني کي روشن ڪر. پر ٻيءَ دل هن کي پنهنجو ڪرمنل پروسيڊر ڪوڊ وارو ڪتابن ياد ڏياريو، جيڪو هن کي برزبان ياد هو ۽ جو هن کي تاريخ نه ڇاڻ پر دنيا جي مڙئي ڪتابن کان وڌيل پيارو هو. هو هن کي سدائين پوتيءَ ۾ ويڙهي تاڪ تي رکي ڇڏيندو هو. هن کي پنهنجي ان ڪ – پ – ڪ جا سيئي قلم ياد هئا ۽ ڪيس ڪنهن ٻي تاريخ جي علم جي ڪا ضرور ڪونه هئي. هو دل ٺئي دل ۾ پنهنجا قلم ياد ڪري سرور ۾ پئجي ويو.
ايس – پي ڪيس ماٺ ۾ ڏسي پنهنجي ڦرندڙ ڪرسيءَ کي ٽيڪ ڏيندي چيو: ”بابا، قدرت جو قانون آ، ڏاهرين جو علاج حجاج ٺئي آهي ۽ اهو ٺئي انهن جو دارون آ.“
صوبيدار بهار علي جي ڪل تمام تلهي هئي، پر لڳاتار ڪوشش ۾ نيٺ اهي ڳالهيون سندن ڇم ۾ گهرنديون پئي ويون. جن ڳالهين پهريون ڪيس ڏنپ پئي ڏنا سي هوريان

هوريان پچائيندو ۽ سهائيندو پئي ويو. باقي وجي کي انڌا ڪاٽا اعتراض رهيا هئا.
هن پنهنجي صاحب کي چيو، ”سائين، اهي ڪٽوريون نيٺ وجي ڦاٽنديون پوءِ زمانو.....“
”ميان، زماني جا بهانا نه ڏي. زمانو ڇاٽي ٿو ته تون ۽ مان چڙيون پتليون آهيون ۽ اسان جا ڌاڳا ٻئي هٿ ۾ آهن. جيئن چوريندو، تيئن چرنداسين، جيڪو ناٽڪ چوندا، سو ڪري ڏيکاريندا سين.“
”پر سائين، پوءِ ذميواري ڇو نٿا کڻن؟“
”وري ساڳي ذميواري جي ڳالهه. بابا، لکت ۾ ڪو ذميواري نه کڻندو، باقي پاڻ سان هر حالت ۾ پٺ آهن.“
”پوءِ ته اهو ٿو ٿئي ته پهريون چٽ ٻڌي، پوءِ ڪنڌ نه پچن.“
ايس – پي به نرمائيءَ سان ڳالهائي ڳالهائي ٿڪجي پيو هو ۽ سندس نڙي ۾ وات پڻ ڪؤڙو ٿي ويو هو. تتل لوه تي هنڌائتو ڌڪ هڻي، سام ۾ چيائين: ”ميان، تنهنجي ڪنڌ پچڻ لاءِ هنن وٽ ٻيو ئي مسالو گهڻو آهي. هي روز بروز جو تنهنجي ٿاڻي جي حد ۾ ناڪا بندي ۾ ڌاڙيل پڪڙجن ۽ هر مهيني ماسي پيا انڪائونٽر ٿين، سا ڳالهه هنن کان ڳجهي ڪونهي. هنن کان ان سچ ڪوڙ جي رتيءَ جيتري به ڳالهه لڪل ڪونهي.“
”ها، اهي ڳالهيون ته پيون ٿين، پر سائين، اهي ڌارن ڪاٽن جا ڏوهاري......“ صوبيدار ذري گهٽ ڪنبندي چيو.
”اهي چور، ڌاڙيل ڪنهن هڪ گهر، هڪ ماڻهو جا ڏوهاري آهن. هي جزائون ته سڄي ملڪ جي پيڙه کي پيا ڪاٽ هڻن، اهو نه وسار ته اهو ملڪ اسان ڪيترين قربانين ڏئي ورتو هو.“
”مان انهن ڏينهن ۾ ننڍو هوس، پر چؤ طرف فساد ياد اٿم. ريل گاڏيون رت سان رنگيون اينديون هيون، نفسا نفسي هئي.“
”بابا، ان ملڪ جي ئي صدقي مان هن ڪرسيءَ ۾ آهيان ۽ تون چوندڙ ٿاڻا پيو هلائين.“
صوبيدار بهار علي ڪن چبا ڪري ويهي رهيو.
”آهن ڪل گهڻا ڄڻا، لسٽ اٿئي؟“
”ڪل ٻارهن ڄڻا آهن.“ ائين چوندي ايس – ايچ – او قميص جي اڳيئن کيسي مان لسٽ ڪڍي.
”نالا پڙه، پر پهريون اهي جي وڌيڪ خطرناڪ هجن.“
”انهن ۾ چار مکيه آهن: يعقوب لغاري نواب شاه، ٻيو محمود دراني حيدرآباد، ٽيون حسين ڪٽياڻ سکر، چوٿون ديدار جتوئي شڪارپور.“

”پهريون ۽ چوٿون، تنهنجي ڪهڙي صلاح آ؟“

صوبيدار بهار علي به ها ۾ ها ڪرڻ وارو هو، جو هن کي اوچتو يادگيري اچي وئي. هن کي پنهنجي ويهن سالن جي سروس جو تجربو ڪم اچي ويو. هو چوڻ لڳو:

”صاحب، جي منهنجي صلاح مڃيو ته هنن ڇئني سان نه ڪئُنسو. هنن جون قومون تمام ڏکيون آهن. سڄي عمر گهات بيهاريون ته به وارو ڪري ويندا. ڏسي وائسي اک جو ڪير اک ۾ ڏهائڻ به نيڪ ڪونهي.“

ايس – پي کي پنهنجي زبردست جي ڳالهه دل – من سان لڳي. اهي قومون ڏکيون هيون.

هن چيو: ”يلا اڳتي پڙه.“

”ستار بگٽي جيڪب آباد، سائين اهو به ککر ۾ ڪڙو.“

”اڳتي پڙه، اڳتي پڙه.“ ايس – پي اهو نالو ٻڌي تڙ تکڙ ۾ چيو.

”مير محمد پيو، ٽر پارڪر.“

”اهو ڪير آ؟“

”ان جي وڏيڪ خبر مون کي ڪونهي، باقي ان جي اوهان پارت ڪئي هئي.“

”اڙي ها ها، نه بابا، اهو پنهنجو آ.“

“عزيز شيخ، نور نبي ميمڻ ٽنڊو آدم.“ ايس – ايچ – او به نالا وڏيڪ پڙهيا.

”اهي آهن ڪيئن؟“

”ڪا خاص شڪايت ڪونهي، سائين، ذات به ته ڏسون.“ ايس – ايچ – او کلي چوڻ لڳو.

”چڱو، انهن کي ڍر ڏي. جي ٻيا نه لڌا ته پوءِ لاچار اهي ئي. اڳتي پڙه.“

”سائين، ختم گهٽا ڪرٽا آهن؟“

”چيل ته ٽن جو هو، پوءِ به ئي هجن، مڙئي ڪم سان ڪم.“

ايس – ايچ – او بهار علي نالا پڙهڻ لاءِ ڪنڌ ڊاري لسٽ ڏانهن ڏٺو. ان دم ئي هن خوشيءَ مان پنهنجي صاحب ڏي ڏٺو. هن جون اکيون چمڪڻ ۽ مڇيون ڦرڪڻ لڳيون. هن جي منهن تي رونق اچي وئي ۽ هن ذري گهٽ رڙ ڪندي چيو: ”بس سائين، بس. ڪم ٿي ويو.“

”وارو ڪر، نالا پڙه.“

”نالا ڪهڙا ٻڌايانو. مڙئي مزي جو مزو، پئنچن تي به ٿورو ۽ پويان ماٺهو ته چاءِ پر ڪتي به نه پؤڪندي.“

”ٻڌاءِ ته سهين.“

”گوپال داس ۽ آنند نارائڻ.“
”واه واه، بهار علي واه واه، بيشڪ تون سياڻو آن.“
ٻئي ڏينهن اسر کان پوليس جون جيپون تڪڙيون تڪڙيون هيڏانهن هوڏانهن زوڪاٽ ڪنديون رهيون. ٿوري دير ۾ اها ڳالهه هوهوا ٿي وئي ته تازو گرفتار ٿيل شاگردن مان ٻه خطرناڪ ڏوهاري گوپال ۽ آنند رات جي ليپٽ ۾ پيچي نڪتا آهن ۽ پوليس سندس مٽن مائٽن، دوستن کان پئي ڪلاڪ ڪلاڪ ۾ پڇا ڳاڇا ڪري. بارڊر پوليس کي به ناڪابندي ڪرڻ لاءِ خبردار ڪيو ويو آهي ته متان بارڊر ٽپي وڃن. ٻاهريان اسٽرائيڪ ۾ شريڪ شاگرد پوليس جي عملي کي حيران پريشان ڏسي دل ئي دل ۾ ڀهريون ڪڇيون هڻڻ لڳا، پر پوءِ اوچتو ئي اوچتو سڀ ڇوڪرا هراسجي ويا. ڪئمپس ۾ جتي اسٽرائيڪ وارن ڏينهن ۾ به ميڙا لڳا پيا هوندا هئا، سو خالي ڀان ڀان ڪرڻ لڳو، ڄڻ ته راڪاس گهمي ويو هو.
هفتو کن پوءِ، هڪ شام جو ايس – پي پنهنجي بنگلي جي لان ۾ بيگم سوڌو چانهه پي رهيو هو. ٻنهي زال مڙس پاڻ ۾ اوپاريون لهواريون ڳالهيون پئي ڪيون، ٿهڪڙا پئي ڏنا. پرسان سندن ٻارهن سالو نينگر به ڪنهن ڪتاب ۾ منهن وجهيو ويٺو هو. اوچتو پڙهندي پڙهندي پيءُ کان پڇڻ لڳو: ”بابا، پري ٻيٽڙيءَ ۾ واٽيو ڳورو ڪيئن هوندو آ؟“
ايس – پي صاحب کان ذري گهٽ ڪوپ ڇڏائجي ويو ۽ چانهن هارجي سندس ڪپڙن تي وڃي پئي. ڪپڙا ڇنڊيندي، پٽ کان شوڪجي پڇيائين: ”ڇا پيو پڙهين؟“
”بابا، پهاڪن جو ڪتاب آ گل شڪر.“ پٽهس روئڻهارڪي لهجي ۾ چيو.
”ڪنهن جو لکيل آ؟“
”ديوان آڏواڻي جو.“
ايس – پي کو جواب ڏيڻ بجاءِ وري پٽ ڏانهن ڏٺو، جو معصوميت ۾ ڏانهنس ڏسي رهيو هو. هن کي گهڻيل دم ٻاهر ڪڍي سک جو ساه پريندي چيو:
”پٽ اهو پهاڪو واٽين پنهنجي مطلب تي ناهيو هو، هينئر ته مولا جي مهرباني سان مساوات آ.“

# ڪوڙڪيون

پوءِ حورن جهڙي حوران، ڏتي ڪڏ ائين لڳي ويئي جيئن ڪا ڏالي وچ پنهنجي ڏنار جي پنيان.
ڏه سال اڳ جڻ تہ ڪالهوڪي ڳالهہ: شاهي بندر جي پر هڪ پنجاهي سانيڪو گهرن جو ڳوٺڙو نالو آباد. ڪچا پچا ڪکاوان گهر، وچ ۾ ڪنگرن واري ڪوٽ ۾ اڏيل پيراڻي حويلي، جنهن جو مالڪ ڳوٺ جو وڏيرو بہ تہ مرشد بہ ۽ وڏڙن کان وني دين ۽ دنيا تي پورو قابض. گهٽي جي منڍ ۾ دڪانڙا، جن ۾ سودو اهو ئي لوڻ مرچ کان وڏف وارو. ڳوناٽا سڀ هڪ ئي وڻ جاء پر لامون جدا جدا. ڪي سوني جو اولاد سوناٽي تہ ڪي گولي جو اولاد گولاٽي، هر ڪنهن پاڙي جو جدا جدا ويڙهو بڌل، ڪانو ڪانڳون سان تہ ڳيرا ڳيرن سان. پير جي محرابن واري اوطاق پرسان ٿورو پٽ، پوءِ پرائمري اسڪول ۽ ان جي پرسان بنيادي جمهوريت وارن جي پيلين سرن سان اڏيل ٽن ڪوٺين جي ڊسپينسري. هڪ ڪوٺيءَ ۾ منهنجا تيڙ تاڙي، ٻي ڪوٺيءَ ۾ تاڪن تي پيل خالي شيشا ۽ برنيون، جن مان ڪي اڌو گابريون پريل ۽ انهن ۾ هر مرض تي پونڊڙ پوٽيشم پرمئگنيٽ ۽ ٽنڪچر آيوڊين پاريون دوائون، گوريون چڙيون ڪونين، بيو منو نالو رب جو. ٽين ڪوٺيءَ ۾ ڪنهن اوستي ڊڪڻ جو آڏ رکي دل کي بهاري ڏيڻ لاءِ آپريشن روم ناهيل. شفا تہ ان رب جي ذات جي، پر جت وڻ نہ اتي ڪانديرو بہ درخت، سو انڌن ۾ ڪو ڪاڻو مان بہ هوس ۽ ٻن ٽن هفتن ۾ ئي ٻُند تار وسيلي مون واري هٿ شفا جي چؤطرف هاڪ مچيل هئي. صبوح جي پهر ۾ پري اوري کان ايندڙ اڻ مکيل بيل گاڏيون رينگٽ ڪري اسپتال جي اڱڻ ۾ اينديون هيون تہ چڱو ملاڪڙو مچي ويندو هو ۽ لڙي منجهند تائين چڙو ڏاندن جون ٽاڏيون ۽ وهٽن جون هاهرون پيون پڌبيون هيون. ڳوٺ آباد ۾ يا سڏ پنڌ تي، چڱي مني کي ڏسڻ لاءِ عزت شرافت ۽ شرم حياءُ سان اچڻ وڃڻ بہ ٿيندو هو ۽ گذر گذران پلو پيو ٿيندو هو. ڳوٺ جون ڪراڙيون سراڙيون بہ هڪ بہ پيرو ملاقات ڪري نانيون ماسيون بڻجي چڪيون هيون ۽ مهل ماسي وٽ وٽچ جي ياجي بہ آٽيندبون نيندبون هيون.
ڪجهہ ٽاڪ منجهند جو سڀ مريض اڪلائي ڪٽ تي آهليل هجان، جو انهن قربائتين ڪراڙين مان ماسي مرادان پنهنجي چڱل ٽِڱلي جتيءَ کي لف لف ڪرائيندي اچي نهڪو ڪيو. منهن ون ون، رنگ ڪاراٽيل. سندس دوڏن ۾ پيٽل اڪيون، جي مون کي

ٽر جي ڪن جاڙن ڪوهن جيان ڏک ڏينديون هيون، سي پيئي سميون ۽ انهن اکين وارڻ بوڪن مان ميرا ڳوڙها لار ڪري دوڏن جي پاڙچن تي پيئي ڪريا ۽ اتان گهنجن واري نيسر وني ڪاڏيءَ ڪان هيٺ ميري گج ڪي پيئي رجايائون. ماسي مرادان جو اهو حال ڪان بيحال ڏسي مان ٽپ ڏئي اٿيس. ايندي ئي چيائين: "ڏاڪدر ابا، پيٽين جا هر هر هٿ پير نري پارو تا تي وجن، ڪا دوا تہ ڏي."

"چو ماسي، آهي تہ خير؟"

"خير وري ڪهڙو ابا، هن پاڻ واري پير ڪال وڏو آهي. سمو رب ڪين ڪندس." ماسي پلؤ ڪٽي پير ڪي ٿي پٽين جي آهوڙ ٻڌي.

"چا تو ڪري؟"

"چا ٻڌايانءِ ابا، جنسي اند تو ڪري."

"نيٺ ٻڌاءِ تہ سهين."

"حوران جو زور سان پرٽو تو ڪري."

"ڪهڙي حوران؟"

"حوران مون واري ڏوهتي، ان ڏينهن جو ڪک ڏناسين."

"اها جنهن ڪي واري جو تپ هو؟"

"ها اها ئي جائي جم ڪان چندي، ان تپ ۾ ئي مري ها تہ هي ڏجها تہ ڪونہ ڏسان ها."
ائين چئي ماسي مرادان ٻئي چنبا پنهنجي بوت ۾ زور سان وهائي ڪيبا. جنگ نار جو تورو بيهجي ويو هو سو وري – گڙڪڻ لڳو.

"ماسي چو تي ويچاريءَ ڪي پٽين." مون ڪي کهڪاءُ اچي ويو.

"ابا، سچ تي چوان، اصل ڪان نصيب ئي ڪوتو اٿس. ماٽس ڪي سور تيا تہ چند سمورو وتل هو. ويم ڪيائين تہ پوءِ مس مس وجي ڪو چٽو. چوري سو ڪرڻ ڪان الائي ڪيئن بچي وئي."

مون دل ۾ سوچيو تہ جيڪر ڪيس چوان تہ ڳهيلي ماسي، تون تہ ڪا وڏي پليل آهين. حورن جهڙي حوران ڪي تہ جوڙيندي قدرت پاڻ تي پوءِ لاءِ ڪو لعنتاٽو ڪونہ رکيو هو. سنڌوءَ جي انهيءَ سير مان، جتان هينئر تو اکين وارن انڌن ڪي سون ليي، ان توبي پاڻ ٽبيون هٽي، اها سون ڳاڏڙ پوري لٽاشي متي ڪدي هئي ۽ پوءِ ان ۾ ماڪيءَ ڪان مني ڪير واري ڪچي جي پلورڙ اربيليءَ جو ڪير وجهي، انهن چاٽن مان ڪاريگر سندس بوتو ناهيو هو. پوءِ پورا نو مهينا راتين ۽ ڏينهن جا پاڻ ويهي ٽڪ ڪئي هئائين. جڏهن ڪيس جوڙي راس ڪيائين تہ پهريون ڪيس ڏاڻ ڏسي ئي آنرجي ويو.

ملائڪن هٿن پيرن جون تريون مهٽي سندس هوءِ جاءِ ۾ ڪيو ته پوءِ پياري ماسي جيئن تون پنهنجي وهيءَ جي ناهيل پلي تڪ واري رلهي گهر گهر ڏيکارڻ لاءِ پنهنجو هنيانءُ نارينديءَ آهين، تيئن هن قادر به پنهنجي هنر ڏيکارڻ لاءِ ڪيس ڪڪرن جي ڪوئنٽي ۾ ڪٽي ستن ئي آسمانن جو سير ڪرايو. چنڊ ته ڪيس ڏسندي ئي ڪاراڻجي ويو ۽ تو چواٽي ڪي پهر وتل رهيو. تارا شرم کان منهن لڪائي هڪ هڪ، ٻه ٻه ٿي ٻر منهن ڪندا رهيا ۽ باقي ڪي وجي داٽا بچيا. پوءِ هن سمورو ڊينگو ڊيري ٽيندو ڏسي، اهو ڳڙو آسمان تان لاهي، شاهي بند جي پير ۾، زمين جي هن تڪر تي، جنهن ڪي هينئر آباد تا چون، تنهن کي برباد ڪرڻ لاءِ پنهنجي هٿن سان پاڻ وڌو ۽ پاڻ اهو ناٽڪ پٽيري پيو تماشو ڏسي. پر مون اهي ڳالهيون دل ۾ ته گهٽيون سوچيون، پر اهڙو اکر به ڪونه اڪليم. چيم ته چڙو ايترو ئي: ”ماسي، ڏيون نيٺ پرايو ڌن آهن، نه موت مهٽو نه شادي طعنو.“

”پر اها خبر اٿئي ته ڪهڙو سدا ملوڪ تو موڙ ٻڌي؟“ ماسي اڳيان ڳوڙها دوڏن مان اگهي ٻين لاءِ واه ڪئي.

.نه مون کي ڪهڙي خبر؟“

”ڪڪ ڪراڙو، مون کان به ڏه طور وڏو.“

”تون نالو ته ڪڻ.“

”هو ڏتو ڏنو ٿئي، ان سان.“

مان ڏتي کي ياد ڪرڻ لاءِ متو ويڙهائڻ لڳس، پر مون کي ياد نه آيو. آخر ڏينهن به ڪيترا ٿيا هئا ان ڳوٺڙي ۾، چڙا ٻه مهينا. وري ڏتا ۽ ڏنا نالا ته گهر گهر ۾، سو منهنجي دل تي ئي نه پئي چڙهيو. مون لاچار ڏتي مان هٿ ڪڍي ماسيءَ کي چيو: ”خير هوندو ڪو اڏڙوت، مون کي ته ياد نٿو پوي.“

ماسيءَ کي جڻ ته چوچڙي وني ويئي ۽ مچريل ڪکر جيان مون کي وني وئي. ذري گهٽ رهڙ ڏيندي چيائين: ”اڏڙوت هجي ها ته هي روئٽان چو روئان ها؟ هو ته آ پورو سٺ، ڪٽن جي چٽ.“

”نه ماسي، ائين ڪيئن هوندو!“

”نور مني جو قسم، اجا به سال ٻه ماريو وڏو هوندو. پلا تون پاڻ حساب ڪر نه، جڏهن هوءَ وڏي بيماريءَ پوي.“

”ڪهڙي بيماري؟ هن ملڪ ۾ ته هڪ کان ٻي وڏي بيماري پئي آهي.“

”او جڏهن گهر گهر ماڻهو عام مرن، ڪانڌي هڪ پوري موتن ته وري ٻيو ڊوئن.“

”ها ها، ڪالرا سال ٽيهن ۾ تا پڌون.“

”سن جون توکي خبرون، باقي مان ان وقت چگي ڏکري آهيان، جو گهڙو پاڻي جو ٽي ڪٽان ۽ اهو مردار ڏتو ڏاڙهي مڇن سان آهي ۽ لاشا تو ڍوئي. هاڻي حساب ڪر.“

”اهو ته ماسي ڏاڏي آدم جو سن چئبو.“ مون حساب ڪري چيو.

”نہ تہ وري مان ڪو ڪوڙ پئي ڳالهايو.“

”پوءِ لک لعنت آ ان گهوٽ تي، جيل جيل تو ڪري.“

”ڪتي آ ابا هن ملڪ ۾ راڻي راڻو.“

”پر ماسي، ڪهڙي ملان کي ساه آ جو زوريءَ نڪاح پڙهندو. تون حوران کي ڪن ۾ قوڪ ڏجانءِ تہ ڏاڙ ڏاڙ ڪري.“

”ابا، اهو نپٽو آئنو ملان موسو ئي وٺ جو نہ هوندو.“ مان ماسي جو جواب ٻڌي ماٺ تي ويس. پلا ڳوٺ جي ملان کي ڪهڙو ساه جو پير سان سينو ساهي. ڏينهڪ ئي ٽڙا ٻڌائيس ۽ نهيو نڪيو پن جو ٽڪر وڄائي ويهي.

ماسي مون کي ماٺ ۾ ڏسي ايلاز ڪرڻ لڳي: ”ابا، تون جيڪر ان پير کي نہ سمجهائين، آخر تہ ڪامورو آهين، من تنهنجو هو چوڻ وٽي.“

”ماسي، مان ڊاڪٽر ماڻهو، مون کي چو ليکيندو. منهنجي هٿن ۾ ڏنڊو ڪي ڪهاڙو.“

”ابا، گلو تہ سيتارامي سون آ، پر اها پٽيل پوليس هن تي ڪونہ پوندي. سڄو ڏينهن تي هن جا چيلا ڪڪڙ ڪائي، هن بيواهي جي ڪير ٻڌندو.“

”ماسي تون پاڻ وڃي چو نٿي پير بہ پاڻي ڪرين.“

”نہ ابا، مون سان تہ اصل چاندين مگسين وارو وير اٿس.“

”چو، تون تہ حاويليءَ ۾ ٿانو ٻهاري بہ ڪندي آهين!“

”ان حوران جي ڳالهہ تي ئي تہ چپ آ. هن جي مرضي هئي تہ اڳنا لاءِ حوران بہ حاويلي ۾ پئي ٿانو ٽپو ڪري، پر مان ائين نہ ڪيو. آخر تہ ڪنوارو وياءُ هو.“

”تون بلڪل ٺيڪ ڪيو.“

”بس اهو ڏينهن اهو شينهن، ڏتي کي بچون ڏيڻ شروع ڪيائين.“

”پر ماسي، ان ڏتي کي چو تي ڪٽي ڪٽي، هن جو لهٽو کي ليکو؟“

”بس، انين پيڙهي اٿ جو ماڪوڙو ماسات، ڏتو وارثي تو ڄاڻائي.“

”ڪهڙي مٽي آ ڏتي جي حوران سان؟“

”پٽس جو سوٽي سوٽ ٿئي.“

”وارث تہ برابر ٿيو.“

”ڏوڙ جو وارث آ. اڄ جي وارثي آ قرب جي. هن کي مرحيات جو منهن ماني ڪيو يا کو ختمو صلات ڪيائي، هن ته رهندو بوتا وڃهايا.“

”نه ماسي اهو کوڙا ڻئي، مڙئي ماڻهن جا ناه.“

”ابا ان ملان موسي ئي ڪتاب پڙيو هو.“

”مڙئي ڪاڏي جي جاءِ ناهيائين.“ مون ماسيءَ کي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي.

”نه ابا، وري پوپي به ساڳي ڳالهه ڪئي. هن ته مقام مان بوتو به ڪڍي ڏيکاريو. هوبهو مرحيات جهڙو، سوين سيون ٽنبيل.“ ائين چئي ماسي جي اکين جا ڀوڪا وري پرجي ويا ۽ هوءَ ڏتي کي پٽڻ لڳي:

”اڙي ڏتا، شل رب تنهنجو موت به ائين ڪندو ۽ رڳ رڳ ۾ سيون ٽنبيل هوندءِ.“

”پر ڏتي کي ان شاديءَ مان ورندو ڇا؟“ ماسيءَ جي پِٽَن کي بند ڪرڻ لاءِ مون وري ڳالهه ڪنئي.

”تون پاڻ ڏس نه ابا، حوران ڪلهوڪي ڇوڪري، اڃا مس ٻارهن مهينا به نه ٿيا اٿس ساماڻي ۽ هي ڏتو چنديءَ واڙ جو پٽس کان به وڏو. شادي به جوڙ جنس سان ٺهندي آهي.“

”هو سياڻا جو ڳجهارت چئي ويا آهن ته ”ولايت ۾ گاه ڙي ته من ۾ ساءُ ڙي.“ ته ڪو ڪوڙ نه ناهيو اٿئون. سن کان سواءِ شاديءَ ۾ ڪهڙو ساءُ ابا؟“ پيراڻي زماني جي سپورنج زائفان هيڏي وڏي ڳالهه مام ۾ سمجهائي وئي ۽ اها ئي ڳالهه اسان اڄوڪي ٿهي وارا چوڻ گهرون ٿا ته جيستائين ٻني پيرا جهان ڦهان نه ڪيون، تيستائين اهو پوري طرح مطلب نه سمجهائي سگهون.

مون ماسيءَ مرادان جي ڳالهه کي ووٽ ڏيندي چيو: ”ماسي، ڳالهه ڪئي اٿئي رپئي جا سورهن آنا.“

”وري ابا ڇڙو هڪ سور هجي ته ڪٽي هڪ پيرو سهجي. هتي ته سور مٿان سور ايندا. تنهن کان ٻني کي گوريون ڏي ته پان به کاوان ته هن چنديءَ کي به ڏيان. روز روز جي موت کان اهو هڪ ئي موت چڱو اٿس.“ ماسي وري ڍرڪڻ لڳي.

”ماسي، الله وسايو اٿئي. نادر به نادر آ ته قادر به قادر آ.“

”ابا، الله کان هي الهڙيون زور آهن.“ ڏجهن جي ڏڏل ماسيءَ مون کي سمجهاڻي ڏني.

”نه ماسي، غم نه ڪر. تون الله تي رک.“

”ته ابا تون کو هٿ پير هڻ، تون به ته پنهنجو ٻچو آهين.“

مون کي اتي ماسي مرادان ۽ حوران تي قياس اچي ويو ۽ ان ڏني وائني انڌ تي باه وني وئي. مان به آخر وقت جي حڪومت جو نندي ڪو وڏو ڪامورو هوس ۽ مون تي فرص هو ته هر بيمار جي دوا دارون ڪيان. شرع شريعت ۾ به اهو پرٽو بي واجبي هو. ڳوٺ جا ملان مولوي ۽ راڄ وارا ته پير جا ٽوڪريل هئا، يا سندس ڪڙتين تي وينا هئا، پر مان ته نه هن جو ڪڙمي هئس نه ڪاسبي. اها ته منهنجي هينائين هئي جو ڳوٺ جي هڪ ڪنڌ ۾ زبان ۽ ڪنن کي هٿ ڏيو گونگو ٻوڙو ٻڌيو ماٺ ۾ وينو هوس، نه ته ڪتي ڪامورو ۽ ڪتي ڏاڏن پڙڏاڏن جو ڪٽيو ڪائيندڙ پير، جو الائي پاڻ ڪيترن گونهن ۾ گتل هو. چڙو پلو ڪٽڻ جي دير هئي، پير ڳوليو نه ليندو. مون ۾ الائي ڪيئن همت اچي وئي ۽ ان اوڙاه ۾ پاڻ ٽپو ڏيندي چيم: "ماسي، تون هاٽي هڪ ته ڪم ڪجانءِ."

"ڪهڙو؟"

"چڙو حوران هائو نه ڪري ۽ زور سان ڏاڙ ڏاڙ ڪندي رهي، باقي پير جو مان پاڻ پاڻهي هيانءُ تو ڪاوان."

"پوءِ جو نه مڙن ۽ ڏاڍا ڏاڍ ڪن." ماسي مرادان جي اکين مان سيمو پنهنجو پاڻ بند تي ويو.

"پوءِ به حوران تنهنجي ٽيندي نه شاهدي اوگاهي ۾." مون ماسيءَ کان پڇيو.

"قرآن تي، حرام جو ڳهٽ ڪري."

"الائي متان ڏاڪڻ تي چاڙهي ڦرڪو ڪدي؟"

"ابا ڪمال تو ڪرين، چوري روئي روئي ڪن ڪيا آهن. به دفعا سرايون وجهي ڏنڊڻ پڳامانس."

"ماسي، متان سرائي سان ڏند نه پيجي وجهينس. رڳو ٽڏي پاٽيءَ جا چندا هٽيس ۽ هٽ پير مهٽينس."

"ها، اهي ته جهد پئي ڪيانس. هاٽي ته رهندو دلجاءِ ڏيندي مانس ته پائڙو ڳهٽ نه ڪندس."

ياءُ پيڻ جي ناتي جو رهندو مون تي وڏو بار پئجي ويو. مون ماسيءَ کان پڇيو: "اهو ته ٻڌائجانءِ ته نڪاح آهي ڪڏهن؟"

"سياڻ شام. ماريو ڪاڄ تو ڪري، سو پٽ ست ۾ لڳو پيو آهي."

"بس تون مولا تي رک، پاڻهي سولي ڪندو."

ماسي مرادان تہ خوش خوش هلي وئي، مون کي سو چڌي هلي وئي ڳڻتين ۾. دل ۾ سو هڪ قسم جي راحت هئي، ڪنهن وڏڙيءَ جي لٺ ٿيڻ جي ۽ ڪنهن پيڻ جي پاءُ ٿيڻ جي.

اهو ئي ڏينهن، شام جو وقت مان ٻاهر پٽر ۾ ويٺو هجان. ٿورو پرتي مون وارو ڪمپائونڊر خيرو ماني پچائڻ ۾. يت جي ٻاهران ڪنهن جو خيري کي سڏ. خيرو ماني تئي تان لاهي در تي ويو ۽ ڪي گهڙيون ٻاهر ڳالهائي ڳالهائي ڪنهن کي ڏاڍيان پيو چوي: ”هل تون ملينس نہ، ڊاڪٽر آ مکڻ ماڻهو.“

”ڇاهي خيرا؟“ مون ويٺي ويٺي خيري کان پڇيو.

اتي خيرو جواب ڏيڻ بدران ان ماڻهوءَ کي ٻانهن کان وٺيو اندر آيو ۽ مون کي سفارش ڪندي چيائين: ”سائين هي سوناٽي پاڙي جو چڱو مڙس آ الهڏتو خان. سياٽي پنهنجو پرٽو تو ڪري، سو سڏ ڏيڻ آيو آ.“

نالو ٻڌندي ئي مون هڪدم همراه ڏانهن ڏٺو، جنهن رضا خوشيءَ سان پئي واڳن ۾ وات وڌو. ڏاڙهي اڇي، پر نئون ڪيس لڳل، عمر ڪري سانيڪو سال، ڪنڌ في الحال ڏڪندڙ نہ، پر سال ٻن کان پوءِ جو حشر آنهري جيان اکين آڏو. ڪيس ڏسندي ئي مون کي الائي ڇو تڏي تي ئي هن ئي جهڙي ڪراڙي تي، سچي الائي ڪوڙي مڙهيل ڳالهہ ياد اچي وئي، جنهن کي سالن پڄاڻان هڪ اسر جو رڳڙيءَ ۾ ڪو انڌو ڪاٽو ساه پيو. هن تڙ تڪڙ ۾ وڃي جوئڙي جو پاسو ورتو. ورهين جي ٻاڙيل جوٽس ويچاري اهڙي مهر ڏسي بہ عيدون ڪيون ۽ سندس سڏ ۾ سڏ ڏيڻ جو ڪيائين. ان دم ئي ملان اسر جي بانگ ڏني. زائفان ويچاري پنج وقت نمازڻ، سو حياءَ سبحان پوڙهي کي ٿورو ترسڻ لاءِ چيائين. بانگ پوري ٿي تہ ڪلمون ورائي زال مڙس کي آءُ ڪئي تہ مڙس پاڻ ۾ وڻ تي چڙهڻ جو پوتو نہ سمجهي متان رلهي پائيندي چيو: ”پردو ٿيئي، هاٽي وڃ ان بانگ واري سان سمهہ.“ اها ڳالهہ ياد ايندي ئي دل ۾ خارون بہ آيون تہ کلون بہ، ڇو جو ڏٺو ان ڪراڙي کان جيڪي سي بہ رتيون ڪسر ۾ هو، تنهن هوندي بہ موڙن ٻڌڻ لاءِ حيران پريشان هو. ڪاوڙ پي ڪانئس پڇيم: ”ڪڏهن تو ڪرين وهانءُ؟“

”سياڻ شام.“

”ڪٿان تو ڪرين؟“ هاسيڪار سوال ڪيم تہ ڏسان تہ ڪهڙو تو جواب ڏي؟

”مڙئي پنهنجي ئي آهي، ساڳيو ٻوڙو ساڳيو ڪانو.“

”پر ميان، اسان تہ آهيون پرديسي ماڻهو.“

”ڊاڪٽر صاحب، پوءِ جي ڪنهن تي ميار ڪونهي. باقي چار ڏينهن جيڪي گڏ آهيون، تن ۾ ته اٿڻو ويهڻو پوندو. مرشد جو به اهو ئي امر آهي.“

”چڱو ڀلا جيئن پير صاحب چيو.“ مون به پير سان ڳالهائڻ جو بهانو ڳوليو. ڳالهه مان ڳالهه نڪرندي ته رومالي ڏک هٽي ڇڏبو.

الهڏتي ويندي ويندي وري ڪمپائونڊر سان ڦسڪو هنيو ۽ هوريان هوريان ٻاهر وڃڻ لڳو. خيري ڪمپائونڊر ڪيس در ڪان ٻاهر ٽپيل ڏسي مون کي هوريان چيو: ”ڏتي کي طاقت جا ڪک تا ڪپن. ڏوڪڙ به دل گهريا ڏيندو.“

”چو؟“

خيرو ٿهه ٿهه ڪري کلڻ لڳو ۽ اک ٻجندي چيائين:

”گهوڙو جو نه ڪم ڪندو هوندس. وري شادي به پيرزادي سان ٿو ڪري، پل ته پهر کو پاڇو دير وني.“

”پوءِ ڪنهن زور ڪيو اٿس، ان ٻي منديءَ شاديءَ تي؟“ مان تڪائي سان پڇيو.

”سائين، مڙئي جهانگيلو ماڻهو.“

”نه نه، مون وٽ ڪونهي ڪو ڪک ٻک.“

”سائين ڪشتو ڪيئن نه هوندو، مڙئي هڪ ٻه وزن ئي ڏيوس.“

”اڙي ماڻهو آن ڪن مس – چتو، مان ڪو يوناني حڪيم آهيان.“

خيري ٻچ پائي وني ڪڙي ڪئي ۽ مان ڏتي کي پهرين ملهه ماري، پير سائين پوئين ڪرڻ لاءِ پيرن ۾ بوٽ پاتو. اوطاق جو در ٽپيس ته ڏٺم ته پير کٽ تي آهليو پيو هو. ڪچهري ٻاهڙجي وئي هئي ۽ باقي ڪو پاڇو ٻاروچو ئي پيڙهن ۽ منجين تي وينو هو. مون کي ڏسي ڪنهن ڪرسين ۾ هٿ وڌو ته ڪنهن موڙي ۾. هٿ ڏناسون، خوشان خوشي تي پير وري آهلي پيو. هيڏانهن هوڏانهن جون ڳالهيون ٿينديون رهيون ۽ نيٺ ڏتي جي وهانو تي اچي بيٺيون. مان به اڪيلائي ڏسي ڳالهه ڪٽي چوري: ”پير صاحب، اڳهون الهڏتو سڏ ڏئي ويو.“

”چڱو ٿيو، تون به اسان جو ياءُ آهين. سيان سجو ڏينهن وهانءُ هلندو. سدا گلاب چانور ۽ قندرون، پاڻ لاءِ ته حلواڻ ڪسندو.“

”پر سائين، اسان پرديسي ماڻهو اڄ ڪتي، سيان ڪتي.“

”توتي مبارڪي ڏيڻ جو هرويرو زور ڪونهي، باقي ان خوشي ۾ ته ضرور اچڻو پونڊءِ.“

”خوشي وري ڏوڙ جي. ڪارو اٿس منهن، نيرا اٿس پير. جيڪو ماڻهو هن وقت ئي ٿو ڪشتا گهري، سو مهل تي ڪھڙي غذا ڪندو.“ مان ڏٺي جو پاندو پچي وڃو.
پير منهنجي ڳالھ تي ڀڙو ٿهڪ ڏنو ۽ ڪي گهڙيون ڪلي ڪلي ڪيرو ٿي پيو. گھڻي دير ڪان پوءِ سامت ۾ آيو ته مون ۾ ذري گهٽ جوھ وجهي پڇڻ لڳو: ”پوءِ ڏنوس ڊاڪٽر؟“
”مان اهڙا ڪم ئي نہ ڪيان.“
چڱو ٿيو، تون اشراف ماڻهو، انهن ڪمن مان تون ڇا ڄاڻين؟“ پير مون ڪي شابس ڏني. سندس منهن جي سهڻي تختي رهندو ڀھ ڀھ ڪرڻ لڳي.
مان بہ ڦوندڙ ۾ پرجي ويس ۽ ڪيس ٻڌايم: ”ڪڪ ناهڻ ۾ تہ ڪا فارسي ڪونهي، پر اهي ٽنيا ٽوٽيون بہ آخر ڪيستائين؟“
”پر ڇڏيو تو جٽ ڪي ڪلھ ماري.“ پير ڪلندي چوڻ لڳو.
”منهنجو ڪھڙو ڏوھ. هيءَ ڪا شادي جي مند اٿس. وري پرڻجي بہ ٿو ٻارهن ورهين جي ٻالڪي سان.“
”ميان چوزو آ چوزو، ڏٺي جي منهن تي تہ پوي ئي ڪانہ ٿي.“ پير ذري گهٽ گگ ناڙيندي چيو.
”پر سائين، اوهان جهڙي داناءَ هوندي جو اهڙا پرٽا ٿين، آهي تہ وڏي ارمان جي ڳالھ.“ مون پير کي پڀي ڏني.
”ميان، هي جهنگ جا جٽ، ڪو مڙڻ جا آهن. ڪين جي سمجهايون تہ وري سيٽجي چون تہ پنهنجي پراون ۾ ڏئي، پوءِ چو ٻيا اٿا ڊوبون.“
”پر سائين، ڳالھ تہ غلط آهي.“
”غلط بہ آهي تہ وري هڪ لحاظ کان لاچار بہ اٿن. ڀلا اها جو ٻاهر اٿارن تہ ڏٺي کي وري ڪٿان سڱ ملي؟“
”ها اهڙي نڏٽڪي ڪٿان ملندس. پر مزو تہ تڏهن آ جو اها ڪنوار ئي تي انڪار ڪري.“
پير کي مون واري ڳالھ شايد تہ نہ وڻي، جو مون پئي رنگ ۾ پينگ وڌي ۽ پت ڪنو ڪيو. هو اتي ويهي رهيو ۽ ذري گهٽ رهڙ ڏيڻ تي هو، پر پوءِ پاڻ سنڀالي رومالي ڏڪ هڻندي چيائين: ”ڊاڪٽر، اهي لعنتاڻا شهرين تي اٿئي. هتي تہ ٻھراڙيءَ ۾ جيڪو چڱي مڙس ڏنو سو ڪين قبول.“
پر ڪنوار جو نڪاح وقت قبوليت نہ ڪري تہ پوءِ نڪاح وري ڪيئن ٿيندو؟“ مون ڏڪ پچائي نڪ پڪو ڪري چيو.

”پر ڪا انڪار بہ ڪري نہ. هتي تہ ابن ڏاڏن ڪان ڪنهن نهنڪر نہ ڪئي آ. ٿوري ٿڻ مڻ ڪندي تہ پوءِ موچڙي ۾ هٿ، ملان جو ڪم بہ آنگوٺي سان، سو ڪيس لڳي ملندو.“

”نہ سائين، هرويرو موچڙي تي ڪونهي.“

”ميان، موچڙو آ چتيهہ لڪڻو. اهو ئي ڦڏن ڪي سڌو ڪندو. ڊاڪٽر، مان تہ صلاح ڏيانءِ تہ انهن ننگاوتي ڳالهين جي وچ ۾ نہ پوندو ڪر. اهي ڳالهيون ڏاڍيون ڏکيون آهن ميان.“ پير مون کي دڙڪي جو دڙڪو بہ ڏنو تہ صلاح جي صلاح بہ.

”نہ سائين، منهنجو ڇا؟ مون تہ چڱائي پئي چئي.“ مون ڪيس خاطري ڏني.

پير کي ڪنهن ماڻهپي ۾ نہ ڏسي مون موڪلايو ۽ اچي پنهنجي اسپتال پيڙو ٿيس. پير مان سو ڪنهن چڱي ڳالهہ جي اميد رکڻ پل هئي، باقي مون کي ڀروسو هو ماسي مرادان تي، جنهن کي مون ٻئي ڦوهارا ڏئي ڇڏيا هئا ۽ ڪيس سمجهايو هئم تہ ڪنوار ڪائين ڪال هائو نہ ڪري، پر ڏاڙ ڏاڙ ڪندي رهي. پوءِ ڏسون تہ ڪيئن پير هٿ وٺي ٿو اک سان چتڙ ڪنهي.

ٻي ڏينهن پوياڙي جو پاچا لڙيا تہ مڱڻهارن پيلا ڳاڙها پٽڪا ٻڌ تي رکي اچي منهن ڪديو ۽ مٿان ڦوڪي واڃو شروع ڪيائون. دم تہ اصل ڪونہ پئي منجهين ۽ ڪا انڌي ڪاٽي ساهي جهڙي ڪٽي وري پئي رينگٽ ڪيائون. مان اهو سمورو وقت هڪ ڪن ڪيو وينو هوس. مون کي الائي ڇو دل ۾ اها اميد هئي تہ ماسي مرادان ۽ حوران جي ڏاڙ ڏاڙ ٻڌي پير جو هنيانءُ ڪاڇي ويندو ۽ پاڻهي اهي ساز بند ڪرائيندو. پوءِ اهي مڱڻهار ٻوٽ پيلو ڪري ڪتا ويڙهي پنهنجي تتن کي ٽيبڪ ٽيبڪ ڪرائي وڃي جوئن کي سلام ڏيندا، پر ائين ڪونہ ٿيو. شرنايون جيئن پوءِ ٿيئن وڌنديون رهيون. ها، ائين ضرور ٿيو تہ انهن شرناين ۾، جن جي نالي تي ڇڙن جون دليون ٻڌا ٽپا ڏينديون آهن ۽ سندن وهيءَ جو شهزور اڙڌو گهوڙو جنسي ٻن پيرن تي ايو هوندو آهي، اهو تاثير ٽڪي جو نہ رهيو. پر اهي جڻ تہ ڪنهن معذور ٻليءَ جيان ميڪنديون رهيون. سچي تہ رحمت، ڪوڙي تي لعنت، مون تہ هنن ئي ڪنن سان انهن شرناين ۾ حوران جا سڏڪا ٻڌا ۽ جنهن وقت ملان ڪوڙو ڪي سچي نڪاح پڙهيو تہ پوءِ اهي ريهون ڪرڻ لڳيون. سومهڻي جو گهوٽ لاون لهڻ لاءِ ويو تہ پوءِ انهن ساڳين شرناين پار ڪيڻ شروع ڪيا ۽ صبوح جو نڪيتي مهل تہ پوءِ اهي رهندو اونائڻ لڳيون. شرناين جو اهو روچ راڙو تہ مڱڻهارن جي وجڻ ڪان پوءِ بہ پهر پاڇو منهنجي ڪنن ۾ ٻرندو رهيو ۽ ورندو سارو ڏينهنجي منهنجي دل جو ڳل مئل رهيو.

ڪنوار ستاوڙي تي ڏينهن اڌ لاءِ پيڪين موٽي تہ ماسي مرادان بہ واندڪائي ڪڍي مون وٽ اچي پھتي. رنگ ڪوري بافتي جهڙو، رت بنھ ڪونہ. روئي روئي اکين مان نيمڪ نکري ويو هوس، باقي خالي ميراڻ جن جنگ نار وهي وهي خالي ٿي وڃن ۽ تري ۾ چڙي ميري گپ هجي. مون وٽ روئڻ جي ڪيائين، پر سڪٽين اکين مان لاچار ڪو هڪ اڌ ڳوڙهو ٿي نڪتو. ٽڌا شوڪارا ڀريندي چيائين: ”ڏاڪدر ابا، ڏنئي هي ڪوفي وارو ڪيس. چوريءَ حوران ڏاڙ ڏاڙ ڪئي، نڪاح وقت ريهون ڪيائين ۽ اهي پار ڪڍيائين جو روئي روئي ڪٽي دبا پريائين. نڪيتي مهل تہ اباٽي گهر جي ٽوٽيءَ ڪي پاکر وجهي جو چنبڙي تہ اصل هٽ ڪونہ پٽيائين ۽ پوءِ چئن ڏندن ڏوٽن سندس هٿ پٽي ٽنگا ٽولي ڪري وڃي ڏتي جي گهر ستيس.“

”ها ماسي، مون حوران جا سڏڪا بہ ٻڌا تہ ريهون بہ.“

”پوءِ ابا ٿيندو ڪو داد فرياد؟“

”تو ۾ ۽ حوران ۾ ڪا ٽوم هوندي تہ سڀ ڪاٺ ڪاٺ ٽا ڪن.“

”ابا، تون حوران جي خاطري ڪري ڇڏ. هن ڪي هن هڏن جي مٺ مان چا هٿ ايندو؟ جهڙي وئي هئي، تهڙي ئي موٽي آئي. مئي ۾ آهي بہ چا.“

”اها ڳالهہ تہ رهندو پلؤون پلي. هيڪاري ڪيس مضبوط ٿيندو.“

”پر تون بہ تہ ڪو هٿ پير هڻ.“

”تون ماسي رڳو چپ ڪري ويهہ، ڏس ڪيئن نہ ٿو ممڻ مچي.“

”الله اهو ڏينهن ڏيکاري.“ ماسي ٻئي اشهد آڱريون ڪٽي مولا ڪي ٻاڏايو.

ٻن ٽن ڏينهن ۾ مان ڳوٺ جي ملان، شاهدن، وڪيلن ۽ پير تي گونگين درخواستن جي ٻاہ ٻاري ڏني ۽ هڪڙيون اجا مس مٽي پئي پهتيون تہ وري ٻيون پئي نوڪيم. سيني درخواستن ۾ اها ئي ڏاڙا گهوڙا تہ ڪيئن ان انقلابي دور ۾ بہ انڌير نگري چرٻٽ راجا وارو قصو لڳو پيو هو ۽ زور زبردستي جا نڪاح پئي ٿيا. مهيني ماسي ڪان پوءِ هڪ اڌ درخواست جي حد واري ٿاڻي تي ڦاٽي، پير اها پهرين ئي لپي ۾ لپي ڇڏي. پر پوءِ ستت ئي ٿهو درخواستن جو مارشل لا هيڊ ڪوارٽر ۾ وڃي پهتو ۽ ان جاچ ۾ مليٽري پوليس جون جيپون ڏوڙ ڏڪاءُ ڪنديون اچي آباد ۾ پهتيون. اڻ ڏنل وائنل اٿالو ڏسي پير پهريون تہ هارجي ويو، پر ڏڪ سنڀالي ٻنا دير حوران پيش ڪرائي ڏنائين. ڪوڙو نڪاح پڙهندڙ ملان موسو ۽ شاهد وڪيل بہ هڪ هڪ تي ميڙجي چوندجي اچي پهتا. ماسي مرادان لاءِ مون گهٽيون ئي ڦارون پاتيون، پر هوءَ ڪو اندر ٻاهر هئي سو ڪين اچي سگهي. شاهدن اوگاهن مان تہ ڪجهہ ڪونہ ٿيٽو هو،

پر حوران جو بيان ٿيو تہ ان بہ ترائي ڪيي ڇڏيا. هوءَ رضا خوشيءَ سان مون وارين درخواستن تي ڪارو ڪنو مليندي ڏتي جي ڪيا ائين لڳي پئي، جيئن ڪا ڏالي وچ ڏنار پنيان.

پير جي ڦرڪندڙ شهپرن، پاريهر جهڙين ڳاڙهين ڳتول اکين ۽ سڙه جي ڪندن جيان ڪانداريل لونءَ لونءَ ڏسي مون ترت فيصلو ڪري ڇڏيو تہ ڳوٺ آباد ۾ منهنجو داڻو پاڻي پورو ٿي چڪو هو. مون اسپتال پهچي ڏکيءَ موڪل جي درخواست لکي پنهنجي ٽيڙ پي سهيڙيا تہ خيرو ڪمپائونڊر بہ اچي پهتو. منهن سجيل، مٿان ڦوڪيل ۽ اکين ۾ ميارن جون پريون جو مون ڪيس ڪو انديو ڪونہ ڏنو هو. پرچائڻ لاءِ سندس ڪلهي تي هٿ رکي موڪلاڻي ڪيم تہ ڏنم تہ سندس رسامون الائي ڪهڙي ڪاپار هليو ويو. هن شوڪارو پري پنل دل مان چيو: ”يار ڊاڪٽر توکي ڇڏيندي دل تہ ڪانہ ٿي چوي، پر تو ڪئي آ پاڻ سان پاڻ.“

”ير هاڻي اهي سڪٽيون سيون تہ نہ هڻ.“

”بس مڙئي قياس ڪان، نہ تہ منهنجو ڇا؟“

خيري ڪي گهڙيون ٻڙڪ نہ ٻولي، لاشڪ تہ مون واري ڳالهہ دل جي تارازيءَ ۾ توري پوءِ اکيون ڪٽي مون ڏانهن ڏنائين تہ ڏنم تہ شڪن گمانن جا پاچولا ڪڪ پن ٿيل هئا ۽ وشواس ۾ اعتبار جا پاندا پرپور هئا. مون تان ان جبل جيڏي چپ جو بار لهي ويو تہ سک جو ساه پري ڪانئس پڇي ورتم:

”ڪر تہ خبر خيرا، حوران ڏتي جي ڪيا چو لڳي، جو نہ ڏهڻ جو نہ ڪهڻ جو؟“

”پير تہ ڏهڻ ڪهڻ جو آهي نہ ڊاڪٽر!“

”هان!“ منهنجا وائيسر ئي ڦري ويا. جهٽ پلڪ سن ڪائي ڳالهہ جو دل ۾ هندايم تہ رپئي جا چوڏهن آنا هنيانءُ نري ويو. رڳو آنو ٻتو اڻ تڻ رهي ۽ اها لاهڻ لاءِ وري پڇيومانس:

”پوءِ ڏتي ڪي چو پئي پرٽايائين؟“

خيري ڏند ڪيي ٿه ٿه ڪري جواب ڏنو: ”يار تون تہ ڪو صفا چٽ آهين. ميان مائي مرادان جو ڪنهن ڦيٽي ڏاڳي ۾ نہ آئي تہ پوءِ پير اڏي اها ڏتي واري ڪوڙڪي – اها جو تو جهڙي ڪنهن ڏندي ڏوتي سان پرٽجي وجي ها تہ پير ڪيئن ڦبي ها؟“

# خاڪي پنهنجي فطرت ۾

سانوڻ جي ٽاڪ منجهند جو ٻيرن جي ٿڌيءَ ڇانو هيٺان تاس پئي کيڏيسين ته هو آيو. مون کي نوڙي کيڪارڻ بعد، هڪ همراه کي پاسي ڪري پاڻ کيڏڻ ويهي رهيو. سيني کي ڇڻ واسينگ نانگ سنگهي ويو. ڪنهن جي منهن مان ٻڙڪ نه پئي نڪتي. ٻيا ته ڇڏيو پر علو، جيڪو ڳوٺ ۾ پنهنجيءَ لباڙ ۽ بڪوات ڪري مشهور هو، سو به ڪن ڇپا ڪري ماٺ ڪري وينو هو. حرام جو سندس اچڻ بعد هڪ حرف به ڳالهايو هجي. جڏهن شام جا پاڇا لڙي آيا ۽ راند بند ڪئيسين ته اوطاق ڏانهن ويندي مون علوءَ کان پڇيو:

”اهو هو ماهي؟“ آئون رخ مان ئي ڪيس سهي ڪري ويو هوس.

”ها، سائين.“ علوءَ ميسٽو منهن ڪري جواب ڏنو.

”شڪل ۾ ته پيٽسان سڪو ٿو ڏيکارجي.“

آئون ڪوڙ نٿو ڳالهايان، هو واقعي سڪ پئي لڳو. سندس چيلهه تي پونڊڙ ڏگها وار ۽ لٽيءَ تي پيڳل ڏاڙهي سکن وانگر هئي. اوئين ئي سکن وانگر وات تي پونڊڙ وڏا وڏا شهپر هئي. فرق رڳو اهو هو جو سک هميشه پاڻ سان ڪرپان ڪٽندا آهن ۽ هن کي ڪلهي تي وڏي ڪهاڙي هئي، جنهن جي ڦر تي ڪيترا ڪارا داغ هئا، جي علوءَ جي چوڻ مطابق انساني رت جا هئا.

”آدم سر الاهي آهي ۽ ان جي رت جي داغن کي ڪيتري به واري هٽين، ڪونه لهندا.“ علوءَ مون کي سمجهائيندي چيو هو.

هو ڪير هو، ڪٿان آيو هو؟ ڪن ٿورن کي خبر هئي. هونئن ته جيترا وات هئا، اوتريون ئي ڳالهيون هيون. ڪن جي خيال ۾ هو مشهور ڌاڙيل عبدالرحمان بروهيءَ جو ساڃو هٿ هو ته ڪي وري سندس دليري ڏسي ڪيس تازو واردات تي مئل ليمي ڪوش جو ساٿي سمجهندا هئا، جنهن کان سرڪاري ڊاڪٽر پوسٽ مارٽم وقت به هيانءَ ڪڍيا هئا. هو هن ڳوٺ ۾ به لڙيءَ سومهڻيءَ آيو هو. ڪنهن ڏورانهين زميندار جو خط آندو هئائين. اچڻ سان ئي وڏيري وڏي سان ملڻ جي طلب ڪئي هئائين، ڪو سندس ٻڌي هڪدم ٻاهر آيو هو. وڏيري وڏي خط پڙهي چشمن تي رکيو هو ۽ کيس چيو هو:

”ابا، تون بي فلڪو ٿي ره، هتي تنهنجي وار کي به ايذاءُ نه ايندو.“ ان بعد هو هتي رهڻ

لڳو ھو. پر حرام جون مانيون ھن کي بہ نہ وڻنديون ھيون. ويسند پئي ڏنائين تہ ڪڏھن وڏيري سان ذڪر ڪڍي موڪل گھري. آخر ھڪ ڏينھن وڏيري وڏي پنھنجن همراھن جون ٻانھون ڏيئي ڪيس چرڻ پرڻ جي موڪل ڏني ھئي. ڪيس رڳو ايترو چيو ھو: ”ابا، جي ڏکي ٿئين، ڦٿي ٿئين تہ رڳو رات جي پھر ۾ پاڻ ھتي ڪٽائي اچج، پوءِ اولو ئي ڪونھي.“ وڏيرو وڏو زماني جو ماڻھو ھو. اوکيءَ ويل لاءِ بہ چار اڻ ڳس مڙس وٽس ھوندا ئي ھئا. بس، اشاري جي دير ھئي، خان خانان جي سريءَ لاھڻ ڪان بہ ڪونہ ڊجندا ھئا. ڪنھن ڳالھ جو فڪر ڪونہ ھو. ضلعي جي ڪل ڪامورن ۾ سندس رسائي پھچندي ھئي. ڪو ڪامورو بدلي تي ايندو ھو تہ ان وٽ پھرئين ئي ڏينھن تي پھچبو ھو. ڪيس موسم مطابق ڏالي ڏبي ھئي. پر جي ڪامورو ڪرڙو ھوندو ھو ۽ انھيءَ قسم جي ڏي وٺ پسند نہ ڪندو ھو تہ ڪيس شڪار جي دعوت ڏبي ھئي. ڪامورو خوش ٿي ويندو ھو ۽ پوين کي بہ وڏيري جون پارتون ڪري ويندو ھو. ڪيترن ڪامورن تہ ڪيس سونن اکرن ۾ لکيل پروانا ۽ آفرين ناما بہ ڏنا ھئا، جي سڀ وٽس سنڀالي رکيل ھئا. قصو ڪتاھ مڙس امير ھو ۽ سندس ساراه مان ڪو ڊاپندو ڪونہ ھو. سندس دليريءَ جي ڌاڪ پھرئين ڌاڙي ۾ جمي ويئي ھئي. ھن واھوجن ۾ ڌاڙو ھنيو ھو، ياڳيو ھلنديءَ وارو ھو، ڌاڙي ڪان بہ ڏينھن اڳ روپين جا پنج ھزار آٽي گھر رکيا ھئائين. اھي سڀ ڳالھيون ھن ھڪ جاچوس معرفت جاچي پوءِ قدم کنيو ھو. ھو پاڻ بہ چوندو ھو: ”مان ڪو لوسي چور نہ آھيان، جو سؤ ڏيڍ جو ٻڌي پڳو وڃان. ڌاڙو ھڻجي تہ گھٽ ۾ گھٽ کي ڏينھن ويھي کائجي. ڪو زور پوي تہ اڳين کي بہ ڪجھ منھن ۾ ھٽي جان ڇڏائجي.“ ڌاڙي ڪان اڳ ۾ ھن همراھن کي سمجھاڻيون ڏنيون ھيون: ”ياڳئي کي اسين لھٽون ڪونہ جو پاڻ گھر ڦري ڏيندو. مڙسان مڙسيءَ جون ڳالھيون ٿينديون. ياڳيو مرڻ مارڻ جي ڪونہ ڪندو، جي پڇٽو اٿو تہ ھاٽي ئي وک ڏيکاريو. پوءِ پڇندو تہ پھرين توھان سان پڇي ڪائيندس، ٻيون ڳالھيون پوءِ ٿينديون.“ ڌاڙي جي اصولن تي ھن چيو ھو: ”جي ياڳيو مقابلو ڪري تہ ان سان ھڪ ھنڌ ٻيھي مقابلو نہ ڪجي، پر ھڪ ڌڪ اڳيان ھڻجي تہ ٻڪي ھڪ ڌڪ پنيان بہ ھٽي ونجي، مگر ڌڪ اھڙا ھڻجن جو ٻرزوت نہ ٿئي، ڪا گھڙي ھڪ جاءِ تي سيڪاٽيو پيو ھجي. گھٽو روج راڙو بہ مارائيندو آھي.“ جڏھن ڌاڙو ھٽي ٻاھر نڪتا تہ ٽن ڳوٺن جي واھر اچي پھتي ھئي. سندس ساٿي تيڙ ڇڏي ڪڙين تي زور ڏيڻ ۾ ھئا تہ ھن رڙ ڪري همراھن کي چيو ھو: ”ڪلا شڪاري، متان پڳا آھيو.“ ان بعد پنھنجن همراھن کي اڳ ۾ ڪري سڄي واھر پلي، پوءِ ٻاھر نڪتا ھئا. حرام جو ڪا چيڙه ڊگ تي ڇڏي ھئائون.

اها ڳالهه ٻڌي وڏيري سندس پٺي ٺپي هئي ۽ انعام ۾ پنهنجي پٽيءَ مان ٻه ڪجهه ڪيس ڏنو هئائين. جڏهن پاڳيءَ کان ڪنهن جوٽي وٺي ڪيس ڏاڙي جي پيرائتي ڳالهه ڪري ٻڌائي ته هو ميل ڪري وڏيري وٽ آيو هو. وڏيري وڏي سندس منهن تي ماهيءَ کان پڇيو به هو، مگر هن انڪاري جواب ڏنو هو. پر جڏهن پاڳيءَ پنهنجي ڏاڙ ڏيکاري ته هن زمين تي آڱر سان ٻه ليڪا ڪڍي چيو هو: ”جي صوبيدار ڏي وڃين ته هيءَ سڙنڪ ٿئي، پر جي سڌو شهر وڃي ناظم کي ڏانهين ته هيءَ سڌي سڙنڪ وٺيو وڃ، جيئن جلد پهچين!“

سڄي ڪچهري سن ۾ هئي. وڏيرو وڏو ٻه اونهي فڪر ۾ هو. سيني پئي وڏيري جي منهن کي تڪيو ته ڪهڙو ٿو حڪم نڪري؟ گهڙيءَ دير کان پوءِ وڏيري وڏي، ماهيءَ کي سڏ ڪيو. سندس آواز ۾ ڪاوڙ ۽ رعب هو.

”جيُ سائين!“ ماهيءَ هڪدم جواب ڏنو.

”رن پٽ جي سري آٽي ڏين ته پوءِ مجانءِ!“ وڏيرو خار ۾ ڏڪي رهيو هو.

”حاضر سائين!“ ماهيءَ پنهنجن همراهن ڏي نهاريندي جواب ڏنو.

”اڄ ئي وڃ.“ وڏيري ڪيس چيو.

ڳالهه ڳري هئي، ڪنهن کي مجال جو وڏيري وڏي جي باري ۾ ڳتا لفظ ڪڍي. وڏيرو فتح محمد جي پنهنجي ڳوٺ جو چڱو مڙس ۽ ڊنگ زميندار هو، ته به پنهنجي ڪاڻ. وڏيري وڏي ساڻس ڪهڙو اچايو هو جو هن هشام ماڻهن جي اڳيان پوليس جي ناظم کي سندس شڪايت ڪئي هئي ۽ ڳتا لفظ ڳالهايا هئا. چي، ”چوريون ٿو ڪرائي، ڏاڙا ٿو هڻائي!“ وڏيري وڏي جا ته متس ڪيترا ئي لائق هئا. ڪيترا پيرا سندس پنڌ کي سڄايو ڪري مال به موٽائي ڏنو هئائين. اها ڳالهه ٻي هئي ته ناظم وڏيري وڏي سان نهيل هو ۽ اها ڳالهه ڪيس پاڻ ٻڌائي هئائين، پر هو ته پنهنجو وارو ڪري ويٺو هو ۽ ان جي سزا ڪيس لوڙڻي هئي.

ساڳين ٻيرين هينان راند پئي ڪيڏيسين. ڇهڇٽو لڳو پيو هو. علوءَ ۽ مان ٻيءَ ڏر کي سلام ڏنو، تن ڏنڊ ۾ ڪن – گوڇي پئي ڪئي ته خميسو پڄندو آيو.

”سائين، وڏيري وڏي ماهيءَ کي ڪڍي ڇڏيو.“

سيني جي منهن تي مرڪ اچي ويئي، ماهيءَ کان هرڪو ڊڄندو هو.

”ڇو؟“ مون ڪانئس پڇيو.

”وڏيري وڏي ڪيس موڪليو هو نه ڪلهه هوڏي؟“ خميسو اشارن ۾ سمجهائڻ لڳو.

هونئن به اها ڳالهه هن ئي اسان کي ٻڌائي هئي.

”ها.“

”اتان خالي هٿين موٽي آيو. چيائين تہ وڏيرو فتح محمد اندر ڪونيءَ ۾ پڇي ويو....... هو سندس پنيان پيا تہ سندس نياڻي قرآن کڻي اچي سندن اڳيان بيٺي..... ۽ هو همراهن کي جهلي، قرآن ۽ نياڻيءَ کي موٽ ڏيئي، ٻانهن لوڏيندو واپس موٽي آيو.“ خميسي ٽوڪ جي نموني ۾ چيو.

سيپيئي پنڌ پهڻ تي ويا، جن ڪنهن جادوگر مٿن جادوءَ جي ڇڙي گهمائي هئي. ٻيا تہ ڇڏيو، پر علو جيڪو ڳوٺ ۾ پنهنجي بڪوات ۽ لباڙ ڪري مشهور هو ۽ ماهيءَ جو سيني ڪان وڏيڪ دشمن هو، سو بہ ڏسان تہ ڪن چپا ڪري وينو هو.

# تنهنجي خوديءَ جو ڀرم

اڄ جڏهن تنهنجي هڪ سنگتي ٻڌايو تہ تون وري پنهنجي سيٺيي ياءُ سان گڏ ٿيو آهين تہ مان هي سيڪجهہ لکڻ تي مجبور ٿي ويو آهيان.
مان سمجهان ٿو تہ هي تنهنجو خانگي معاملو آهي ۽ مون کي ان ۾ ٽپي ڏيڻ جو ڪو حق ڪونهي. اهو بہ سمجهان ٿو تہ تون هي پڙهي خوش نہ ٿيندين، پر اٽلو گاريون ڏيندين. هونئن بہ ظاهر ۾ ياءُ کان جدا ٿي وري گڏ ٿيڻ، هڪ ٻڌائڻ جوڳي ڳالهہ نٿي لڳي. پوءِ جڏهن مان انهن ڳالهين کي ياد ٿو ڪريان، جن ڪري تون پنهنجي ياءُ کان جدا ٿي ويو هئين تہ پوءِ دل ٿي چوي تہ جيڪر تنهنجيون ڳالهيون توکي ٻڌايان.
مون کي جيترو ياد آهي تہ مان توکي پهريون ڀيرو پنهنجي ڪلاس ۾ ڏٺو هو. تون ۽ مان گڏ پڙهندا هئاسين. انهن ڏينهن ۾ تون اڇو اجرو رهندو هئين. توکي سنا قيمتي ڪپڙا پاتل هوندا هئا ۽ تنهنجي نرم ريشمي وارن کي ڦٽي ڏنل هوندي هئي. تنهنجو دماغ عرش تي هوندو هو ۽ اسان جهڙن ڏانهن تہ نهاريندين بہ ڪونہ هئين، پر سال کن کان پوءِ تو گدلو رهڻ لڳو هئين. تنهنجا وار اٽيا هئڻ ڪري ڪڪا لڳندا هئا. انهن ڏينهن ۾ تون ۽ مان هڪ ٻئي جي ويجهو ٿيندا وياسين. مون کي تنهنجي حالت جي تبديلي جو عجب لڳندو هو ۽ مان سچو ڏينهن پيو سوچيندو هوس تہ تو سان ڪهڙي ويڌن ٿي وئي هئي؟ هڪ ڏينهن مان توکان ان جو سبب پڇيو هو ۽ تون هڪ اداس مرڪ مرڪي مون کي ان جو سبب ٻڌايو هو. تون چورو چنو ٿي ويو هئين، تنهنجي قيمتي ڪپڙن خريد ڪرڻ وارو پيءُ گذاري ويو هو ۽ تنهنجي ڪاڏيءَ کي جهلي پيار سان ڦٽي ڏيڻ واري ماءُ بہ سامي ۾ پورجي چڪي هئي. انهن ڏينهن ۾ تون پنهنجي پئيتي ياءُ جي نظرداريءَ ۾ پئي ڏينهن ڪاٽيا، جنهن کي توکان وڏيڪ پنهنجو اولاد منو هو. پنهنجي اولاد جي ڳالهہ تہ پري رهي، پر هو توکي پنهنجي ڪتي جيترو بہ نہ ليکيندو هو. معاف ڪجانءِ، هيءَ ڳالهہ مان پنهنجي طرفان نٿو ناهيان. ڪجهہ تنهنجي واتان ٻڌي هئيم ۽ ڪجهہ پاڻ بہ ڏٺو هوم. ان ڏينهن مان توسان تنهنجي گهر جي ٻاهران بيٺو هوس. توکان ڪي ڪتاب وٺڻا هئا، يا شايد ڪا ٻي ڳالهہ هئي. تنهنجو ياءُ اندران پنهنجي پوري ناسي السيشن ڪتي سان ٻاهر نڪتو هو. ڪتي ساڻس مستيون پئي ڪيون ۽ سندس ڪپڙا پئي خراب ڪيا، پر تنهنجي ياءُ ان هوندي بہ مٿس پيار جهڙا هٿڙا پئي گهمايا ۽ اتي ئي تو آهستي مون سان اهو ڏک ڪڍيو هو تہ جيڪر

تنهنجو پاءُ توکي پنهنجي ان ڪتي جيترو بہ پيار ڏئي ها تہ بہ تنهنجي لاءِ وڏي ڳالهہ هئي.

ان زماني ۾ توکي پنهنجي پاءُ ۽ سندس خاندان سان نفرت پيدا ٿي ويئي هئي ۽ تون ڪلاس ۾ جاميٽري جي ڪاپي تي رائيٽ اينگل ڪڍڻ سان گڏوگڏ دل ۾ پنهنجي مستقبل جي رائيٽ اينگل ڪڍڻ جي بہ ڪوشش ڪندو هئين. ان ڳالهہ جو پتو مون کي ان ڏينهن پيو هو، جنهن ڏينهن تون ڪلاس ۾ ڪونہ آيو هئين. تو سڄي عمر ڪڏهن ڪونہ گسايو هو، ان ڪري مون کي تنهنجي چنتا لڳي هئي. مان تنهنجي گهر پڇا ڪرڻ ويو هوس. تنهنجو پاءُ قل سوٽ هنيو ٻاهر ويٺو هو. ان کان ڊڄي ڊڄي تنهنجي لاءِ پڇيو هوم.

”ڪير آن ڙي تون؟“ تنهنجي پاءُ تيشي ڏيئي مون کان پڇيو هو.

”سائين مان – مان هن جو دوست آهيان.“ مان هٻڪندي ڪيس ٻڌايو هو.

”ها، تو جهڙا رولو جو سندس دوست هوندا تہ گهر کان ڪيئن نہ ڀڄندو.“ هن خار ۾ مون کي گهوري چيو هو، پوءِ پرسان ٻيٺي ڪارا برقعا ڏيندي ڏسي هو ”منڊا تيرا، ميري مهاندرا او ڊنڊي ڊنڊي چلئي والي ني“ ڳائڻ لڳو هو ۽ مون تان بلا ٽري وئي هئي.

تنهنجي پاءُ جي منهن ۾ تنهنجي لاءِ ڳڻتي نہ ڏسي مون کي ڏک ٿيو هو ۽ دل ۾ دعائون گهريون هيم تہ تون ان گهر ۾ يا عمر واپس نہ اچين. پر جڏهن تون ٻئي ڏينهن رلي پني واپس موٽي آيو هئين تہ مون کي ان کان بہ وڌيڪ ڏک ٿيو هو.

پڇي وڃڻ کان پوءِ تون جڏهن پهريون دفعو ڪلاس ۾ آيو هئين تہ ان ڏينهن پنهنجو استاد ڪونہ آيو هو ۽ اسان کي ٻيو استاد، جنهن کي سندس ڊگهي قد ۽ چوڙيدار پاجامي ڪري استاد ڪنگ اسٽارڪ سڏيندا هئاسين، پڙهائڻ لاءِ آيو هو. ان ڏينهن سندس موڊ پڙهائڻ تي ڪونہ هو، ان ڪري اسان سڀني ڇوڪرن کي پنهنجو پنهنجو سبق ياد ڪرڻ لاءِ چئي لت ڏيئي ڪرسي تي سمهي پيو هو. تون ۽ مان ان ڳالهہ جو فائدو وٺي پوئين بئنچن تي هلي وينا هئاسون. مون کي توکان پيرائي ڳالهہ پڇڻ جو ڏاڍو شوق هو ۽ انهيءَ ئي ڏينهن توکان تنهنجي پڇي وڃڻ جو آئڊيا چڱيءَ طرح سمجهيو هوم. تو چيو هو تہ: ”پر مون کي کهڙي خبر هئي تہ ڪو پڇي وڃڻ ڪري مون سان هيءَ حالت ٿيندي. مان تہ سمجهيو هو تہ ادي جو هيانءُ ڪونئرو ٿي پوندو ۽ اڳنا لاءِ منهنجو خيال رکندو. مون سان تہ هينئر جنسي ويل آ.“

”پلا آئين تہ ڪا مار تہ ڪونہ مليئي نہ؟“ مان توکان پڇيو هو.

”ڇڙي هڪ مار لاءِ تو پڇين؟ هتي ته اٽندي ويهندي پادر آ. منهنجي پنيءَ تي جي ڏنا ڏسين ته جيڪر تون به روئي ويهين. جيڪڏهن وس پڄي ته سڄو ڏينهن هت اسڪول ۾ وينو رهان، پر اسڪول به نياڳو ڏيڍ بجي تو بند ٿئي.“ تو روئڻهارڪو ٿي چيو هو.

”پر ادا، هاڻي نه پڇجانءِ.“ مان توکي ايلاز ڪيو هو. مون کان تنهنجو ڏک نه پئي سٺو.

”نه في الحال ته توبهه ڪيم، پر وقت اچڻ ڏي.“ ۽ ان ڏينهن ئي شايد تون ڦڪي کل کلندي چيو هو ته تنهنجي ڪنسٽرڪشن غلط نڪري پئي هئي ۽ تون ”رائٽ اينگل“ ڪونه ناهي سگهيو هئين.

ائين ئي قصو هلندو رهيو، تان جو تون ۽ مان گڏ مئٽرڪ پاس ڪئي. مان ڪاليج ۾ داخلو ورتو، پر تون ڪونه آئين — پر تون پوءِ ٻئي ٽرم کان ٿورو اڳ ۾ اچي داخلا ورتي هئي. تون پاڻ ئي مون کي ٻڌايو هو ته تنهنجي ياءُ جي توکي وڏيڪ پڙهائڻ تي مرضي ڪانه هئي. سندس پٽ مئٽرڪ به پاس ڪري نه سگهيو هو ۽ هن نه پئي چاهيو ته ڪو تون سندس پٽ کان مٿي پڙهين. پر پوءِ پنهنجي سنگتين ساٿين جي چوڻ تي، جن کي شايد وري تو ايلاز ڪيا هئا، توکي ڪاليج ۾ موڪليو هئائين. تنهنجي ياءُ توکي ڪاليج ۾ موڪلڻ وقت توکي کولي ٻڌايو هو ته جي تون هڪ دفعو به امتحان ۾ ناپاس ٿيندين ته هو توکي وڌيڪ ڪونه پڙهائيندو.

مون کي چڱيءَ طرح ياد آهي ته ڪاليج جي زماني ۾ توکي پورا پئسا به ڪونه ملندا هئا. ڪاڏي جو خرچ ۽ ڪاليج جي في ڪيڻ بعد تو وٽ رڳو ڪي روپيا وڃي بچندا هئا. تنهنجي چانهه پاڻي جو خرچ پنهنجي سڄي سنگت تي هو. تون هڪ پيرو نوڪري ڪرڻ جي به ڪوشش ڪئي هئي، پر تنهنجي ياءُ توکي دڙڪا ڏنا هئا، جو ان ۾ سندس بدنامي هئي.

نندپڻ کان وٺي تو ڏک ڏٺا هئا. تنهنجي اندر ۾ بغاوت جي باه دکندي رهي هئي، تان جو ان هڪ ڏينهن پڙڪو ڪاڏو هو. پڙڪو به شايد انهن ڳالهين تي ڪاڏو هئائين جو تون اکين ۾ پاڻي آڻي مون کي ٻڌايو هيو ۽ جن منهنجي اکين کي به آلو ڪري ڇڏيو هو. تون شام جو منهنجي ڪمري ۾ آيو هئين ۽ اچڻ سان هنڌ تي ڪري سڏڪندي چيو هيئي:

”پر، هي ياءُ آ؟“

”وري ڇاهي؟“ مان توکان پڇيو هو.

”اهي مٿي سورن جون ڳالهيون بيو ڇاهي ادا.“ تنهنجي اکين مان جهر جهر ڳوڙها پئي وهيا.

”ٻڌاءِ نہ.“ مان توکان ڳراٽڙي پائي پڇيو هو.
”ولايت ويو هو الائي ڪيترا لک ڪٽي؟ پٽ لاءِ موٽر آندائين، زال لاءِ زيور وٺي آيو ۽ پوٽين لاءِ قيمتي ڪپڙا، پر منهنجي لاءِ ڪجهہ بہ ڪونہ. ڇڻ مان سندس ڪجهہ ڪونہ ٿيان؟ آسيس لاءِ هڪ روپيي جو قلم ڏئي ها تہ بہ مان ڪيترو خوش ٿيان ها، پر ان ڳالهہ کي بہ ڪٽي ڇڏ.“ تون سڏو تي ويهي رهيو هئين. توکي جوش چڙهي ويو هو. ”ڪجهہ نہ ڏئي ها، پر ڪلي تہ ڳالهائي ها. ڪن اچڻ سان دڙڪا ڏبا آهن؟“
”دڙڪا ڏنائين؟“ جنسي باه وٺي ويئي هئي.
”ها.“
”چو؟“
”مان سندس پوٽيءَ کي اچ چماٽ هنئي هئي. ٻڌ نہ، منهنجي پاءُ جي پوٽي منهنجي بہ پوٽي ٿئي ۽ اها جو اڌ نالي سان سڏي تہ گڏي نہ ڇڏجيس. مان تہ رڳو ڪيس چڙي چماٽ هنئي هئي.“
ان ئي رات تون پنهنجي ڀاءُ ڏي پنهنجي جدا ٿيڻ جو خط لکيو هو ۽ ڪانئس پنهنجي ملڪيت جي حصي جي بہ گهر ڪئي هئي. تنهنجي ڀاءُ تنهنجي جدا ٿيڻ تي خوشي ڪئي هئي، پر ملڪيت لاءِ توکي ٽي ترين هٽي ڪڍيون هئائين. هن توکي جواب ڏنو هو تہ سڄي ملڪيت هن جي پنهنجي ناهيل هئي ۽ پنهنجي پيءُ ڪجهہ بہ ڪونہ ڇڏيو هو. پنهنجي ڀاءُ وٽان ڪلي جواب ملڻ بعد بہ تو همٿ ڪونہ هاري هئي ۽ جلدي پيٽ گذران لاءِ هڪ چڱيءَ پگهار واري نوڪري هٿ ڪئي. مون کي اهو ڏينهن چڱيءَ طرح ياد آهي، جنهن ڏينهن توکي پنهنجي پورهئي جي پهرين پگهار ملي هئي. تون ان ڏينهن اسان سڀني دوستن کي ڪيفي جارج ۾ چانهہ پياري هئي. تون ان ڏينهن خوشيءَ ۾ مست هئين. ان ڏينهن پوڳن ۾ توکي ڪنهن دوست صلاح ڏني هئي تہ جي تون پنهنجي ڀاءُ وٽ وڃي فلم آواره جي ڪورٽ سين ۾ راجڪپور وانگر ميٺون منهن ناهي ڏانهس نهارين تہ هو توتي رحم ڪائي توکي چڱي رقم ڏيندو. سڀ دوست ان ڳالهہ تي ڏاڍا کليا هئاسين. ڪڏهن ڪڏهن تنهنجي شڪل بلڪل اهڙي لڳندي هئي.
ان ڳالهہ جو جيڪو تون جواب ڏنو هو، سو بہ اڄ تائين مون کي ياد آهي. تون چيو هو:
”ادا، مان غريب آهيان، پر خودي وارو آهيان. منهنجو وٽس وڃڻ تہ پري رهيو، پر هو پاڻ اچي مون کي ايلاز ڪري تہ بہ ساڻس گڏ ڪونہ ويندس. لکن جا ٽيڙ هن کي آيا، مان پنهنجي پگهار مان بلڪل خوش آهيان.“

قسم سان، مان تنهنجو اهو جواب ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيو هوس ۽ سمجهيو هوم ته تون پنهنجي مستقبل جي ”رائيٽ اينگل“ کرڻ ۾ ڪامياب ٿي وئين.

پر اڄ تنهنجي هڪ سنگتي ٻڌايو ته تون وري پنهنجي سينيي ياءُ سان گڏ ٿيو آهين ته آئون اهو سڀ ڪجهه لکڻ تي مجبور ٿي ويو آهيان. تنهنجي سنگتي اهو به ٻڌايو ته هينئر منهن تي اداس مرڪن بدران خوشي جون مرڪون آهن ۽ تنهنجي وارن ۾ اٽيائپ ڪانه آهي، پر سليقي سان ڦٽي ڏنل هوندي آهي....... پر تڏهن به الاجي ڇو مون ڪي سندس ڳالهه تي اعتبار نٿو اچي. تون ويجهو هجين ها ته تنهنجي وارن جي پاڙن کي ڏسان ها، متان اهي اندران اڃي وانگر اٽيپيون نه هجن، تنهنجي خوشيءَ جون مرڪون چتائي ڏسان ها ته متان ان ۾ ڪي اداس مرڪون به لڪل هجن. اهو سڀ...... اهو سڀ ان ڪري ڪيان ها ته متان تون ڪنسٽرڪشن غلط ڪيدي هجي ۽ تون ”رائيٽ اينگل“ نه ناهي سگهيو هجين.

# ننگر

پير سائين مراقبي مان اٿيو، پنهنجي ڪپهه جهڙي سفيد ڏاڙهي کي خلال ڪندي، خليفي وڏي کي سڏ ڪيائين: ”ٻانها! او ٻانها!“

سڏ سان خليفو ڊڪندو آيو. ادب سان جهڪي پڇيائين: ”قربان ٿيان، حڪم؟“

”ابا، ننگر جو کهڙو بلو ڪيو اٿئي؟“

”قبلا سڀ ڪجهه ڪيو اٿم، جيڪي پڇو“ — ٻانهي فخر سان ڪنڌ مٿي ڪٽي چيو.

”وڏيري واري موڪليل ڦندر جو ڇا ڪيئي؟“

”ڪاسائي کي ڏئي ڇڏيم. هن اچ ڪهي ٻه ڇڏي هوندي.“ ٻانهو پٽڪيو.

”ڳهٽو ڪيائين؟“

”ڏهن ڳهٽ ٻه سؤ.“ ٻانهي وراڻيو.

”ٻي ننگر لاءِ ڦندر ڳهٽي ورتئي؟“

”ڇڙي چاليهن. باقي پئسا حويليءَ ڏي موڪليا اٿم.“

”چڱو ڪيئي.“ پير خوشيءَ ۾ ٻهڪندي چيو.

ٻانهي جون واڇون ٻه پير صاحب کي خوشيءَ ۾ ڏسي ٽڙي ويون. ٿوري ويرم بعد پير سائين وري چيو:

”ابا، چاليهن ۾ ته ڪراڙي ملي هوندءِ.“

”اهڙي ڪراڙي ته نه هئي، پر ٿورڙو بيمار هئي. پر قبلا ديڳ ۾ پوڻ کان پوءِ ڪير ٿو سڃاڻي ته وڏيري واري وڇ آهي يا ڪا ٻي ڦندر. ڏيون سيپئي ٻوٽ ڪاريون.“ ٻانهي جواب ڏنو.

”مرچ مصالحا جام وجهنديس ته ڪنهن کي لڪائي ڪانه پوندي. پر ابا، منهنجي لاءِ ڇيلي جو گوشت ڳهرائج.“ پير سائينءَ کي پنهنجو فڪر لڳو.

”قبلا، اهڙو ڇٽ ته نه سمجهه. آخر تو جهڙن اميرن جا هٿ ڏورايا اٿم، ايترو ٻه نه سمجهندم. توهان جي لاءِ اٿندي سان ئي ڇيلي جو گوشت ڳهرايو آهي، اندر تيار پيو اٿئي.“

”آهين ته سياڻو پر ٻيلي متان ٻه...... چڱو ابا هاڻي تون پل وڃ. جڏهن ماني تيار ٿئي، تڏهن اچج. تيسين مان ٻه اشراق پڙهي وٺان.“ ٻانهو هليو ويو.

گادي نشين ته گهٽا، پر پير رضا سائين ڪونه سڏائي. ڪا ماءُ اهڙو ٻچو نه ڄڻيندي. سدائين لوڙهي ۾ رهندو هو. صوم صلواة جو پابند. علم فقه، علم حديث جو گوهر. مجال جو ڪو عالم هن جيان ڪو شرعي فيصلو ڪري. زهد ۽ تقويٰ ۾ ته پنهنجي ڏاڏي سائين حضرت پير تقي شاه کان ئي گوءِ ڪٽي ويو هو. سندس ڏاڏي جا مريد ئي ڪيس مڃيندا هئا. وڏيرو ڪرم ڏنو، جو ڏاڏهنس جو خاص مريد هو، سو ئي چوندو هو ته: ”تقي شاه به تقي شاه هو، پر هن سان پڄڻ جي پيٽي ڪانهي. هن سان خدا جو ڪو ٻيو قرب آهي.“ واقعي وڏيري واري ڳالهه سچي هئي. هن پير صاحب وٽ وري هڪ ٻي مڻ هئي. ماڻهو سندس ڪرامتون ٻڌائي ٿڪبا ڪين هئا. خليفي ٻانهي سان جو رنگ ڪيائين، سو ڪنهن کان لڪل ڪين هو. خليفو ڪڏهن پاڻ اڪين ۾ آب آڻي چوندو هو: ”ادا مون ۾ پنج ئي شرعي عيب هئا، پر اهو سڀ ڪجهه خدا ڇڏايو. هڪ ڏينهن جان درگاه ۾ ننگر ڪاڻ آيس ته پير سائين جن جي مون گنهگار تي نظر پئجي وئي. مشڪل ڪشا جو قسم، سندن اکين ۾ اهڙو ته نوراني جلال هو، جو مان ان وقت ئي سيني گناهن کان توبهه تائب ٿيس.“

خير، سندس گنهگار هجڻ يا نه هجڻ جي ته ڪنهن کي خبر ڪانه هئي، جو هو پري وينل هو. البته ايتري سڌ هر ڪنهن کي هئي ته ٻانهو هاڻي پنج ئي وقت نماز پڙهندو هو. تنهن ڪري هر ڪنهن کي سندس ڳالهه تي اعتبار اچي ويو هو. تنهن بعد پير صاحب جي ٻي ڪرامت، جا ٻانهي حج تان موٽڻ بعد ڪن خاص ماڻهن کي ٻڌائي هئي، سا ته ملڪان ملڪ پکڙجي وئي هئي. هر ڪنهن کي اعتبار اچي ويو هو. اها ڳالهه هيئن هئي ته پير صاحب ٻانهي تي قرب ڪري، کيس پنهنجي خرچ تي حج لاءِ موڪليو هو. ٻانهي جي وات جي ڳالهه ته جڏهن هو بيت الله جي زيارت لاءِ ويو ته ڏسي ته پير رضا سائين اڳ ۾ ئي اتي بيٺو هو. ٻانهو اچرج ۾ پئجي ويو ته ”پير صاحب کي ته مان پوئتي ڇڏي آيس، هن جو ڪو حج تي اچڻ جو خيال به ڪونه هو. پر هيءَ ڳالهه ڪيئن؟“ پر جيئن ٻانهو پير صاحب ڏانهن پيرين پوڻ لاءِ وڌيو ته ڏسي ته ڪاري وارا ڪک – ڪوئي ڪونه هو. اهڙي نموني سان وري کيس عرفات جي ميدان تي ڏٺائين، پر جان جو ٻانهو ڏانهس وڌيو ته وري گم. پوءِ ٻانهو سمجهي ويو ۽ شڪرانه جا سجدا ڪيائين جو کين اهڙو ڪامل مرشد نصيب ٿيو هو. پر پير صاحب کي جڏهن اها خبر پئي ته ٻانهي سندس روحاني حج جي ڳالهه پڌري ڪئي آهي ته ڏاڍو ڪاوڙيا ۽ ٻه ٽي ڏينهن حجري مان ٻاهر ئي ڪونه نڪتا. بقول ٻانهو ٻه ٽي ويلا ماني به ڪونه کاڌي هئائون. ان ڳالهه کان پوءِ پير سائين ٻانهي جو رتبو وڌيو ۽ هو هاڻي

”خليفي وڏي“ جي نالي سان سڏجڻ لڳو. مريدن جي تحفن ۽ نذرانن ۾ به اضافو ٿيندو ويو، پر پير صاحب پنهنجو نيم نه مٽيو. هو پنهنجي درويش طبع ڪري اهي نذرانا مشڪل سان ئي قبول ڪندا هئا. پر ٻانهو ائين ڪنهن مريد کي مايوس ٿيڻ نه ڏيندو هو ۽ پنهنجي ڪامل مرشد جي خدمت ۾ هٿ ٻڌي عرض ڪندو هو: ”مرشد، هنن جون دليون نه رنجايو، بسم الله ڪري قبول ڪيو.“ ۽ پوءِ لاچار پير صاحب جن ٻانهي کي حڪم ڏيندا هئا ته اهي نذراني جون رقمون ننگر جي پيتيءَ ۾ وجهي، پر ان مان هڪ پائي به ذاتي استعمال لاءِ ڪم نه آڻي، جو اهو حرام آهي.

پير نماز پڙهي تسبيح پڙهڻ ۾ مشغول هو ته خليفو وڏو داخل ٿيو. ڪيس ڏسي پير تسبيح مصلي تي رکي.

”ابا هلون!“ پير ڪانئس پڇيو.

”هائو قبلا، ماني تيار آهي، ماڻهو به اوهان جو انتظار پيا ڪن.“

پير سائين حجره عام ڏي رخ ڪيو. خلق کيس ڏسي اٿي کڙي ٿي. گهڻا ڏانهس وڌيا ۽ سندس قدم چمڻ لڳا. پير هر هڪ کي مرحبا ڪرڻ لڳو. مس مس اچي پنهنجي جاءِ تي ويٺو. پير ٻانهي ڏي ڪنڌ ڦيرائي کيس چيو:

”خليفا، وضو ساري ماني ديگن مان ڪڍ.“

خليفو هليو ويو. ماني هر هڪ اڳيان رکجي وئي. پير ۽ سندس ننڍڙي نينگر جي اڳيان به ٻه ڊاڪون رکيائون.

پير سيني کي بسم الله ڪرڻ لاءِ چيو. ماڻهو ماني کائڻ ۾ شروع ٿي ويا. جلدي ئي اوڪارن جو آواز آيو. پير ڪنڌ مٿي ڪٽي ڏٺو ته ٻن ماڻهن الٽي پئي ڪئي.

پير منهن تي ٿوري مرڪ آڻي ڏاڍيان ڪين چيو:

”ابا آهستي آهستي چٻاڙي کائو.“

”قبلا، دل ڪچي ٿي ٿئي. ڦندر شايد ڪراڙي هئي.“ انهن مان هڪڙي چيو.

”واه ابا واه، کائڻ اچي کونه ۽ ڏوه ڦندر تي. اسان به ته اهو ڪجهه ٿا کائون، جيڪو توهان کي مليو آهي. اسان جي اڳيان ڪو چيلو ته ڪونهي.“ پير صاحب ترشي سان چيو. پير جي اٺ سالہ نينگر اهو ٻڌي ڪنڌ مٿي ڪنيو. پير سائين جي هٿ ۾ ڪنيل گره، جنهن ۾ چيلي جي ٻڪي هئي، کي ڏسي سوچيندو رهيو ته اها ٻڪي ڪاٿون آئي؟ جو ته خليفي وڏي سندس منهن تي ڦندر جا جيرا ۽ ٻڪيون سڀ پوڻ ڪري اڃلي ڇڏيون هيون. هن چاهيو ته جيڪر پنهنجي پيءُ کان ان مسئلي بابت پڇي، مگر پنهنجي پيءُ جي منهن تي هڪ نوراني جلال ڏسي کيس اهڙي سوال پڇڻ جي همت ڪانه ٿي.

# منجهيل ست

پئراڊائز سئنما ٽپي جڏهن هو ”چارلي هيئر ڪٽنگ سئلون“ اڳيان لنگهيو ته ان جو هٿ بي اختيار پنهنجي ڪياڙيءَ ڏي ڪجي ويو. هن جا وار وڌي ويا هئا. نهرائڻ جي خيال سان هو دوڪان ۾ داخل ٿيو. ڪي ٿوريون ئي ڪرسيون خالي پيون هيون. ڪاريگر پنهنجي ڪم ۾ مصروف هئا. ڪڏهن ڪڏهن وچ ۾ ڪئنچي جي ”ٽڙڪ ٽڙڪ“ بند ڪري پاڻ ۾ سنها يوڳ به پي ڪيائون. هو هڪ ڪرسي تي ويهي رهيو. هڪ ڪاريگر اڇو اجرو ڪپڙو ڪٽي ڏانهس وڌي آيو.

”مان نمبر انين ڪان وار نهرائيندو آهيان.“ هن آيل ڪاريگر کي مايوس ڪيو. هونئن به نمبر انين سان هن جي هڪ قسم جي سنگت ٿي ويئي هئي. هو سدائين اڇو اجرو رهندو هو، سڀ ڪان وڌي ڳالهه ته وارن ناهڻ سان گڏوگڏ هن جا قصا به پيا هلندا هئا. اهي عادتون هن کي پسند هيون.

”هو واندو ڪونهي، متي هڪ ليڊي جا وار ”ڪرل“ پيو ڪري.“ ڪاريگر نوڙي چيو.

”مان هن لاءِ ترسندس.“ هن آيل ڪاريگر جو اندر ساڙي ڇڏيو هو منهن گهنجائي هليو ويو. هن دل ۾ خوشي محسوس ڪئي ته سندس ڪاريگر ايڏو هوشيار آهي، جو هڪ ليڊي جي وارن کي ڪرل ڪرڻ لاءِ هن جون خدمتون ورتيون ويون آهن ۽ تنهن ڪان سواءِ هن جي من ۾ ڪتڪاڙيون ٿيڻ لڳيون ته اهو ڪاريگر هڪ حسينہ جي سهڻين زلفن کي هٿ لائي پوءِ هن جي ڪم کي لڳندو. هو سوچڻ لڳو ته هو نمبر انين ڪان ان حسينہ بابت ٻئي سوال به پڇندو. مثال طور ته هوءَ ڪاٿي ويني آهي؟ هميشہ هن دوڪان تان وار ”ڪرل“ ڪرائيندي آهي يا ٻين ڪان به؟ ٿپ گهٽو ڏنائين ۽ اهڙي قسم جا ٻئي ٻيا به سوال. ٽائيم پاس ڪرڻ لاءِ هن مئگزين کنئي. هو تصويرون ڏسڻ لڳو. اها ڏسي بينو ته وري هن ٻي کنئي ڏاڪڻ تان لهڻ جو آواز آيو. هو ڪڙڪيءَ مان ئي سجاڻي ويو ته حسينہ کي ڊگهيءَ ڪڙيءَ واري سينڊل پئي آهي. هن ڪنڌ موڙي ڏسن مناسب نہ سمجهيو. شيشي ۾ گهور ڪري نهارڻ لڳو. پهريون ڪاري سئنڊل ۾ ننيڙا ننيڙا سهڻا پير ظاهر ٿيا. ڪاري سئنڊل ۾ پورن پورن سهڻن پيرن کي ڏسي هن جا چپ مرڪڻ لڳا، پر ان خواهش کي ناممڪن سمجهي، هن پنهنجو پاڻ سنڀالي ورتو. هو اکيون ڦاڙي ڏسڻ لڳو. پوءِ خوبصورت گداز جسم ۽ نيٺ سهڻو منهن ظاهر ٿيو. هو پهريون ٿورو شڪيو، پر تنهن بعد ڪيس سڃاڻي ويو. هوءَ زرينہ هئي، سندس

دوست خالد جي پيڻ. هن جا چيلھ تي پونڊڙ ڪارا وار ”ڪرل“ تي وجي ڪلهن تي بيٺا هئا. هوءَ ڏاڍي خوش پئي نظر آئي. هن مئگزين کي منهن سامهون جهليو، جيئن هوءَ کيس ڏسي نہ سگهي. جڏهن هوءَ سندس ڪرسي جي پرسان لنگهي وئي تہ هو مئگزين مان منهن ڪڍي کيس ويندي ڏسڻ لڳو. هن جي چال ۾ اڄ هڪ نئين قسم جي نزاڪت هئي. آخر هن کي پنهنجي وارن ”ڪرل“ ڪرائڻ جي ڪهڙي ضرورت پئي؟ هن جا وار تہ اڳي ئي سنا هئا. پنج سال اڳ جي ڳالھ سندس اڳيان اچي بيٺي.

هو شام جو چانھ پي رهيو هو تہ خالد وٽس آيو هو، زرينہ جو ياءُ.

”هڪ ڪم تہ ڪر مسعود.“ هن ايلاز ڪيو هو.

”ڪهڙو؟“ هن چانھ جو ڪپ ڏانهس سيريندي چيو هو.

”اهو ئي.“ خالد کيس اکي هنئي هئي.

”هون – ڪير آ؟“

”مس روز.“ خالد خوشيءَ ۾ گد گد پئي ٿيو. مس روز ڪلب جي حسين ترين ميمبر هئي. نوجوان ساڻس ڳالهائڻ لاءِ سڪندا هئا. هو ۽ خالد بہ انهن مان هئا. هن کي تہ لفٽ ڪانہ ملي هئي، البتہ خالد ۽ روز جي متعلق هن ٻين ميمبرن کان گهڻا ئي افواه ٻڌا هئا، پر هن کي اعتبار ڪونہ آيو هو. روزي جي گهنڊيدار وارن کي ڏسي، هن کي ائين محسوس ٿيندو هو تہ ڄڻ اهي ڪرل ئي انهيءَ لاءِ ڪرايا ويا آهن تہ جيئن روز ڌهندا رهن ۽ وري ڪرل ٿيندا رهن.

”آل رائٽ.“ هن ٿڌو ساه ڪڍندي چيو هو.

”ٿئنڪ يو.“

اٽڪل نائين وڳي هو آيا. روزي ڏاڍي سهڻي لڳي پئي. هن هر هر انداز سان پنهنجي ڪرل ٿيل وارن کي پنتي پئي ڪيو. کين ڏسي هو هيٺ لهي ويو....... ڪلاڪ کن ڪان پوءِ هو موٽي آيو. خالد ڊرائنگ روم ۾ ڪوچ تي ويهي فروٽ ڪائي رهيو هو ۽ روز ڊريسنگ ٽيبل اڳيان پنهنجي وارن کي برش ڪري رهي هئي. سندس گهنڊيدار وار ائين ڪلي وڏا ٿي ويا هئا، جيئن ڪنهن منجهيل سٽ جي تند تند ويهي سلجهائي هجي. خالد کيس ڏسي معنيٰ خير مرڪ مرڪندي چيو: ”اچ ويھ، فروٽ کاءُ.“

هو وينو ۽ خالد جي پرسان وجي پٽڪيائين: ”پيو تہ ٺهيو پر ويچاريءَ جا وار بہ خراب ڪري ڇڏيئي. جڏهن سؤ روپي جي نوٽ تان هٿ کڻي، تڏهن ئي اهڙا نهرائي.“

”هون.“ خالد ٺهڪ ڏيندي کيس چيو هو: ”تون چريو آهين. اهي ڇوڪريون پنهنجا وار ان لاءِ تہ ڪرل ڪرائينديون آهن.“

...... ۽ اڄ خود پيٽس پنهنجا وار ڪرل ڪرايا هئا. هن جي دل ۾ هڪ ڏاڍو عجيب قسم جو خيال آيو، پر هن دوست جي پيڻ جو خيال ڪندي ڪنڌ ڌوڻي ان خيال کي جهٽڪي ڇڏيو. نمبر اٺون اڇو اجرو ڪپڙو ڪڍي هن جي ڳچيءَ اڳيان رکيو ۽ ڪيس آهستي چوڻ لڳو: ”اڄ مون وٽ هڪ پريءَ جو ٻچو آيو هو، پر ڏيکارجي ”فلرٽ“ پيو.“

# استادءِ شاگرد

”ادو آن ني.“ هن ڪيس ايلاز ڪيو.
”نہ مان ڪونہ.“ ننڍڙي ڇوڪر منهن سڄائيندي نهڪر ڪئي.
”ڀائو ناهين منهنجو؟“
”آهيان.“
”پو هي ڏينس تہ وڃي.“ هن نيرو لفافو سندس معصوم هٿن ۾ ڏنو.
”مون کي ماريندي.“ ننڍڙي ڇوڪر کي پوءِ ورايو.
”خدا جو قسم ڪونہ ماريندي، اٽلو خوش ٿيندي. تون رڳو وڃي هٿ ۾ ڏجانس.“
”نجمہ کي ڇو نہ ٿو ڏئين تہ وڃي ڏئي اچي.“ ننڍڙي عقل ويڙهايو.
”نجمہ کي ايترو عقل ڪٿي، تون تہ عقلمند آهين نہ.“ هن ننڍڙي ڇوڪري کي ”مسڪو“ هنيو. هونئن نہ تہ سندس سوال تي ڪيس ڏاڍي خار آئي هئي. پنهنجي ننڍڙي ڀيڻ کان اهڙو خط پهچرائڻ هن کي ڏاڍو ڏکيو پي لڳو.
”ڀلا ڇا لکيو اٿئي هن خط ۾؟“ ننڍڙي ڇوڪر وڃڻ کان اڳ پڇيو.
”سڀ ڪجهہ.“ هن جون اکيون سرور ۾ بند ٿي ويون. ”وڏو ٿيندين تہ پاڻهيئي ڄاڻ پوندءِ.“ هن کان بي اختيار ٿڌو ساهہ نڪري ويو.
ننڍڙي قاصد خط پنهنجي ڀيڻ کي پهچايو. سندس ڀيڻ خوشيءَ ۾ ائين ڪر موڙيا، ڄڻ هوءَ لوڪ ڪهاڻين جي انهن شهزادين مان هڪ هئي، جي سالن کان لوهي ڪوٽن ۾ قابو ستل هونديون آهن ءِ ڪنهن بهادر شهزادي جو انتظار ڪنديون آهن، جو اهو طلسم ٽوڙي ان گهري ننڊ مان جاڳائي کين پنهنجو ڪندو آهي. ننڍڙو قاصد صبوح شام چنيون ڪٽي ٻنهي پاسن ڏي پهچائڻ لڳو – ائين چنيون پهچائيندي پهچائيندي جوان ٿي ويو. سندس ٻڪايل اکيون هيڏي هوڏي واجهائي پنهنجي ”استاد“ جي انهيءَ ڀيڻ نجمہ ۾ وڃي ڪتيون جا بہ گهري ننڊ ۾ ستي، ڪنهن شهزادي جو انتظار ڪري رهي هئي. هڪ ڏينهن هن بہ سورن جو خط لکي نجمہ جي ننڍي ڀاءُ کي ڏئي ساڳيا ايلاز ڪرڻ لڳو.
”ادو آن ني.“ هن ڪيس ايلاز ڪيو.
.....................
”ڀائو ناهين منهنجو؟“

.......................

”خدا جو قسم ڪونہ ماريندي، اٿلو خوش ٿيندي.“

.......................

”سي ڪجھہ.“ هن جون اکيون سرور ۾ بند ٿي ويون. ”وڏو ٿيندين تہ پاڻھيئي ڄاڻ پوندءِ.“

هي ننڍڙو قاصد بہ پنهنجي معصوم هٿن سان ٽپالون ڊوئيندي، پنهنجي وڏي ٿيڻ جو انتظار ڪرڻ لڳو تہ جيئن ڪيس بہ خبر پوي تہ اهڙن خطن ۾، جي نيرن لفافن ۾ بند ڪري، ٽڏا ساه پري ايلازن سان ڏبا آهن، ڇا هوندو آهي؟

# سوکڙيون

نور محمد منهنجو سنگتي آهي. ٻتي سان گڏ گذاريو اٿئون. شڪل ڪا خاص ڪونهيس. ٿنپ جهڙو بت ۽ ڊگهو قد اٿس. رنگ ٽيٽهڙو اٿس، يعني ته ڪنهن وقت مشڪي ڏسبو آهي ته ڪنهن وقت ناسي. وار روز بروز ڪسندا ٿا وڃنس. تيل هڻندي جڏهن مٿ ڪن وارن جي چٽندا اٿس ته ڪمرو گهٽ، خميسي حجم جو دوڪان وڌ لڳندو آهي. هينئر سندس لوٽي ٽڪڻ تي وار ڪبوتريءَ جي نئين چاول ٻچي جي پرن کان ڪنهن به حالت ۾ زياده نه ٿيندا. دنيا جي دستور مطابق هن به پنهنجي دل ڪنهن جي قدمن ۾ پيٽا رکي آهي. سندس محبوب دنيا جي محبوبن کان وڌيڪ سهڻو سباجهڙو آهي. ايترو ته معصوم آهي جو ڪيڪراٽن بعد ٻولي به ڇا هوندي. ڪڙين تائين ڊگها وار اٿس، گهاٽا جيئن ٻبرن جو ڪوشو، ڪارا جيئن ”چٽون چاپ“ ڪاري پالش. انهن وارن جي ڇانو ۾ ئي ڪيس سڪون ملندو آهي.......... مون سندس محبوب ڪونه ڏٺو آهي. ان سان منهنجو ڪو واسطو به ڪونهي. مان رڳو نور محمد سان ٻڌل آهيان. سندس ها ۾ ها ۽ نه ۾ نه ڪندو آهيان. ان ڳالهه ٻڌائڻ جو ڪو ضرور ڪونهي ته في ۽ ماني جي خرچ ڪان سواءِ منهنجو ٻيو ڪو خرچ نه ٿيندو آهي. ٻيا سڀ بار هن تي آهن. ان جي بدلي ۾ ڪيس ”سائين سائين“ چوڻو پوندو آهي ۽ وقت بيوقت سندس ڳالهيون ٻڌڻيون پونديون آهن، جي سندس چوڻ مطابق محبوب وانگر ئي سهڻيون ۽ سڪون بخش آهن.

سندس ڳالهين جو گهڻو پاڱو پنهنجي محبوب متعلق هوندو آهي. جڏهن به ججڪي ايندي اٿس ته سندس شان ۾ قصيدا بيان ڪندو آهي ۽ مان پنهنجي ضروري ڪم ڪي به ڇڏي، سچو ڌيان ڌانهنس ڪندو آهيان ۽ موزون موقعو ڏسي، سندس پريت جي تعريف به ڪندو آهيان. مون اڳ ۾ ٻڌايو آهي ته ائين ڪرڻ سان مون کي اقتصادي فائدو پهچندو آهي، جنهن کي ڪو نظر انداز نٿو ڪري سگهي. مثال طور هڪ ڀيري جڏهن مان افسانو لکي رهيو هوس ته هن سوهڙي چوڙي ته سندس محبوب کي به ادب سان دلچسپي آهي. مون معمول مطابق هڪدم ڪن ڪڙا ڪري سچو ڌيان ڌانهنس ڪيو. پر جڏهن هن ان دلچسپيءَ جي تشريح ڪئي ته دل گهريو ته جيڪر ٻئي ٻڪ ڌوڙ جا مٿي ۾ پائي ماتم ڪيان. هو فخر سان ٻڌائي رهيو هو ته سندس محبوب سيف الملوڪ جا مڪالما ۽ امير حمزه جا ”اصل وڏا قصا“ چڱيءَ طرح پڙهيل آهي ۽ اهي

بيتن سميت ڪيس ياد آهن. جڏهن به سندس موڊ آف ٿيندو آهي ته هو سندس دل کي وندرائڻ لاءِ انهن مان ڪا نه ڪا پهيلي ڪيس ٻڌائيندي آهي. ٻئي ڪڏهن ڪڏهن انهن قصن تي تنقيد به ڪندا آهن. مثال طور: جان عالم جو طوطو تاڪرو هو يا سنڌي؟ امير حمزه ۽ سيف الملوڪ مان ڪنهن گهڻن ديون کي پهريون ”ماما، مام، ڪري پوءِ حرفت سان ماريو. سيف الملوڪ جي ڏندڻ ۾ پلو هو يا نه؟ جي هو ته اهو ٽري ڪائيندا هئا يا سيڪي.......... وغيره وغيره...... اهڙي قسم جون ٻيون به ادب سان گهرو تعلق رکندڙ ڳالهيون سندن بحث جو موضوع بڻبيون آهن.

هو هر آچر ۽ اربع تي وٽس ايندو آهي. اهي ڏينهن هن ڪڏهن ڪونه گسايا آهن. مان انهن ڏينهن تي سڄو وقت ڪمري ۾ گذاريندو آهيان. اڄ صبح جو به اٿڻ سان هن تياري شروع ڪري ڏني. لڪس جي اڌ چڪي ڪپائڻ بعد جڏهن هو ڪمري ۾ آيو ته سندس رنگ ڳاڙهو ناسي ٿي چڪو هو. منهن کي وينشنگ ڪريم جو ليپو ڏيڻ بعد جڏهن هو پائوڊر جي اسٽيج تي پهتو ته هن کي ڪا ڳالهه ياد آئي. پڇڻ لڳو: ”ٻئي ڏهاڙي عيد آهي نه؟“

”ها“...... هن هميشه وانگر مسڪيني لهجي ۾ جواب ڏنو.

”ته اٿي ته صدر هلون!“ ...... هن ٿوال سان هٿ اگهيو.

”ڇو؟“ مون خوشي کي قدري دٻائيندي پڇيو.

”هن لاءِ ڪجهه سوکڙيون وٺيون آهن.“

اهڙا ته موقعا مون کي گهربا هئا...... آءٌ هڪدم ڪپڙا پائي تيار ٿيس. ڪمري کي بند ڪري ٻاهر نڪتاسين. ڏگ تي هن خواجه خضر وانگر مون سان معاهدو ڪيو ته سوکڙين جي خريداري سندس مرضي مطابق ٿيندي. آءٌ وچ ۾ ڪو ٽپو نه ڏيندس، جو مون کي اهڙين ڳالهين جي خبر نه آهي. مان رڳو سندس خريد ڪيل شين کي ڪٽي، سندس پويان ڦرندو وتندس. مون اها ڳالهه خوشيءَ سان قبول ڪئي. سڀ کان پهريون دڪان، جنهن کي اسان شرف بخشيو، سو ”انگلش بوٽ هائوس“ هو. هن جي خيال ۾ سڀ کان سٺي سوکڙي هڪ سهڻيءَ نازڪ جتيءَ جي خريداري آهي. آءٌ سندس ٻوٽ کي تڪڻ لڳس ۽ هو سيلس مين کي هدايتون ڏيڻ لڳو. ضاعفن جو عام نمبر ڇوٿون ۽ پنجون، پر هن پهرين سٽ سان ئي ڪيس ستون نمبر آڻڻ لاءِ چيو. سيلس مين ڏاڪڻ تي چڙهي مس مس هڪ جوڙو لٿو ۽ چندي ڦوڪي اچي ڪيس ڏنو. هن پادر کي جهلي گرانٽ هنئي ۽ منهنجي ڪن ۾ پٽڪات ڪيو: ”يار هي ته ڪيس پورو ڪونه ايندو.“

”ڪمال ٿو ڪرين! هي ته تنهنجو پير آهي، عورت ذات کي ڪيئن نه پورو ايندو؟“

”نہ يار، هن جو پير وڏو آهي. منهنجو بوٽ ڪيس پورو ڪونہ ايندو آهي.“ هن جي لهجي ۾ شرمندگي هئي، جا مون کان سواءِ ڪو محسوس نہ ڪري سگهي ها.

”تہ پوءِ ڪيس انين نمبر لاءِ چئو“.......... مون مزي خاطر ڪيس صلاح ڏني.

نور محمد زخمي نگاهن سان سيلس مين کي ڏسي ڪيس انين نمبر آڻڻ لاءِ چيو، مگر سيلس مين مجبوري ڏيکاري ۽ چيو تہ سينڊل تہ چا پر انين نمبر جو زنانو قالب بہ هنن وٽ ڪونہ آهي. پڇاڙيءَ ۾ لهندي وقت ٽوڪ بہ ڪري ورتائين: ”اسان ضاعفن لاءِ جتيون رکندا آهيون، ڏاچين لاءِ ڪونہ.“

...... نور محمد اهي لفظ ٻڌي ڏاڍو شڪي ٿيو. مون کي بہ ڏاڍي کِل پئي آئي، پر پاڻ روڪيو پئي آيم جو ڪائڻ پيئڻ جو پروگرام اجا پرپرو هو...... ”انگلش بوٽ هائوس“ تان لهڻ بعد نور محمد رستي تي ويندڙ سهڻين ضائفن کي تڪيندي اعلان ڪيو تہ هن جتي وٺڻ جو پروگرام ختم ڪيو آهي، جو هڪ تہ انون نمبر جتي ملڻ مشڪل هئي ۽ جي ڪنهن دوڪان تان ملي بہ تہ ايڏي وڏي نمبر جي زناني جتي وٺڻ هڪ غير روحاني ۽ پاڻ تي ڪلائيندڙ ڪم هو. مون سندس سياڻپ جي تعريف ڪئي. هو وري اوچي ڳاٽ سان تڪڙا قدم ڪڍي ”غلام محمد برادرس“ ڏانهن هلڻ لڳو، جتان هن کي يوڊي ڪولن ۽ رومال خريد ڪرڻا هئا.

ڪائونٽر وٽ بيهڻ سان ئي هن شوڪيس ۾ پيل هڪ شيشي ڏانهن اشارو ڪيو ۽ سيلس مئن ڦڙتائي سان اها شيءِ ڪڍي آيو. مون ڏٺو تہ اها يوڊي ڪولن نہ پر ڊيٽول جي هڪ وڏي شيشي هئي. مون ڪيس ٻڌائڻ گهريو، مگر هن رهڙ ڏني: ”توکي ڪهڙي خبر، تو ڪڏهن هاءِ سوسائٽي ۾ موو ڪيو آهي؟“...... مون ڪڇي ماٺ ڪئي. هن تنهن کان پوءِ سيلس مين کي زنانا رومال آڻڻ لاءِ چيو. هو ٻتي پئڪيٽ ڪڍي آيو. رومال ڏاڍا سهڻا ۽ وڻندڙ هئا. هن تي جهرڪيون چاپيل هيون تہ ڪن تي ڇڙا گل هئا. آءٌ بہ پنهنجي دل ۾ انهن کي خريد ڪرڻ جو خيال ڪرڻ لڳس. مون سندس مرضي معلوم ڪرڻ لاءِ ڏانهس ڏٺو. هو هڪ رومال کي کولي ڪجهہ سوچي رهيو هو. جلدي ئي هن سيلس مئن کي مردانا رومال آڻڻ لاءِ چيو. آءٌ اها فلاسافي سمجهي نہ سگهيس. ڪانئس ان جو سبب پڇيم. پهريون تہ هو ٽارڻ لڳو، مگر منهنجن گهڻن ايلازن تي هن ٻڌايو تہ ليڊيز رومال ننڍا آهن ۽ اهي ”هن“ جي نڪ جي پگهر اگهڻ سان ئي آلا ٿي پوندا.“ ان ڪري هن مرداڻا رومال ورتا.

ايتري خريداري ڪري ٿڪا هئاسين. فاروق هوٽل ۾ ٽڪ لاهڻ لازمي هو. هن آئسڪريم ڪاڏي ۽ منهنجي لاءِ پلين جيلي گهرائي. هو مون کي وهاري پاڻ اٿي ويو.

ويھن منٽن ۾ موٽي آيو. سندس ھٿ ۾ ھڪ پئڪيٽ ھو. مون اھو ڏسڻ گھريو، مگر ھن ڏسڻ نہ ڏنو ۽ چيو تہ ان ۾ منھنجي ڪم جي شيءِ ڪانھي. مون تہ پئڪيٽ جي ايار ۽ لاھيءَ سان ان شيءِ جو اندازو لھي ورتو. مون کي ان جو نالو ڪونہ ايندو آھي، البتہ ان جا پار پتا ٻڌائي سگھان ٿو. اھڙي ئي نموني جي شيءِ مون نار ۾ ٻڌل ڏاند جي اکين تي ڏٺي آھي. فرق رڳو ھي آھي تہ اھا شيءِ ڪجيءَ جي ٻوٽن جي نھيل ھوندي آھي ۽ ھيءَ جا نور محمد خريد ڪئي، ڪپڙي جي نھيل ھئي.

ھو صدر مان ٿي ٿئي شيون ڳاڙھي لغڙي پني ۾ ويڙھي پنھنجي پرينءَ ڏي ڪٽي ويو آھي ۽ مان سھڪندو اچي پنھنجي ڪمري ۾ پھتو آھيان. ھن مھل آءٌ ڪنڌ گوڏن ۾ ھٽي خيال ٿو پچايان تہ ھن سان ڪھڙي حالت ٿيندي؟ مون تہ ھاءِ سوسائٽي ۾ موو نہ ڪيو آھي، ڇا توھان ٻڌائيندا؟

# لهرين جا لوڏا

هو دريءَ مان منهن ڪڍي هاسٽل جي گيٽ ڏي نهاري رهيو هو. ڪي ڇوڪرا اندر پئي آيا ته ڪي ٻاهر پئي نڪتا. ڇوڪرا به هڪ ٻئي کان مختلف...... ڪي سهڻا ته ڪي وري ڪوجها، ڪن ڪي اوچا سوٽ اوڍيل ته ڪن ڪي گوڏن وٽان ڪٽل خاڪي زين جون پتلونون. سهڻن ۽ امير ڇوڪرن کي ڏسي هن جون اکيون ئي ڦوٽارجي پئي ويون. جيئن هو کين پنهنجي اکين ۾ سمائڻ چاهيندو هجي، پر انهن جي سونهن به سندس ڪهڙي ڪم جي؟ هو وٽس ٻيگا ته ڪونه ايندا...... هن کان بي اختيار ٿڌو شوڪارو نڪري ويو.

رات گرميءَ ڪري ڇوڪرن کي ننڊ نه پئي آئي ته سياڻيءَ ساڙ کان ڪيس اٿاري، ان موضوع کي ڇيڙيو هو، جنهن ڪانئس سموريون تفريحون ڪسي ورتيون هيون. ٻين تفريحن کي ڇڏيو، پر ”هارون جيمخانه جي تفريح“ جنهن ۾ هو هر آچر سومر تي تمبولا کيڏڻ ويندو هو، سا به ڪانئس ڪسجي وئي هئي. حرام جو هو ويجهڙ ۾ ويو هجي! مسز سوزي جيڪب جا هميشه سندس پئسن تي ڪيڏندي هئي ۽ جنهن جو سندس هر ڪتيل رقم ۾ ڀائيچارو هوندو هو، ٽي چار ڏهاڙا اڳ کيئن نه فون تي کيس ايلاز ڪيا هئائين: ”ڊارلنگ، تون ڪونه هلندين ته مان ڪونه وينديس. تو کان سواءِ کيڏڻ ۾ مزو ئي ڪونه ٿو اچي.“ وري ليلائيندي ڪانئس پڇيو هئائين: ”اڄ ايندين ني؟ توکي منهنجو قسم، ضرور اچج.“

مسز سوزي جيڪب جو هن تي پڪو هو. يا ائين ڪٿي چئجي ته سندس واڳون هن جي هٿ ۾ هيون. ان ڪرستانڻ متس الائي ڪهڙو جادو ڪري ڇڏيو هو، جو هو سندس ڪا ڳالهه موٽائي نه سگهندو هو. هاسٽل جي ڇوڪرن کي به اها خبر هئي ته جي سپرنٽنڊنٽ کين هاسٽل ۾ داخلا نه ڏئي يا ڪاوڙجي کين هاسٽل مان ڪڍي ڇڏي ته اتي ڪنهن جا ٻه اکر ڪم ايندا؟ ۽ هو پاڻ به اها ڳالهه، پنهنجي دوستن اڳيان قبول ڪندو هو ۽ چوندو هو: ”هي ته خسيس ڳالهيون آهن. پر جي سوزي مون کي ائين چوي: آءٌ توکي ڪاتيءَ سان کهان ته جيڪو مڙي سو......“

مگر ان ڏينهن هن جي قسم وجهڻ جي باوجود هن ناڪار ڪئي ۽ چيو هئائين: ”جاني، ٻتي ڏينهن اچا ترس!“ پوءِ اها جدا ڳالهه هئي ته سوزي کي اهو جواب ڏيڻ بعد هن جي اکين مان ڳوڙها جهر جهر ڪري وهڻ لڳا هئا.

هو ٻه آخر ڇا ڪري؟ ...... جي وجي ته ڪير سندس ٻدران جوٽس جا مهڻا جهلي؟ ”ڀهريون پنهنجي جوان جماڻ ڌيءَ جي ڳڻ ڪر، پوءِ پيو اهي سير ڪجانءِ.“ هوءَ ڪتي جهڙو ٻوٿ ڪري ڪيس چوندي هئي. هن پنهنجي ڌيءَ لاءِ آخر ڇا نه ڪيو هو؟ ڪهڙي پاسي کان هن گهٽتائي ڪئي هئي؟ جي دوستن کي ونو ته هن ڪهڙي دوست کي پنهنجي ان ڳٽيءَ، ان بار کان واقف نه ڪيو هو؟ هاسٽل جا ڇوڪرا وات ڦاڙها ڏيندا آهن. انهن کي اهڙي آڇ ڪرڻ معنيٰ بورڊ جي ميمبرن کي پنهنجي هٿن سان پاڻ پنهنجي ڪرتوتن جي چٺي لکڻي هئي، مگر تنهن هوندي ٻه هن ڪيترن کي اشارن ۾ ان بابت چيو هو. پوءِ اها ته ڏيٽس جي بدقسمتي هئي جو هر ڪنهن ناڪار ڪئي هئي ۽ عجيب عجيب بهانا ڏنا هئا. ڪو پرٽيل هو ته ڪو مڱيل هو ۽ ڪنهن کي وري وڏيءَ نوڪريءَ تي چڙهڻ بعد ئي شادي ڪرڻي هئي.

هن ٻٽي ڀيرا پنهنجي جند ڇڏائڻ لاءِ پنهنجي زال کي سمجهايو ٻه هو ته جي ڏيٽس جو بندوبست ٿئي ٻه ته خرچ پڪو يا ٻئي ڏاج ڏيوڻ جو بندوبست ڪٿان ٿيندو؟ مگر جوٽس ته جڻ هن جي سپرنٽيندنٽي کي هڪ ڪاڻ سمجهيو هو. هميشه ڪيس چوندي هئي: ”ان جو فڪر نه ڪر. تو وٽ ڇوڪرن جون فيون گهٽيئي گڏ ٿينديون آهن ۽ ان جو حساب ڪتاب ٻه ٻارهين مهيني ٿيندو آهي. في الحال اتان ئي ڪجهه رقم ڪري ونجانءِ.“ زال جي ان جواب تي هن ڇوڻ گهريو هو ته جي هن سال اڳ ئي حساب ونن ته پوءِ؟ مگر هن کي پڪ هئي ته جوٽس ڪيس دڙڪو ڏيئي چوي ها ته: ”ائين ڪڏهن نه ٿيو آهي“ ۽ تنهن کان سواءِ ڪيس يادگيريون ڏياري ها ته ڪيئن نه ٻه سال کن اڳ ڪيس ٻن هزارن جي ضرورت پئي هئي ۽ هن انهن فين مان پئسا ڪپائي، ڪم ٽپايو هو. تنهن کان هن ماٺ ۾ رهڻ مناسب ڄاتو.

ان بعد هو واقعي سچي دل سان ڪوشش ڪرڻ لڳو هو. ان سوداءَ ۽ ڳٽيءَ ۾ هن کان سڀ ڳالهيون وسري ويون هيون. هو سدائين خيالي دنيا ۾ پيو ڀچائيندو هو. ايتري قدر جو هڪ ڀيري هن ڪاليج ۾ پرشن جي ڪلاس ۾ سياست تي ليڪچر شروع ڪري ڏنو هو، جنهن تي پرنسپال سڄي اسٽاف جي سامهون ڪيس ناهوڪي دٻ ڪڍي هئي ...... پرنسپال جا دڙڪا ياد ڪري ڪيس پيشانيءَ تي پگهر جا ڦڙا چمڪڻ لڳا ۽ هو ايتري سرديءَ ۾ اڄ محسوس ڪرڻ لڳو. هن زال کان پاڻي گهريو ۽ اهو پي وري دريءَ کان ٻاهر نهارڻ لڳو.

هيئنئر ٻه ڇوڪرا ڪيس ايندي ويندي نظر پئي آيا. هڪ شڪل جي ڪوجهي ڇوڪري کي ڏسي ڪيس پنهنجي زال تي سخت خار آئي. جوٽس جا نخرا ٻه عجيب هئا. ڪيس

اهڙو ناني گهربو هو، جو سيني ڳالهين کان نيڪ هجي. سھڻو به هجي ته امير به هجي، نه ته هن کي ڪوڙ اهڙا ڇوڪرا سجهندا هئا، جي سندس ڌيءَ جو سڳ خوشيءَ سان قبول ڪن ها. هو سوچڻ لڳو ته جي هينئر به جوڻس اها ڳالهه قبول ڪري ته جيڪر منٽن ۾ ڪم لهي سگهي ٿو. مگر جوڻس ڪي به ته اٿ جو پتو آهي. پنهنجي هٿ تان ڪڍهن به نه لهندي.

سوچيندي سوچيندي هن ڪنڌ مٿي ڪٽي گيٽ ڏانهن نهاريو. هن جي نگاهه هڪ سهڻي ڇوڪري تي پئي جو وڏين وڏين ٻرانگهن سان اندر اچي رهيو هو. هي هڪدم دريءَ جي اوٽ ٿي بيٺو. ان ڇوڪري جي ڏيٽس سان محبت هئي. هن پاڻ ڪيترا ڀيرا ڪين اشارا ڪندي پڪڙيو هو. ڇوڪري کي ته خواريءَ سببان ڪجهه نه چئي سگهيو، پر البته پنهنجي ڌيءُ کي سو چڱي ڪنج ڪدي هئائين. ان بعد اهو ڇوڪرو وٽس به دفعا سڳ لاءِ به آيو هو، مگر هن ڪيس دڙڪا ڏيئي ٻاهر ڪڍيو هو. جوڻس وري الائي ڇو هن جي سفارش ڪندي هئي: ”ڌس چا ۾ گهٽ آهي؟ سونهن ۾ ته پنهنجو مٿ پاڻ آهي. لٽن ڪپڙن مان به سکيي گهر جو ٿو ڏيڪارجي.“ مگر هن زال جي اها ڳالهه ڪڏهن نه قبولي هئي. ڪيس چوندو هو: ”ان کي پنهنجي ڌيءُ ڏيون، تنهن کان ڪيس پاڻ گهٽو ڏيئي چو نه ماريونس؟“ هن کي ان ڇوڪري کان نفرت ٿي وئي هئي. ڪيس ڏسي سندس رت ٽهڪندو هو ...... مگر اڄ اها نفرت محبت ۾ بدلجي وئي. هو پيار جي نظرن سان ڪيس ويندي ڏسڻ لڳو.

هن ميز تان سلپ ڪٽي، ان تي ڪجهه لکيو ۽ پٽيوالي کي سڏ ڪري، رشيد کي ڏئي، جواب وٺي اچڻ لاءِ چيو. ٿوري دير ۾ پٽيوالو جواب ڪٽي آيو. ڀهرين سٽ کي پڙهڻ سان ئي هن جو هيانءُ ٻوساٽجڻ لڳو. رشيد لکيو هو: ”مان مجبور آهيان. منهنجي شادي مهينو ڪن اڳ پنهنجي ماسات سان ٿي وئي آهي.“ هو اڳتي ڪجهه نه پڙهي سگهيو. هن خط کي مروڙي کيسي ۾ وڌو. ايتري ۾ جوڻس هن وٽ آئي ۽ ڪيس چوڻ لڳي: ”ڌس مان توکي رئو لاهي پيرن تي ٿي وجهان، رشيد جو رشتو قبول ڪر.“ هن ڪنڌ ڦيرائي زال ڏانهن نهاريو ۽ ڪيس رهڙ ڏني: ”مون هزار دفعا توکي چيو آهي ته ان لوفر کي پنهنجي ڌيءُ نه ڏينداسون. مگر تون هر ڀيري هن جي سفارش ٿي ڪرين، تون صفا بي غيرت آهين زرينه!“ ايترو چئي هو وري دري کان ٻاهر نهارڻ لڳو ۽ ان وقت هن جي اکين مان ڳوڙها برسات وانگر ٽمڻ لڳا.